ڪندن

(ناول)

مصنف :

الهڏنو ڪاڪا

سنڌ ڪتاب گهر ڪراچي

لیکڪ جا سمورا حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب : ڪندن (ناول)
ليکڪ : الهڏنو ڪاڪا
ڇاپو : پهريون تعداد : ۲ هزار
ڇاپي جو سال : اپريل ۱۹۸۳ع
ٽائيٽل ڪور ڊزائين : قيوم منگي
ڇپيندڙ : واحد آرٽ پريس نزد فريئر مارڪيٽ ڪراچي ۱
ڇپائيندڙ : ڪاڪا صديق، پاران : سنڌ ڪتاب گهر ڪراچي

ملهه : ويهه روپيه

Title : KUNDAN (Novel).
By : Allahdino KAKA.
Published by : Sindh Book House
Post Box : 6934 Karachi 2.
First Edition : April 1983.

هيءُ ڪتاب ارپيان ٿو سنڌ جي هڏ ڏوڪي،
سائين نورالدين سرڪي کي.

— الهڏنو ڪاڪا

ٻه اکر

سنهڙو سادن پنجن فوٽن جو قد چاليهه
اٺن ٻارن جو پيءُ، ڇهن ڀائرن جو ٻيو نمبر
سيٺي جو سرپرست وار وکريل، ڪپڙا ٿورا ميرڙا،
۽ ريڙ جي چمپل (بوٽ هوندي به) ظاهري سادو
ڳالهائڻ ۾ ڀڙ، ڳالهائيندو ته ڀيا ٻڌوس، هر هاريءَ جو
پٽ، غربت ۾ فائنل پاس ڪيائين ته نوڪري نه مليس،
مال چاريائين، ڪٺڪ جي ديرن تي ڪارائو ٿيو ننڍي
هوندي ڪمائڻ شروع ڪيائين، ديرن ڪانپوء ٽيليفون
کاتي ۾ لائين مين ٿيو، گڏوگڏ ميٽرڪ به پاس ڪيائين
ته ترقي ڪري ڪلارڪ ٿيو پوء نوڪري ڇڏي ڳوٺ
وڃي دڪانداري ڪيائين ۽ زمين جا مقاطعا ڪنيائين.
تن کي ڇڏي ڪراچيءَ ۾ اچي ماستري ڪيائين گڏوگڏ انيڪ
ڏنداپڻ. اديون واري عمرالدين بيدار جي همٿائڻ ۽ سنهنجي
پڙڪائڻ تي لکڻ شروع ڪيائين هي سندس پهريو ناول
آهي جيڪو ٻهراڙيءَ جي ماحول ۾ پيش اينـدڙ ڏکن
ڏاکڙن کي ذهن ۾ رکي لکيو اٿس، غالباً هن ماحول
۽ طرز جو سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ئي ناول آهي.

سگريٽ ۽ چانهن سندس ڪمزوري آهي جنهنجي
موجودگيءَ ۾ لکندو آهي، وڌيڪ پڙهندڙن تي ڇڏيو
اٿس، هن ناول جون ”اديون“ ۾ پڻ ڪجهه قسطون
هليون پڙهندڙن جي پسند تي سنڌ ڪتاب گهر طرفان
ڇپائي رهيا آهيون هن ناول ۾ واحد ڀائي پريس واري جون
پڻ ڀلايون شامل آهن جنهن لاء جس هجيس.

— ڪاڪا صديق

اسان جا وڏا ميرن جي حڪمرانيءَ وقت، ميرن وٽ ملازم هئا. ميرن جي ٻارن کي، فارسي ۽ عربي پڙهائيندا هئا. شايد انهيءَ ڪري آخوند سڏائڻ لڳا. جڏهن مير حڪمران نه رهيا ۽ سندن جاگيرون به ڪيچڻ لڳيون، تڏهن مير صاحبن منهنجي پڙڏاڏي آخوند الهداد کي ٣٢ ايڪڙ زمين بخشيش ڏني، عزت ۽ احترام سان نوڪريءَ مان برخواست ڪري ڇڏيو. پوءِ اسان جو خاندان حيدرآباد کان ٽيڪ پنجاهه ميل اتر طرف، شاهي رستي پرسان پنهنجي زمين تي رهڻ لڳو. زمين جيتوڻيڪ ٿورڙي هئي ته به هنن جو روزگار صرف ٻني هئي. منهنجي ڏاڏي جو اولاد به پٽ ۽ هڪ نياڻي هئي. منهنجو پيءُ وڏو هو. منهنجي ڏاڏي منهنجي پيءُ کي طب پڙهڻ لاءِ دهليءَ موڪليو. جيڪا ان وقت تمام وڏي ڳالهه هئي. دهليءَ ۾ والد صاحب طب نه پڙهي سگهيو. اتان هڪ هندو بنگالي دوست سان گڏ ڪلڪتي هليو ويو ۽ اتي وڃي هڪ ورڪشاپ ۾ مشينن ڏاهڻ جو ڪم سکيو. شايد اهو سندس دلپسند ڪم هو، هن ان ڪم ۾ چڱو نالو ڪڍيو ۽ فورمين بڻيو. جڏهن سکر بئراج جو ڪم سکر ۾ شروع ڪيو ويو، تڏهن انگريز سرڪار کيس ڪلڪتي مان بدلي ڪري سکر موڪليو. هو جڏهن سکر آيو، تڏهن کيس گهر کان ٻاهر وڃي، ٻارهن سال ٿي چڪا هئا. ان وچ ۾ ڏاڏا

مرحوم گذاري ويو هو. سکر ۾ هوندن به ٻيا ٻه - چار انگريز آفيسر هئا، جن جي ذمي سکر بئراج جو ڪم هو. ليڪن انهن سڀني جو انچارج چيف انجنيئر مسٽر آرٿر برائون هو. بابا مرحوم کي ايماندار، محنتي ۽ ڪم جو چاڙهو سمجهي، مسٽر برائون مٿس گهڻو مهربان هوندو هو. ڪيس جڻ ته پنهنجي پٽ وانگر ڀائيندو هو.

بابا جڏهن به ڪم ڪار لاءِ چيف صاحب وٽ ويندو هو، تڏهن هن لاءِ هر وقت دروازا کليل هوندا هئا. ٻيا انگريز آفيسر به ڪنهن ڪم ڪار لاءِ بابا کي ڏي موڪليندا هئا. مسٽر برائون تمام سخت طبيعت جو مالڪ هو، تنهن ڪري آفيسر ڪانئس لهرائيندا هئا. هوندن به مشينريءَ جي سلسلي ۾ بابا جو چيف صاحب سان هر وقت لهه وچڙ ۾ رهڻ ضروري هو، ڇاڪاڻ جو ڪوٽائيءَ جون سموريون مشينيون خواه موٽرگاڏيون بابا جي چارج ۾ هونديون هيون. سکر جي عارضي ڪئمپ ۾ برائون صاحب سان گڏ صرف سندس هڪ نياڻي هئي. سندس ميم صاحبه فوت ٿي چڪي هئي.

اڪثر ڪري شام واري چانهه تي مسٽر برائون بابا کي اردلي موڪلي گهرائي وٺندو هو يا اڳواٽ ڏي ڪيس دعوت ڏئي ڇڏيندو هو، پوءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بابا سان سائس ڪچهري هلندي هئي. جيئن ته هو هڪ پيرسن مڙس هو، دنيا جو ڪافي حصو گهمي ڏٺو هئائين، پيو بابا کي پنهنجا تجربا ٻڌائيندو هو. جيئن ته مسٽر

براڻون جو گهريلو ڪم ڪار، رڌ پچاءَ وغيره نوڪر ڪندا هئا، ان ڪري سنڌس ڏيءُ مس هلڊا براڻون به سچو وقت سائنس موجود هوندي هئي. جيڪڏهن ڪنهن شام تي ڪم جي گهڻائي سبب بابا چانهه تي نه ويندو هو ته، مسٽر براڻون يا مس هلڊا ڪيس ڊنر ٽيبل تي گهرائيندا هئا. پوءِ اڌيءَ رات جو بابا جو موٽڻ ٿيندو هو. اهي سڀ خبرون بعد ۾ مون کي بابا جي سئوٽ چاچي عبدالڪريم ٻڌايون يا بابا جي پراڻين ڊائرين مان معلوم ٿيون.

وقت، بغير ڪنهن محتاجيءَ جي، گذرندو رهيو. بابا جي اچ وڃ مسٽر براڻون وٽ جيئن پوءِ تيئن وڌندي ويئي. براڻون صاحب وٽ بابا جي عزت ۾ پڻ وقت جي رفتار سان واڌارو ايندو ويو. براڻون صاحب بابا تي تمام گهڻو اعتماد ڪندو هو. ٻئي طرف مس هلڊا براڻون ۽ بابا جي محبت پڻ، هڪ ابهم سلي وانگر پيدا ٿي پروان چڙهندي رهي. چئن سالن جي اندر جڏهن سندن محبت هڪ پڪل فصل وانگر لهريون ڪائڻ لڳي. تڏهن اها ڳالهه مسٽر براڻون کان به لڪي نه سگهي. هن صاحب چڱيءَ طرح پروڙي ورتو ته معاملو انتهائي خطرناڪ حد تائين پهچي چڪو آهي. سو هڪ ڏينهن اوچتو شام جو مسٽر براڻون، پنهن ڳالهين ٻولهين ڪانپوءِ بابا کي مخاطب ٿيندي چيو ته "مسٽر آخوند! ذرا توجهه سان ٻڌو! جيسيتائين مون چاتو آهي ته تون ۽ هلڊا

ڪافي حد تائين هڪ ٻئي کي چاهيو ٿا، ٿي سگهي ٿو ته توهان هڪ ٻئي سان شادي ڪرڻ جا واعدا به ڪيا هجن. هلدا جي خوشي منهنجي خوشي آهي. آءٌ خود انهيءَ خيال جو آهيان ته هلدا پنهنجي پسند جي شادي ڪري ۽ هن وقت سندس عمر به اهڙي آهي، جو پنهنجي لاءِ چڱو يا مٺو خود سمجهي سگهي ٿي. سندس ماءُ جي مرڻ ڪانپوءِ مون ڪيس دل ۽ من سان چاهيو آهي. سندس هر خواهش پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم ۽ هر وقت پاڻ سان گڏ رکيو اٿمانس. سندس تعليم ۽ تربيت به مون پاڻ ڪئي آهي. تون به هڪ لائق محنتي ۽ سچار نوجوان آهين. ايشيائي ٿي ڪري به سهڻو آهين. ليڪن پٽ! مون زمانو ڏٺو آهي. تهذيبن، تمدنن ۽ ڪلچر جو اونهو مطالعو ڪيو آهي. سماج جي اوچ نيچ کي ڀليءَ ڀت سمجهي سگهان ٿو، توهان ٻنهي جي شادي ڪڏهين به ڪامياب ٿي نه سگهندي، بلڪ آءٌ ته ائين چوندس ته، ٻنهي جي شادي خودڪشيءَ مثال ٿيندي. آءٌ ڪڏهن به ائين نه چاهيندس ته منهنجي هوندي توهان ٻئي ڪا تڪليف ڏسو، هوءَ ته منهنجي پنهنجي ڌيءَ آهي، ليڪن تو لاءِ به منهنجي دل ۾ پنهنجي ٻچن جهڙو چاهه آهي، تون هڪ غريب ملازم آهين، تون خود فيصلو ڪر ته هلدا جنهن زندگيءَ ۾ پرورش پاتي آهي، سا، هن کي تون مهيا ڪري سگهين ٿو؟ اجا به تون ڪو وڏو لئنڊ لارڊ يا دولتمند هجين

ته به چئجي ته هلڊا کي ڪجهه نه ڪجهه آسائش ملي سگهي ٿو. تو وٽ رهڻ سان هلڊا بوسات محسوس ڪندي. هيءَ ڪا ايشيائي ڇوڪري نه آهي، جو هر ڳالهه کي رب جي رضا سمجهي صابر ۽ شاڪر رهي سگهي! پيارا، هلڊا کي اها بوسات سگهو ئي ڪنهن مرض ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي، جنهن جو انجام هر حالت ۾ برو ٿيندو. هلڊا کي انگريز آفيسرن جي ميل جول کان بچائڻ خاطر، آءٌ انهن آفيسرن کان ڪافي حد تائين ڪٽيل رهيس، توکي ايشيائي سمجهي آءٌ اهو تصور به نٿي ڪري سگهيس ته ڪا هلڊا تو ۾ دلچسپي وٺندي ليڪن تنهنجي وجاهت، خلوص ۽ وفا، هن کي تو ڏانهن مائل ڪري وڌو. سڀ کان وڏي ڳالهه اها هئي، جو گهڻو وقت گڏ رهڻ ڪري، توهان جا خيال پختا ٿيندا ويا. ان لاءِ آءٌ پاڻ کي توهان ٻنهي جو قصوروار سمجهان ٿو. مون کي ائين نه ڪرڻ کپندو هو. بهرحال توهان نوجوان آهيو، توهان جو رت گرم آهي، مون جو ڪجهه به چيو آهي، سو توهان کي بالڪل ڪونه وڻيو هوندو.

مسٽر آخوند! آءٌ خاص ڪري توکي ائين به چوندس ته آئينده هلڊا سان تنهنجي ملڻ جي ڪابه خبر آءٌ نه ٻڌان. منهنجو خود به توتي اعتماد آهي، اميد اٿم ته اعتماد کي ڇيهو نه رسائيندين. جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو تيئن تيئن توهان جا جذبا ٿڌا ٿيندا ويندا. وقت خود

هڪ مرهم آهي. آخرڪار توهان کي سڀ ڪجهه وسري ويندو."

آخرڪار بابا چيو ته: "مسٽر برائون! آءٌ ۽ مس هلڊا اڃا تائين پاڪ ۽ صاف آهيون. توهان مون تي جيڪو اعتماد ڪيو آهي، ان ۾ مون ڪابه خيانت نه ڪئي آهي. باقي اسين ٻئي هن وقت اهڙيءَ لڪير تي پهتل آهيون، جنهن تان واپس موٽڻ ناممڪن نه آهي ته مشڪل آهي. اسان جي شاديءَ کي جيڪڏهن توهان خودڪشي سمجهو ٿا ته آءٌ ائين چوندس ته جيڪڏهن اسان جي شادي نه ٿي ته زندگي تمام ڪا ڏکي گذرندي. تنهن هوندي به هيستائين توهان جيڪا منهنجي عزت ڪئي آهي، تنهن لاءِ توهان جو ٿورائتو آهيان. باقي توهان مون کي منع ڪئي آهي ته آءٌ توهان کي پنهنجو بزرگ ٿو سمجهان، ان ڪري آءٌ وعدو ٿو ڪريان ته پنهنجي طرفان هلڊا سان قطعي ڪونه ملندس!" گڏ نائيٽ چئي، جڏهن بابا اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، تنهن وقت مس هلڊا، هڪ ڪيهر ڪري ايترو چيو ته ڊيڊي هيءُ ظلم آهي! ظلم آهي! آءٌ توهان کي ڪڏهن به معاف نه ڪنديس. آخوند منهنجو آهي، مون کان جدا ٿي نٿو سگهي، ائين چئي ڳوڙها ڳاڙيندي رهائشي ڪمرن ڏانهن هلي وئي ۽ بابا پڻ واپس هليو آيو.

جهڙيءَ طرح بابا جي مسٽر برائون وارن سان ڳالهائي پوري ڪئمپ ۾ موضوع بحث هئي، تهڙيءَ طرح جڏهن

بابا اڇڻ وڃڻ بالڪل بند ڪري ڇڏيو ته ڏهن اها ڳالهه به ماڻهن کان لڪي نه سگهي ۽ هو وس آهر پنهنجا لوڻ- مرچ ملائي، ڳالهه مان ڳالهوڙو ڏاهي، افواه پکيڙيندا هئا، ليڪن ڪنهن به ماڻهوءَ ۾ ايتري اخلاقي جرئت نه هئي، جو برائون صاحب ته درڪنار صرف بابا کان ئي ڪجهه پڇي سگهي. صرف مسٽر قريشي، جيڪو مدراسي سب انجنيئر هو ۽ بابا سان دوستيءَ جو دم ڀريندو هو، تنهن هڪ ڏينهن بابا کان حقيقت حال پڇيو. مسٽر برائون سرڪاري ڪم ڪار لاءِ اڪثر پاڻ ئي بابا وٽ اچڻ لڳو. ڏينهن ۾ ٻه-ٽي دفعا فوجي آفيسرن وانگر رول بغل ۾ دٻايو، ٺوڪيندو ايندو هو. مختصر ۽ مايوسيءَ جهڙي گفتگو ڪري بابا جي صحت بابت پڇاڳاڇا ڪري هليو ويندو هو، چهري مان ائين ڏسڻ ۾ ايندو هو، جڻ همراه سخت ويڌن ۾ ڦاٿل آهي. سندس رعب، دٻدٻو، فلاسفرن واري گفتگو، ختم هئا ۽ منهن تان مرڪ مختصر عرصي ۾ غائب ٿي ويس. پلين ۽ برانچن جو ڪم زورشور سان هلي رهيو هو ته هڪ ڏينهن مسٽر برائون صبح واري پهر ئي بابا وٽ جيپ ۾ چڙهي فيلڊ تي آيو. مختصر عليڪ سليڪ کان پوءِ بابا کي چيائين ته: ”مسٽر آخوند، خدا حافظ! تمام گهڻي ڪوشش ڪانپوءِ اڄ منهنجي بدلي جو آرڊر اچي ويو آهي. مون کي ڪوالالمپور، ملائيشيا بدلي ڪيو ويو آهي.

آءٌ تنهن جي اخلاق کان ايترو متاثر ٿيو آهيان جو مرڻ گهڙي تائين ياد رهندين، ڪيترو نہ سٺو ٿئي ها، جو تون مون کي الوداع چوڻ لاءِ سپاٽي روهڙي اسٽيشن تي موجود هجين ها، ليڪن افسوس جو حالتون اهڙين ڪرڻ جي مون کي اجازت نٿيون ڏين، آفيسرن ۽ اسٽاف طرفان مون کي الوداعي پارٽين ڏيڻ لاءِ روڪيو ويندو، ليڪن آءٌ ڪن سببن ڪري تمام گهڻو جلدي ۾ آهيان، ان ڪري آءٌ پاڻ ئي توکان موڪلائڻ هيڏانهن هليو آيس، تون بہ تہ اڄ بہ ڪونہ بچيو آهين، ليڪن هلڊا جي حالت گهڻي خراب آهي. سڀ کان پهريائين آءٌ بمبئي يا ڪلڪتي ۾ سندس علاج ڪرائيندس. تنهن کانپوءِ ڊيوٽي جوائن ڪرڻ ملائيشيا ويندس. هلڊا ايترو تہ ضدي ٿي ويئي آهي. جو بہ-بہ ڏينهن کاڌو بہ کانہ ٿي کائي. منهنجي ٽرانسفر جي اڃا ڪنهن کي خبر نہ آهي. پنهنجي تندرستيءَ جو خيال رکجان، خدا حافظ“.

ساڳئي ڏينهن شام جو بابا ڪئمپ ۾ پنهنجي رهائش تي اڪيلو ئي فڪرن ۾ غرق ويٺو هو تہ، برائون صاحب اڪيلي سر اندر لنگهي آيو. سندس منهن مان پريشاني صاف ظاهر هئي، بابا کيس ويهڻ لاءِ چيو. تنهن تي چيائين تہ، ”آخوند صاحب! آءٌ هڪ عرض ڪٽي تو وٽ آيو آهيان، مون تو کانپوءِ جيئن ئي نوڪرن کي سامان بڌڻ لاءِ چيو ۽ هلڊا کي بہ ٻڌايو تہ منهنجي هتان بدلي

ٿي چڪي آهي، سياڻي پاڻ هليا هلنداسين، ته ان مهل
ڪان وٺي هن روئڻ شروع ڪيو آهي، آخر هينئر ڇيو
اٿس ته هڪ دفعو تو سان ملڻ ڪانسواءِ هوءَ بلڪل نه
هلندي. جيئن ته اسان سياڻي وڃي رهيا آهيون، توهانجي
ملڻ مان ڪو خاص نقصان به نه ٿيندو، بلڪه وقتي طور
هلدا جي طبيعت به سڌري ويندي، ان ڪري تو کي
گذارش ڪندس ته ڪجهه وقت لاءِ گڏجي مون سان،
اسانجي رهائش گاه تي هل.

جيئن ته بابا پاڻ الوداعي ملاقات پئي چاهي، سو بغير
چون چران جي، ساڻس گڏ هليو ويو.

شام جو ٽائيم هو، لان ۾ ڪرسيون ۽ ٽيبل لڳل
هيون، بابا جن جي پهچڻ کان ٿي اڳ بئڪريءَ تان
آيل شيون ٽيبل تي لڳي چڪيون هيون - سگهو ٿي
چانهه به اچي ويئي. چانهه سان گڏ به بيقرار دليون نظرن
وسيلي هڪ ٻئي جو حال پروڙڻ لڳيون - پڇڻ ڳاڇڻ
کان حالت ڇڙهيل هئي، مسٽر برائون بي توجهي سان
ٿورو پاسيرو ٿي ويهي رهيو، ليڪن ڪنهن به زبان ۾
ايتري طاقت شايد صدمي نه ڇڏي هئي، جو زبان ٿورو
يا گهڻو چري سگهي. سگهو ٿي آهن مان سسڪيون ۽
سڏڪا ۽ ان ڪانپوءِ روئڻ ۽ اوچنگارن ماحول کي ماتمي
بنائي ڇڏيو ۽ بابا اٿي بيٺو! برائون صاحب کي مخاطب
ٿي چيائين ته، ”سر آءٌ اڄ جي ملاقات لاءِ توهانجو
ساري عمر ٿورائتو رهندس. آءٌ هن وقت به پنهنجي

وعدي تي قائم آهيان، ليڪن ايترو ضرور چوندس تہ توهان جهڙي مدبر ۽ فراخ دل ماڻهوءَ ۾ مونکي ايتري اُميد نہ هئي. سرا هيءُ تہ اسان تي سراسر ظلم آهي!!“

ٻئي ڏينهن انگريز صاحب روهڙيءَ کان لاهور ۽ اتان کان دهليءَ ٿيندو بمبيءَ روانو ٿي ويو. ليڪن بابا لاءِ اهو حادثو وبال جان بڻجي پيو. جيئن جيئن وسارڻ چاهيائين تي تيئن تيئن گهائل ٿيندو رهيو، ڇو تہ زندگيءَ مان ٿي نا اميد ٿي پيو. ڪمائڻ اميد لاءِ آهي، جڏهن اميد ئي ٽٽي پوي تہ پوءِ ڪمائڻ، محنت ڪرڻ يا جيئڻ کي جاکوڙڻ ڇا جي لاءِ؟ چند مهينن ۾ ئي سندس صحت خطرناڪ حد تائين ڪري پئي. بالآخر نوڪريءَ تان استعفا ڏئي ڳوٺ هليو آيو. ڳوٺ ۾ چاچا شفيع محمد جي شادي ٿيل هئي. کيس ٻہ فرزند، يوسف ۽ مبين ننڍي سان هئا. بابا کنهن بہ ڪم ڪار سان ڳانڍاپو ڪري ڪين سگهيو، رڳو ماڻي کائي وتندو گهمندو هو، يا گهڻو ڪري، چاچي عبدالڪريم جي دوڪان تي سائس گپ شپ پيو هڻندو هو. اٽڪل ڇهن مهينن کانپوءِ مسٽر قريشي جو موڪليل قاصد سکر مان هڪ خط بابا جي نالي سان کڻي آيو، جيڪو کيس سينگاپور مان موڪليو ويو هو، ان ۾ صرف ايترو لکيل هو تہ، ”ڊيڊي جيئن تہ پوريءَ طرح راضي نہ ٿيو آهي، تنهن هوندي بہ اجازت ڏني اٿس تہ تون ڀلي سنڌ وڃي آخوند سان شادي ڪر، ليڪن آءُ انهيءَ

ڪوشش ۾ آهيان ته ڪيس به راضي ڪري وٺي اچان.
آءُ هينئر بلڪل ٺيڪ آهيان ۽ ڪنهن وقت به توهان
وٽ پهچي ويندس. پنهنجي صحت جو خيال رکندا.
وڏيڪ احوال روبرو وغيره وغيره".

انهيءَ خط کي اچا ٿورو ئي وقت گذريو هو ته
هڪ ڏينهن اوچتو بابا جون اميدون پوريون ٿيون ۽ سندس
من گهريا مهمان اچي ويا. پوڙهو انگريز پاڻ ته نه آيو،
ليڪن آخرڪار خوشيءَ سان موڪل ڏني هئائين ۽
پنهنجي طرفان ڪجهه سوکڙيون ۽ نيڪ تمنائن جو هڪ
خط پڻ موڪليو هئائين.

سڀ ڪان پهريان، بابا هس هلدا کي وٺي
پير صاحب جهنڊي وارن جي درگاه تي ويو، جتي ڪيس
مسلمان ڪرائي سندس نالو بلقيس بانو رکيائين ۽ تنهن
کانپوءِ بالڪل سادي نموني، شادي ڪري، پنهنجي
ڳوٺ ۾ وقت گذارڻ لڳو.

اسانجي ڳوٺ کان هڪ ميل کن اوڀر طرف ڪنهن
زميندار جي چار سو ايڪڙ کن غير آباد زمين تمام
سستي، بابا حاصل ڪري ورتي ۽ جيئن ته برانچ اچا
نه وهيا هئا، تنهن هوندي به بابا چڱيءَ طرح چاڙهندو
هو ته، روهڙي ڪئنال وهڻ کانپوءِ، زمينن جو اگهه
چڙهندو ۽ انهن ايراضين ۾ سائو انقلاب ايندو! ڪجهه
رقم بابا وٽ پنهنجي هئي، باقي پئسا امان پنهنجا لڳايا.
جيسين پاڻي اچي تيستائين، پگهار تي ريڊارن کي رکي

هنن مال پالڻ شروع ڪيو. بابا روزانو گهوڙيءَ تي چڙهي رڍن جو سڌ سماءُ ڪري ايندو هو. ڪير ريڍار اتي ئي ولوڙيندا هئا. مکڻ رجائي گيهه جا ٿين پري بابا کي پهچائيندا هئا، جن جي هو شهر ۾ نيڪالي ڪري ايندو هو. پشم وغيره مان به سٺي آمدني ٿيڻ لڳي.

امان پاڻ کي بالڪل مشرقي عورت جو روپ ڏئي چڪي هئي، لباس کان وٺي پرده داري تائين سختيءَ سان عمل ڪرڻ لڳي. پوريءَ طرح ڳوٺاڻي سماج ۾ ڀرپور حصو وٺڻ لڳي. شادين خواه غمين تي، رواج مطابق اٿڻ ويهڻ لڳي. ڳوٺاڻن جي پست حالت ڏسي، هر قسم جي دوا دارون پڻ ڪرڻ لڳي، رحمدل ايتريقدر جو ڳوٺ جي پرسان پيٽ ويٺل هوندا هئا، انهن جي ٻارن ٻچن جي دوا لاءِ پيان جي گهر به هلي ويندي هئي.

شايد اهو نانا جي وارننگ جو اثر هو، جو هوءَ هر وقت پاڻ کي هشاش بشاش رکندي هئي. ٻن سالن کانپوءِ منهنجي پيدائش تي، هنن ٻنهي جي خوشي اوج تي هئي، منهنجو نالو به امان، محمود رکيو.

جڏهن برانچ ڪوٽجي ويا ۽ شاخن جي کوٽائي شروع ٿي تڏهن بابا زمينن کي نهرائڻ ڏي توجهه ڏنو، مال کي ڪونه کپايائين، هاري ناري رکي زمين کي آبادي لاءِ بالڪل تيار ڪري ورتائين، ته پاڻي وهي آيا. پهريون فصل ڪٽڪ جو پوکيو ويو، ڪٽڪ ان وقت انهن ايراضين ۾ تمام گهٽ ٿيندي هئي. زمينون نيون ۽

وساڻيل هيون، تن کي پاڻي اوچ سان مليو، سو فصل بلڪل هٽي چڙيو. ٻه- ٻه، ٽي- ٽي دفعا پاڻيون لڳيون ويون ته به ڪڻڪون ستا ٽي ڪري پيون، تان جو فصل اچي پڪو، هارين فصل سهيڙيو، ڳاهه ڳاهي، ان اچا ڪياڻون، بابا پڻ روزانو گهوڙيءَ تي سڌ سماءَ لاءِ ويندڙ هو.

جيئن ته الله جي پلائي سان اسان جي مختصر گهر ۾ سڀڪجهه هو، هر طرح جي خوشي موجود هئي. بابا ۽ امان جو اٿڻ ويهڻ هڪ مثالي هو. ڳوٺاڻا ڳوٺ جا فيصلا نبيرڻ لاءِ بابا وٽ اچڻ لڳا ۽ سندس سماجي حيثيت مختصر عرصي ۾ نمايان ٿيڻ لڳي. شايد اهائي ڳالهه هئي، جيڪا ڏاريـن ته برداشت ڪري ورتي، ليڪن منهنجي سڳي چاچي کي بلڪل پسند نه هئي، بلڪه اڄ آءٌ ائين به چوندس ته سندس زال کي قطعي پسند نه هئي بابا جي ڳوٺ اچڻ ڪان اڳ، هيءُ ڏي "ڪانڊيرو، درخت هو".

ڏسندي ڏسندي بغير ڪنهن ڳالهه مهاڙ جي، بغير ڪنهن مسئلي يا تڪرار جي، چاچا خواه چاچيءَ، امان ۽ بابا سان اچڻ وڃڻ ته رهيو ، پـر ڳالهائڻ به ڇڏي ڏنو. حالانڪ اباڻيءَ ملڪيت ۾ زمين مان بابا ڪانئس ڪجهه ورتو ته ڪونه پر ذڪر به وات تي نه آندو هو.

هڪ ڏينهن، بابا آئن تي بارداڻو ڪٽائي صبح سان ڏي ٻنين تي ڪڻڪ جي ٻٽائي لاءِ روانو ٿي ويو، ڪڻڪ گهٽي هئي، سڄو ڏينهن ٻنيون ڪندي ڪيس رات

پُڄي ويئي، ٻوريون سبرائي هارين کي آن سعيد آباد شهر ۾ موڪلڻ جي هدايت ڏئي، گهوڙيءَ تي سنج رکرايائين ۽ ڳوٺ لاءِ روانو ٿي ويو. واٽ تي هڪ ڇراٽي کسي هئي، جيڪا پاٽي سان ڀريل هئي، ان کسيءَ تي بابا گهوڙيءَ تان لهي پيو. جيئن ته کسيءَ تي ٽپڻ لاءِ ڪاٺي رکيل هئي، بابا ڪاٺيءَ تان کسي پار ڪئي ۽ گهوڙي پاٽيءَ مان تري پار آئي. لغام ٻابا جي هٿ ۾ هو، جيئن کسيءَ جي ڪپ تي اچي بابا گهوڙيءَ تي سوار ٿي ٿيو تيئن ڪوراڙ بلا ڪيس ڪکي وڌو. هٿ ۾ نيٽ جو لڪڻ هوس، تنهن سان بلا کي ماري وڌائين ۽ گهوڙيءَ تي چڙهي جلد گهر پهچي ويو. گهر پهچندي پهچندي زهر سڄي جسم ۾ پکڙجي چڪو هو. ٻن ٽن جاين تي ڏڪ وٺان ٽنگ کي ٽڪا ڏنائين، اک ۽ نم جام کاڌائين، القيءَ لاءِ تورين جو ٻج کاڌائين، ڦڪيون الٽيون ته گهڻيون آيس ليڪن زهر پنهنجو اثر ڪري چڪو هو. آڌيءَ رات ڌاري دم ڏنائين.

انهيءَ وقت منهنجي جيجل ماءُ جي غم ۾ جيڪا حالت هوندي، تنهن جو هرڪو اندازو لڳائي سگهي ٿو. آءُ ڪهڙو مثال پيش ڪريان! آءٌ صرف ايترو چوندس ته الله بي پرواه بادشاه آهي. هن کي جيڪڏهن فرعون ۽ نمرود جهڙن جي پرواه نه آهي ته ٻئي طرف، معصوم ۽ بيوسن جي به پرواه نه آهي. هو هرحال ۾ بي پرواه

آهي. ڪڏهن ڪڏهن جيئرن انسانن کان زندگي ڪسي به کين جيئرو رکندو آهي ۽ اهي موت کي پاڻ لاءِ وڏي سهوليت سمجهندا آهن، ليڪن موت ڪائنئن رنل يار وانگر پري گذاريندو آهي.

صبح ساڻ ئي بابا جي موت جي خبر، پسگردائي جي سڀني ڳوٺن ۾ ڦهلجي ويئي. جنهن جتي ٻڌي ٻڌو سو جنازي کي ڪلهي ڏيڻ لاءِ ڳوٺ ۾ پهچندو ويو. اسان جي مائٽن جا ڪجهه گهر مٽياري شهر ۾ ۽ ڪجهه حيدرآباد ۾ به هئا. انهن ڏي گهوڙن تي ماڻهو موڪلي چاڻ ڪيو ويو، حيدرآباد وارا ته ڪونه پهچي سگهيا، باقي مٽيارين مان منجهند ڌاري ماڻهو اچي ويا.

اڳينءَ جي نماز پڙهي، جنازي کي جڏهن مقام ۾ نيڻ لاءِ کنيو ويو، تڏهن خلقون شامل هيون. سڀني جي وات ۾ آه و زاري هئي. اڪثر ماڻهن ائين ٿي چيو ته واهه جو آخوند هو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ ڏاڍو اپريو جو هر ڪنهن جو عزيز هو. نظر ڪائي ويس نه ته سڄي جمار به هن ماڻهوءَ مان ڪنهن کي تڪليف ڪانه پهچي ها.

جنازي جي نماز قبرستان جي مسجد ۾ پڙهائي ويئي ماڻهو اندر نه ماپي سگهيا، ان ڪري ٻاهر به صفون ٻڌيون ويون. ماڻهن جو چوڻ هو ته هن کان اڳ اسان ڪنهن به جنازي ۾ ايتري خلق ڪانه ڏٺي. اسان ڏي اهو رواج آهي ته قبر کي پنج فوٽ کن هيٺ اونهو

ڪوٺي پوءِ اتاهين هيٺان ٺي تري ماں الهندي پاسي سامي ڪوٺيندا آهن، جنهن ۾ ميت کي قبلي روءِ دفن ڪري ڪچين سرن سان ساميءَ کي بند ڪري پوءِ گاري جو هاڪو ليپو ڏيندا آهن، تنهن کان پوءِ قبر کي لوڙه ڪري مٿي ورائي بند ڪيو ويندو آهي (ٻين پاسي ٻيا طريقا ميت کي دفن ڪرڻ جا هوندا آهن). جيئن ته ان وقت گهاٽا جهنگ هئا ۽ جهنگلي جانورن جو خوف هوندو هو ته مٿان ٻه رات جو اچي قبر کوٺي ميت کي نقصان نه پهچائين، سو ماڻهو چا ڪندا هئا جو قبر ۾ ٿي فوت ڪن مٿي ڏئي، ان کان پوءِ ٻير يا ٻير جا چانيا وجهي مٿان باقي رهيل مٿي ڏئي قبر کي زور سان لتاڙي بند ڪندا هئا. انهيءَ وقت ٻه چاچا شفيع محمد ۽ ٻيا ٻه ماڻهو قبر جي مٿيءَ کي لتاڙي رهيا هئا. ٻي سڀ خلق فوتيءَ جي آخري دعا گهرڻ لاءِ قبرستان ۾ ۽ قبر جي ارد گرد پکڙيل هئي. چوندا آهن ته، جيڪي پيٽ ۾ هوندو آهي اهو چپن تي ٻه اچي ويندو آهي. صبح کان وٺي چاچا جي منهن مان ائين ٿي ظاهر ٿيو ته هن کي ٻه پنهنجي موٺي ڀاءُ جي اوچتي ۽ بي وقت موت جو تمام گهڻو ڏک آهي، ليڪن عين انهيءَ لوڙه جي لتاڙ وقت سندس هڪ هٿ شهپر تي ويو ۽ مڇ کي وٽ شروع ڪري ڏنائين، جنهن مان سمجهڻ وارا سمجهي ويا ته هن جي دل ۾ ڪيترو ماتم آهي. اسان جي ڳوٺ جو ٻيرسن ڏاڏو سليمان جيڪو ڏاڏا مرحوم

جو سانڌاري هو، نوي جي پيٽ ۾ هو، ۽ هلڻ کان لاچار
هو، ليڪن ويچارو لٽ تي رڙهي آيو هو، سو به ان
وقت قبر جي پير ۾ ويٺو هو، تنهن جو چاچي کي ان
حالت ۾ مڃڻ کسي مروڙيندي ڏٺو هو، تمام ضعيف
ٿيندي به چاچا کي هڪل ڏئي چيائين، ته شفيع محمد
ڪجهه شرم ڪر، هن وقت ست ڏاريا به روڄي رهيا
آهن، بلڪ مڙس اهڙو ويو آهي جنهن لاءِ وڻ ٽڻ به
روئي رهيا آهن. اسين سڀ گهر ۾ منجها اوندا ڪري
آيا آهيون، هيءَ ڙي! زمانه تنهنجا ڏڪار، مڙس مرندا
وڃن ڪڇرو رهبو وڃي. هن کان پوءِ ته الاجي ڇا ٿيندو.
ٿون جنهن شيءِ کي ڏسي خوش ٿي رهيو آهين، اها
رڃ آهي تنهن جي آج ڪڏهن به ڪانه ختم ٿيندي،
پٽ حال سارو اسان به زمانو ڏٺو آهي، هن رڃ جي
پٺيان جيترو ڊوڙندين اوترو ئي اڇايل رهندين، مٽي جي
مٺي مٽي جي پٺيان ويندي آهي. اهو ان ئي مڙس جو
ڀاڳ هو، جو ٻهرن ٻير ڏنا، پوريون ڳوٺن ۾ رهڻ لڳيون
ٿون هرو پيرو ڀاڻ تان پلاند ڇو ٿو لاهين؟ چريا، ڀلا
جيڪڏهن ڪجهه دل ۾ به هوندو آهي ته وات تي نه
آڻبو آهي تنهن جيا ماڻهو ڪهڙا بردبار ٿون ته ڪو
وڏو ڪم ظرف آهين.

چاچي ۽ ڏاڏي سليمان جي وچ ۾ جيڪي وهيو
واپريو، تنهن کي گهڻن اکين ڏٺو ۽ ڪنهن سڻيو به
جن نه ڏٺو تن کي به يڪدم خبر پهچي ويئي، سڀني

ماڻهن ۾ مکين جيان پڻ پڻ پئجي ويئي. بابا مرحوم جي ثواب لاءِ آخري دعا جڏهن ختم ڪئي ويئي، تڏهن، چاچا سيڻي ڪانڌين کي چيو ته مهرباني ڪري اوطاق تي هلو ۽ مرحوم جو ڪانڌيو ڪاڻي وڃو. جنهن لاءِ صبح جو ڏيڱو ڪهائي شهر مان چانور گهرائي، پويان پنج ڇهه ماڻهو رڌ لاءِ چڏيا هئائين، ليڪن سڀ ماڻهو جتان آيا هئا اوڏانهن پنهنجي پنهنجي گهر هليا ويا. هڪ ماڻهوءَ به پت جو هڪ داڻو به نه ڪاڌو، ويندي گهرن ۾ پت چونڪيءَ طور موڪليو ويو ليڪن سڀ ٿانءَ واپس موٽي آيا. سڄو سارو ڏيڱو ۽ ديگيون چانورن جون حرام ٿي ويون ۽ اهڙيءَ طرح چوويهين پهر چاليهي يا ٻارهئي جي خيراتن ڪرڻ کان همراهه ڇٽي پيو.

پڻي پنهنجي گهر چڏي امان جي دلجوئي لاءِ سڄو وقت اسان سان گڏ رهڻ لڳي. پنهنجا ٻچا ٻار پنهنجي نڙان جي حوالي ڪري آئي هئي، صرف ڏينهن ۾ هڪ دفعو پنهنجي گهران چڪر هڻي ايندي هئي. جيئن ته امان عدت ۾ هئي، ان ڪري هن جو اسان وٽ رهڻ تمام ضروري هو، امان جو سڄو وقت پروتيل ماڻهوءَ وانگر گذرندو هو. ٿورو گهڻو پڻي ڪارائيندي هيس ته ڪائي ونندي هئي نه ته بس. جيئن ته بابا جو صدمو هن لاءِ وڏو هو جنهن جي ڪري هڪ وسيع دنيا ڇڏي آئي هئي، ٻيو اميد سان به هئي. عدت جي ايام پوري ٿيڻ کان مهينو کن پوءِ منهنجي ڀيڻ ڄائي، جيڪا صرف

کي ڪلاڪ جيئري هئي ۽ گذاري ويئي. پٽي ڏينهن امان به سورن کي ساڻ ڪري بقاء دائميءَ ڏانهن رواني ٿي ويئي. پوءِ پڦي مونکي پاڻ سان ڪٺي سندس گهر آئي، جتي مونکي پالڻ لڳي، اهڙيءَ طرح صرف ڇهن مهينن جي مختصر عرصي ۾ هڪ خوشين ڀريل باغ و بهار گهر کي مرگهو ٽالو اچي ويو.

چاچا شفيع محمد سڀ مڏيءَ جو وارث بنجي پيو، رڍون سڀ کپائي، ملڪيت هٿ هيٺ ڪيائين، ۽ پٽي کي به سنڀالڻ لڳو، اهو ته نهيو پر بابا کي لا اولاد ڏيکاري زمين جو ڪاٽو ڏي پنهنجي نالي تي ڪرائي ڇڏيائين. ڇهين ۽ ستين فارم تي به سندس نالو ٿي ويو. ڏٺن جون رسيدون به سندس نالي تي اچڻ لڳيون. به ڪوڙا شاهد بيهاريائين ته ”ڏنو پٽ چنو ٿي پيو“.

اها منهنجي انتها ڏي بدنصيبي هئي، جو منهنجي عمر اچا اٺ سال هئي ته پڦي به رحلت ڪري ويئي، الله کيس جنت نصيب ڪري، مرحومه مونکي ماءُ واري مامتا ڏني، پنهنجي اولاد کان به وڌيڪ چاهيندي هئي. پيو ته نهيو پر سندس اولاد جي به مجال نه هئي جو پوڳن مان به مونکي ڪو ڌڙڪو ڏئي، جيستائين مرحومه جيئري هئي، تيستائين مونکي محسوس ڪرڻ نه ڏنائين ته ڪو آئون يتيم آهيان.

پڦيءَ جي مرڻ کان پوءِ ٿي ڏينهن ڪن ته سيڪو روئڻ ڌوئڻ ۾ قابو هو، تنهن کان پوءِ مون محسوس

ڪيو ته زمين مون لاءِ گرم آهي، ٻڍيءَ جي دلجوئيءَ لاءِ جيڪي گهر جا ڀاتي مون کي ٻڌائيندا هئا ۽ پيار ڪندا هئا، سي ڪنگهڻ لاءِ به تيار نه هئا، سڀڪو ڪنارو ڪرڻ لڳو، ۽ چوڻ لڳا ته هيءَ ته ڪو وڏو نياڳو آهي. پيءُ، ماءُ ۽ ٻڍيءَ کي ڏسو ڪيئن ڳهي ويو، اها ئي ساڳي توهم پرستي، هرهڪ مونکي جهڙي ڇوت جي بيماري سمجهڻ لڳو، مٿان ڪا ڪنهن سان ڳهندي ڏيان ۽ هو مري پوي.

هڪ ڏينهن صبح جو سويري ئي ٻڍڙ مونکي ٻانهن مان ورتو ۽ وٺي سڌو چاچي جي گهر آيو، چيائينس ته پنهنجي امانت سنڀال، هن کي پالڻ واري مرحيات هن دنيا مان هلي ويئي، هاڻ هن کي وڏيڪ گهر ۾ رهائڻ لاءِ اسان مان ڪوبه تيار نه آهي، جيئن ته هن جي سڀ ملڪيت جو وارث تون ئي بنيو بيٺو آهين، ساڻن ڪان زمين جون پيدائشون ويٺو کائين، سو هاڻي هن کي به پاڻ وٽ رک، "ڪٿيو ڪاڻي فقير لٿيون جهلي ٻولڙو". تنهن ڪان پوءِ هڙو نياڳو ته دشمن جي در تي به نه هجي. ابا، هن درويش اڃان ايترو ئي چيو ته چاچيءَ اڃنگارون ڏيئي ٻڍڙ کي سندس نالو وٺي چيو ته لائق ڏنه الله جو نالو اٿئي، هن موذيءَ کي هتان ڪڍ. آءٌ ٻچڙيوال منهنجو گهر تباه ڪري ڇڏيندو. تون جيئن چوين اسين ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. هن جي خرچ لاءِ اڳوات چوين ته توکي پئسا ڏيون ۽ مهيني سر مهيني به توکي پئسا

ڏيندا رهندا سون. ڪنهن بہ ٻئي ڏاڙهين وٽ ڇڏيندا سونس تہ دنيا ڪلندي، ان سان گڏ خدا رسول جا واسطا ۽ التجائون ڪرڻ لڳي. پر ٻڍڙو هڪ نہ ٻڌي ۽ اٿي هليو ويو. منهنجا ٻئي سؤٽ جيڪي انهيءَ وقت نوابشاه جي هاءِ اسڪول ۾ پڙهي رهيا هئا ۽ رهندا پڻ اتي هاسٽل ۾ هئا، سي گهر ۾ موجود نہ هئا، باقي سندن ٻہ نياڻيون ساهل جيڪا مون کان ٻہ سال ننڍي هئي ۽ ڀاڳل چار سال ننڍي هئي. تن جو ماءُ کي روئندو ڏٺو سو ڪجهہ نہ سمجهي ڪري ٻہ ماءُ کي ڀاڪر پائي رئڻ لڳيون. چاچا بت ٻڻيو چپ ويٺو هو، تنهن چاچيءَ کي چيو تہ جيڪڏهن ڪپائڻ جي شيءِ هجي تہ هينئر ئي ڪنهن پڙيءَ تي وجي ڪپائي اچانس جي ڪُهڻ جهڙي شيءِ هجي تہ بہ هوند هينئر ئي چري ڦيري ڇڏيانس، ليڪن ائين ڪرڻ ناممڪن آهي، جيڪڏهن ڪنهن ٻئي وٽ ڇڏبس تہ هڪڙو تہ ماڻهو ڪلندا، جيڪي اڳ ۾ الاجي ڇا ڇا چئي رهيا آهن. ٻيو، گهر ۾ هوندي بہ سڀ ڪجهہ ٻڌو سڻيو هوندو، تنهن کان پوءِ ماڻهو هن کي ورغلائيندا ۽ چوريندا، جيڪي پاڻ لاءِ نقصان ڪار ٿيندو. جتي منا ڪاٺيا اتي ڪڙا بہ ڪاٺا پوندا، تنهن کان سواءِ آءُ توهم پرست نہ آهيان، ڀاڳ ۽ نڀاڳ کي آئون ڪرنہ مڃيان، پنهنجو ڪاٺي ڪاٺي پاءُ اتي جو ڪاٺيندو، پاڻ کي الله سڀ ڪجهہ ڏنو آهي، وقت جي نزاڪت کي ڇاڻ هينئر اها ڪڙي گوري ڳهڻي پوندي، جڏهن بہ موقعو

مليو مک کي گيهه مان ڪڏهن اچلي ڇڏيندا سين.

آئون انهي سڄي ڪار گذاري وقت ويٺو رهيس، ۽ هي ٻئي ڇڻا اهڙي ته هراس ۾ هئا ايترو ته پريشان هئا، جو منهنجي وجود جي جهڙي خبر ئـي نه هين. هو پنهنجيءَ پر ۾ ته مون کي معصوم ۽ ناسمجهه، سمجهي ڳالهائي رهيا هئا، ليڪن مون ۾ ايتري سمجهه ته ضرور هئي ته هي جو ڪجهه ڳالهائي رهيا آهن، انهيءَ جو مطلب سمجهي سگهان، آئون ان وقت اٺن سالن جـي عمر جو هوس، جسماني طور به تندرست هوس ته ذهن به سمجهدار هو، ان وقت ٽيون درجو پڙهي رهيو هوس هنن جو ڪجهه ڳالهايو تنهن هانءُ ۾ گهاوُ ڪري وڌا، اکين مان ڳوڙها الاجي ڇو ڪو نه ٿي وهيا ليڪن سڄ پچو ته نس نس روئي رهي هئي. رڳ رڳ دل ۾ اهي اڌمان پئي آيا ته الله! ڏس ته سهي منهنجو پيءُ ڪهڙو ماءُ ڇا هئي، هنن وٽ ڪيتري نه مال ۽ مڏي هئي، اهو ته سڀ ڳڙڪائي ويا، پر مون کي جانور سمجهي به رکڻ لاءِ تيار نه آهن، آئون ته ڪانئن ڪجهه به نٿو گهران. جيڪي ڪائيندس ايترو ته ڪم به ڪري ڏيندو سان. پهرين دل ۾ آهو به آيم ته چاچا کي پيرن تي ڪري چوان ته چاچا تون منهنجو ابو آهين، آئون تنهنجو ٻچو ۽ اولاد آهيان مون تي هٿ رک آئون وعدو ٿو ڪريان ته توکي ڪڏهن به نقصان نه رسائيندس، هميشه منهنجو تو کان سواءِ ڪير آهي، آئون ڪٿي رلندس ۽

در بدر ٿيندس. اُئين نہ ڪري ماڻهن جي محتاجي ڪان مون کي ڇڏاءِ ليڪن الاجي ڪهڙي ڳالهہ هئي جو اُئين چئي نہ سگهيس ۽ چپ رهيس، باهي اهو پڪو پهہ ڪيم تہ چاهي ڇا بہ ٿي پوي هـيءُ در نہ ڇڏيندس. ڏارين جي درڪان هنن جا موچڙا نيڪ آهن، چاچا کي طمع ۽ لالچ اڪين تي ڌنڌ ڪري وڌو آهي تہ آخر بينائي بہ ايندس نہ تہ غلامي بہ چاچا جي پلي.

چاچا جا حواس بحال ٿيا تہ مون کي ونـي مال جي وٿاڻ ۾ آيو، اتي هڪ ڪٿولڙي بہ آٽي ڏنائين ۽ موسم آهر بہ ٽي چنليون رليون بہ ڏئي ويو، چيائين تہ ٿنهن جو رهڻ هاڻي هتي ٿيندو. ماني ٽڪي اسان ٿو کي هتي ڏي ڏيندا سون، منهنجي گهر واري متان ناراض ٿئي ان ڪري گهر ۾ اندر گهڙڻ جي ڪوشش نہ ڪجان، باقي جيڪر هوءَ ڪو ڪم ڪار چوندي تہ ڪري ڏجانس. مون تہ ڪا ورندي ڪانہ ڏني ماڻس سو اُئين چئي هليو ويو.

آڏون چاچا جن جي گهر ۾ در ٽپي پهريون دفعو آيو هوس، پڻي جيڪڏهن هنن جي گهر ايندي هئي تہ بہ آڏون ڪڏهن بہ ساڻس گڏجي هن گهر ۾ نہ آيو هوس، پڻي پاڻ بہ مون کي ڪوشش ڪري پنهنجي گهر ڇڏي ايندي هئي.

رليون سيراندي ڪان رکي کٽ تي ليٽي پيس، پنهن جي وت ۽ دماغ آهر ويچار ڪرڻ لڳس، مون لاءِ جي

هُتي زمين گرم هئي ته هِتي ٿامون آهي، ٿورڙيءَ دير ۾ منهنجون ٻئي سؤٽيون لڪنديون، مينهن جي آهرن پنيان، مون ڪان اٺ فوٽ ڪن پري بيهي مون کي خوف ۽ حيرت مان ڏسڻ لڳيون، جهڙو ڪو آئون هنن لاءِ عجوبو هوس، يا ڪنهن ٻئي سياره تان لهي آيو هوس- هونءَ به وٿاڻ گهر سان جڙيو جنهن جي ۾ اوير طرف هو. گهر ۽ وٿاڻ کي چئني پاسي وڏو ڪوٽ ڏنل هو، ڏکڻ طرف ڪاٺ جو ٻن ٿاڪن سان وڏو مضبوط در چڙهيل هو، جنهن مان ڪاٺن سان لڏيل اُٺ آسانيءَ سان اندر اچي سگهيو ٿي. ويچاريون ڇوڪريون مون ڏي اهڙي ته مشغوليءَ سان ڏسي رهيون هيون، جو اصل پنبڻيون به ڪونه ٿي چنڀائون ۽ نه مون ۾ ايتري جرئت هئي، جو هنن کي پاڻ ڏانهن سڏي يا اشاري سان گهرائي پاڻ وٽ ويهاريان. ايتري ۾ چاچيءَ جا گهر مان سڏ ٻڌڻ ۾ آيا: آئي ساهل آئي ياڳل ڪٿي آهيو؟ اهي آواز اهي ڪڙڪا ڪندي چاچي اچي مٿان پهتين، ليڪن هنن معصومڙين شايد اهي آواز به ڪونه ٻڌا. پوءِ ته الله سائين ڏئي، ٻنهي سهي، ٻه ٻه چنبا هڪڙيءَ هڪڙيءَ کي هڻي اڳيان ڪيائين چي: مون توهان کي سوير چيا ٻڌايو ته، هي ڏيڻ اٿو، ٻه ٽي مائٽ ماريا اٿس توهان کي به ڪائي ويندو ۽ ڪڏهن به هن جي ويجهو نه وڃو.

ٽيهريءَ ڏاري چاچا منجهند جي ماني ڏئي ويو. ٻه

مانيوڻ ۽ ڏڏ جو وٺو، انڪار ڇا جو، رسڻ ڪنهن سان، ڊٻڪي خالي ڪري ڇڏيم، وٿاڻ ۾ سنڌن نوڪر لاءِ دلو پاڻيءَ جو رکيل هو، ان مان گلاس پاڻي جو ڀري پيتم. ٿورڙيءَ دير ڪان پوءِ ڌنار مينهون ڪاهي آيو. جيڪي ننڍا وڏا اٺ ڀور هئا. مال کي ڀڄڏي، ويو سو ڍڪدم ۾ پرڀون لوسڻ جون لٽي آيو. لوسڻ کي سڪن ڪانن سان گڏي مشين تي ڪتر پئي ڪيائين، هڪ هٿ سان گاهه جي مٺ ۾ مشين ۾ ويو وجهندو ۽ ٻيو هٿ مشين جي ڦڻ ۾ وجهي ڪتر پئي ڪيائين، مون کان رهيو نه ٿيو، اٿي مشين کي مٺ مون ڏني ۽ هلايائين پاڻ ته اڪلاءُ ٿي پيو. ڳوٺ جو ماڻهو هو، سڃاڻندو مون کي ته هو ۽ سنڌ ۾ سڀ هيس. ليڪن مون کي هٿي ڏسي سون کان ڪاٻه پڇا ڳاڇا ڪانه ڪيائين. ڪتر مان آجو ٿي مال کي گاهه ڏنائين. هڪڙو هڪڙو ڪونار مينهن گاهه جو ڪاٿو ته، "ساهل" ڪري چوڪريءَ کي سڏ ڪيائين ته چوڪري کير ڏوهڻ لاءِ چونريون کڻي آئي. همراهه ڏوٻ کي لڳي ويو، ۽ چاچي به اچي ٻنڙي تي چڙهي ويهي رهي. سڄو وقت اتي ويٺي رهي، متان ميهار ڪو کير جو گوهو ٻه وات ۾ وجهي ڇڏي. چار مينهون سوائون هيون. جڏهن سڀ کير ڏيئي ويو تڏهن، کير کڻي گهر هلي ويئي ۽ ميهار ٻه هڪ دفعو وري مال، جا ڪونار گاهه سان پري، وڏو در لنگهي پنهنجي گهر هليو ويو. منهنجي وري ٻه اها ڪمت،

۽ آئون. ڪتاب به هوڏانهن رهجي ويا هئا. سمهاڻي ۽ جو چاچا ماني کڻي آيو، سو ڪائي سمهي رهيس ۽ سگهوئي ننڊ اچي وئي.

صبح جو سويري ڏي اک کلي ويئي، رلهي منهن تان لاهي اکيون پٽي تڪايم ته ڏنلر به اچي ويو، اچڻ شرط ويچارو گاهه کي جنبي ويو. مينهن اچا گاه کاڌو ڏي پٽي ته ڦر چوڙي مينهون ڏڏائين، چاچي وري به اچي ٻنوڙي تي ويٺي. ٻيءَ ڏي دفعا مونکي به نظر مان ڪڍيائين، مون ۾ ايتري ته طاقت ڪانه هئي جو سڌو پيدو ڏانهس نهاريان، پر تيڏين اکين سان مون پٽي ڏٺو مانس.

چاچي جڏهن کير ڪڍي گهر ويئي تڏهن ڏنار مينهون چوڙيون ۽ چارڻ لاءِ ٻاهر ڪاهي ويو، مون به ڪٽ ڇڏي. پاڻيءَ جو گلاس ٻري منهن تي ڇنڊا هنيم، خميس جي پلاند سان اچا ٻوٽ اگهيم پٽي ته چاچي وٽاڻ ۾ آڏي ۽ وڏي طبل مان مونکي چيائين ته ٻلا بڌ، ڪالهه ڪان لاٽ صاحب ٻٽيو ڪٽ تي چڙهيو ويٺو آهين، ڪو ونواهه ۾ ويٺو آهين يا اسان تو کي ستر ۾ ويهاريو آهي؟ آٿي، ٻاهوڙي کڻ، وٿاڻ جي صفائي ڪر، ڇيڻا ڇنا کڻي ڍير تي ڦٽا ڪر. ٿوريءَ دير ۾ آئون وري اچي ٿي. جڪر هٽان، ڪک به پٽ تي ڏٺم ته تنهن جو خير نه آهي.

جڏهن چاچي هلي ويئي تڏهن پاڻهم اٿين ته جهڙو

منهنجي بدن مان رت چوسي ڪڍي ويئي، نيرانو پاڻيءَ
جو گلاس پري پيتم، هٿن ۾ پنهنجي سان به گلاس نه جهليو
ٿئي، ٽنگن پيرن تي بيهڻ ڪان جواب ڪڍي ڏنو، سو
اچي کٽ تي ويٺس منٽ يا ٻه ويهي وري خــوف ۾
اٿي پيس، ته متان وري نه اچي. پاهوڙي کٽي، پهرياڻين
ڪوندي سان چيٽا ڏيڻ تي ڇڏيم پوءِ ڦريو ڏيڻ لڳس،
ايتري ۾ چاچو به اچي متيو. وڃــي ڇيومانس ته چاچا
اڄ ون وٽاڻ جي صفائي ڪري پــوءِ اسڪول وڃان؟
چيائين نه، ڏس توکي رکڻ لاءِ ڪير به تيار نه آهي،
تڏهن به اسان توکي پنهنجو سمجهي رهڻ لاءِ جاءِ ڏني
آهي ۽ توکي به پيا کارايون، انهيءَ جي عيوض توکي
اسان جي گهر جو ڪم ڪرڻو پوندو. اسان وٽ ايترا
پيسا ڪونه آهن جو تنهنجن ڪتابن ۽ پڙهائــيءَ تي
خرچ ڪيون. ائين چئي همراه هليو ويو، مون به همت
ڪئي، جو وٽاڻ جي صفائي ڪري پاهوڙي ۽ ڦريو
هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ رکي رليون وبڙهي کٽ جي سيرانديءَ
ڪري ٽڪ وڃي اسڪول ۾ ڪيم.

اسڪول جا شاگرد، استاد ۽ هر شيءِ مون ته ساڳي
محسوس پئي ڪئي، ليڪن منهنجي ڪلاس جا شاگرد
مون ڏي گهوري گهوري نهاري رهيا هئا. آئون ڪلاس
۾ داخل ٿي سڌو وڃي پنهنجيءَ بينچ تــي ويٺس. ڏٺم
ته سائين ڪو رجسٽر کولي ان ۾ لکــي رهيو هو،
يڪدم هن رجسٽر هٽائي مون ڏي نهاريو. ٿورو مسڪرائي

سڏ ڪيائين ته محمود پٽ هيڏانهن اچ، آءٌ جيءُ سائين
چئي وٽس ويس ته اٿي سونڪي پاڪر پاتائين، ڪلهي
تي هٿ رکي شاباس چيائين، ڪوٽ جي کيسي ۾ هٿ
وجهي هڪ آنو خرچيءَ لاءِ ڏنائين ۽ چيائين ته پٽ
ڪو فڪر نه ڪر، وقت جون گهڙيون آهن. گذري
وينديون. تنهن کان پوءِ مون سمجهيو ته هي سڀ مون
ڏي چو نهاري رهيا آهن. اصل ۾ ڳوٺاڻو ماحول هئو
سڄي ڳوٺ کي خبر پئجي ويئي هئي ته منهنجو آستانو
تبديل ٿي ويو آهي ۽ جن وٽ رهان ٿو، اهي منهنجي
لاءِ ڪيتري قدر گهڻگهرا آهن. سائين هڪ چوڪري
کي موڪلي، منهنجا ڪتاب گهرائي ورتا، موڪل مهل
پڇيائين ته توکي چاچي اسڪول اچڻ کان روڪيو ته
ڪونه هو. مون پوري ماجرا ٻڌائي ماڻس. چيائين ته
تون ڪو فڪر نه ڪر پٽ! تون اڳيئي هوشيار آهين،
پنهنجي گهر جو ڪم ڪار ڪري ڪلاڪ اڌ لاءِ به
اسڪول ايندو ڪر، باقي آئون ويٺو آهيان ۽ ڪتاب
هيڏانهن ڪر ته ميز جي خاني ۾ رکي ڇڏيان، متان
ڦاڙي نه ڏيئي.

اسڪول مان موڪل ٿي ته سڌو گهر آيس ۽ وٿاڻ
۾ اچي ليٽي پيس، چاچي به ڪاڪن تي ويٺي هئي،
سا به ڏم ڏم ڪري اچي ڪڙڪي. چيائين ته ٻلا!
ڪري آئين پڙهائي، آئون به ڏسان ته تون ڪيستائين
ٿو پڙهين. توکي چاچهن جهليو ڪونه هو ته اسڪول

نه وڃجان، ائين چئي ڀيڻي ٿڦڙ هڻي چيائين ته اٿي ڪٽ تان پٽ تي ويهه. ٻالم ٿي اچي سمهي پيو آهي. آئون ڏڪي اچي پٽ تي ويٺس ۽ پاڻ گهر ۾ هلي ويئي انهيءَ وقت مون کي حيرت ٻن ڳالهين تي هئي، هڪڙو ته منهنجو نالو ته محمود آهي، پوءِ مون کي ٻلو ڇو ٿي چوي، ۽ ٻيو ته ڪلهه ڪان وٺي هي هيڏانهن وڌاڻ ۾ اچي ٿي ته ڇوڪريون ڪيڏانهن ٿيون وڃن. پهرين ڳالهه ته منهنجي سمجهه ۾ اچي ويئي، سو هيئن ته منهنجن ناناڻن جي ڪري منهنجون اکيون شيريون هيون، بلڪ سايون شيريون هيون. انهيءَ ناتي سان مون کي ٻلو ٿي چوي. باقي ٻي ڳالهه منهنجي سمجهه ۾ نه آئي، حالانڪ مون کي ايتري خبر هئي ته چاچا جي ٻاهر نڪرڻ ڪان پوءِ هيءَ اڪيلي ماءُ ٻن ڌيئرن سان گڏ گهر ۾ رهي ٿي.

جڏهن پٽ تي ويٺو هوس تڏهن مون کي مرحوم پڦي ياد اچي ويئي، دل ۾ چيم ته خدايا جيڪر اها جيئري هجي ها ته هوند هيترو دربدر نه هجان ها، ائين آهستي آهستي ذهن امان ۽ بابا ڏانهن ويو، سوچيم ته انهن مان به ڪو جيئرو هجي ها ته شايد ههڙا ڏکيا ڏينهن ڏسڻا نه پون ها، ماڻهن جو هڪڙو يا ٻه مائٽ مرندا آهن، پر منهنجي ته دنيا ئي فوت هئي، ائين سوچيندي سوچيندي اکين ۾ آلاڻ اچي ويئي، ڏکن سان دل ڇهڙي ڦاٽي ٿي، ليڪن الاجي ڇو هنن ڪڏين اکين

سان لڙڪ وهي نڪتي آيا. شايد منجهن بينائي نه هئي، پر منجهن اهي ماڻڪ موتي نه هئا، جن جي سيلاب سان دلين تان غبار لهندا آهن.

بک به اچي وڙايو هو. شايد اسڪول ۾ وڃڻ جي مون کي سزا هئي. پيو اهو ئي نڪتي سگهيو ته پنهنجن ٻچن کي ڪارائي ۽ منهنجي ڳالهه ئي وسري ويئي هجيس يا ته چاچا گهر ۾ ڪونه هو، ان ڪري پنهنجي هٿن سان ماني ڏيڻ پنهنجي توهين ٿي سمجهيائين. صبح کان ٿيهري ۽ ڏائين ڪک به اڏي وات ۾ نه پيو هجي. سائين وارو آنو اڳيٺ ۾ ٻڌو پيو هو.

شام ٿي ويئي مال اچي ويو. همراه ڏراڙ ميڻهون منين ۾ ۽ وڇيون ڪلن ۾ ٻڌيون. آڌون ان وقت به ڪٽ جي پرسان اوڪڙو پٽ تي ويٺو هوس. چهري وانگر اکيون پٽي ڦرڙايم، ڏدار ڳاه جي چادر ڪلهي تي رکي هٿ ۾ ڏانٽو ڪنيو. اوسڻ اٿڻ ٿي ويو ته چاچيءَ هڪل ڪري چيس ته حاڪو! هن ڇوري کي به ونيو وڃ، وڇي ڳاه لٽائينس ۽ ڪم ونينس، آڏون اٿي پٺيان پيو سانس. حاڪو لوه پاڏي پيو ڏانٽو سندس گهران ڪٽي آيو، مون هن کان اڳ اوسڻ ته چا پر ڏانٽي سان واڳڻ به نه ڏٺو هو، سو آهستي آهستي اٿڻ لڳس، اهو به خوف هو ته متان هٿ وڍجي پوي. پر حاڪو ته واقعي منٿ ڪري ورتا، ويو ڪهڙين متان ڪهڙيون سنيندو ڳچ ڳاه کان پوءِ هڪ هلڪي ڀري ٻڌي مون کي

ڪٽاپائين ته آءٌ چڙي اچان اهڙيءَ طرح چار چڪر مون ڪيا ته آخر ۾ هڪ وڏي پري پڌي پاڻ ڪنبائين. مون مشين کي گاهه جي مٺ ڏني ته پاڻ مشين هلايائين. تنهن کان پوءِ لڳي ويو مال کي گاهه ڏيڻ ۾ ۽ ڏوهڻ ۾. ڏوهه سهل چاچي وري به اچي پٽ جي ڪنهڙي تي ويهي رهي، اها شايد سندس پراڻي ڪرت هئي. ڪير پنهنجي نظرداريءَ هيٺ ڏهرائي ڪٿي ويندي هئي. سمهائيءَ جي ٻانگ کان پوءِ چاچا ساڻي ڪٽي آيو. جيڪا سڄي ڏينهن ۾ منهنجي ٻهرين ماني هئي، ڪچيو پڇيو هن به. ڪوهه ٽانو هٿن ۾ ڏئي هليو ويو. ته مانيون ۽ پاءُ ڪن کير جو هو. ماني کائي به — تي گلاس پاڻيءَ جا پي دوزخ جي باهه وسايم، منجهند کان وٺي اوڙاهه ٻري رهيا هئا. شايد منهنجي عمر ننڍي هئي يا زندگيءَ ۾ پهرين ٻڪ هئي جو گهڙيءَ آنندا وات ۾ ٿي آيا. ٻئي ڏينهن صبح جو ننڊ مان سويري ئي اٿي پيس. اجا هٿ منهن پئي ڌوتم ته حاڪو ڏنار به اچي ويو، ويچارو جوڻجي ويو ڪم سان. مون به ڇيڻا ڪڻڻ شروع ڪري ڏنا، حاڪو مال ڇوڙي ويو ته ڦريو ڪٿي سڄي وٿاڻ کي ڦريو ڏئي چمڪائي ڇڏيم. چاچا به اڄ سوير ئي ٻاهر هليو ويو هو. ڪم ختم ڪري اسڪول وڃڻ لاءِ سوچيم پئي ته چاچي اچي وئي. چيائين ته ٻلا نڪر وٿاڻ مان ٻاهر هيڏانهن اچ، وٺي اچي اڳڻ تي ٻهارايائين. فيشن جو ٻهارو هٿ ۾ ڏيئي چيائين ته اڳڻ کي ٻهارو

ڏي. پـلا مون کـي ورڻو آهي، جـو ٻهارو نـہ ڏيان.
ڪونگڙو ٿي ۽ ڪٽي ويهي ڪري ٻہ سڄي اگڻ
مان ٻهارو ڪڍيم. اگڻ تي ڪو پڪين سرن يا سيمنٽ
جـو فرش نہ هو ۽ نڪي ڪي اگـہ ۾ ڪو منهنجو
اهو ڪم ڪيل هو. خوف ڪان پنهنجي پر ۾ مون ٻہ
گهڻي محنت، ڪئي هئي، ليڪن تنهن هوندي ٻہ ٻہ -
تي لينگهاڙيون رهجي ويون. چاچيءَ جا آئي تنهن نڪا
ڪئي هم نڪا تم ٻہ - تہ مڪون ٻنڌين ڏاري ٻہ هنيائين
۽ چيائين تہ ذليل هيئن ٻهارو ڏبو آهي. ٻهارو ڪڻ هڪ
دفعو وري ڏي. وري ويهي آهستي آهستي ڪري ٻهارو
ڏنم! تنهن ڪان پوءِ ٻهارو ٿلهي تي ڏي چڙي اسڪول
پڄي ويس. منهنجو منهن، مٿو ۽ ٻانهون مٽيءَ ۾ ڀيوت
ڏسي سائينءَ ماجرا پڇي، ٻڌايو ماڻس تہ اڄ گهر کـي
ٻهارو ڏنو اٿم. سڄو ڳاڙهو ٿي ويو ۽ اچي اجرڪ سان
سڄو ٻت چنڊيائين. اڄ آءُ تمام دير سان اسڪول آيو
هوس، ٿوريءَ دير ڪانپوءِ اسڪول ۾ موڪل ٿي ويئي
اسڪول ڪان موٽندي ڪاهوڪي آني جا پڪڙا ورتي
ڪاڏم ۽ بڪ جو ٻنڌڻ ڪيم. اڄ ٻہ ماني ملڻ جي اميد
گهٽ هئي، گهر اچي ڪٽ پيڙو ٿيس، هر مشڪل کي
منهن ڏين لاءِ پاڻ کـي دهني طـور تيار ڪيم، چڙڻ
واري چاچي ٻہ ڪانہ هئي، سکهو ڏي وونڻاني جي چهڙ
ڪاني هٿ ۾ ڪري اچي نازل ٿي، شايد صبح وارين
مڪن مان سندس هٿن کي تڪليف پهتي هئي، ٻہ- ٿي

مونٽيون هُئي، تڏهن لعنت ڪري هلي ويئي. ڏينهن جو ماني وري به ڪانه ملي، ماني وري به رات جو نصيب ٿي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڪم ۾ وڌيڪ واڌارو آيو، دالان ۽ صفي مان به ٻهارو ڪڍڻو پيو، ليڪن اسڪول وري به ويس، ۽ موت ۾ مار ۽ بک ٻئي نصيب ۾ هئا.

ٽئين ڏينهن ڪم ۾ اڃا به وڌيڪ واڌارو آيو، وٿاڻ جي صفائي ڪري ڳهر ٻهاريم. ٻهارو ڏيڻ اهڙو ڏکيو ڪم نه آهي، پر ڏينهن ۾ ٻي سمجهه ۾ اچي ويو، اڃا ٻهارو ختم ئي ڪيو هوم، ته چاچي ڪارو ٿانون جو ڍڳ آئي، چيو: ٿانو صاف ڪر، صفا به اهڙا ڪر جو جرڪن. منجهائن منهن ڏسڻ ۾ اچي. چلهه مان ڇيٽي جي ڇار ڪڍي، اچي ٿانون کي مليم، خير جيئن تيئن ڪري ٿانون مان جند ڇڏايم، ليڪن دير ٿي ويئي. سوچيم ته هاڻي اسڪول وڃڻ فضول ٿيندو. راهه گناهه جو مار ملندي ۽ ماني به نه ملندي، سو اسڪول جي بدران جڏهن وٿاڻ ۾ ڪٽ تي اچي ويٺس جيڪا جهڙي مون کي ڏيج ۾ ملي هئي. سگهو ئي چاچي ماني کڻي آئي ڇهري تي ڏاڍي رونق هيس، شايد مقصد ۾ ڪامياب ٿي هئي.

ٻئي ڏينهن موڪل هئي. اسڪول بند هو، تنهن هوندي به سويري ئي گهر جي ڪم کي ڇهٽي ويس، ڪالهوڪو سمورو ڪم ختم ڪيم. اڄ چاچيءَ نئين ايجاد ڪئي هئي، چيو: ٽين جو ڪُن چاڙهي ان ۾

سودا ڪار وجهي، ڪپڙن کي ٻڙڪائي ڪپڙا ڌوءِ، اُن وقت اسان وٽ ٻهراڙيءَ ۾ صابڻ جو رواج قطعي ڪونہ هو، سو انهيءَ ڏينهن ڪپڙا بہ ڌوتم، منهنجا ڪجهہ ڪپڙا پڦيءَ جي گهر پيل هئا، اهي ڪٺي آيس ۽ انهي ٻهاني سان پنهنجا لٽا ڌوئي ورتم.

ٻئي ڏينهن گهر جو سمورو ڪم ڪار لاهي ٿانو ٿپي ملي، اسڪول ويس، جنهن جو چاچيءَ کي وهم ۽ گمان بہ ڪونہ هو، ان جي خيال ۾ تہ آئون اسڪول ۾ نہ ويندس، چاڪاڻ جو گذريل ڏينهن آءٌ اسڪول نہ ويو هوس، واپسيءَ ۾ لڪڻ سان چاچي استقبال لاءِ تيار بيٺي هئي ۽ ماني بہ نہ ڏنائين.

اهڙيءَ طرح چاچيءَ جي ذمي صرف، ڏڌ ولوڙڻ ۽ ماني پچائڻ بہ ڪم وڃي بچيا هئا. ٻيو سڀ گهر جو ڪم، مال جي وٿاڻ جو ڪم، بسترا ويڙهڻ ۽ وڇائڻ، گهر جو پاڻي ڀرڻ، (کهي اندر گهر ۾ ڏي هئي) ٻي بہ گهر جي چنڊ ڦوڪ سڀ منهنجي ذميواري هئي.

ٿورن ئي ڏينهن ۾ آءٌ گهر جي ڪم جو ماهر ٿي ويس، مشين وانگر ڪم ڪرڻ لڳس، بلڪ آٽوميٽڪ مشين ٿي ويس، سڀ ڪم ساريل هو، بغير چوڻ جي هڪ ٻئي پٺيان آڪلائيندو هوس، منهنجي مليل ٿانون ٽامي جي ديگڙن، ڪٽ جي وٽن ۽ جست جي چوڙرين مان واقعي منهن پيو ڏسبو هو. آرسيءَ وانگر اولڙو پيا ڪندا هئا. ڪپڙا اهڙا ڌوئيندو هوس، جي ڌوٻيءَ جي

ٻڌاءِ نه هئي. گهر ۾ استري به ٻيل هئي، اگر وجهي ڪپڙن کي استري ڪندو هوس. ٻي به گهر جي ناهه جوڙ سٺي ڪندو هوس جي ڪا سگهڙ عورت به شايد ئي ڪري سگهي، تنهن هوندي به اسڪول روزانو ويندو هوس، ۽ ڪلاس جي هوشيار ڇوڪرن ۾ شامل هوس لک احسان انهيءَ استاد جا، جنهن جي ڪري وقت جي ڪوتاهي پڙهائيءَ تي اثر انداز نه ٿي سگهي، باقي چاچيءَ جو مون سان حساب ڪتاب اهو ئي فقير ۽ ڪتي وارو هوندو هو. چاچيءَ ڇوڪرين کي دپ ته الاهي ڏنا هئا، جنهن جي ڪري واقعي هو ويچاريون مون کان ڊڄنديون هيون، پري ٻيهي ڏسنديون هيون، ليڪن ڪيستائين؟ جيئن ته منهنجو گهڻو وقت گهر ۾ گذرندو هو، ڪم ڪار سان گهر جي هر حصي ۾ ايندو ويندو هوس، سو آخر نينگرين به سمجهي ورتو ته هيءُ ڪو غيبات يا جن نه آهي، جو اسان کي کائيندو. آخر ڪار مون سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ لڳيون ۽ گهائل مائل ٿي ويون، وڏو سبب اهو به هو ته، ٻاهر وڃڻ هنن جو بند هو، گهر ۾ سندن لاءِ ٻي ڪابه وندر نه هئي ۽ آءٌ به عمر ۾ ڪائن ڪو گهڻو وڏو ڪونه هوس. ٿورن ئي ڏينهن ۾ ويچارين سمجهي ورتو ته هن ڳگدام کي ڏينهن جو ماني کاڌه ٿي ملي، سو ڪجهه مانين جا ٽڪر منهنجي بستري جي رلين ۾ لڪائي رکي وينديون هيون، جيڪي آءٌ اسڪول مان اچڻ کان پوءِ ور ۾ وجهي

چڙهندو هوس ڪم به پيو ڪندو هوس ۽ هوريان هوريان چاچيءَ کان لڪائي پيو کائيندو هوس. ڪيترا ئي دفعا وات کي وهندو ڏسي، مون کي پرائو لقب ڏيئي چوندي هئي ته سچ سچ ٻڌاءِ، هي چاپا ڇا جا ٿو ڏيـن، ضرور گهر مان چوري ڪري ڪا شيءِ ڪٿي کائين ٿو. لڪڻ ته مستقل گهر ۾ ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ کان رکيو هوندو هوس. آءُ ته مار کائي کائي نود ٿـي ويس، پر سٿون ويچاري لڪڻ به ڏاڍيون سٺيون، مون وٽ وڏي ۾ وڏو هٿيار چپ هئي، پلي ڇا به ٿي پوي، مات ئي مات، زبان بند، جهڙو تالو لڳي ويو، جهڙو گونگو.

چاچا گهر کان ٻاهر ڪٿي ڇا به پر گهر ۾ سندس حيثيت ثانوي هئي. ڇهه فوٽ قد، سنهيءَ مشين ـسي ڏاڙهي، شهپر وڏا تن جون سنهڙيون پڇڙيون، وٽيل ۽ سهيڙيل سدائين اپاء اڇا ڪپڙا منهنجا ڌوتل گلي ڏنل ۽ استري ڪيل پائي، مغلن جي نموني تي پٽڪو ٻڌندو هو، جهڙو شاهجهان مغل بادشاه کي فوٽو ۾ ٻڌل ڏسبو آهي. هٿ ۾ نيٽ جو لڪڻ ڪڻندو هو، ته واقعي سهڻو ۽ آبائتو جوان لڳندو هو، چار سو ايڪڙن کان مٿي زميندارِي هئس، ڪيترا ئي هٿ هيٺ هاري ناري هئس، جيڪي ٿوريءَ گهڻيءَ ضرورت لاءِ وٽس ايلائيندا هئا. ليڪن اهڙو ڏڳ جهڙو مڙس ٻاهر ڪيهر شينهن وانگر گوڙيون ڏيندڙ جڏهن وڏو دز ٿيي گهر جي اندر پير پائيندو هو تڏهن سندس شهپر پاڻ ئي پاڻ پنهنجي جاءِ

چڱي ھيٺ لھي اچي وات وسائيندا ھئا، ٻاھر سنڌس سائو ھٿ سدائين شھرن تي پيو ڦرندو ھو. ليڪن گھر ۾ مون ڪڏھن به ڪيس مڇ وٽيندي ڪونه ڏٺو، بلڪ آءٌ ته ائين به چوندس ته ڪيس طاقت ئي ڪانه ھئي جو ٽري ھٽي به ڪٽي مڇن کي مٿي ڪري. پنھنجي سڳي چاچي جي گلا ڪرڻ به آھي، پر مان ڪڏي منھن ۾ ھڻُڻ. ليڪن اھا حقيقت آھي ته گھر ۾ اھڙو ھو، جھڙو ڪڪڙ. گھر جي ڪنھن به معاملي ۾ سنڌس عمل دخل نه ھو، گھر جي ھر شيءِ پوري ڪرڻ پنھن جو اولين فرض سمجھندو ھو. ڏينھن جو گھر ۾ تمام گھٽ ايندو ھو، ماني کائي گروڙي به ٻاھر وڃي اوطاق ۾ ڪندو ھو. وري سج لٿي کان پوءِ ڪنھن ضروري ڪم ڪار کان سواءِ ٻاھر نه نڪرندو ھو. مالدار ھئڻ جي ڪري سدائين اون سان سمھندو ھو. ٻه نالي بندوق پاسي ۾ ۽ چار ڇھه ڪارتوس وھاڻي ھيٺان ھميشه ھوندا ھئس. سنجھي مان ڪڪڙ واري جھڪي ھٽي، آڌيءَ کان پوءِ مال جي وٿاڻ ۾ توڙي ڪوٽ جي اندر سڄي گھر ۾ پيو ھلندو ھو ۽ کنگھڪارو ڪندو ھو، نماز روزي سان واھپو گھٽ ھوس. البت جمعي جي نماز ڪوشش ڪري به پڙھندو ھو. بيڙي، سگريٽ، چلم يا حقو ويندي ناس تائين ڪنھن به شيءِ سان واسطو نه رکيائين. مانيءَ کانسواءِ ڪنھن به ٻي شيءِ جو قائل نه ھو. ڳوٺ جي چيڙي نبيري لاءِ اول ته ھن وٽ ڪير ايندو

ڏيئي ڪونہ هئو، پر جي ڪو غريب ڪا دانهن ڪئي
ڪنهن فيصلي لاءِ ايندو بہ هوس، تہ تنهن کي ٺپ جواب
ڏئي موٽائي ڇڏيندو هو. پنجاه ايڪڙن وارا زميندار پيا
سندس ڏي هارين جا فيصلا ڪندا هئا. ليڪن هيءُ انهي
ڳالهہ جو گهورو نہ هئو، چوندو هو تہ مون کي ڪهڙو
لاچار پيو آهي، جو هڪڙن جو پلو ڏئي ٻين کي
ناراض ڪريان. پوليس ٿاڻي، قاعدي قانون کان پاڻ کي
بچائي رکندو هو. باقي جي ڏنائين تہ اڳلو بي ٻڇ يا
بي همت آهي ۽ هن جي بدران ڪو ٻيو بہ وچ ۾ ٽپي
ڪونہ پوندو تہ ان غريب جي هڏ ڏئي ڳهي ويندو. پئسن
ڏاهڻ جي مشين هو. باقي بي عزتيءَ يا خدائي گناه خواه
غريب جي دل ڏکوئڻ جي ڪڏهن بہ پرواه نہ ڪيائين.

چاچو مرحوم پاڻ مري ويو آهي ۽ مون کي مري
هي جهان ڇڏڻو آهي، مرحوم عجوبو هو عجوبو! هاڻي
مون کي چا ملندو، جي مرحوم جي وڏيڪ غيبت ڪري
پنهنجي قيام ڪاري ڪريان.

مرحيات پنهنجي پٽن لاءِ گهڻو ڏئي ڪيو، حلال،
حرام جي اڻ مئي دولت ڇڏي مئو، پر هنن بي همتن
هُن لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪيو، ڪين ڪپندو هو تہ ڪيس
ميڻ لڳائي مٺي بنائي گهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ رکي
ڇڏينس ها خواه ،خواه ضايع ڪري ڇڏيائونس.

چاچي جيڪا مون کي تنگ ڪرڻ جا نيت نوان
طريقا پئي ايجاد ڪندي هئي، تنهن پهريائين مون کي

اُتو ڳوهڻ سيکاريو، پوءِ ماڻي به آڻي پچائڻ لڳس. ڳنڍڻ کو گهر ۾ مهيني ماس چڙهندو هو، تنهن هوندي به آهستي آهستي بورچيخاني جو سمورو ڪم منهنجي مٿي ۾ لڳي ويو، ليڪن ڇوڪرين پنهي جي دلين ۾ مون لاءِ چاهت پيدا ٿي چڪي هئي، سي ماءُ جي منع ڪرڻ جي، باوجود مون سان ڪم ۾ هٿ ونڊائڻ لڳيون، شروع شروع ۾ ته لڪ چوريءَ ۾ پوءِ ته ماءُ جي سامهون به هر ڪم ۾ جُٽ هونديون هيون ۽ تورو گهڻو منهنجي طرفداريءَ ۾ ماءُ سان کهسڻ به لڳيون، پهريائين ته چاچيءَ نينگرين تي سختي ڪئي، پر هو ڪو مون وانگر ڌارين جو اولاد نه هيون. آخر چاچي مجبور ٿي انهيءَ ڳالهه کي نظر انداز ڪرڻ لڳي. هاڻي منهنجي لاءِ وڏي سهوليت پيدا ٿي ويئي هئي. پنهي سوٽين جو مون سان خلوص وڌڻ لڳو ۽ هڪ ٻئي کان وڌيڪ مون کي چاهڻ لڳيون. منهنجي ڪومائيل دل جي مکڙيءَ ۾ نئون ساهه سرجڻ لڳو. گهر ۽ گهر جي هر شيءِ وڻڻ لڳي. رب تعاليٰ آهي، جيڪو حيلا ڪندو آهي تنهن لاءِ وسيلا به پيدا ڪندو آهي. بيشڪ هو عظيم آهي نه ته ڇا فرعون ڇا سندس فرعونيت يعني سندس سخت قاعدا ۽ قانون ۽ وري ڇا موسيٰ سندس ئي گهر ۾ پلجي. ڏينهن ٻن ڪان وڻي مون محسوس ٿئي ڪيو ته چاچي خوش ڏسڻ ۾ پئي آئي. آخر هڪ ڏينهن ساهل ٻڌايو ته ادا جن ناتال جي موڪل تي صبحاڻي اچن پيا، ۽ واقعي ٻئي ڏينهن ٻئي

همراه اچي ويا. مون کي آڻ تڻ اها هجي تہ هنن جو
مون سان رويو الاجي ڪهڙو هوندو سگهو ئي سوٽن جي
منهن مان ئي خبر پئجي ويئي تہ هنن جو رويو بہ ماءُ
جهڙو آهي، هڪ جو نہ پر ٻنهي جو، ڪوشش اها ئي
ڪندا هئا تہ ڪنهن ڪم ڪار لاءِ بہ مون کي منهن
نہ لڳائڻ.

پهريائين تہ مون کي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا.
شايد ڪين اڳ ۾ خبر ڪانہ هئي، هنن جي اچڻ ڪان
پوءِ ماني چاچيءَ پاڻ پچائڻ لڳي.

ساهل ۽ پاڳل مون ڪان جلديون رهڻ لڳيون ۽ پاڻرن
کي چنبڙڻ لڳيون، جيڪا ڳالهہ چاچيءَ لاءِ تہ خوشيءَ
جهڙي هئي، ليڪن مون لاءِ ڏکوئيندڙ هئي. اڪثر ڪري
ٻئي پاڻر گهر ۾ ئي هوندا هئا، پاڻ سان ڪافي ڪتاب
کڻي آيا هئا. واندڪائيءَ وارو سارو ٽائيم ٻئي پاڻر جدا
جدا ڪٽن تي ڪتابن کي چهٽيا پيا هوندا هئا، جن مان
پانيو پئي تہ همراهن جو پڙهڻ سان چاهہ آهي. ڪپڙي
لتي، منهن مهاندي مان بہ نواب ٽي لڳا. پوري عرصي
۾ جيتوڻيڪ مون کي ڏناڏون ڪونہ تہ ڏکوياڏون بہ
ڪونہ آخر پندرهين ڏينهن واپس رواٽا ٿي ويا ۽ مون
الاجي ڇو دل ۾ خوشيءَ جي لهر محسوس ڪئي، دل
۾ چيم تہ خوش هجو پر ايڏانهن هجو.

يوسف ۽ مبين جي وڃڻ ڪان پوءِ فضا وري معمول
تي اچي ويئي. گنگا ساڳئي رخ سان وهڻ لڳي، بلڪل

هر ڏينهن هڪ جهڙو، چاچيءَ وٽ ڳوٺ جي ڪا پوڙهي ڀڪي ايندي هئي سا به ورلي نه ته جهڙو هيءُ ڳهر ڳوٺ کان ئي ٻاهر هو. ٻاڻ به ڳوٺ ۾ شاديءَ يا غمي تي مختصر ويندي هئي سا به رات جو. جيئن ته چاچي هتان جي ڪانه هئي، ڳوٺ کان ٻاهران پرڻجي آئي هئي ڳوٺ ۾ سندس ڪو مٽ مائٽ ڪو نه هو جو وٽس اچي بلڪ سندس ڪي ويجها مائٽ هئا ئي ڪونه . وري سندس طبيعت به اهڙي سخت هئي، اهڙي ڪا وٽس دل ئي ڪانه هئي جو پرايا پنهنجا ڪري وجهي. تنهن کان سواءِ ڳوٺ جا ماڻهو جيتوڻيڪ ڪين چئي تئي سگهيا ته به چاچا جي گهر کي غاصب سمجهندا هئا، ۽ هوندئن به ڳوٺ جو اهڙو ته رواج هو جو بنان ڪنهن ڪم ڪار جي عزيزن کان سواءِ عورتون ٻئي ڪنهن جي گهر نه وينديون هيون.

ساهل ۽ پاڳل جي چاهت مون لاءِ وڌندي رهي ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ هو ٻئي مون سان محبت ڪرڻ لڳيون. وقت جي رفتار سان سندن محبت ۾ پختگي ايندي ويئي. سندن پاڻ ۾ به ڏاڍو قرب هو. هڪ ٻئي جي پٺ جون هٿڻ ڪري به منجهن ڪوبه ساڙ يا حسد ڪونه هو. اسان ٽنهي جو هڪ قسم جو گروپ هو. اسان جي ڳالهائڻ ۾ سنهڙا ٽهڪڙا ۽ هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ وقت مسڪراهٽون پيدا ٿي چڪيون هيون. گهر جو به گهڻو ڪم پاڻ ڪرڻ لڳيون ۽ ڪوشش ڪري

مون کي اسڪول لاءِ تائيم پيدا ڪري ڏيندڙيون هيون هنن جي ئي شهر تي هاڻي مون ڪتاب به گهر ۾ آڻي رکيا هئا. رات جو ڇهني باري پڙهندو هوس. ليڪن اها منهنجي سچي محنت انهيءَ وقت مون کي ضايع محسوس ٿي جڏهن منهنجي محبوب استاد جي محنت ۽ جفاڪشي ۽ منهنجي دل جي حسرت، واريءَ جو ڪوٽ ثابت ٿي، جڏهن منهنجي ڪلاس جا ڇوڪرا سنڌي فائينل جي امتحان ڏيڻ لاءِ حيدرآباد روانا ٿي ويا ۽ مون کي چاچي نه ڇڏيو، زال جي چوڻ تي مون کي چيائين ته جيڪڏهن هرويرو به هليو وئين، ته وري هن گهر ۾ نه اچجانءِ. جيڪا ڳالهه مون لاءِ اڄ ته اڳ ڪان به ڳري هئي. اهڙي طرح ٻين غمن وانگر اهو غم به مون پنهنجيءَ ورائي ڇڏيو.

هاڻي منهنجي عمر ڇوڪرائي حد ڇڏي جوانيءَ جي سرحد ۾ داخل ٿي چڪي هئي. ڏونرا ۽ رانون پڙجي مضبوط ٿي چڪيون هيون. جيئن ته منهنجا ناناڻا يورپين هئا ۽ ڏاڏاڻي آڪهه وارا به ڪي ڪنا ڪچرا ڪونه هئا، انهيءَ ڪري منهنجي جسماني ساخت جوانيءَ ۾ بالڪل اعليٰ نموني سان آپري آئي. گنگا ۽ جمنا جي سنگم هئڻ سبب، مرداني حسن ۽ وجاهت ۾ تر جيتري به گهٽتائي ڪانه هئي. جيئن ته منهنجون پٺي شوتيون مون سان هر ڳالهه ۾ پاڻهن پيلي ۽ پيڙيون هيون، ان ڪري ڪاڏي پيٺي جي ڪا ڪمي ڪانه هئي. گهر جو سمورو

ڏنڌو ڪم پاڻ ڪرڻ لڳيون هيون، ان ڪري چاچا
جن حاڪو ميهار ڪي ڪڍي ڇڏيو هو ۽ مال جو
سمورو ڪم آءٌ ڪندو هوس. ڌڻ ۽ واڙڻ سڀ منهنجي
ٻلي هئا. چاچيءَ جي اسان جي سنڱ ڪري اها حيثيت
ڪانه هئي انهيءَ ڪري ڏوڌ ۽ ولوڙ به اسان جي ذمي
هو، ان ڪري کير ۽ مکڻ مون کي ضرورت آهر
ملندو هو.

وقت جي رفتار ساهل ۽ پاڳل جي جسماني ساخت
۾ وڏي تبديلي آندي هئي، عمر جي ڪري به هو
ڇوڪريون نه رهيون هيون. الله تعاليٰ کين به حسن سان
نوازيو هو. ٻئي حسين هيون. پاڳل عمر ۾ ساهل کان
ڪي ڪجهه ننڍي هئي پر هڏ ڪاٺ ۾ وڏيءَ ڀيڻ
کان وڌيڪ ايري آئي هئي. ڏسڻ ۾ ڪير چئي نٿي
سگهيو ته ڪا ننڍي هيءَ آهي. سڙيل هڏن جي هوءَ
به ڪانه هئي، پر ٿلهي هوندي به هيءَ سوا هئي. ٻئي
علحده علحده حسن جو اعليٰ نمونو هيون.

هاڻي مينهون انهن ڏورن مان وڏي ڀاڱيتاليهه ڏور اچي
ٿيا هئا، جهڙي گوهر ٿي ويئي هئي. مال کي جهنگ
چارڻ لاءِ چاچا وري هڪ ڏنار رکيو هو. منهنجي ذمي
مال جو گاهه، ڏوڌ ۽ وٿاڻ جي صفائي هئي، هاڻي گاهه
جو ڪم پرين مان تپي آنن تائين اچي پهتو هو. ڳوٺ
جي پر واري ڏاڏاڻي ٻني گهٽو ڪري گاهه جي ٻلي هئي.
به ـــ ٽي آنا گاهن جا هٿ جي مشين تي ڪتر هڻڻ

ڏڪائيندڙ ڪم هو. پر اهو ڪم ٻه ساهن ۽ پاڳل جي ڪري مون لاءِ آسان ٿي پيو ٻئي پيرون منهنجيءَ دل ۾ وڏيڪ جاءِ پيدا ڪرڻ لاءِ وٺاڻ ۾ لنگهي اينديون هيون. گنديل سان مٿي کي ٻڌي اچي پهريائين مشين جي ٻنهي پاسن کان بيهي مشين ۾ گاه جي مٺ ڏينديون هيون ۽ آءٌ اچي مشين کي وهائيندو هوس. اڌ گاه ختم ٿيڻ کان پوءِ پاڻ ٻئي اچي مشين کي وهائينديون هيون ۽ آءٌ مشين ۾ گاه ڏيندو هوس. سندن منهن مان وهندڙ پگهر ۾ عجيب ڪشش ۽ خوشبوءِ هوندي هئي. حالانڪ اهو ڪم مڙسن کي زيب ڏيندو آهي پر هنن منهنجيءَ محبت ۾ نسوانيت ۽ نزاڪت کي ڇڏي مون سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪيو، منهنجي منع ڪرڻ سان ٻه مال جي گاه پٺي ۾ ڇهٽيون پيون هونديون هيون. گهر جو خواه مال جو ڪم ختم ڪرڻ کانپوءِ سٺا ۽ دلپسند ڪپڙا پائي ڪونجن وانگر ڳاٽ ڪڍي هاڻ ۽ لامارا پائڻ مون کي نهوڙي نيڻ جي برابر هو. واقعي ان وقت احساسن ۽ جذبن کي دٻائڻ يا ڪنٽرول ڪرڻ منهنجي لاءِ ڏکي ڳالهه هئي. ٻن سڳين جوان ڀينرن جي هڪ مرد سان محبت ڪرڻ ۽ دل و جان سان چاهڻ، وڏي ڪشمڪش ۾ وجهندڙ ڳالهه آهي.

ٻنهي جي مون سان محبت هڪ ٻئي کان وڌيڪ هئي ۽ هر وقت هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ لاءِ سوچيندڙيون رهنديون هيون. ٻال جتيءَ واري محبت جوانيءَ چڙهي

هئي، منهنجي لاءِ ٻنهي مان هڪ کي پسند ڪرڻ ۽
ٻيءَ کي رد ڪرڻ ناممڪن هو. اهڙي ڪابه خامي يا
ڪوتاهي ڪنهن هڪڙي مان ڏسڻ ۾ نه اچي رهي هئي
هئي، حيرت انگيز ڳالهه اها هئي جو ٻنهي ڀينرن جو
هڪ ٻئي سان قرب به مثالي هو. مون ڪڏهن به ڪين
ٻڌڻ ۾ تکو ڳالهائيندي به ڪونه ڏٺو ۽ نه وري ڪڏهن
ائين ٿيو جو هڪ مون سان ڪلي ڳالهائي رهي آهي ۽
ٻي منهن کي ڳاڙهو ڪيو پري بيٺي آهي ائين به نه
هو. تنهن هوندي به جيئن آءٌ عجيب ڪشمڪش ۾
ڦاٿل هئس ته هُو ڪيئن نه هونديون، ليڪن سڀڪو
حالتن جي وهڪري سان وهي رهيو هو. منهنجي عمر
ان وقت ارڙهن- اوڻيهه ورهيه هئي ۽ هو به الهڙ جواني
۾ هيون. تنهن هوندي به ائين ڪڏهن به نه ٿيو جو
ڪابه ڀيڻ اڪيلائيءَ ۾ مون وٽ آئي هجي ۽ مون ڪا
سائس ڇيڙ ڇاڙ ڪئي هجي يا هن نويڪلائي ڏسي اڳتي
قدم کنيو هجي ۽ نه وري مون ٿي ڪين جدا جدا بيوقوف
بنائڻ جي ڪوشش ڪئي. باقي صاف ظاهر هو ته هنن
ٻنهي جي ماءُ، پيءُ، گهر گهات خواه پاڙين يا ڪنهن
ٻي شيءِ سان ڪابه دلچسپي ڪانه هئي، هر وقت منهن
جو ٿي طوفان سندن سر ۾ سمايل هو. اهڙيءَ طرح
مون سان به ساڳي حالت هئي. گهر کان ٻاهر همعصر
ڇوڪريون ته ٺهيو پر پرڻيل عورتون به مون کي ڏسي
ٿڌا شوڪارا ڀريندڙيون هيون، ڪڏهن بغاوت سان

ڇريل لفظ به سندن وات تي ايندا هئا، ڪڇن تي دل
هوندي ۽ گاهه جون پريون مٿن تي هونديون به بيهي مون
ڏي مسڪرائي نهاريندي هيون، ليڪن مون ڪڏهن
به ڪنهن ۾ دلچسپي نه ورتي.

هوڏانهن چاچا جن به ڪي اناڙي ڪونه هئا، سندن
نه زماني ۽ زماني جي رفتار تي ڪرڙي نظر هئي. تن
مبين کي پڙهائي ڇڏرائي ورتي. مبين بي- اي جو امتحان
پاس ڪري ورتو هو، ان ڪري چاچا چيس ته هاڻي
تون ڳوٺ ۾ رهه ۽ زمينن جي سڏ سنڀال ڪر، ٻنهي
ڀائرن مان ته هڪ ڪي ته هونءَ به گهر ۾ رهڻو هو.

مبين جو ڳوٺ ۾ رهڻ، اسان لاءِ وڏي مايوسيءَ
جي ڳالهه هئي. پاڻ گهڻو وقت ٻنين تي گهر کان ٻاهر
گذاريندو هو. تنهن هوندي به گهر جو ڀاتي هو، گهر
جي فضا ۽ ماحول ڪانئس ڳجهو نه رهي سگهيو. ڀاءُ
جي اچڻ کان پوءِ ڀينرن به ڪافي سنجيدگي اختيار
ڪئي، ليڪن هو صرف محبت ڪندڙ چپ بند ڪري
سگهيون ٿي پر اکيون نٿي بند ڪري سگهيون. آخر
هڪ ڏينهن ساهل مون کي چئي ڏنو ته ظالم! هاڻي ڇا
ٿيندو. الاجي ڇو ڪجهه ڏينهن کان منهنجي دل لاشعوري
طور تي پريشان آهي. جيئن ته ڪيترن ئي سالن کان
ساهل مون کي ظالم چوندي هئي ۽ پاڳل مون کي
ٻالم چوندي هئي. ٻنهي ڀينرن کي چڙ محمود نالو
ايندو ئي ڪونه هو. ٿيو به ائين، چاچا جن کو سٽل

اڳي ٿي ٿاهي چڙهيو هو، سو هڪ ڏينهن صبح جو سوير چاچا وٿاڻ ۾ آيو ۽ مون کي چيائين ته، مال گهٽو ٿي ٿي ويو آهي ڳوٺ ۾ بدڻ چوڙڻ ڏکيو ٿي پيو آهي، ۽ ٻڪين مينهن، ٿهاڻين ۽ وڇين تي گاهه ۽ کاڌي جو گهاٽي ڀڳو خرچ اچي ٿو، ان ڪري سوائون مينهون اتي چڏ باقي ٻيا ڏور ڪاهي هل ته توکي ٻيلي ۾ خاصخيلين جي وٿاڻ تي چڏي اچان، اتي عبدالله خاصخيلي منهنجو دوست آهي توکي ٻچن وانگر پاڻيندو. هتي جي گاهن ۽ ڪترن کان ٻه چٽي پوندين، توکي اتي ڪا به تڪليف نه ٿيندي.

سمجهي ته آءٌ به ويس ته هي ڳيهه مان مڪ ڪڍي اچلي ٻئي وڃي، ليڪن آءٌ چا ٿي ڪري سگهيس. دل جو سور سڀ دل ۾، آلوڙيون سوائون مينهون ۽ انهن جا ڦر چڏي، سڀ مال ٻيو ڏکي جڏهن وٿاڻ مان ٻاهر ڪڍيم ته مينهن ۾ رنيون پٺجي ويون، سڀ هڪ وڳر جون هيون. گڏ چنيون ۽ پليون هيون، تن ۾ دانهو دانهن پٺجي ويئي. ٻئي طرف گهر ۾ به شايد خبر هئي جو ساهل ۽ پاڳل ٻئي ڏکويل ٻوت ڪري، اکين ۾ پاڻي ڪري اچي وڏي در وٽ بيٺيون هيون، مون به هڪڙو دفعو منهن مٿي ڪري ڪين ڏٺو ۽ دل ۾ چيم ته ماڻهو چا ٿو ڪري سگهي.

ٻيلو ڳوٺ کان چار ميل پري هو ۽ اڌ ميل کن وٿاڻ پچاءَ ٻند کان اندر هو. اسين جڏهن مال ڪاهي

وڻاڻ ۾ پهتاسون ته چاچو عبدالله حقو ٺيڪيو وڻاڻ ۾ ويٺو هو، چاچا مون سان گڏ هو. خوش خير عافيت کان پوءِ خبرون پڇاياڻينس ته هيءَ مال ۽ چوکرو هتي ڏهه وت رهندا. مال جي پارت اٿئي، ڪوشش ڪري مال کي صبحاڻي ئي ڏنيرائـي چڏجان، چوريءَ چڪاريءَ جو خيال ڪجانءِ. ٻه ـ ٽي ڪانگهاريون مينهون اٿئي، انهن جو کير مکڻ تنهنجي ٻلي آهي. چاچا عبدالله اٿي ماني پچائي، چاچا ته کائڻ کاڌي ۽ ويـو هليو، باقـي مون کي مکڻ سان گڏ ماکي به ڏنائين جنهن سان مون ماني کاڌي. پوءِ لڳو ڪچهري ڪرڻ ۽ ٻيلي ۾ مال ڪيئن چارجي ان بابت سمجهاڻڻ لڳو.

چاچو عبدالله به عجيب ماڻهو هو، منهنجي لاءِ انوکي دريافت هو. ڪارو ڪڻ جهڙو، ڪارا وار ڏگها، زالن جي وارن جيڏا، تن کي ورائـي ڪاري پٽڪي هيٺان ڏئي چڏيندو هو، ڪارا ڪپڙا پائيندو هو، اڇي ڪهاڙي هر وقت ڪلهي تي يا هٿ ۾ هوندي هيس. وڻاڻ ۾ اچڻ کان پوءِ ڪهاڙي کي مٿي پيهي ۾ ٽنگي ڇڏيندو هو. رات جو پاسي کان رکي سمهندو هـو، ڪهاڙيءَ جي ڳن کي رڱي ڪارو ڪندو هو. ڪاري رنگ سان دل هوندي هيس. وٽس ڪهاڙي اڇي، اکيون اڇيون، ڏنـد اڇا جهڙا کير، ۽ دل جو اڇو جـوان هو. سـون کي ڀهرين ڏينهن کان پنهنجي ٻچن جهڙو پائيندو هو. ڏگهو مڙس ڇهه فوٽ کن هو، پنجاه ـ پنجونجاه جي پيٽي ۾

هو، ليڪن ڦڙتي ۽ همت خــواه طاقت جوانن جهڙي هيس. هڪ ڏينهن ڪارن ڪـپڙن بابت پڇيــو مانس ته چيائين بابا، ٻٽيهن سالن جي عمر جو هوس ته پهريائين ٻه پٽ ۽ پوءِ زال گذاري ويئي، تنهن ڪان پـوءِ اهـي ڏينهن ۽ هي ڏينهن شايد سڄي حياتي ڪارن ڪپڙن ۾ گذري وجي. وٽس ان وقت ٻه اسي ڪن ڳئون هيون، ڇهه ڀاڏر هئس سيئي جيئرا ٻچن ٻارن وارا هيءُ سيني ۾ وڏو هو، سڀ ڀاڏر، ڀـائيٽيا عــزت ڪندا هئس ۽ وڏو ڪري مڃيندا هئس، هر ڳالهه يا فيصلي لاءِ وٽس ٻيلي ۾ ٻوڙي ايندا هئا، سوا ڍور ڳوٺ ڀاڏرن ڪي کير لاءِ ڪاهي ڏئي ايندو هو ۽ باقي مال ٻيلي ۾ وٽس هو. چور چڪار يا لوسيءَ لڙي ڪي طاقت نه هئي جو وٽان سان گهندي ٻه ڏئي لنگهي. زال سان واقعي ڪو عشق هوس ٻينن جي جوڙي هيس، رات جو آڌيءَ ڪان پوءِ ويهي وڃائيندو هو، اڪيون بند ڪري ڇڏيندو هو، بند اکين جي ڪنارن ڪان زار زار پاڻي وهندو هوس، ڇؤ ته ايترو روزانو اڇي ڪتان ٿو. صبح شام ٻه ويــلا، ذڪر جي ٽوپيءَ تي چار مانيون ٽلهيون پچائيندو هو. هڪ هڪ اسان لاءِ ۽ ٻه مانيون سندس ڪتا هئا انهن کي ڏيندا هئاسون. صبح جو سويري ڏڌ ولوڙڻ ٻه سندس ذمي هو باقي مال هو پنهنجو ڏهندو ۽ آءٌ پنهنجو ڏهندو هوس.

سال ڪن جي اندر ٻيلي جـي هــر اوچ نيچ ڪان واقف ٿي ويس، سڄيءَ جوءِ جي خبر پئجي ويئي. انهن

ڏهين ڏينهن چاچو چار پنج سير مکڻ جو زوريءَ ڏيندو
هو ته کٽي وچي شهر ۾ کپائي خرچي کاپاري ڪريان.
ماکين جي موسم ۾ ماکيون به لاهسي، شهر ۾ کپائي
ايندو هوس، جنهن مان گندي ڪپڙو ۽ ٻيون ضرورت
جون شيون خريد ڪري ويندو هوس، جنهن ۾ مون
هڪڙي لوڙهه، لوهي پٽن سان خريد ڪئي هئي، جنهن
جي مٿان پيچ چاڙهي چڙهيو هئم. تمام مضبوط لوڙهه هئي
۽ هر وقت ساڻ کڻندو هوس. ٻيلي ۾ اچڻ کان پوءِ
منهنجو شوق شڪار سان رهيو. هڪڙو ته ربڙ جي
گلول ناهي انهيءَ سان پکي شڪار ڪندو هوس، جنهن
۾ آهستي آهستي نشانو اهڙو ته پڪو ٿي ويو هو، جي
پکي مٿيءَ جي گوليءَ مان بچي ڪونه سگهندو هو. گلول
سان گهڻو ڪري منهنجي وندر تترن مارڻ تائين هوندي
هئي ۽ ٻيو هو چاريءَ سان پٺي تي سها مارڻ، جنهن
۾ وٽاڻ جا ٻئي ڪتا به شامل هئا، جيئن ته ڪتو شڪاري
جانور آهي، مون کي شڪار سان شوق هوندو هو،
ان ڪري ٻئي ڪتا جهڙو سڄو ڏينهن مون سان گڏ
هوندا هئا، هڪڙو بلغار نالي سان ديسي ڪتو هو ۽
ٻيو موتيءَ نالي سان به سرو بلتري ڪتو هو. بلغار
ڳرو صفا گڏهه جهڙو ۽ موتي قد ۾ ٿورو ننڍو هو ٻنهي
جا ڪاپار وڏا، شينهن ڪتا هئا. کاڌي پيتي جي ڪ
ڪمي ڪانه هئي مکڻ ۽ شڪار جو گوشت اوڙ تي
هوندو هون، مون سان ايترو ته نهي ويا هئا جو منهنجو

هر اشارو يا ڳالهائڻ سمجهندا هئا، جڏهن آءٌ ڳوٺ يا شهر ويندو هوس تڏهن ڪين منع ڪري ويندو هوس ته ٻاهر ڪير به نه نڪري، اهو سڄو ڏينهن وٿاڻ ۾ هوندا هئا.

جيئن ته آءٌ پيلي ۾ هوس پر منهنجي دل ڳوٺ ڦاٿل هئي، ان ڪري انهيءَ بهاني ڳوٺ ويندو هوس. جيئن ئي وڏي در مان منهن ڪيندو هوس تيئن ٻئي اچي ڀيرو ڏينديون هيون. سندن ڪوماٽيل منهن تي ساوڪ اچي ويندي هئي. ساهل چوندي هئي ته ظالم ايترا ڏينهن ڇو ٿو لائين. سگهو سگهو ايندو ڪر. ته ٻوري ٻاڪل چوندي هئي ته بالم ائين ته اسان کي ماري وجهندين، تون ته مرد آهين، گهمي ڦري به وقت پاس ٿو ڪرين پر اسين ٻنهين جو ڪاڄ تنهنجي ئي ڏي تي جيئريون آهيون، ائين نه ڪر بالم سگهو سگهو ايندو ڪر حياتيءَ تي ڪو ڀروسو نه آهي، هڪ ٻئي کي ڏسي ته آساس ڪريون. اهڙي طرح گهڻو وقت سندن شڪايتن ۾ گذرندو هو، تنهن کان پوءِ مون کان پيلي جي زندگيءَ بابت گسڻ پسڻ بابت، ڏکن تڪليفن بابت پڇا ڳاڇا ڪنديون هيون. ڇاڇا جن به مون کي بغير زهر جي ڪيڙو سمجهي اسان کي بالڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. ان جو اهو به سبب هو ته هنن کي مون مان اڄ تائين ڪو به نقصان نه رسيو هو، ۽ شايد سندن دماغ ۾ ڪي اسڪيمون به هيون، ان ڪري، منجهائن ڪو به اسان کي ڪين ٽوڪيندو هو ۽ اسين

پھرن جا پھر ڏکن جي متا ستا ۾ رڌل هوندا هئاسون، ۽ آخرڪار منهنجيوچڙ مهل پنهي جي منهن تي اداسي ۽ اکين ۾ آگم هوندو هو.

شام جو ٽائيم هــو، مال آهستي آهستـي واڙن ۾ داخل ٿيندو پئي ويو ته چاچو عبدالله آيو ۽ سون کي چيائين ته پٽ، ڪتا پئي ٻڌي ڇڏ، جوءِ ۾ بگهڙن باگهاڙو ڪيو آهي، هڪڙي باگهاڙي آهي، شايد چار – پنج بگهڙ ۽ بکرائي رندن جو شينهون ڪتو به شامل اٿن، ڪتي جي شهه تي بگهڙ ماڻهن سان وڙهن ٿا. پاڻ ڪڏهن انـدر آهيون ڪڏهن ٻاهر، ديا رات جــو پاڻ ستا پيا هوندا آهيون متان پنهنجا ڪتا ئي ٻاهر نڪري پون ۽ مارجي وڃن ان ڪري هنن کي ٻڌي ڇڏ. سون ڪلي چيومانس ته چاچا عقل ڪيڏانهن ويو اٿئي، ڪتن جي خبر اٿئي ته سون ڪان سواءِ ٻاهر مور ڪونه وڃـن، باقي ڪتن کي ٻڌي ڇڏيون ۽ اوچتو پورو باگهاڙو پنهنجــي غير موجودگيءَ ۾ وٿاڻ ۾ ڪاهي اچي ۽ ٻــڌل ڪتن تي حملو ڪري ڏي، پوءِ پنهنجــن ڪتن سان ڇا ٿيندو؟ اتي نراڙ تي هٿ هڻي چيائين ته، ابا واقعي پوڙهو ٿي ويس، هاڻي آها مت نه رهي آهي.

هڪ ڏينهن دستور مطابق گوٺ ويس، وڏو در ٽپي جڏهن اندر داخل ٿيس ته، منهنجي نظر سڌو ساهل تي پيئي منهن ۾ اکين ٿي پاڻيم ته رت جو ڦڙو به ڪونه هوس صفا پيلا ڏيئي ويئي هئي، اکيون سندس به در ۾ ڪتـل

هيون، شايد منهنجو ئي انتظار هوس. وڏي اڇي پر ورتائين، اهو پهريون دفعو هو جو پاڱل ساڙس گڏ نه هئي، پڇيومانس ته پيڻ ڪيڏانهن ويئي اٿئي ته، صفا چلڪي پئي اکيون اگهندي چيائين ته ويهه پڌايانءِ ٿي. پاڱل کي اڄ صبح جو بابا حيدرآباد وٺي ويو آهي، وڃڻو ته امان کي هو ليڪن هوءَ الاجي ڇو ڪانه ويئي. حيدرآباد مان اسان جي مائٽن مان منهنجي پاءُ سبين جي شادي ٿي رهي آهي، انهيءَ بدي ۾ سون کي حيدرآباد پيا ڏين، شايد ڳالهه پڪي ڪرڻ ۽ ڪجهه خريداري ڪرڻ لاءِ بابا پاڱل کي وٺي ويو آهي. ظالم! انهيءَ ڳالهه جو شايد توکي احساس نه آهي ته آءٌ توکي ڪيترو چاهيان ٿي. تون ئي منهنجو جند، جان آهين، سوٽ ۽ جگر به آهين، منهنجي ننڍپڻ کان توسان محبت آهي. رڳو منهنجي نه پر پاڱل جي به توسان ايتري محبت آهي. تون هن کي چاهيندو هئين ۽ آءٌ هن کي تنهنجي محبت سمجهي چاهيندي آهيان، اهڙيءَ طرح هوءَ بہ مون کي تنهنجي محبت سمجهي پيار ڪندي آهي. اسان کي اها پڪ هئي ته اول ته بابا اسان مان ڪابه پيڻ توکي شادي ڪري نه ڏيندو، تون اسان مان ڪنهن به هڪ کي، يا اسان مان ڪابه هڪ توکي ڪڏهن به حاصل نه ڪري سگهندي، ليڪن اسان انجام کان بيپرواه ٿي توسان محبت ڪئي. اسان هن کان اڳي بنهي ڀينرن تنهنجي متعلق ڪڏهن به پاڻ ۾ نه ڳالهايو هو، جو

ڪجهہ بہ هو هر ڪنهن جي دل ۾ هو. ليڪن رات ياڳڻ مون کي چيو تہ اگر بالم همٿ ڪري توکي پنهنجو ڪري سگهي تہ آءٌ توهان سان هر سدد ۾ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، هاڻي جيڪڏهن تو ۾ ايتري همٿ آهي تہ پڌاءِ. سڄي عمر تنهنجي خادم ٿي رهنديس، ڪجهہ بہ ڪانہ طلبينديس، مون کي امتحان ۾ نہ وجهہ، مون کي بچاءَ.

مون چيومانس تہ چوين تون بہ سچ ٿي، هن وقت پنهنجي محبت قرباني گهري رهي آهي، ليڪن آءٌ ڇا ڪريان، منهنجا نہ ڪي مائٽ آهن، نہ دوست، ۽ نہ واقفڪار، توکي وٺي وڃان تہ ڪٿي تنهن کان سواءِ تنهنجا مائٽ پئسي وارا آهن ۽ مون کان وڌيڪ اثر ٿا رکن بلڪ هنن جي اڳيان تہ آءٌ ڪجهہ بہ نہ آهيان، توکي وٺي وڃڻ سان توکي ۽ مون کي سواءِ خواري جي ڪجهہ بہ نہ ملندو. هاڻي مون کي پڪ ٿي ويئي آهي تہ آءٌ پيدائشي بدنصيب آهيان. دنيا جي ڪهڙي بي عزتي آهي جا منهنجي نہ ٿي آهي، دنيا جو ڪهڙو غم آهي جو مون نہ ڏٺو آهي ۽ نہ سٺو آهي؟ هر موقعي تي آءٌ مجبور ۽ بيوس رهيو آهيان! جنهن مان آسمان ئي خفا هجي اهو ويچارو ڇا ٿو ڪري سگهي.

سڏڪا ڀريندي مون کي چيائين تہ، اسان توکي پنهنجو مظلوم سوٽ سمجهي تو سان محبت ڪئي، هر ويلي هر طرح جون قربانيون ڏنيون، تون مرد آهين،

جوان آهين، آءٌ به تو سان پڌل آهيان. الله جي دنيا وڏي آهي، آءٌ نٿي سمجهان ته ڪا دنيا پاڻ لاءِ ايترو تنگ ٿي پوندي- بي ڪا ڳلي نه آهي صرف همت ڪر.

مون ڪي جواب نه ڏيندي، ڏسي آخر ۾ چياٿين ته ظالم تون ته ڪو وڏو بي وفا آهين، بي همت ۽ بيغيرت به آهين ونيون ۽ ٻنهون مرد نه ڇڏيندا آهن، آئون ته هنجو ئي حق آهيان، سچي تنهنجي ملڪيت منهنجا مائٽ ڪِرڪايو ويٺا آهن، ليڪن توکي اچا به صبر، هيءَ ته مهلون هرنديون آهن مرڻ ۽ مارڻ جون تنهن هوندي به مون تو سان محبت ڪئي آهي تنهن ڪي هر صورت ۾ نباهينديس، ڪهڙو به آهين پر منهنجو آهين آءٌ ضرور توتي قربان ٿينديس. ٿي سگهيو ته مرڻ کان اڳ هڪڙو دفعو منهن ڏيکارجانءِ. ائين چئي اٿي ويئي ۽ آءٌ به واپس هليو آيس. ٽن ڏينهن کان پوءِ امير بخش ڳوٺان آيو هو، منهنجو ڪلاس فيلو هو، پهرين درجي کان وٺي ستين درجي تائين گڏ پڙهيا هئاسون، تنهن ٻڌايو ته ڪالهه حيدرآباد وارا آيا هئا ۽ ونهه ٻڌي ويا آهن، پهريائين شادي اهي ٿا ڪن، تنهن کان پوءِ مبين جي شادي ٿيندي، ائين چئي هو ته هليو ويو، ليڪن منهنجي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪي ويو.

رات ٿي پهر گذري چڪي هئي، چاچا عبدالله دنيا وما فيها کان بيخبر بينن تي ڏنون آلاپي رهيو هو. آءٌ پنهنجي بيوسيءَ تي رت جا لڙڪ روئي رهيو هوس هيءَ ڇهين رات هئي جو مون هڪ منٽ لاءِ به اک

نہ پوري هئي، جيتوڻيڪ اونهاري جي ڏکڻ کان تيز هوا پئي لڳي ان هوندي بہ ننڊ نہ پري رهي پر جهڙو ٿانڊن تي ڦٿڪي رهيو هوس. رهي رهي اڌما پئي آيا، تہ اڄ ڏينهن جو منهنجي محبت جو جنازو نڪرندو، ۽ منهنجي محبت مون کان هميشہ لاءِ جدا ٿي ويندي آءٌ چايس ڏي چوا! هن پريءَ دنيا ۾ منهنجو ڪير بہ نہ آهي جو منهنجي مدد ڪري! اوچتو ڀهريائين ڪتي جـون بہ ڀؤنڪـون ٿيون، تنهن کان پوءِ ٻگهـڙن جا گيرٽ ٿيا، تنهن کان پوءِ زناني آواز ۾ بہ ٿي هاڏوڪي ڏاريندڙ دانهون ٿيون. چاچي بہ بيئون بند ڪري کهاڙي کڻي ۽ مون بہ لوڙهہ ڪٺي هٿ ۾ ڪئي، ٻنهـي ڊوڙ پائي ڀهو ورتو. ڪتا اسان کي ڪتـن ٽاڻ لهندي ڏسي ڏي وٺاڻ چڙي چڪا هئا. دانهون اپرندي پاسـي کان آيون هيون، اڳ ۾ آءٌ ۽ پنيان چاچو ڊوڙندو آيو. اڃا بہ اناس پنڌ جا مس ڊوڙياسون تہ جاءِ واردات تي پهچي وياسون، چانڊوڪي رات هئي. بلغار، ٻڪرائين جي شينهين ڪتي سان نرين پيل هـو، ٻئي ڪتا ڀورين ٽنگن تي بيٺل هئا. سندن وات هڪ ٻئي جي ڪنن ۾ هئا، اکيون بہ شايد ٻنهي جون بند هيون، ۽ موتي هڪڙي ٻکهڙ کي هينان ڪيو پيو هو. ڀهي جي وچ ۾ هڪ عورت جو لاش پيل هو، هنڌان هنڌان سندس ڳاڙها ڪپڙا ڦاٽل هئا، ڦٽيل بہ هنڌان هنڌان هئي. سندس رت ريلا ڪري پئي وهيو، مون وچڙ شرط لاش کي مٿي کان وڌي،

گوڏن تي ڪيم ۽ جڏهن غور سان ڏانهنس نهاريم، تڏهن منهنجي ڪيھ نڪري ويئي. اها ساهل هئي، منهنجو ساهہ هئي. ٻانهن ۾ هٿ وجهي نبض ڏٺي مانس تہ آهستي آهستي هلي پئي. مٿي کي ٿورو ڏوٽي ڇيو مانس ساهل تو هيءُ ڇا ڪيو، واقعي آءٌ ظالم آهيان، تنهنجو قاتل آهيان، بي غيرت آهيان، تو تہ پنهنجي جان عذابن کان آجي ڪئي پر آئون بدنصيب ڪيڏانهن وڃان. ڪيس شايد ان وقت بيهوشي هئي ۽ ڪجهہ ٻساهہ هئس، اکيون کولي ڦهريائين مون کي ڏٺائين، ڀوءِ زبان ڇپن تي ڦيرائي، غمگين مسڪراهٽ سان مون کي چيائين تہ ظالم! تون ڪتي آهين، منهن ڏيکارڻ بہ ڪونہ آئين. اچين ها تہ هڪ ٻئي کان موڪلايون ها، بخشايون ها .... اهو سڀ ڇچرائي ڇچرائي ساهين سان چيائين. هاڻي مون کي معاف ڪجان، پاڳل جي پارت اٿئي. ائين چئي، هچڪيءَ سان اکيون هميشہ لاءِ بند ڪري ڇڏيائين. چاچو عبدالله اچڻ شرط ڪتن کي ڇڏائڻ ۾ لڳي ويو، آخر بکرائين جي ڪتي کي ڪهاڙين سان وڍي ڇڏيائين تنهن کان پوءِ بلغار بہ مٺل ڪتي مان وات ڪڍيو ۽ ٻئي ڪتا ٻگهڙ کي ڇنبڙي ويا ۽ منٿ ڪري ورتائونس. چاچو جڏهن مون وٽ آيو، تڏهن پڇائين تہ ڇوڪري ڪير آهي؟ مون پوري ماجرا ٻڌايس. چيائين تہ هاڻي دير نہ ڪر جيسين ٻيا وٿاڻن وارا اچن تيسين تون لاش کي هتان کڻي نڪري وڃ. ٻگهڙن ۽

ڪتن جا آواز ۽ چوڪريءَ جون ڪيهون رات جي
ٺويڪلائيءَ ۾ پري پري ٻڌيون هونديون. پنهنجي ڪاري
چادر مون کي ڏنائين جيڪا مون ساهل کي ويڙهائي
۽ سندس لاش ورائي ساڄي ڪلهي تي رکيم، کاٻي بغل
۾ لوڙهه ڪري يڪدم ڳوٺ ڏي روانو ٿي ويس. مون
کي هوش تڏهن آيو جڏهن آءٌ ڳوٺ ۾ داخل ٿي رهيو
هوس سڄي وات مون کي ڪابه خبر ڪانه هئي، اهو
چار ساڍا چار ميل مفاصلو مون ڪيئن پنڌ ڪيو، وات
ته به ٽي واٽر ڪورس هئا، هڪ شاخ هئي جنهن تي
ڪاني رکيل هئي مون کي خبر نه آهي ته مون ڪيئن
پار ڪيا. سڄي وات شايد منهنجا حواس گم هئا ۽ آءٌ
لا شعور ۾ پنڌ ڪندو رهيس. ايرندي پاسي کان اهو
ڏينهن جو ڏاتار فٽ بال جي ڳاڙهي بال وانگر ايري رهيو
هو، شايد منهنجي نظر جو فريب هجي جو اڄ مونکي
دستور کان وڌيڪ رتول ڏسڻ ۾ ٿي آيو، ۽ مون لاءِ
نوان سور کڻي ايري رهيو هو. جڏهن وڻن جي چوٽين
سان نڪري آجو ٿيو هو تڏهن آءٌ به وڏي در وٽ
پهتو هوس ۽ منهنجا قدم خودبخود رڪجي ويا، ٽنگن
اڳتي رڙهڻ کان بالڪل انڪار ڪيو، انهيءَ وقت به
منهنجيءَ محبوب سؤٽ جو لاش منهنجي ساڄي ڪلهي
تي هو ۽ کاٻي بغل ۾ لوڙهه هئي.

منهنجا قدم انهيءَ ڪري رڪجي ويا هئا، جو
وڏي در وٽ سامهون چاچا اندران اچي رهيو هو.

ٿيو هيئن هو جو لڙيءَ آڌيءَ رات مهل ڪِـوٺ جون مايون ڪنوار کي سينگاري شاديءَ جا نوان ڪپڙا پارائي، ٻن هڪ جيڏين سرتين سان هـڪ ڪوٺيءَ ۾ ڇڏي ويون هيون، ۽ پاڻ شاديءَ جي ٻين مشغولين ۾ ڳائڻ ، وڄائڻ ۾ رڌل هيون. پاڳل کي ٻن ڏينهن کان سخت بخار هو، متس دوا ڪوبہ اثر نہ ڪري رهي هئي پيٽ جي شاديءَ رات جو سندس طبيعت وڌيڪ خراب هئي، ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ بيهوشيءَ کان ڇڏي ٿي ويئي ۽ الائجي ڇا ڇا وڦلي رهي هئي. ان ڪري سندس ماءُ شاديءَ واري سڄي رات سندس ٿهل ٽڪور ۾ لڳل هئي. ساهل سان گڏ ويٺل ٻئي سرتيون سندس سورن کان نا واقف هيون، ساهل ساڻن هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو هو، رڳو روئي رهي هئي. ان ڪري سرتيون ڪيس سمهاري پاڻ بہ پاسي کان سمهي رهيون، ڪين ننڊ ۾ غافل ڇڏي ساهل، گهر مان نڪري آئي هئي، گس پنڌ تہ مون کان اڳي ئي ٻڇي ڇڏيا هئائين.

سڄ اڀرڻ کان ڪلاڪ کن اڳ ۾، ڇوڪرين جي ڪا اک کلي پئي. ڪنوار کي موجود نہ ڏسي، پهرين پاڻ ڳوليائون ۽ پوءِ ماڻس کي ٻڌايائون، جنهن بہ پهرين سڄي گهر کي پاڻ بوڙائيندو، پوءِ ٻاهر ڪنهن ٻار کي موڪلي چاچا کي گهرايائين، ۽ ان وقت ئي هو ٻاهر نڪري رهيو هو.

در مان ٻاهر نڪرڻ مهل سندس ڪنڌ هيٺ هو،

ڀريائين منهنجي نظر متس ويئي هئي، تنهن کان پوءِ هن جڏهن مون کي اهڙيءَ خوفناڪ حالت ۾ ڏٺو، ته ڀريائين سندس سڄو جسم دروڙا ڪائي ويو ۽ پروتجي بيهي مون ۾ نهارڻ لڳو. شايد اهڙو خوني حادثو سندس تصور ۾ ڪونه هو، يا ته ماڻهن جي خواريءَ کان ڪنبي رهيو هو. افسوس ۽ پريشانيءَ کان سندس سڄو مٿهن اودو ٿي ويو. آخر مٿي کي جهٽڪو ڏئي پنهي هٿن سان لاش منهن جي ڪلهي تان لاهي، مون وانگر ئي پنهن جي ڪلهي تي رکيائين ۽ پٺ ورائي اندر گهر ۾ هليو ويو. انهيءَ وچ ۾ نه ته مون کان ڪا ماجرا پڇيائين ۽ نه ورتي ڪو گفتو به ڳالهايائين.

مون به جڏهن پٺ ورائي پوئتي ورڻ جي ڪئي ته ڏٺم ته سامهون چاچو عبدالڪريم ۽ ٻه ٽي جڻا ڳوٺ جا بيٺا هئا. انهن شايد مون کي گهر ڏانهن ويندي ڏٺو هو ۽ چاچا کي مون کي به آهون سامهون بيٺل ڏسي چڪا هئا، سي وڏي آيا ۽ مون کان انهيءَ عجيب ويڌن جي بابت پڇڻ لڳا، اجا شايد گهوٽيتن کي يا ٻيءَ ڄڃ کي خواه ڳوٺ وارن کي ڪابه خبر نه هئي.

مون چاچي عبدالڪريم وارن کي اجا مختصر ٻڌايو پئي ته اوچتو چاچا عبدالڪريم رڙ ڪئي ۽ چيائين ته مٿان اندو ٿيو آهين، مون به لوٽو هٽي پويان ڏٺو ته چاچا جي هٿ ۾ بندوق هئي، مون تي فائر ڪرڻ جو ارادو هوس، ليڪن آءٌ ماڻهن سان گڏ بيٺل هوس ان

ڪري ڪيس موقعو نہ مليو، چاچي عبدالڪريم بہ وچي بندوق ۾ هٿ وڌا، ۽ چيائينس تہ هن جو ڪهڙو ڏوهہ آهي تنهنجيءَ ڇوڪريءَ کي ڪو هيءُ هتان ڪٽي ويو هو، يا ڪو هيءُ ماري آيو آهيس، سڀ قدرت جا ڪيل آهن. هوش ڪر، تو جيڪا پلاٽي آهي ان جو اهڙو ڏي نتيجو نڪرندو. الله جي لٺ بي آواز ضرور آهي ليڪن طاقت رکي ٿي. ايتري ۾ گوڙ وڌي ويو، ماڻهو گهڻا اچي گڏ ٿيا ۽ چارون طرف پٽ پٽ پئجي ويئي، سو چاچا عبدالڪريم مون کي ٻانهن مان وٺي ڳوٺ کان ٻاهر آيو ۽ چيائين تہ تون هاڻي جو ٻيلي ۾ هليو وڃ، پاڻ ٿي سگهي ٿي تہ ٻہ چار ڏينهن ڪنهن ٻئي پاسي ٽرڪي وڃ، هيءُ ڪم تمام خراب ٿي پيو آهي، اها اسان سڀني جي بي عزتي آهي. هاڻي دنيا کي منهن ڏيکارڻ جي لائق نہ رهيا سون، مون ۽ ٻين بہ ڳوٺ وارن ٻن چئن چاچهين کي گهڻو ئي سمجهايو تہ هڪڙي ڇوڪري توکي شادي ڪري ڏئي پوءِ سڄي عمر ويٺو تنهن جي ملڪيت کائي، ليڪن هن ائين نہ ڪيو، ۽ اڄ اهو ڏينهن ڏنائين. ۽ پيو بہ الاجي ڇا ڇا پئي چيائين ليڪن مون ۾ ان وقت ايترو هوش ڪٿي هو. جيئن تيئن ڪري وٿاڻ ۾ پهتس، ڪتا پئي اچي پيرن کي چنبڙيا، تن کي هڪلون ڏئي هتايم، چاچو عبدالله ان وقت وٿاڻ ۾ ڪونہ هو، بي جان جسم وانگر پاڻ کي کٽ تي ڇڏيم. ڪابہ ڳالهہ دل کي نہ پيئي

وٺي، دماغ ۾ چرخيون هجن جيڪي اُبتيون سبتيون هلي رهيون هجن، دل کي ڇڻ گهڙيءَ گهڙيءَ ڪارائيون وڍي رهيون هيون، عجيب قسم جا دل ۾ اڌمان اچي رهيا هئا. اڄ وري امان، بابا ۽ پڦيءَ جي موت جا غم نئين سري سان دماغ رستي دل ۾ اچي ساماڻيا هئا، تنهن کان سواءِ ٻه ننڍي هوندي کان وٺي اڄ ڏينهن تائين جيڪي ٻه تڪليفون مون سٺيون هيون، سي فلم وانگر دماغ جي پردي تي اڀرڻ لڳيون ۽ انهن فلمن جو عڪس لاشعور مان نڪري، نون غمن جي صورت اختيار ڪري منهنجيءَ دل کي سوراخ ڪندو رهيو. گهڙيءَ گهڙيءَ مون کي افسوس، پنهنجيءَ قسمت جو پئي ٿيو. ڇا، منهنجي قسمت ۾ خوشيون نه آهن، آئون صرف سورن کي سانڍڻ لاءِ ڄائو آهيان. منهنجي حصي ۾ صرف غم آهن. هيڏيءَ پريءَ ڪائنات ۾ منهنجي لاءِ ڪا خوشي نه آهي، اڪثر اهي ۽ اهڙي قسم جا سوال ترسي دل ۾ اڀريا ٿي ۽ دل کي ڏونڏالون ڏئي هٿي ٿي ويا ۽ انهن جي جاءِ وري نون سورن اچي ٿي والاري. ساهل جو موت منهنجي لاءِ ڪو معمولي حادثو نه هو. هو سان منهنجا الاهي ناتا هئا. هو منهنجي سوٽ هئي، ٻچپن جي محبت هئي. هو منهنجي محسن هئي، هن جا ڪيترائي مون تي احسان هئا، جڏهن زمين منهنجي لاءِ تنگ هئي ۽ آءٌ هڪ مانيءَ جي ٽڪر لاءِ محتاج هئس، تنهن وقت به هيءَ ۽ سندس پيءُ منهنجون ساٿي هيون، هوءَ منهنجي

جوانيءَ جي چاهت ۽ پسند هئي، زندگيءَ جي اميد هئي شايد منهنجي مٿي مٿي ۽ صابرين طبيعت اهي سڀ ئي ناتا، وقت مرهم جي مدد سان وساري به ڇڏي ها ليڪن هن جو موت منهنجي غيرت لاءِ چئلينج هو. مون هن لاءِ مرد ٿي ڪري به ڪجهه نه ڪيو هو ليڪن هوءَ مون تان قربان ٿي مٿي هئي. هن جو بي گناهه ۽ بي وقت موت منهنجي ضمير مٿان وڏو بار هو، هن عورت ٿي ڪري منهنجي لاءِ پنهنجي وس آهر سڀ ڪجهه ڪيو ۽ آخرڪار پنهنجي زندگي دان ڪئي هئائين، ليڪن مون لاڪس عملي طور تي اڪين مان چند لڙڪ به ڪونه هاريا هئا. صرف سوچون هيون انهيءَ وقت به منهنجو ڪنڌ هيٺ هو ۽ دماغ ساڳيءَ ڪشمڪش ۾ مبتلا هو، چاچا عبدالله جي کنگهڪار تي مون منهن مٿي ڪيو هو، هو منهنجي پاسي ۾ ويٺو هو، ڪيڏيءَ مهل کان ويٺو هو، تنهن جي مون کي ڪابه خبر نه هئي. سندس اکيون غير معمولي طور تي ڳاڙهيون هيون، سندس اکين جا تارا مون سدائين اڇا ڏٺا هئا، اهو پهريون ئي ڀيرو هو جو مون ڏٺو ته سندس اکيون ڏئي جي لاٽ وانگر ڳاڙهيون هيون، شايد مٿس رات واري حادثي جو اثر هو، منهنجي ڪنڌ مٿي ڪرڻ سان ئي پڇيائين ته لاش ڏٺين ڪي پهچائي آئين. مون اڇا ورائيو ٿي ته ها چاچا! ته اوچتو ذڪاءَ سان اهڙي پرپور چمات منهن جي ڳل تي هنيائين جو منهنجا الفاظ منهنجي

وات ۾ رهجي ويا. تنهن ڪان پوءِ چيائين ته اي ذليل انسان! هوءَ نياڻي، عورت ذات ٿي ڪري ٻه هيترو پنڌ ڪري ڀڄڙي اوڙاهه جهنگ ۾ اچي پهتي ۽ آخر مظلوميت مري ويئي، ليڪن تون مرد ٿي ڪري ٻه هن لاءِ ڇا ڪيو، پنهنجي جسم کي ڏس، ڏهن ڪتن جو قوت آهين، آءٌ پيلي ۾ ڪونه هوس. سڌو تنهنجي ڳوٺان پيو اچان. چاچهين سان عذر خواهيءَ جو ٻه خيال هو. پر اتي مون جيڪي خبرون ٻڌيون، تنهن ڪري سندس تڏي تي ڪونه ويس. پراين ٻچائن جي مون کي عادت نه آهي، ان ڪري مون کي ڪابه خبر نه هئي، ليڪن اڄ منهن جون اکيون کليون آهن، چاچهين ته واقعي ڪو وڏو ظالم آهي. انسان ئي نه آهي، پڪو شيطان آهي. پر ظالم هيترن ڏينهن ۾ تون ٻه ته ڪا ڪٽي مون سان ڳالهه ڪرين ها. جڏهن ڇوڪري توسان ايترو ٻڌل هئي جو هيڏي هاڃي کان ٻه ڪانه ڊني، ته پوءِ ڪهڙو عار هو. جيڪڏهن مون سان ڳالهه ڪرين ها ته اها ڇوڪري آءٌ تنهنجي سام ڪري ٻه لڪائي سگهيس ٿي. تنهن ڪان پوءَ جڏهن چاچهين تنهنجي سڀ مال حو اڪيلو وارث ٻڌيو وينو آهي ۽ توکي هڪڙو سگ ٻه نٿو ڏئي ته ايترو تنهنجو ٻه حق هو، سڌيءَ طرح نه ته اڻ سڌيءَ طرح ئي سهي، زميندار آهي ۽ پئسي وارو آهي ته ڇا ٿي پيو، هيءُ ته ڪجهه ٻه نه آهي پر ماڻهو انهيءَ ڪان ٻه وڏن ظالمن ڪان اکيون اکين ۾ وجهي پنهنجو

حق اگاڙيندا آهن.

چاچي عبدالله وڏيڪ چيو ته: تون ڪا ڇوڪري ڪونه آهين ۽ نڪي معصوم ٻار آهين، هڏ ڪاٺ اهڙا اٿئي جو هوند ڪهاڙي يا لوڙه ڪٽي اٿي پوين ته مڙسن جا ڦرهن جا ڦرها ڪڍي ڇڏين، ۽ ڏٺن ڪــي اٿلائي ڇڏين. آءٌ تنهنجو نٽ کٽ وارو هلڻ ڏسي دل ۾ چوندو هوس ته تون ڪو شينهن مڙس آهين، پر اڄ خبر پئي ته تو ۾ ڪي ٻه نه آهي. اڄ مون کي سچ ايڏي ڪان پوءِ سمڪ آئي ته مون کي اڻين توکي ڳوٺ نه موڪلڻ کپندو هو، متان تنهنجو چاچو ۽ سوٽ جـوش ۾ اچي توسان الجهي نه پون، ان ڪري سگهوئي آءٌ تنهنجي پوڌواري ۾ نڪري پيس، شايد تون ڳوٺ مان ٻئي پاسي کان نڪتين ۽ آءٌ ٻئي پاسي کان داخل ٿيس. مونکي عبدالڪريم مليو هو، توهان جي گهر جو ماڻهو آهي، مون کي پوري ڪٿا ٻڌائــي اٿس، توسان واقعي ظلم ٿيل آهي. شايد اهوئي سبب آهي، جــو ننڍي هوندي کان ئي هو تو تي قابض رهيا آهن ۽ تنهن جي حشمت مارجي ويئي آهي. تنهـن هوندي ٻه همت ڪر، غاصب هميشه بي همتن سان غضب ڪندا آهن، پـر مار پکيءَ ۾ ڪجهه ٻه نه هوندو آهي، هو صرف پنهنجي پرن سان سان زوڪي وارو آواز پيدا ڪري، ٻچڙن پکيـن کان سندن ماريل شڪار کسي وجهي ڪائيندو آهـي، ليڪن هو باز کان ته سندس شڪار کسي وٺـي؟ باز سندس

اکيون به ڪيدي وجهي. توڻ اڃا نوجوان آهين، جوانيءَ جي اڃا شروعاتي ورهين مان گذري رهيو آهين، اڃا تو ڪي سڄي حياتي گذارڻي آهي، هڪڙو ته تنهنجو ڪو هڏ ڏوکي منٺ مائٽ يا ڪو عزيز نه آهي، ٻيو جي اهڙو بزدل ۽ بيوقوف ٿي رهندين ته پوءِ تنهنجي سڄي زندگي عذابن ۾ گذرندي. هيءَ دنيا وڏي ظالم، پاپن سان ڀريل آهي، ڪتي جي پڇ وانگر ڏنگي آهي، اهڙو رهئين ته ڪنهن پر به سک نه ڏسندين، ان ڪري اٿي اپو ٿيءُ همت ڪر، آءٌ توسان ڏک سک ۾ ڀڙل آهيان. تون مون ڪي پنهنجي ٻچي جي مثل آهين، اڄ آءٌ تو سان شامل آهيان، سپاڻي ٻيا چار به حق جو پاسو ڏسي تو سان شامل ٿيندا. ”اڃا سنڌ گدڙن نه ڪاڏي آهي.“ اڄ ڪان اٺ ڏينهن ته نهيو پر چار ڏينهن به اڳ ۾ تورڙي همت ڪرين ها ته هوند اهڙو سانحو پيدا نه ٿئي ها، ٻيءَ صورت ۾ تنهنجي لاءِ به مرڻ جي جاءِ اڄا هئي، هوءَ ذات ٿي ڪري به سڄي زماني کي آگوٺو ڏيکاري ويئي ۽ تون مرد ٿي ڪري به مئين ڪونه! ڇا هيڏي ساري جان قبر جي ڪيڙن لاءِ تاتي اٿئي؟ اتي مون ڪنڌ مٿي ڪئي ڏانهس نهاريو، ڇاڪاڻ جو سندس شروعاتي لفظ مون کي ڏي ڏئي رهيا هئا ۽ سندس هاڻوڪا لفظ مون کي ڏنڀ ڏئي رهيا هئا. آخر ۾ منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي چيائين ته ڇا چوڪري جي تو سان محبت هئي، ۽ تنهنجي هن سان ڪو دلي لڳاءُ نه هو؟

ٿي سون کان به اوچنگار نڪري ويئي ۽ اکيون ڇاڪڻ
لڳيون، رڙ ڪري اٿي ويس، پاڪر ڇڪي ڪٽي چاچي عبدالله
جي ڇيلهه ۾ وڌم، سندس ڪلهي تـي ڳاٽ رکيم، ته
منهنجين اکين روئڻ شروع ڪيو، رنيون نه پر وڏ ڦڙي
سينهن وانگر وسڻ شروع ڪري ڏنائون. اهي ئي منهنجون
ساڳيون اکيون هيون، جيڪي منهنجي جيجل ماءُ توڙي
شفيق پيءُ جي موت تي ڪونه رنيون، مون سان محبت
ڪندڙ ۽ دل و جان سان چاهيندڙ پياريءَ پڦيءَ جـي
موت تي ڪونه رنيون، زندگيءَ ۾ ڪيترا ئـي ڏکن،
سورن ۽ بي عزتين جا مرحلا آيا، تن تي ڪونه رنيون،
ليڪن اڄ ته منجهن سندوءَ وارا ڏڏڪا هئا. منجهن ڪي
ڪوسي پاڻيءَ جا وڏا پريل هئا. جيئن جيئن اکين مان
پاڻي وهندو ٿي ويو، تيئن تيئن دل مان دز ۽ دماغ مان
غبار گهٽبو ٿي ويو.

چاچو عبدالله به ڀريائين ته چپ ڪيو ويٺو رهيو
۽ آءٌ رُئندو رهيس، پر جڏهن محسوس ڪيائين ته هاڻي
سيلاب ۾ ڪمي آئي آهي، تڏهن ڀريائين پنهنجي ڇيلهه
مان منهنجا هـٿ آجا ڪيائين ۽ پوءِ وٺـي کٽ تي
ويهاريائين ۽ چوڻ لڳو ته هاڻي مڙد ٿـيءُ ڏک پچاءِ،
زندگيءَ کي روڳ نه لڳاءِ، مڙس ٿيءُ صدمو سهه، دل
کي ننڍيو نه ڪر، جيڪي ٿيو، سو برو يا ڀلو بهرحال
گذري ويو. پاڻ کي بيوس نه سمجهه، پنهنجي جان مان
ڪم وٺ، پاڻ کي رڪ وانگر سخت بناءِ، ڪو دشمن

الجهي پوي .تہ ان سان پٽر جو پهاڙ ٻڌجي مقابلو ڪر، نتيجي کان بي پرواہ، ٿيندو اهو جيڪو الله کي منظور هوندو، الله کان سواءِ ڪنهن کان نہ ڊڄ.

ڪيڏانهن ويا شوق شڪار جا ۽ ٻيلي ۾ گهمڻ گهتڻ سڀ ڇڏائي ويو، دل ۾ عجيب قسم جي مايوسي هئي، پاڳل جو بہ رهي رهي خيال ٿي آيم، سندس بيماري جو ٻڌي چڪو هوس، انهيءَ جا قسمن قسمن جا ويچار دل ۾ اچڻ لڳا تہ الاجي مئي الاجي بچي.

.چاچي عبدالله جو ڪجھ بہ چيو هو سو بہ سڀ صحيح هو. سندس لفظ اکر بہ اکر دل کي ڌهڪي ٿي آيا ۽ انهن مان دل کي وڏو ڏڍ ۽ سڪون جو احساس ٿي مليو. جيتوڻيڪ هو جهنگ جو رهاڪو هو، پر ڪيس زماني ۽ زماني سازيءَ جي چڱيءَ طرح ڄاڻ هئي.

آءٌ گهڻو وقت جهنگ ۾ رهڻ لڳس، اهوئي احساس هو تہ متان چاچا عبد الله منهنجي منهن تي بدرونقي ڏسي ٽوڪي وجهي. ان ڪري ڪانئس ڪترائڻ لڳس. تنهن هوندي بہ سندس جنهن وقت بہ مون تي نظر پوندي هئي تڏهن سچي ٻت جو جائزو، ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين پيو وٺندو هو. جيتوڻيڪ زبان مان ڪجھ بہ نہ ڪڇندو هو، ليڪن مون سمجهيو ٿي.

منجهند جو ٽائيم هو، آءٌ وٿاڻ کان بہ فرلانگ کن پري پنڌ تي ويٺو هوس، ڪانپ ٻڌي پئي هئي. اهوئي ساڳيو ڪچو سٽ دماغ ۾ هو، تہ اوچتو بندوق جو فائر

ٿيو، آواز ڪنائيم ته وڻن طرف، اندازاً وڻن ۾، يا وڻن جي لڳ ڀڳ ڪان فائر ٿيو هو. بلغار ۽ موتي منهنجي سامهون اڳين ٽنگن تي ٻوٽ رکيو ويٺا هئا. بندوق جي ٺڪاءَ سان آءٌ اٿيس ته ڪتا ٻه ڪن اڀا ڪري اٿي بيٺا، جيئن ئي آءٌ وڻن ڏي ڊوڙيس تيئن ئي ڪتن ٻه جؤ وهائيا ۽ يڪدم گوليءَ موافق اڳين کان اوجهل ٿي ويا. اڃا آءٌ فرلانگ ڪن مس ڊوڙيو هوس ته ڪتن جي ڀؤنڪڻ سان گڏوگڏ هڪ ٻئي پٺيان ٻه ٻيا به بندوق جا فائر ٿيا. اتي مونکي پڪ ٿي ته جو ڪجهه به ٿي رهيو آهي سو وڻن ۾ آهي. ساڳي ئي رفتار سان ڊوڙندو جڏهن وڻن جي ويجهو آيس تڏهن بارود جي بوءِ نڪ ۾ آئي، ٿورو بيهي سوچيم ته ڪتا ڪيڏانهن ويا، سندن ڀونڪڻ ڇو بند ٿي ويو ۽ ڀهريون فائر ڪنهن تي هو. سمجهيم ته منهنجو اڪيلو وڻن ۾ وڃڻ ٺيڪ نه آهي سڌو اڳين ٿيندو ته ڀهريائين لڪي وڻن جو جائزو وٺان معاملو انتهائي خطرناڪ ڏسڻ ۾ ٿي آيو. اسان جو وڻن ڪو ٻوڻي تي ڪونه هو، ١٥ - ١٦ ٻڙن جي قد آور وڻن جي جهڳٽي ۾ هو ۽ چئني پاسي آسري لئيءَ جا وڻ هئس، تنهن ڪان ٻاهرون چئني پاسي ٻڙن جا ڍينگهر ساڪاريل هئس. صرف ڏکڻ ڪان وڏو ڪليل دروازو هوس جنهن جي ٻنهي طرفن ڪان ڪاٺ جا ٻه ٿلها لڙها ڪتل هئا. مون ٽن پاسن ڪان لڪي لڪي ڏٺو ته مون کي منهنجن گهڻن سوالن جا جواب ملي ويا. چاچو عبدالله

ٻوٽاڻ جي وچ ۾ تنگ ڪي جهليو ويٺو هو، جنهن مان رت پئي وهيو. ڪيس گولي لڳي هئي. ڪتا ٻئي، وٽاڻ جي در وٽ هڪ ٻئي مٿان ستيا پيا هئا. سندن اڳيان ٻنهي جو رت هڪ ڍبي ۾ گڏ ٿي رهيو هو. ٽي چڙا ڪٽ تي ليٽيا پيا هئا، هرهڪ جي پاسي ۾ بندوق ۽ گولين جا ڳنڍا پيل هئا، سندن چوٿون همراه هڪ ڪٽ جي پيراندي ڪان ويٺو هو. سندس هٿ ۾ رائيفل هئي، هڪڙو گولين جو پٽو ڇيلهه سان ٻڌل هوس ۽ ٻه ٻنهي پاسي ڪلهن ڪان لڙڪي رهيا هئس. سندس اکيون دروازي ۾ کتل هيون. چئني همراهن کي پٽڪا ته بوسڪيءَ جا هئا، پر سندن قميصون ۽ سلوارون به بوسڪيءَ جون هيون. ٻنهي ٻانهن ۾ ٻه ٻه واچون هئن. سندن آڱريون سونين منڊيـن سان ڇتيون پيون هيون، ڪپـڙا ڪي ڪجهه ميرا هئن ۽ شايد ڪجهه ڏينهن ڪان ڪين حجام به ڪونه ڏڪرايو هو. هي ڪير آهن، ڪٿان جا آهن ۽ ڪهڙو ڌنڌو اٿن، تنهنجي مون کي ڪجهه ڪجهه چاڻ هئي. سندن نالن جي ته ان وقت مونکي خبر نه هئي، پر ايتري خبر هيم، ته انهـن مان به ٻرين ۽ پـر ٻيڏاپور جا کوسا آهن ۽ ٻه ٻه ساڳيءَ ڪنڊيءَ جا ماڇي آهن. ڏاڙيل آهن ۽ پرئين پاسي دادو ضلع ۾ روڊ بلاڪ ڪري هنن ڪيترين ٿي ڦريون ڪيون هيون. هستري شيئر ته گهٽي ئي وقت ڪان هئا، پر هينئر به ١٠-١٢ خون سندن ذمي آهن ۽ پيا به ڪيترا ئي ننڍا وڏا ڏوهه سندن ڪاتي ۾ ٿاڻن تي تحرير ٿيل آهن. شايد دريا جي

هن پاسي، ڪين هٿ ڪرڻ لاءِ پوليس جو زور هو ان ڪري، اورينءَ ڪنڌي تيي آيا هئا. ڪين هن پيلي ۾ آئي شايد ٿورو ئي وقت ٿيو هو. جنهن ڪري اسانکي هنن جي هن ڪنڌيءَ تي موجودگي جي خبر نه هئي. بيءَ حالت ۾ اهڙيون خبرون يڪدم پري پري پهچي وينديون آهن.

وٺاڻ جي اندرين حالت معلوم ڪرڻ کان پوءِ لوٽڻ تي هٿ ڏيئي ويهي رهيس، قسمت مون سان هڪ دفعو وري مذاق ڪئي هئي، شايد منهنجي قسمت ڪـي به منهنجي بي وسيءَ واري لـڇڻ سان مزو تي آيو. اج به اڳيئين واڱر ئي مجبور هئس.

چئني ڌاڙيلن وٽ چار بندوقون ۽ سويـن گوليون هيون، انهن جي بنسبت منهنجا جهڙا هـٿ خالي هئا. منهنجي دل ۾ ڦريون خيال آيو ته، آءٌ انهيءَ معاملي کان ڪنارا ڪش ٿي وڃان، ڪـي به ـ چار ڪلاڪ جيڪڏهن ڪنهن پاسي ترڪي وڃان ته ڌاڙيل پاڻ ئي پاڻ هليا ويندا ڌهن کان پوءِ اچي چاچي عبدالله کي سنڀاليان ۽ انکي پڌايان ته مونکي ڪابه خبر نه هئي. بيءَ صورت ۾ آءٌ چئن هٿيارن سان مسلح ماڻهن کي ڇا ٿو ڪري سگهان. جڏهن ڇا ٿو ڪري سگهان وارا لفظ منهنجي دل ۾ آيا، تڏهن پاڻ ئي پاڻ دل مان جواب آيو ته اهي لفظآءٌ اڳي به پڌي چڪو آهيان. اهي لفظ ظاهري طرح ته ڏسڻ ۾ مجبور ۽ لاچار ٿا اچن، ليڪن

اصل ۾ اهي وڏا نڱ آهن، انهن لنظن جي آڙ ۾ منهن جي ٻي همٿي ڳالهائي رهي آهي. منهنجو محسن، همدرد ۽ هڏ ڏوکي ٻي گناه زخمي ٿيو پيو آهي. منهنجا ٻي زبان ساٿي، جيڪي منهنجي معمولي اشاري تي منهنجي مٿان ساه ڏيڻ وارا، سي اندر مئا پيا آهن ۽ آءٌ اهڙي وقت به اٿين چئي رهيو آهيان ته آءٌ ڇا ٿو ڪري سگهان. شايد منهنجي اندر ۾ نئون محمود جنم وٺي رهيو هو، يا ٿي سگهي ٿو ته چاول اڳ ۾ ئي هو، پر ان وقت جوان ٿي رهيو هو، يا اٿين به ٿي سگهي ٿو ته جوان ان وقت هو، پر طاقتور ٿي ويو هجي.

چاچا عبدالله جا اهي لفظ ته: ”اها تنهنجي لاءِ به مرڻ جي جاءِ هئي .... پنهنجي هڏ ڪاٺ کي ڏس .... تنهنجو نٽ ڪٽ وارو هلڻ ڏسي آءٌ توکي شينهن سمجهندو هوس ....“ پڙاڏو ٿي منهنجي دماغ ۾ زون ڪرڻ لڳا. مون محسوس ڪيو ته منهنجي دل ۽ دماغ ۾ ٻن ماڻهن جي زبردست جنگ هلي رهي آهي. ٻئي پنهنجا پنهنجا دليل پيش ڪري رهيا آهن، ليڪن سگهو ئي نئون محمود پراڻي محمود تي قابض ٿي ويو. سندس دليل به سچا هئا. منجهس همٿ هئي، ان ڪري زورآور ثابت ٿيو ۽ اڳئين آخوند محمود کي هميشه لاءِ ماري وڌائين. انهيءَ فيصلي ڪي ٿيڻ ۾ ڪا گهڻي دير به ڪانه لڳي، سو سگهو ئي آءٌ اٿي بيٺس. ٻنهي ڪنن جون پاپڙيون ۽ نڪ جي چوٽي مون گرم محسوس

ڪئي، اکين جي رنگت جي ته مونکي خبر ڪانه ٿي پئي ليڪن ٿانڊن وانگر گرم محسوس ٿي رهيون هيون سٿرن ۽ ڏورن جون مشڪون ٿائيٽ ٿي ويون هيون، نس نس جا وار ڪانڊارجي ويا هئا. ليڪن دل ۽ دماغ ۾ عجيب قسم جي بهاري محسوس ٿي رهي هئي. شايد اها خوشي ان ڪري هئي، جو آءٌ پنهنجي ازلي دشمن کي مارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هوس. ور ۾ هٿ وجهي ڏٺم ته گلول پيل هئي. قميص هيٺان صدريءَ ۾ هٿ لائي ڏٺـم ته هڪ ٻه گلول جي گولي ڪانه هئي. شايد ڪيٿرن ٿي ڏينهن کان مون شڪار نه ڪيو هو. ليڪن مون کي اهي جايون سجهيون ٿي جتي منهنجون مٽيءَ جون گوليون رکيل هيون ۽ انهـن کان سواءِ ڪجهه پٿر جون گوليون به هڪ يا ٻن جاين تي رکيل هيون. ٻوڙ پائي ڪٽي آيس. هاڻي مون وٽ گولين جو ڪافي ذخيرو موجود هو.

وٿاڻ ۾ ليٿو پائـي ڏٺم ته ان وقت بـه ساڳـي حالت هئي. گلول ۾ پٿر جي گـولي وجهـي، لوڙهي جي هڪ معمولي سوراخ مان، ويٺل همراه جـو نشانو ونيي، جڏهن ڀهرين گولي ڇٽيم، تنهـن ان همراه جـي هڪڙي اک ڪٽي ڇڏي. ڪيهه سان گڏ ڪلٽي ڪاڏائين رائيفل هٿ مان ڇڏائي وِس ۽ اونڌو ٿي ڪري پيو، مون يڪدم ٻولاٽيون پائي، جڳهه تبديل ڪئي. نشانو منهنجو سؤ تي سؤ صحيح هو. گلول جهڙو منهنجو ڪيٿي

۽ ڏنڊو هو، ڪيتري وقت جو تجربو هو، ڳلول جي ڏک مان شايد ئي ڪو اڏامندڙ پکي بچي سگهندو هو همراه ٽئي اٿي پيا هئا. تن بندوقن سان چئني پاسي گولين جا وسڪارا لائي ڏنا. اٿي سونکي پهچي هڪ وڏي غلطي جو احساس ٿيو. سوچيم ته متان خار ۾ اچي چاچي عبدالله کي ماري وجهن، ان ڪري بهتر ائين ٿيندو ته هي وٿاڻ کان ٻاهر نڪرن ته پوءِ هنن سان ڏي وٺ ڪئي وڃي. ان ڪري دروازي کي اک ۾ ڪري گهاٽي جهنگ جي آڙ وٺي ويهي رهيس. سگهو ئي همراه فائر ڪندا ٻاهر نڪري آيا.

زخمي ءَ جي اک تي سوڄ چڙهيل هئي. هڪڙو هٿ اک تي هوس. ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ ٽنهي چئن ءَ ـن جي اک جو وري غور سان جائزو ورتو، ٽنهن کان پوءِ پنڪي جو ور ڏيئي انهيءَ اک کي ٻڌي ڇڏيائين. هاڻي چار ئي همراه قطار جي صورت ۾ ڏکڻ طرف هلڻ لڳا. سندن هوائي فائر چالو هئا. مون وري به ڳلول ۾ پٿر جي گولي وجهي اگهين همراه جو نشانو ٻڌي گولي ڦٽي ڪيم ته همراه هن به وڃي پٽ وسايو. جيان ته هي مون کان پاسيرا هئا، ان ڪري گولي سندس اوندڙيءَ ۾ لڳي هئي. مون جاءِ ڇڏي ٿي پر ڏسي ويهي رهيس جو همراه پيا ٽئي بندوقون زمين تي ڇڏي هن کي چنبڙي ويا هئا. موقعو مناسب ڏسي مون ٿي گوليون ٻيون ٻه همراهن ڏانهن ڇڏيون، سي به هنن کي پٺن ۽ ٻانهن ۾

ڏٺيون، هنن لوه ڏئي بندوقون ڪنيون، بندوقن جا منهن
ڊلي ويا، سڄو ٻيلو گونجڻ لڳو. آءٌ يڪدم جاءِ ڇڏي
چڪو هوس ۽ جهنگ بہ گهاٽو هو، ان ڪان سواءِ اها
سنهنجي جوءِ هئي. انچ انچ زمين جو واقف هئس، هو
رائفلن هوندي بہ مونکي ڪجهہ بہ نٿي ڪري سگهيا. مون
چڙ ڪيو، جو هڪ ڏگهو چڪر ڪاٽي هونئن سندن
ڳولهہ پاسي هوس پوءِ ڦري اڀرندو پاسو ورتم. آهستي
آهستي ڪري وري بہ اچي پر ورتيم. هنن جو چوٿون
همراه وري اڀو ٿي چڪو هو، هاڻي چارئي همراه پاڻ
۾ گوڙه ڪري پٺي هليا ۽ سندن رفتار بہ ڪي ڪجهہ
اڳئين ڪان تيز هئي. وري مون موقعو محل ڏسي، مٿن
نشانو چٽيو تہ سندن هڪڙو همراه ڍيري ٿي پيو. همراه
ڪي ڇڏي، وري ٽنهي ڄڻن گڏجي چٽني پاسي فائر
ڪيا ۽ پوءِ تہ ٽنهي ڄڻن سمهي زمين جي ليول سان
فائر ڪيا. ليڪن بيسود، آءٌ ان وقت هڪ لاسڙ گهاٽي
ٻير تي زمين ڪان پندرهن ڪن فوٽ مٿي چڙهيو ويٺو
هوس. مون هنن کي تہ ڏٺو پٺي، پر هنن کي اها بہ
خبر نہ هئي، آءٌ کهڙي پاسي آهيان. گهڻي دير ڪان
پوءِ همراه اٿي پيا ۽ چوٿين همراه کي بہ اٿاريائون ۽
وري اڳتي رڙهڻ لڳا. سئو تہ ائين ٿئي ها، جو هي هڪ
پٺي ڪان ٽئي اڪيلو اڪيلو ٿي مون کي ڳولهڻ ۽ گهيرڻ
جي ڪوشش ڪن ها. پوءِ تہ آءٌ هنن سان مناسب طور
ٿي پڄي سگهان ها ۽ ٿي سگهيو ٿي تہ پٺر جي گولي

سان ڪنهن هڪڙي يا ٻن ڪـي ماري ٻه چڙيان ها، ليڪن اهو شايد ڪين ٿي پيؤ هو، ان ڪري هنن هڪ ٻئي کان جدا ٿيڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي.

اهڙي طرح اسان جون ٻه ٽي ڀيون چڪريون ٿيون ته سڄي ٻيلي ۾ اونڌيرو ڇانئجي ويو. ان وقت اسين وٿاڻ کان ٻه ميل کن پري هئاسون. ان وقت مون همراهن مان هٿ ڪڍيا. واپس ورڻ جي ڪيم. سندن وري حملي ڪرڻ جو گهٽ ۾ گهٽ ته ٻه اڄوڪي رات امڪان ڪونه هو. ڇاڪاڻ ته جوءِ جا واقف ڪونه هئا ۽ اونده رات ۾ وٿاڻ ڳولڻ هنن لاءِ ناممڪن هو. منهنجي وٿاڻ تي موٽي اچڻ کان اڳ ڏي ڇاچوٽنگ جي ٻڪيءَ کي ٻڌيو ويٺو هو. ٽنگ کولي ڦٽ ڏنو مانس. ٻڪيءَ جو انچ کن ڇيري گولي نڪتي هئي، باقي سڄي ٺيڪ ٺاڪ هئي، ڏکين ۽ مينهن کي ڦٽ لاءِ جيڪو ملم ڪتب آڻيندا هئاسون سو وري لڳائي ٽنگ کي ٻڌي ڇڏيو مانس، ڏک جو مٿس ڪوبه اثر نه هو، بلڪ اڄ تمام گهڻو خوش ٿي ڏٺو، شايد مون واريءَ تبديليءَ مٿس اثر ڪيو هو.

ڀهريائين مون کان خبرون پڇيائين پوءِ ٻڌايائين ته ابا اهي ڪي ڌاڙيل نه آهن، ڦورو آهن، بس ڌاڙيون هڻن ۾ اٿن انهن جي زور تي غريبن کـي ڇيڇلائيندا وتن، اصل ۾ ڌاڙيل غريبن جا هڏ ڏوکي هوندا آهن اميرن کان مال ڦري غريبن ۾ ورهائيندا آهن. ان ڪري غريب عوام ٻه ساڻن ساٿ ڏيندو آهي. هنن راه گناه مون کي

ڏک هنيو. مون ته ساڻن اهڙي ڳالهه به ڪانه ڪئي.

اڃا رات گذري پئي هئي ته اسان ٻنهي اٿي مال جي ڏوپ ڪئي ۽ پوءِ مال کي ٻيلي ۾ ڀهرائي ڇڏيوسون مون وٽان ڪان ٿورو پري ڇپلهه جيڏي ڪڏ ڪوٺي ڪتا ان ۾ ٻوري ڇڏيا. تنهن کان پوءِ رات جو منهنجون ٻه مينهون وٽاڻ تي نه آيون هيون انهن جي ڳولا لاءِ ٻيلي ۾ لهي پيس ۽ چاچي عبدالله کي به سمجهايم ته في الحال وٽاڻ کان ٽرڪي وڃي.

منجهند ڌاري مونکي مينهون هٿ آيون، تن کي هڪلي مال پيڙو ڪيم، تنهن کان پوءِ سڌو وٽاڻ تي آيس. جڏهن مون لڪي لوڙهي جي ٻاهران وٽاڻ جي چڪاس ورتي، ته زمين پيرن هيٺان نڪري ويئي، تڏهن لوه ڏئي دروازي کان مٿي وٽاڻ ۾ آيس، ته اندر ڪاريءَ وارا ڪک لڳا پيا هئا. اسان جون ڪٿون، بسترا رڌڻ پچائڻ ۽ کائڻ پيئڻ جا ٿانوَ، ٻاٽيءَ جو مٽ ۽ گلاس، ڏڌ ولوڙڻ جون چاڏيون ۽ ماڌاڻيون، ڪير ڏهڻ جون دڪيون، اسان ٻنهي جا ڪپڙا، مطلب ته وٽاڻ ۾ ڪا شيءِ نه هجي. يا الاهي ڇا ماجرا آهي. ڪيڏانهن ويو چاچو عبدالله ۽ هيترو سامان ڪيڏانهن ويو. وٽاڻ کي چار ئي ڪنڊون گهمي ڏٺم ۽ ڪجهه زمين تي پيرن جا نشان ڏٺم ته ٿوري ٿوري ڳالهه سمجهه ۾ آئي، ان ڪري وٽاڻ مان نڪري اچي پيهي تي چڙهيس ۽ ٻچاءَ بند ڏانهن ڊوڙ پاتيم. پهي تي ٽرڪ جي ٽائرن جا واضح

نشان هئا. هاڻي ته مونکي ڳالهه سمجهڻ ۾ دير نه لڳي.
بند تي چڙهڻ شرط دل کي عجيب قسم جو ڌچڪو
لڳو، اتي جي حالت ڪا دل کي موهيندڙ ڪانه هئي،
بلڪ دل کي ڏڪوڏيندڙ هئي، متي بند تي پوليس جون
پنج ٽرڪون ۽ هڪ جيپ بيٺل هيون، ڏيڍ سئو کن
پوليس جا سپاهي ۽ ٻيا عملدار پڪڙيا بيٺا هئا، جن جي
هٿن ۾ رائفلون ۽ متي تي لوهي ٽوپلا پاتل هئن. چاچو
عبدالله ٻئي هٿ زخمي ٽنگ ۾ وجهيو زمين تي ويٺو هو،
سندس پرسان هڪڙو انسپيڪٽر بيٺو هو. جنهن جو
هڪڙو هٿ سندس چيلهه سان ٻڌل پستول تي هو ۽
عجيب شان بيپرواهيءَ سان بيٺو ته هو پر سندس وات
مان ڪٿ پئي وهي، چاچي عبدالله تي گارين جون لوليون
لايو بيٺو هو. توهان مالوند پاڳيا نه آهيو، ذليل آهيو،
چور، ڌاڙڪو ۽ ڌاڙيل آهيو. پاڻاريدار آهيو. ڌاڙيلن کي
ٽڪايو ٿا. انهن کي ماني ٿا کارايو. انهن جي مدد ٿا
ڪريو. آءٌ هڪڙي هڪڙي جي چمڙي لاهي ڇڏيندس.
مال ۽ وٿاڻ سڀ ٻاهر ٿو ڪيرايان پوءِ ڏسان ته اهي
ذليل ڪٿي ٿا لڪن. منهنجو نالو عبدالرب آهي. متي
هن رب جي حڪومت آهي. هيٺ مون عبدالرب جي
حڪومت آهي. آءٌ ڏسي رهندس ته هو ڳهٽا ڏينهن ٿا
ٽڪن. دادوءَ ضلع ۾ مونکي اسپيشل ڊيوٽي ۾ آڻي اڇا
اٺ ڏينهن به ڪونه ٿيا ته بزدل پنهنجي ڪنڌي ڇڏي
ڀڄي آيا. مونکي پڪ آهي ته منهنجي نالي مان خفا

آهن. اي پوڙها ڪن ڪولي پڻ چند ڏينهن ۾ گهرڙي تو ڏيکاريانءِ.

همراه پنهنجي تقرير ۾ ايترو ته محو هو جو سندس پر ۾ اچي بيٺس ته به کيس خبر نه هئي. چاچي عبدالله نمائيون اکيون کڻي مونکي ڏٺو. حالانڪ معلوم تمام گهڻو گنڀير ۽ ڏک پريو هو. ليڪن مونکان ڪل نڪري ويئي. دل ۾ چيم ته منهنجا مولا بيشڪ تون عظيم آهين عزت ۽ ذلت تنهنجي هٿ ۾ آهي. اهو ئي چاچو عبدالله جنهن عزت سان جيئڻ ۽ مرڻ مونکي سيکاريو، تنهن جون اڄ پهرن جي اندر به انتهائي بي عزتيون ئي چڪيون آهن ۽ هو پنهي جاين تي بيوس ۽ مجبور رهيو آهي. يا رب تون ڪنهن کي مجبور ۽ بيوس نه بڻاءِ.

انسپيڪٽر عبدالرب منهنجي کلڻ تي مون ڏانهن متوجهه ٿي چڪو هو، سو رڙ ڪري مون کان پڇيائين ته تون ڪير آهين؟ سائين آءٌ به هن جهڙو هڪ مسڪين مالوند آهيان، اسين چا ڪريون هتي هو بندوقون کڻي اسانکي مارين ٿا، هن منهنجي چاچي کي ڏسو، ڪالهه ظالمن گولي هنئي اٿس. هتي توهان جي سختي آهي. آخر اسين غريب وڃون ڪيڏانهن، تيون ڪو اسان لاءِ ڇوٽڪاري وارو ذريعو ئي نه آهي. اسين جيڪڏهن هنن جا ساٿاري هجون ها ته پوءِ هو گولي ڇو هڻن ها.

شٽاپ! منهنجي ايتري چوڻ سان انسپيڪٽر هڪ پرپور ٿڦڙ مونکي وهائي ڪڍيو. ٿڦڙ اوچتو ۽ اهڙو پرپور

هو، جو مونکي ڏيٺهن ۾ تارا ڏسڻ ۾ آيا. مون هٿ لاڳي ڳل کي مهٽيو ته مونکي سندس منڊيءَ جو نشان به ڳل تي محسوس ٿيو. يڪدم وحشي محمود جاڳي پيو ۽ امالڪ مون ڪيس پاڪر وجهي وارو پٺي زمين تي ڪٽي ڀسڙيو، سندس ڏوپلو پري وڃي پيو، مٿيءَ ۾ سچو پيوت ٿي ويو، منهنجو مٿس اٿين حملو ڪرڻ سندس وهم گمان ۾ به ڪونه هو. پوليس جو پيو عملو جيسين انهي ڳالهه کي سمجهن، تيسين مون ڪيس ٢ – ٣ چنبا ۽ مڪون به وهائي ڪڍيون. پوءِ ته سندن وارو هو. هڪ به نه پر درجن جي حساب سان سپاهي منهنجي مٿان چڙهي ويا. هڪ ٻئي جي مٿان سپاهين جا منهنجي مٿان تهه چڙهي ويا. ان ڪري بندوقن جي قنداڪن يا لانگ بوٽن جي ٺڏن ڪان بچي ويس. انسپيڪٽر ڀرڀائين رڙيون ڪري پوءِ ٣ – ٤ ريوالور جا فائر ڪري سپاهين کي پري هٽايو. پوءِ به چار سپاهي مونکي ڏونرن ۽ ڪارائين مان جهليو بيٺا هئا. انسپيڪٽر ريوالور کي چمڙي جي ڪور ۾ رکي، سپاهين کي چيو ته ڇڏيوس. ليڪن مون ۾ سٺڻ ۽ سمجهڻ جو هوش ڪٿي هو. لوهه پاتيم ته چار ئي سپاهي چنبڙجي ويا. منهنجو هڪڙو هٿ انسپيڪٽر صاحب جي ڳچيءَ ۾ هو ۽ ٻيو هٿ سندس چيلهه واري پٽي ۾ هو. ٻئي هٿ منهنجا ايا هئا ۽ صاحب رڳو ٻي ٻهچن واريون مٿي ئي مٿي چڙيون هٽي رهيو هو. بند جي ڪناري تي ٻيهي هيٺ اڇل

ڏني مانس ته ارڙهن ويهه فـوٽ هيٺ ٻولاٽيون ڪاڌيندو ويو. مون سان سپاهين وري ٻه ساڳي ويڙهه ڪئي. ليڪن شايد انسپيڪٽر اٿڻ ۽ ٻند ٿـي مٿي چڙهڻ ۾ ڦڙتـيءَ کان ڪم ورتو هو. سپاهين جو گهوڙهه ٿي چڪو هو. تن کي هٽائي ٻه ڊگهيون لاٺيون ٺاهيائين. تيسين ۵-٦ سپاهي منهنجي پٺڪي سان منهنجون پنيريون ٻانهون ٻڌي چڪا هئا ۽ آءٌ اٿي پيرن پر بيهـي رهيس. انسپيڪٽر سپاهه جي لام ٻندي ڪري گوليءَ موافق سڌو مون وٽ آيو. اچڻ شرط پنهنجن هٿن سان منهنجا ڪپڙا ۽ ٻٽ چنڊيائين. حالانڪ مونکي ته ڪجهه نه ٿيو هـو، هڪ رهڙ به نه آئي هئي، سندس حالت الاهي خـراب هئي. تنهن هوندي به منهنجون ٻانهون کولي پٺڪو منهنجي ڪلهي تي رکيائين، سندس هٿن ۽ چهري مان شفقت ڏسڻ ۾ پئي آئي. تنهن ڪانپوءِ منهنجي سيني تـي ٺونگو هڻي چيائين ته آخوند تنهنجو نالـو محمود آهي؟ مون چيو ته ها. تنهن کان پوءِ چيائين ته اصل غلطي منهنجي آهي، تون اڻين نه سمجهجان ته ڪو آءٌ تو کـان ڊڄان ٿو. مون پئي دفعا انهيءَ ڪري مار کاڌي جو آءٌ تصور ڏئي نٿي ڪري سگهيس ته تو جهڙو معمولي ماڻهو ڪو اڻين پوليس انسپيڪٽر سان وڙهندو. هينئر ته نڪو آءٌ توسان نڪو تون مون سان وڙهي سگهندين. ليڪن سچي چمار اها منهنجي دل ۾ حسرت ۽ داغ رهندو. بهرحال تون دلير آهين ۽ دلير ماڻهوءَ لاءِ مون وٽ عزت آهي.

ته جهڙي بهادر ماڻهو جي هٿان منهنجي بي عزتي منهنجي لاءِ برداشت جوڳي آهي، تنهن هوندي به آءٌ فراخدلي سان تسليم ٿو ڪريان ته غلطي منهنجي آهي. صبح جيئن ڏي مون فورس، وٺي ۽ وٿاڻن کي خالي پئي ڪرايو تيئن مونکي ڪيترن ئي پاڳين تنهنجي ڪاڻ واري ڌاڙيوالن جي چڪريءَ بابت ٻڌايو ۽ ٻڌايائون ٿي ته هنن سئو کن رائونڊ فائر ڪيا هئا. هتي تنهنجي چاچي جي ٽنگ کي پئي ٻڌل ڏسي به مون اڪيون نه پٽيون مون ان ڳالهه کي ڪابه اهميت نه ڏني. خير اها ڳالهه ختم ٿي ويئي. هاڻي ٻڌاءِ ته ڪالهه ڇا ٿيو هو. مون ڪيس مختصر لفظن ۾ ڪالهه واري ڪارگذاري ٻڌائي ته پاڪر پاتائين. آخر ۾ چيائين ته اڄ شام جو سج لهڻ مهل هن ساڳي جاءِ تي منهنجو انتظار ڪجان، آءٌ ضرور ايندس ۽ اڪيلو ايندس. وڌيڪ توسان آءٌ پوءِ ڳالهائيندس.

هڪ ٽرڪ ڊرائيور ۽ اٺن سپاهين جي جٿي کي حڪم ڪيائين ته اسانجو سمورو سامان ٽرڪ ۾ وجهي وٿاڻ ۾ پهچائي اچن ۽ پاڻ ٻيءَ پوليس کي چيائين ته هاڻي پيلو خالي نه ڪرائبو. جيڪي ماڻهو باهر ڪڍيا اٿئون تن کي به چئو ته پنهنجن ٽڪاڻن تي هليا وڃن. اسان جو سامان اچا سپاهين ٽرڪ ۾ رکيو پئي، ته پاڻ به جيپ ۾ چڙهي ڏکڻ طرف روانو ٿي ويو. اسين جڏهن واپس وٿاڻ تي پهتاسون ته چاچي عبدالله جي اکين ۾ عجب قسم جي چمڪ هئي. شايد منهنجيءَ همٿ کي

ھو پنھنجي ذاتي فتح سمجھي رھيو ھو.

مقرر وقت، تي بند تي چڙھي جڏھن مون ڏکڻ طرف نھاريو تہ تيز رفتار گھوڙي تي ھڪ سوار اچي رھيو ھو. جو اڪيلو ھو. جڏھن ويجھو آيو تہ سڃاتم. پر ھو اچي ٽپ ڏئي گھوڙي تان لھي پيو. اھو انسپيڪٽر عبدالرب ھو، جنھن جي دعوىٰ ھئي تہ ھن زمين تي سندس حڪومت آھي. خانگي ڪپڙن ۾ ھو. سندس چھري تي عجيب قسم جي اداسي ۽ سنجيدگي ھئي. اسان ٻنھي خشڪ نموني سان ھڪ ٻئي ڏي نھاريو ۽ ھٿ ملايو. ھن جي دل ۾ ڇا ھو تنھن جي مونکي خبر نہ ھئي. ھيءُ اڪيلائيءَ ۾ مون سان ڇو ٿي مليو ۽ اڪيلو ڇو آيو ھو، انھن سوالن جا نہ مون وٽ جواب ھئا ۽ نہ وري پرواھ ھئي. ھٿن مري مونکي مرڻ لاءِ بي چين ڪيو ھو. سو آءٌ پاڻ ئي مرڻ لاءِ سڪيس پئي. باقي پرواھ ڇا جي. اسين جڏھن ھٿ ملائڻ ڪانپوءِ ھڪ ٻئي ڏي تيز نگاھن سان نھاري رھيا ھئاسون، بلڪ صحيح ائين ھو تہ ھڪ ٻئي کي توري رھيا سون، ان وقت اولھہ طرف سج اسان کان پري وڻن جي چوٽين کان ڳاڙھي ٿالھہ وانگر لھي رھيو ھو.

معمولي خير عافيت ڪانپوءِ انسپيڪٽر گھوڙي کي بند کان ھيٺ لاھي ڪچي واري پاسي ھڪ ڪنڊيءَ جي وڻ سان ٻڌي آيو ۽ موٽ تي سندس ھڪ ھٿ ۾ دونالي بندوق ھئي ۽ ٻئي ھٿ ۾ توبرو ھئس، جنھن مان

چار پائي جا دبا ڪارتوسن جا ڪڍيائين. اسين ٻئي بند
جي پاسي کان ويهي رهياسون، تنهن ڪانپوءِ هيءُ مون
کي بندوق جي استعمال بابت سمجهائڻ لڳو. چيائين
ته بندوق تو لاءِ هن وقت تمام ضروري آهي، ڏاڙيوال
تو تي مچرجي ويا آهن، سي سگهو ئي تو کان پلاند
وٺڻ لاءِ توسان ٽڪرائبا، هنن کي پڪ آهي ته تو وٽ
بندوق نه آهي، تنهن هوندي به هو لڪي اوچتو
توتي حملو ڪندا ۽ حملو به گهڻو ڪري وٽاڻ تي
ڪندا، آءٌ جيتري قدر ڄاڻان ٿو ته هي يا ته صبح ساڻ
يا شام جو سانجهي ڏاري ايندا، صبح مهل هنن جي
اچڻ جو امڪان اڃا به گهٽ آهي. ڇاڪاڻ ته هو هن
ٻيلي ۽ جاءِ جا واقف نه آهن. ها، اهو به ٿي سگهي
ٿو ته هو ڪنهن پاڳئي کي ٻيلي مان پڪڙي انکي سونهون
ڪري وٽاڻ تي پهچي وڃن. تنهن هوندي به هنن جو
صبح جي اچڻ جو امڪان گهٽ آهي، آيا ته وري به
شام جو ايندا. پر ايندا ضرور. تنهن کان پوءِ چيائين ته
هنن وٽ جيتوڻيڪ ٿري ناٽ ٿري جون بندوقون آهن،
جيڪي پري پري تائين مار ڪري سگهن ٿيون. ليڪن
هھڙي گهاٽي ٻيلي ۾ هو بيڪار آهن، ڇاڪاڻ ته ان
جي گولي صحيح نشان تي تڏهن ڇٽبي جڏهن، هڪڙو
ته هٿندڙ ماهر هجي ٻيو ته نشان بلڪل واضح يا چٽو
هجي، اها مونکي پڪ آهي ته ڪامياب تون ٿيندين.
جڏهن تو گلول جي زور تي هننکي ڀڄائي ڪڍيو آهي

ته هاڻي ته ته وٽ بندوق آهي، صرف اها ڪوشش ڪجان ته هو اوچتو توتي حملو نه ڪن. پاڻڪي هروقت چوڪس رکجانءِ.

مون ڪلي چيو مانس ته واه صاحب واه خوب عقل ويڙهايو اٿئي. چوندا آهن ته نانگ مارائجي ته دشمن هٿان، نانگ مئو ته به سوپ، پر جي دشمن مئو ته هيڪاري واه واه. اڄ اڳئين پهر منهنجي هٿان تنهنجي بي عزتي ٿي آهي. تنهنڪي تنهنجي عملي به ڏنو، شايد اهو ئي خار تنهنجي دل ۾ آهي، جو هيڏو وڏو ڏانو ڪري ڪري آيو آهين. ڏاڙيوالن ڪي مارڻ تنهنجي ذميواري آهي، هيترا سارا ماڻهو ۽ هيتريون بندوقون هٿ هيٺ اٿئي، ٻئي ۾ لهي پوڻ صرف چار ته ڏاڙيوال آهن، تنڪي گولي، گهيري هيٺ آڻي خود ڇو نٿو مارين؟ منهنجي انهيءَ چوڻ تي انسپيڪٽر هڪڙو ڏکيو فلسفو ڪڍي ويٺو ۽ چيائين ته آئون ڪنهن ٻئي نموني ۽ ڪنهن ٻيءَ فطرت جو ماڻهو آهيان. زندگي يا زنده رهڻ جو منهنجو معيار ئي نرالو آهي. صبح واري واقعي کي جنهنڪي تون منهنجي بي عزتي ٿو چوين، انهيءَ جو مون تي ترجيترو به اثر نه آهي. صبح جو ڪڄه ٿيو اهڙن ڳالهين پٺيان جيڪڏهن ماڻهو وچڙندو رهي ته جيڪر زندگي ئي اڌوري وڃي رهندي، ان ڪري منهن جي خيال ۾ ته ڪنهن ڳالهه تي اٽڪي بيهڻ کان بهتر آهي ته انسان وڌندو رهي. انهيءَ ڪري آئون تو وٽ

آيو آهيان ۽ تنهنجي هٿان ڌاڙيوال مارائڻ چاهيان ٿو.
ڌاڙيوالن جو موت مون لاءِ واڌارو آڻيندو، توسان اڳ ڪي
پيهڻ مونکي ڪابہ هٿي نہ ڏيندو بلڪ الجهاءُ پيدا ڪندو
مون هيءَ زندگي پنهنجي پاڻ بنائي آهي ۽ سپاهي مان
انسپيڪٽر ٿيو آهيان، هر طرح جا ڏک ۽ سختيون سٺيون
اٿم. زندگيءَ جي هر رخ جو تجزيو ڪيو اٿم ۽ گهاٽ
گهاٽ جو پاڻي پيتو اٿم. ان ڪري حياتي گذارڻ جو
رنگ ۽ ڍنگ منهنجو علحده آهي. عقل ۽ طاقت کي
پنهنجي پنهنجي جاءِ ۽ وقت تي استعمال ڪندو آهيان.

ڌاڙيوالن کي بيلي ۾ ڳولهي دوبدو انهن سان مقابلو
ڪري کين مارڻ نہ رڳو مشڪل آهي، پر جوکائتو
آهي. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڀہ يا چار سپاهي مقابلي
۾ مارجي وڃن ۽ ڌاڙيوال جهنگ مان فائدو وٺي ڀڄي
وڃن. انهيءَ ڳالهہ کي سپاهي بہ سمجهن ٿا، ان ڪري
هو ڪڏهن بہ ڪونہ چاهيندا تہ قليل پگهار جي عيوض
پنهنجي جان جوکي ۾ وجهن. تنهنڪان سواءِ ايڏي وڏي
ذمہ داري کڻڻ لاءِ آءٌ پاڻ بہ تيار نہ آهيان، بيءَ صورت
۾ ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ ”چور چٽي وڃي، ۽
پاڳيو قابو“.

ڌاڙيوالن يا غدارن کي هميشہ عوام جي هٿان يا
سندن سهڪار هيٺ ماريو ۽ ختم ڪيو ويندو آهي. هنن
چرين ۾ ايترو عقل ۽ سانجهہ نہ آهي، ان ڪري پبلڪ
سان بگاڙي ويهندا آهن، ۽ غريبن کي خواه مخواه

چيچلائيندا آهن. پوءِ ماڻهو به ساڻن نفرت ڪندا آهن ۽ پوليس جي مدد سان سگهو ئي کين ختم ڪري وجهندا آهن. ٻيءَ حالت ۾ جيڪڏهن سندن رويو عام پبلڪ سان سٺو هجي ۽ پبلڪ ساڻن تعاون ڪرڻ شروع ڪري ڏئي ته پوءِ کين مارڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي، ۽ ڌاڙيوالن مان چڱا مڙس ۽ غدارن مان حڪمران ٿي پوندا آهن، منهن جي بردباري ڏس پنهنجي بي عزتيءَ کي درگذر ڪري مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ توسان ڪلهو ڪلهي ۾ ملايو ويٺو آهيان ۽ اها پڪ اٿم ته هو معمولي ڳالهه تان توهان سان مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي ويا هوندا، بلڪ انهيءَ ڳالهه کي هو وساري نٿا سگهن، ان ڪري سگهو ئي تو سان ٽڪرائبا، ان لاءِ توکي آءٌ تيار پيو ڪيان پڪو يقين اٿم ته، هنن جو تنهنجي هٿان خاتمو ٿيندو.

تنهنڪان پوءِ بندوق جا ٻئي نال پيري هڪ ٻئي پٺيان ٻئي فائر ڪري مونکي سمجهايائين، انکان پوءِ بندوق منهنجي هٿ ۾ ڏئي، چار فائر منهنجي هٿان ڪرايائين ته جيئن عملي طور بندوق ڇوڙڻ جي مونکي خبر پوي ۽ چوڻ لڳو ته اهڙا هٿيار وقت تي ڪم آڻڻ لاءِ آسان هوندا آهن. تنهن کان پوءِ موضوع بدلائي چوڻ لڳو ته اڄ مون تو بابت به انڪوائري ڪئي آهي، جنهن مان تمام حيرت انگيز معلومات حاصل ٿي آهي، مونکي صبح ئي انهيءَ ڳالهه تي حيرت هئي ته تون ڪجهه مٺي، تنهنجو پيءُ پيلي ۾ ۽ مال جي وٿاڻ ۾ چيا. تنهن کان سواءِ

تنهنجي رنگ ۽ جسماني بيهڪ پڻ مونکي حيران ڪيو ان ڪري مون تو بابت پڇا ڳاڇا ڪئي، واقعي تنهن جي چاچي تو سان انتهائي ظالماڻو سلوڪ ڪيو آهي، اگر تون چاهين ته توکي چاچهين کان تنهنجي حق وٺي ڏيڻ لاءِ آئون هر ممڪن مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، تو مونکي ڪافي متاثر ڪيو آهي، ان ڪري تو سان مدد ڪرڻ ۾ خوشي حاصل ڪندس.

”نه، تنهنجي مهرباني اهو چاچا جو ۽ منهنجو گهرو معاملو آهي، تنهنکي في‌الحال آءٌ نبيرڻ نٿو چاهيان. آءٌ اڪيلو سر آهيان، منهنجون ضرورتون به ٿوريون آهن، تنهنڪان سواءِ منهنجي خيال ۾ ته اجا حالتون اهڙيون آهن، جو انهيءَ مسئلي کي اجا نه ڇيڙيو وڃي ته بهتر آهي. جيڪڏهن وقت جي اهڙي تقاضا ٿي به ته، مون کي الله ۾ ڪامل يقين آهي ته جيڪڏهن مون کي صدمن سهڻ لاءِ صبر ڏنو اٿس، ته پنهنجي حق حاصل ڪرڻ لاءِ ايتري طاقت به ڏيندو، جو پنهنجي سر پنهنجي ٻانهن جي زور تي پنهنجو ورثو حاصل ڪري سگهان.“

مون ڏي نهاري ڊگهو ساهه کڻي چيائين ته اهڙي ساڳي آچ جيڪڏهن ڪنهن به ٻئي ماڻهوءَ کي ڪريان ته هوند خوشيءَ ۾ ڪونه ماپي ها، ليڪن تون عجيب ماڻهو آهين، اجا تون نوجوان آهين ۽ رت گرم اٿئي، انهيءَ ڪري انهيءَ ڳالهه کي اهميت ڪونه ٿو ڏين، موقعي مان فائدو وٺڻ گهرجي. اها ئي عملي زندگي آهي

اِنسان کي موقعا بار بار نه ملندا آهن. وقت وڃائڻ کان پوءِ انهيءَ ڳالهه جو سڄي زندگي افسوس ٿيندو آهي. حساب ته ڪر ڪيڏي نه وڏي ملڪيت آهي. هڪ واري تنهن جي هٿ ۾ اچي وڃي ته پوءِ باقي توکي ڇا کپي.

انسپيڪٽر جي انهن ڳالهين سان ساهل جي موت جي گهاءَ دل ۾ مانداڻ ڪئي ۽ ياڳل جو ڪنابو به دل ۾ چيڙ لڳو، اها پڪ هيم ته هوءَ به مون وانگر ساڳي ويڌن ۾ قاتل هوندي. چاچا جن جي ڪيل ظلمن ۽ بي عزتين دماغ ۾ ڪورا ٻاري ڏنا، ان ڪري انهيءَ مهل منهنجن اکين ۾ رت تري آيو. سڄي بدن ۾ بيچيني ڦهلجي ويئي. سو انهيءَ موضوع کان جند ڇڏائڻ لاءِ چيومانس ته هاڻي جيڪڏهن وٺاڻ تي هلين ته توکي ماني ڪارايان، ٻي ڪا مون مسڪين جي ذمي ڳالهه ڪرين ته به تنهن کي بجا آڻڻ لاءِ آءٌ تيار آهيان. چاچا عبدالله کي منهنجو انتظار هوندو. ڌاڙيوالن جي ڪري هنکي منهنجي تمام گهڻي چنتا هوندي، تنهن ڪانسواءِ هنکان موڪلائي يا ڪيس ڪجهه ٻڌائڻ به ڪونه آيو آهيان، زندگي رهي ته وري ملنداسون، اڏين چئي اُٿون اٿي کڙو ٿيس. پاڻ به اٿي بيٺو. بندوق ۽ ڪارتوس مون سنڀاليا. پاڻ هيٺ لهي گهوڙي کي ڪاهي آيو، مون سان هٿ ملائي موڪلايائين. پوءِ گهوڙي تي چڙهي روانو ٿي ويو ۽ مون به پهو ورتو ۽ وٺاڻ ڏي

روانو ٿي ويس.

اچا رات گذري پئي هئي ته مال کي ڏهي، ٻيلي ۾ ڦهرائي ڇڏيوسون ۽ سج ايرڻ کان گهڻو اڳ اسين وٿاڻ مان نڪري وياسون. مون وٿاڻ کان اترطرف ٻهي جي پرسان آسري لون، جي گهاٽاڻ ۾ هڪڙي ڪنڊي وانگر ٻيهي ناهي، ان تي سرن جا ۽ ڪانهن جا پن وجهي پنهنجي رهڻ لاءِ آستانو ناهيو ته جنهن ٻهو وڻي ٻنهي پاسن کان ڪير به اچي ته ان تي نظر رکي سگهجي. ۽ هو ڏسي نه سگهي اهڙيءَ طرح چاچي عبدالله وٿاڻ کان ڏکڻ طرف ٿورو ٻانوجرو ڪري وڻن جي آڙ ۾ پيهڻي ناهي، جيئن وٿاڻ جي در تي نظر رکي سگهجي. وٿاڻ ۾ ڏڌ ولوڙڻ ۽ ماني پچائڻ، جو ڪائنتو ڪم هو، ان ڪري چاچا عبدالله کير کٽي، ٻچاءَ ٻند کان ٻاهر جتوڻن کي ڏئي ايندو هو ۽ ماني، ڏڌ ۽ مکڻ کٽي ايندو هو.

اسان کي ڪو گهڻو وقت انتظار ڪونه ڪرڻو پيو. هڪڙو ڏينهن اچا گذريو ته ٻئي ڏينهن ٽپهريءَ ڌاري، ٻهي ۾ الهندي طرف کان ڇئن پنجن ڄڻن جو دڦڪ ڏسڻ ۾ آيو. آءٌ اڳيئي گهات ۾ ويٺو هوس، سو بندوق کٽي هٿ ۾ ڪيم، درجن کن ڪارتوس ور ۾ وجهي ٻيهي ڇڏي، لڪندو ٿورو اڳيرو ، ٻن ڄاڙن ٻپرن جي آڙ وٺي ويهي رهيس. ٿوري دير ۾ همراه به اچي ويجها ٿياءِ بندوقن جي زور تي هڪڙي پاڳئي ڪسي سونهون ڪري وٿاڻ تي حملي جي رٿيت ڏسان وڻي پئي، آباءِ ڄاڏهن

سچو چانڊيو ڀاڳيو ۽ ٻه ڏاڙهي‌وال ٿورو واڍائو ٿيا ۽ ٻوڏيان ٻه چڙها منهن جي مهاڙ ۾ آيا، تڏهن مون هڪ ٻئي پٺيان ٻه ڏڪ هڻي ٻوڏين ٻن همراهن کي ڊاهي وڌو منهنجا فائر بلڪل اوچتو هئا، اها ڳالهه شايد سندن وهم گمان ۾ به ڪانه هئي. ان ڪري اڳين همراهن به ڊاهوڙ ڪائي ڀاڄ ڪاڍي، انهيءَ وچ ۾ سچو ۽ چانڊئي کي وجهه ملي ويو، تنهن يڪدم ڀهو ڇڏي وڻن ۾ گهٽ هڻي ۽ گولي ٿي ويو. مون به اها جاءِ ڇڏڻ ۾ دير نه ڪئي، هڪ وڏو چڪر ڪاٽي وري اچي ساڳيءَ پڀيءَ تي چڙهي ويٺس، جتان ڀٽ تي ڪريل رهزن صاف نظر پئي آيا. منجهن اٿڻ ويهڻ ڪونه هو. ٿوري مفاصلي ۽ ٿلهن ڇرن وارن ڪارتوسن شايد سندن زندگي چٽي ورتي هئي. سگهوئي اپرندي ڪان به فائر ٿيا. سوچيم ته هاڻي همراهن پاڻ سنڀاليو آهي ٿي سگهي ٿو ته موٽ ڪائين، ايتري ته پڪ هيم ته هڪواري پوئتي ڪريل همراهن جي سار لهڻ لاءِ واپس ضرور ايندا. اوچتو منهن جي بلڪل پرسان هڪ ٻئي پٺيان ٻه فائر ٿيا. هڪڙي گولي ته مون ڪان ٿي فٽ ڪن مٿان لنگهي ۽ آسري لئن جا ڏار ڇيريندي وئي. لئن جو ٻور مينهن وانگر پڀيءَ تي وسڻ لڳو. دشمن صفا سر جي مٿان اچي پهتا هئا، پڀيءَ تان لهي پڄڻ جيترو وقت به مون وٽ نه هو. هاڻي شايد کين عقل آيو هو، جو ڀهو ڇڏي، پڀي جي پرسان جهنگ اناڙي پنهنجي پوئتي ڪريل ساٿين

ڏانهن وڃي رهيا هئا، اها منهنجي بدقسمتي هئي جو، هو پٺيءَ جي پرئين طرف بجاءِ مون واري پاسي کان لنگهي رهيا هئا، منهن جي پيهي حالانڪ لئن جي هڪ گهاٽي جهڳٽي ۾ هئي، تنهن هوندي به اڳيان موت ۽ زندگي جو سوال هو. ان ڪري آءٌ بلڪل بـي جان ٿي ليٽي پيس. بندوق منهن جي کاٻي پاسي کان پئـي هئي، ممهنجو ساڄو هٿ مٿانس رکيل هو. فائـرن کان پوءِ جڏهن سانت اچي ويئي ۽ پکين جي ڦڙڦڙاهـٽ به ختم ٿي ويئي، تڏهن، همراهن جي چرپـر جا آواز اچڻ لڳا، سندن احتياط هوندي به سڪن پنن ۽ ڪانئين تي سندن پيرن ڪي ڪجهه آواز پيدا ڪيا ٿي. منهنجي پيهي کان گهندي ڏئي اچي لانگهائو ٿيا، هٿن ۾ بندوقون هين ۽ ڪونگڙا ٿي آهستي آهستي هڪ ٻئي پٺيان جڏهن مٿيا تڏهن مونکي به ساهه ۾ ساهه پيو ۽ دل ۾ چيم ته آءٌ بدقسمت پاڻ کي ٿو چوان، ليڪن ڪٿي هنـن موذين کي به ڪنيو وٺي. سو نڪا ڪيم هم نڪا تم بندوق هٿ ۾ ڪٺي پوئين همراه تي نال خالي ڪيم، پر ٻئي فائر ڪرڻ جو موقعو نه مليو، چاڪاڻ جو اڳيون همراه منهنجي توقع کان وڌيڪ ڦڙتيلو ثابت ٿيو. هڪڙو ته فائر پڌڻ شرط زمين تي سهي پيو، ٻيو ته گهمري کائي جنهن لئن جي جهڳٽي ۾ آءٌ هئس اوڏانهن منهن ڪري بندوق جو منهن کولي ڇڏيائين. ڌوهه....ڌوهه....ڌوهه.... بندوق تي جهڙو پٺو چڙهي ويو، اهو سڄو ٿيو جو مون

کي به سمک اچي ويئي، جيئن ئي اڳئين همراه زمين تي پاڻ چڙهيو. تيئن مون به ٽپ ڏئي پيهيءَ کي چڙهي ڏنو، بلڪ زمين تي گيڙنديون پائينديءَ ٽورڙو ترڇو ٽي فائرن جي زد مان نڪري ويس. ٻيءَ حالت ۾ منهنجو سمورو گوشت ٻوٽين جي صورت ۾ وڻن جي چوٽين تي ڇهٽيل هجي ها ۽ ٻئي ڏينهن، ڪانگن، سرڙهين ۽ سانپاهن جي لاءِ عيد هجي ها. هاڻي منهنجو رخ چاچي عبدﷲ جي پيهي ڏانهن هو. جڏهن آءٌ اتي پهتس ته پاڻ پريشان حالت ۾ پيهيءَ کان هيٺ بيٺو هو. مون کي ڏسي منهن تي سرهاڻ اچي ويس ۽ پڇڻ لڳو ته بچيو آهين؟ فائر صفا تنهن جي پيهيءَ وٽ هئا، مون سموري ڳالهه ڪري ٻڌائي مانس ته ٽي جڻا ختم ٿي چڪا آهن ۽ باقي هڪڙو رهي ٿو. تنهن تي چيائين ته اها ڳالهه وڌيڪ خطرناڪ آهي. هيءُ ٻيلو آهي، هتي ڇئن ماڻهن کي سارڻ ته سولو هو، پر هڪماڻهو جيڪڏهن ٻيلي ۾ لڪي وڃي ته ڪنهن وقت به اوچتو پاڻ تي حملو ڪري پاڻ کي نقصان رسائي سگهي ٿو، تنهنڪان سواءِ جيڪڏهن في الحال پرڀنءَ ڪنديءَ هليو ٿو وڃي ۽ وري اوچتو پاڻ تي حملو ڪري ته پاڻ بي خبري ۾ مارجي وينداسون. هي مرون آهن پنهنجي زندگيءَ تان آسرو ڪنيو وتن، سو پلاند ضرور ڪندا آهن. تنهن تان مون چيومانس ته چاچا فڪر نه ڪر ڏنو ويندو.

شام ٿي چڪي هئي مال وٿاڻ ۾ گهڙيو پئي. مال

ڪي واڙن ۾ سهيڙڻ اسان جي وس کان ٻاهر هو. وٿاڻ
جي پرسان ئي فائرن جي آواز تي مال ۾ رنڀو رنڀ هئي
ان ڪري هاڻي ته وٿاڻ کي گهولهڻ ته دشمن لاءِ ڏکيو
نه هو. هونءَ به وٿاڻ جي آس پاس ته بيٺل هو. ٻيلي
جا ڏاهڙ ڍور تن جو اسان کي به وٿاڻ ۾ ڪونه ٿي ڏنو،
سي ڏڳيون ته واڙن ۾ آيون ٿي ۽ رنڀون ڪري ٻاهر
نڪري ٿي ويون. مال سان اها ويڌن اسان به پئي ڏٺي
ليڪن وس کان ٻيوس هئاسون. ڪافي وقت کان نه
همراه فائر ٿي ڪيو ۽ نه ئي وري ڪا سندس چرپر پڌڻ ۾
ٿي آئي، تانجو ڏينهن پنهنجا وارا وڃائي موڪلائي ويو
۽ رات ڪنبي ڪولي سڄي ٻيلي ۾ اونڌيرو ڦهلائي ڇڏيو
جيئن ته ٻيلو اسان جو ساٿي هو ۽ اسين به سندس حال
ڀاڻي هئاسون، ان ڪري ٻيلي جي گهگهه اونداهي رات ۾
اسان جي نظر پري پري تائين ٿي وئي. اسان ٻنهي جون
اکيون وٿاڻ جي در ۾ کتل هيون ۽ ڪن کڙا هئا،
ليڪن دشمن جو ڪوبه پتو ڪونه ٿي پيو، مال ۾ ناپر
اچي ويئي هئي، پکي پکڻ به چپ هو. هر طرح سانت
ئي سانت هئي، تان جو چنڊ به اچي اڀريو شايد چنڊ
جي سترهين يا ارڙهين تاريخ هئي، جڏهن چنڊ به ڪافي
مٿي چڙهي آيو ۽ چانڊوڪيءَ وڻن جي ڇڊارڻ مان ڇڻي
ڌرتيءَ تي نور پئي پکيڙيو، ان وقت مال ۾ به ٿاهر
پيو ۽ اسان به وٿاڻ جي در وٽ هڪ پاڇولو ڀٽڪندي
ڏٺو، چاچي عبدالله مونکي ٺونٺ هڻي ۽ سون به هاڪار

۾ ڪنڊ ڏوڙيو. مينهون ته وٽان ۾ ڌي هيون. ليڪن ڏيڪيون آهستي آهستي هڪ ٻئي پٺيان ڊچنديون ڊچنديون ٻاهر نڪرنديون آيون ۽ بجاءِ ٻيلي ۾ پکڙجي وڃڻ جي اتي ئي همراه جي چوڌاري پکڙجي ويون، سندن پيچ ڏانڊ ٿي ويا ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ڪرن سان ٻڪيون اچلائڻ شروع ڪري ڏنائون. سندن ناسن مان لنڊيءَ ٻلان جي ڦوڪن جهڙا آواز پئي آيا. ڏسندي ڏسندي مگن ڪي نمائي ڏيڪيون همراه کي ويجهو پونديون ويون. سگهو ئي همراه به محسوس ڪري ورتو ته ڏيڪيون ڪيس گهيري چڪيون آهن ۽ گهيري کي سوڙهو ڪري رهيون آهن. سو پنهنجي يقيني ۽ خوفناڪ موت کي سيڪنڊن جي مفاصلي تي ويجهو ڏسي هن ذليل انسان بندوق جو منهن کولي ڇڏيو ۽ ڏائڻ ٻاهه وسائڻ لڳي. آناً فاناً هڪڙو سان، وهڙو ۽ ٿي ڳئون زمين تي وڇائجي ويون ۽ ڦٿڪڻ لڳيون. مال ۾ ڌاڪوڙو پئجي ويو. هرهڪ ڊيور پنهنجي منهن جهنگ ۾ ٽڙي پکڙي ويو، ويندي مينهون جيڪي واڙن ۾ اندر هيون، سي به وٽان جا لاڪڙ ڀڃي ۽ لوڙها ڦاڙي ڀڄي ويون. ٿوري دير اڳ ۾ جيڪا ٻيلي ۾ خاموشي ڇانيل هئي، سا ٽٽي چڪي هئي، آرام سان پنهنجن آستانن ۾ ويٺل پکي پنهن جا آکيرا ڇڏي کليل فضا ۾ لامارا ڏئي ۽ وڻن ۾ گهتون هڻي رهيا هئا، بيگاه رات جو بندوق جي اندا ڌنڌ فائرن وڻن ۽ زمين کي ڌوڏي ڇڏيو هو، بالڪل طوفان وارو

ڏيک هو.

بي زبان گگدامن جو حرام موت اسان جي سامهون پئي ٿيو ۽ دشمن کي ڏسي به رهيا هئاسون، اهو سڀ ڪجهه چاچي عبدالله جي طبيعت ۽ فطرت جي خلاف هو، ڪنهن ديور کي ڪير رهڙ ڏئي، ۽ چاچو عبدالله برداشت ڪري اهو نا ممڪن هو. سو چاچو ڪهاڙي هٿ ۾ ڪري پيهيءَ تان لهي پيو. ترت ئي لامارو ڏئي مون به ڪارائي مان جهلي ورتم ۽ پيهيءَ تان به لهي آيس. ڪاوڙ ۾ سندس ڪارائي ته ڇا پر سارو جسم باهم وانگر ٻري رهيو هو. ڪاوڙ ۽ غصي ۾ نازڪ وقت کان بلڪل بي پرواهه ٿي اڳتي وڌڻ جي ٿي ڪيائين، ليڪن منهنجن تمام گهڻين منٿن تي آخر ديرو ٿي پيو، سو وري ڪيس به پيهي پيڙو ڪيم ۽ آءٌ به مٿي چڙهي آيس.

موذي بندوق جا فائر ڪندو، وٿاڻ ۾ گهڙي ويو. جيئن ته اندر ڪير هو ئي ڪونه انهيءَ ڪري ساڳي حالت ۾ فائر ڪندو ٻاهر نڪري آيو ۽ وٿاڻ جي در وٽ بيهي رهيو. اسين به گهات ۾ ويٺا هئاسين ليڪن رهزن اهڙو ڪو موقعو ئي ڪونه ٿي ڏنو، آخر گهڻن ئي خالي فائرن کان پوءِ ذليل اهو ڪجهه ڪيو جنهن جي هڪ ظالم ۾ توقع رکي سگهجي ٿي. ڇا ڪيائين جو ماچيس ڪڍي وٿاڻ جي لوڙهي کي باهه ڏئي ڇڏيائين ورهين جي ٻٺ لوڙهي کي باهه تهه تائين وڃي ويئي، باهه جون ڇپيون آسمان کي ڇهڻ لڳيون، سڪن سان ساوا

ٻيرن جا وڻ به سڙڻ لڳا، سنڌن ڏار تاڪوڙا ڪائي ڪرڻ لڳا. چئني طرفن دونهون پکڙجي ويو. اسانجي آستاني کي اسانجي اکين اڳيان دشمن ساڙي ۽ ٻاري رهيو هو، سو اها ڪيفيت اسان کي به ٻاريندڙ هئي. تنهن ڪري چاچي عبدالله کي رکي رکي جو جوڄڪيون ٿي آيون ۽ ڏند ڪرٽي رهيو هو، گهڙيءَ گهڙيءَ پڇي ٿي ايو ٿي، ٿي ويو! آخر چلي پيو، چيائين: ”محمود! هينئر تون وري شايد ساڳيءَ ناڙيءَ نک تي ويٺو آهين؟ مونکي ساڳيو پراڻو تپڙ ڏو ڏسڻ ۾ اچين!“

مونکي اکين ۾ پاڻي چلڪي آيو، نس نس کي باهه وٺي ويئي عام حالت ۾ چاچو مونکي بابا پٽ ڪري ڪوٺيندو هو اڄ وري پيو دفعو منهنجو نالو سندس وات مان ٻڌو هئم، شايد ڪيس مايوسي وٺي ويئي هئي. اها به حقيقت آهي ته محبت هر وقت ياد هوندي آهي، سو هينئر به پاڳل مونکي هانوءَ ۾ سمايل هئي، اهو ئي وڏي ۾ وڏو سبب هو جيڪو مونکي ابهري قدم کڻڻ کان روڪيو ويٺو هو. چاچو عبدالله به شايد پنهنجي چيل لفظن تي نادم هو ان ڪري چپ ويٺو هو. باهه پنهن جي عروج تي هئي، ساون وڻن جي سڙڻ ڪري تاڪوڙا ۽ ڌماڪا هئا. بلڪل زلزلي جهڙو ڏيک هو. بندوق جا فائر بند ٿي ويا هئا، ڌاڙيوال، خبر نه پئي ته ڪيڏي مهل ڪيڏانهن هليو ويو هو! باهه جيتري روشني ٿي ڪئي، انهيءَ کان وڌيڪ ساون وڻن جي دونهين جا

ڪڪر نهندا ۽ پکڙندا ٿي وياءَ انهيءَ وقت مون ڏي
احساس ٿيو ته سنو موقعو وڃائي ويٺو آهيان، دونهين
۽ باهه جي روشنيءَ جي ڏي وٺ مان فائدو وٺي لڪي
لڪي دشمن جي ويجهو اچي ڪيس ماري سگهيس ٿي؛
ليڪن منهنجو ذهن بنهي وهڪري ۾ وهي ويو هو، هن
وقت ان تي سوچڻ ۽ افسوس ڪرڻ بيڪار هو، جيئن
ته باهه به اسان ڏانهن سرندي ٿي آئي ان ڪري مون
بندوق ڪنڌي ۽ آهستي ٿي پيهيءَ تان لهي آيس ۽ چاچو
به هيٺ لٿو، اڳيان آءٌ ٿيس، منهنجي پويان هو به پٺي
آيو. آهستي آهستي چپ چاپ بنهي اچي بند تي چڙهياسون
ڪچيو پڇيو اسان مان ڪنهن به ڪونه ٿي! مون ڪي
صرف سندس پيرن جي هلڪي ديڙات مان خبر پئي ٿي
ته چاچو پنيان اچي پيو! جيتوڻيڪ تن ڏاڙيوالن ڪي
فنا ڪري چڪو هوس، تنهن هوندي به چاچي اڳيان
پاڻ کي ڏوهاري ٿي سمجهيم! چاڪاڻ جو وٺاڻ سڙي
ويو هو، جيڪو بلاشڪ چاچي عبدالله جو سالن کان
آستانو هو ۽ سندس محنت هئي.

ان وقت منهنجي حالت جنگ مان شڪست کاڌل
سپاهيءَ جهڙي هئي. انهيءَ ڪري چاچي سان اکيون
چار ڪرڻ لاءِ تيار نه هوس! بند ڏانهن ويندي ويندي
هڪڙي ڳجهي سوچ دماغ ۾ اچي چڪي هئي جنهن
تي جيترو ويچار ٿي ڪيم اوترو پروسو وڌندو ٿي ويو.
بند تي چڙهڻ کان پوءِ چاچو هڪ وڻ جي چانو ۾

ويٺي رهيو، ڪيس اتي ٻيهندو ڏسي چيومانس ته چڱو خداحافظ حياتي رهي ته وري صبح ملندا سون. اٿين ڇٽي موز، اڳتي قدم وڌايا. چاچي عبدالله پڇيو ته ابا ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ جواب ۾ مون صرف ڪنڌ ڀوڳتي ورايو ۽ پيرن جي رفتار ساڳي رهي. سو چاچو اتي ئي بيٺي رهيو ۽ آءٌ وکون وڌائيندو هليو ويس، هاڻي منهنجي منزل پاڻوٺ وارو پتڻ هو، جيڪو اتان ڪان ڇهن ميلن جي پنڌ تي هو. اهو ئي درياءَ جي هن پار وڃڻ لاءِ ويجهي ۾ ويجهو پتڻ هو ٻيا سڀ پري پري پنڌ تي هئا. درياءَ ۾ چاڙهه هو ان ڪري سڪل ڪاٺيءَ يا ڪنهن ٻئي ترهي تي چڙهي پار پوڻ مشڪل هو، انهيءَ ڪري امڪان اهو ئي هو ته باقي بچيل ڌاڙيوال به پتڻ تي ضرور ايندو. هاڻي اڪيلي سر سندس اسان واريءَ ڪنڌيءَ تي رهڻ ناممڪن هو. اگر رهي ٿو ته جلدئي ماريو ويندو. هڪڙو ته هيءُ اڻ ڄاتيون هو، ٻيو ته ڌاڙيوال چار هئا، ان ڪري پاڳين ۽ مالوند ماڻهن سان به بندوقن جي زور تي ڦٽايو ويٺا هئا، پوليس به سندن ڪاڻ هئي انهيءَ ڪري پڪو يقين ٿي ٿيو تي همراه پار پڄڻ جي ڪندو نه ته هن ڪنڌيءَ وارو ٻيلو ڪيس ڪاٺي ماريندو.

اڃان رات گذ پيئي هئي ته آءٌ پتڻ تي اچي پهتس ۽ آڙ وٽي ويهي رهيس، هاڻي انتظار جو گهڙيون هيون جان ٿورو ٿري ته ٻک به اچي ورايو، گذريل ته پهريءَ ڪان هڻ هٽان ۾ وقت گذريو هو. هيستائين ته موتمار

مقابلي ۾ بک ياد به ڪونه هئي ليڪن هاڻي ته صفا
سناڻ تي سندرو ٻڌيو بيٺي هئي تنهن هوندي به بک جي
ته خير ڪا اهميت ڪانه هئي صرف اهو ئي خيال هو
ته متان دشمن بچي وڃي ۽ موقعو وٺي ڪو نقصان نه
پهچائي انهيءَ هر ڪر ۾ ڪاٻه چرپر ٿي ٿي يا ڪو پن
ٿي ڪڙڪيو ته به ڪن ڪڙا ٿي ٿي ويا، تان جو پنيرا
ڪو اچي ٿيو ۽ اونده تي سوجهرو غالب ٿيندو ويو آخرڪار
سج به ڪني ڪڍي. هاڻي منهنجي لاءِ هڪڙو ٻيو مسئلو
پيدا ٿيو هو. اها ته خبر هيم ته پيڙيءَ وارا هن ڪنڌي
جا آهن. ٻهريون پور اتائين ڪٺي ايندا ۽ پوءِ هتان اچي
پور پريندا ليڪن هن ڪنڌيءَ وارن مسافرن ڪان ڪيئن
پاڻ کي لڪايان؟ اڪثر ماڻهن جي عادت اها آهي ته
ڪنهن به ماڻهوءَ ڪان پوريون خبرون چارون نه وٺن
تيسين چڏين به نه. ٻيو خطرو ته انهن مان ڪونه هو پر
پاڻ وٽ ماڻهن جو ڳوڙهه به مناسب ڪونه ٿي سمجهم.
هوڏانهن همراه، جنهن جو انتظار هو، تنهن جي اچڻ جو
ڪو اجان جهونڪو به نه هو، جيئن دير ٿيندي ٿي ويئي
تيئن وسوسا وڌندا ٿي ويا. هاڻي هن ڪنڌيءَ مان پور
ڪٺي ايندڙ پيڙي به نظر پئي آئي. اج به درياءَ موج ۾
هو. ميلن ۾ پکڙيل پاڻي ئي پاڻي ۽ اڻ کٽ چوليون
هيون! صبح جو ٽائم هو، پيڙي جيئن ويجهو ايندي ٿي
تيئن عجيب ۽ دلچسپ نظارو ڏسڻ ۾ ٿي آيو!

منهنجا حواس بيدار هئا، اکين چئني طرفين جائزو

پٺي ورتو، پريان ڀھو ونيو ھڪ چيچ پئي آئي. ڪافي مرد ۽ زالون ۽ ٻار ٻہ ھئا، ساڻن گڏ مڱڻھار بہ ھئا، جن سان شرنايون ۽ دھل بہ ھئا، ڀھريان چپ چاپ پٺي آيا ڪو ھئا گهيچ نڪو دھل ۽ شرنايون تي وڳيون. ليڪن جڏھن پتڻ کي ويجھو آيا، ٻيڙي بہ سامھون ڏٺائون تڏھن گهيچ بہ شروع تي ويا ۽ وڄت بہ تي ويئي. صفا انھي ٽائم تي ھمراہ، جنھن جو آھ گھوڙو ھوس، سو بہ ٻيلي مان نڪري ڀھي تي چڙھيو! سندس رخ ۽ توجھہ چيچ ڏانھن ھو، جيئن تہ مون کي ويجھو ھو تنھن ھوندي بہ ڏڪ کي يقيني بڻائڻ لاءِ آھستي آھستي سندس ڀنيان ڀيس، سگھوئي ھمراہ ڇاچين کي ھيسائڻ ۽ مٿن ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ھوائي فائر ڪيو. سندس بندوق مان اچان دونھون پٺي نڪتو تہ ھڪ ٻئي ڀنيان مون بہ مٿس ٻئي نال خالي ڪري ڇڏيا. ويجھا ڏڪ ھئا، انھيءَ ڪري بندوق سندس زندگي ڇني ورتي ھئي. بندوق ھٿ ۾ ھئس ٻاڻ اونڌو تي وڃي ڦھڪو ڪيائين!

ڇاڇي ويچارا ٻري ھيسجي ٻيھي رھيا. ھنن کي ڪا ڳالھہ سمجھہ ۾ نہ پئي اچي ڀڳو ڪير بہ ڪونہ! تي سگھي ٿو تہ ساڻن ننگ ۽ ٻار ھئا، ان ڪري ٻيھي رھيا! مون وڏي ڪين ڇيو تہ، توھان ڳڻتي نہ ڪيو، وڃو، وڃي پتڻ چڙھو ۽ مھاڻن کي چئجو تہ لاش کي ڪير بہ ھٿ نہ لائي، پوليس اچڻ واري آھي. ٻيڙي بہ ڀڳھہ ڪري چڪي ھئي، ٻر آءُ اوڏانھن ڪونہ ويس، ھمراھن ويچارن

جي منهن تي رونق اچي ويئي. ٿي سگهي ٿو ته هو منهنجا شڪر گذار هجن ليڪن اصل ۾ ته هنن جو مون تي احسان چئبو، جو الائجي ڪٿان غيب مان ان موقعي تي آيا، جو ڏاڙيوال جو توجهه هنن ڏانهن ٿيو ۽ مون کي ان جي مارڻ ۾ آساني ٿي. وڌيڪ هنن به ڪجهه ۽ نه وري مون ئي ڪائن پڇيو ته گهوٽ پرڻائي آيا آهيو يا پرڻائڻ وڃو ٿا؟ ڏاڙيوال واريون گوليون ۽ رائفل مون کنئي ۽ موٽ ڪاڏيم. جڏهن آءٌ جوءِ ۾ پهتس تڏهن باهه وسامي چڪي هئي. ڪٿي ڪٿي آڌو ڪينءُ ڇڻ ڪاٺين مان دونهان پئي اٿيا. باهه اٽڪل ٽي چار فرلانگ ٽن طرفن کان سڙي وسامي وئي هئي. چئني طرفن لوٺ ڪارين ڪاٺين وارا وڻ هئا. رڳو چار ۽ ڪارٺ هئي، وڻاڻ وارن پٽن تي چاچو عبدالله ديوانو بڻيو بيٺو هو. پر وارن وڻاڻن تان ڪنهن پکيءَ به لڏي ڪونه نهاريو هو. ڪالهه ته پهريءَ کان وٺي فائرنگ هلي هئي، هيڏا سارا دونهان ٿيا، آسمان تائين باهه جي ڇپي ويئي ڪيئن ڪنهن کي خبر نه پهتي هوندي؟! ليڪن جتي باهه ٻري اها جاءِ جلي!

چاچي عبدالله منهنجن ٻنهي ڪلهن ۾ بندوقون ڏسي پري کان ڊوڙي اچي ڀاڪر وڌو، پئي ٺپري چيائين ته هاڻي ڪٿيو اٿئون، ابا جيڪڏهن هيءَ مردود نڪري وڃي ها ته ائين سمجهان هان ته پاڻ ڪٿيو نه آهي، هارايو آهي! ليڪن هاڻي ڀلو ٿيو. ڀلا ٻڌاءِ ته ماريو ڪٿي؟ مون

چيو تہ ”پتڻ تي“.

”پاڻوٽ واري پتڻ تي“

مون چيو ”ها“.

”پلا ڏي خبر چاچا ڪا ماني بہ ڪاڏي اٿئي يا نہ؟“ مون پڇيومانس.

نہ ڙي ابا! مانيءَ جو ڪنهن کي هوش آ؟! هتي تہ جو ڪجهہ هو، سو ٻري سڙي ويو. ٻاهر آءٌ بہ ڪوتہ وٺس. اول تہ ههڙي قيامت ۾ ڪنهن کي ٿي ماني ياد پوي! تنهن کان پوءِ مون کي تہ تنهنجو فڪر هو، رات واقعي پيهيءَ تي مون کي، ائين نہ چوڻ کپندو هو. خدانخواستہ اڄ توکي ڪجهہ ٿي وڃي ها تہ پاڻ تي سڄي عمر ملامت ڪيان ها.“ ائين چئي مون کي وڏو ڀاڪر پاتائين.

اسين اڃان انهيءَ ئي ڳالهين ۾ هياسون تہ ڀهي تي گاڏين جو آواز ٿيو. چاچي چيو تہ ابا! پوليس اچي پئي آءٌ وڃي ٿو مال جي ڪيان، رات کان جيئن ٿاهہ ڪاڏو اٿن، تيئن اڃان ڏور بہ ڪونہ آيو آهي، وڃي تو نالو ڪري گڏ ڪريان، الائي ڳگدام ڪهڙي حال ۾ هوندا ۽ تون پوليس کي منهن ڏي. ائين چئي پاڻ ٻيلي ۾ ڀهري ويو.

وٿاڻ جي سامهون ڀهي تي پوليس جون گاڏيون قطار ۾ اچي بيهي رهيون. سڀ کان اڳ ۾ جيڪا جيپ هئي تنهن مان انسپيڪٽر عبدالرب وڏي شان ۾ فوجي

انداز ۾ اٿو. سندس بغل ۾ اڳيئين وانگر نيٽ جو ننڍڙو
لڪڻ هو ۽ يونيفارم پهريل هوس. هن کي ڏسڻ سان دل
مان مرڪ نڪري چپن تي آئي "لٺيون جهلي پولڙو،
ڪٿيو ڪائي فقير" اچي ويو صاحب بهادر. ساڻس گڏ اڳيئين
کان به وڏيڪ پوليس فورس هو. انسپيڪٽر جڏهن ويجهو
آيو تڏهن مون ڪيس هٿ ڏيڻ جي ٿي ڪئي ته پاڻ ڪٽي
پاڪر پاتائين پوءِ چيائين ته وٽاڻ کي سڙيل ڏسي مون
کي گهڻو ڏک ٿيو آهي، پلا ڏي خبر ٻڇيو ته آهن،
مون پوري ڳالهه الف کان وٺي ي تائين ڪري ٻڌائيمانس
جڏهن چئني ڌاڙيوالن جو ٻڌائين ته مري چڪا آهن نه سندس
منهن تي تمام گهڻي رونق اچي ويئي، پوءِ هلي ٿئي وٽاڻ
جي ويجهي وارا لاش ڏنائين. صاحب فوٽو گرافر به پاڻ
وٺي آيو هو، تنهن کان مختلف نمونن جا فوٽا ڪيرايائين
هڪڙي گاڏي ننڍي صوبيدار سان پاڻوٺ رواني ٿي ويئي
ته اتان باقي رهيل چوٽون لاش ڪٽي اچي. انسپيڪٽر
۽ ٻه ٻيا سندس نائب ٿيلهي مان ڪاغذ ڪڍي لکندا ٿي
ويا. پنهنجن متان پنا ڪارا ڪندا رهيا، اڄ تمام گهڻو خوش
هئا. عبدالرب صاحب جا ٿهڪڙا ڪليءَ خوشيءَ جو مظاهرو
ڪري رهيا هئا، جيئن ته آءٌ ٿڪل ۽ ٻڪارو هوس، ان
ڪري پٺ تي ويهي رهيس.

پوليس آفيسرن جي ڪافي وقت تائين لکپڙه هلندي
رهي. لکڻ سان گڏ ڳالهائيندا ۽ کلندا به رهيا، سندن
گفتگو سنهنجي سمجهه کان ٻاهر هئي چاڪاڻ جو ڪافي

لفظ اردو ۽ انگريزيءَ جا ٿي ڳالهايائون. ڳپل وقت گذرڻ
کان پوءِ مون انسپيڪٽر کي چيو ته مونکي ٽڪ، اوجاڳو
۽ بک لڳي آهي تنهن ڪانپوءِ سمجهان ٿو ته هتي منهنجي
ضرورت به نه آهي، ان ڪري مونکي اجازت ڏيو آءٌ وڃي
ڪٿي ماني به کان ۽ ڊهڻ جو بندو بست ڪريان. چيائين
ته ها ها پلي وڃ ”پر هڪڙو منٽ“ چئي سندس ڊرائيور
کي سڏ ڪيائين، جيڪو پوليس جو جمعدار ٿي لڳو
سندس پانهن ٽي ڳاڙهيون پٽيون هيون. ان کي چيائين ته
جيپ مان ڪاغذن وارو لفافو ڪڍي اچ، اهو سلوٽ ڪري
ويو ۽ جيپ مان خاڪي لفافو ڪڍي آيو. انسپيڪٽر لفافي
مان هڪ قيمتي اجرڪ ڪڍي مونکي ڪلهن تي ڍڪائي
الاجي ڇو اجرڪ پهرڻ سان منهنجو سڄو بت دروڙا ڪائي
ويو، ڏينين جا ڏنگ هڻا جيڪي منهنجي سڄي بدن کي
ڏنيي رهيا هئا. شاطر جي سياست ڏسي مونکي اکين ۾
رت اچي ويو، هيءَ به اهو ڪجهه ڪري رهيو هو جيڪو
صدين کان ٿيندو ٿي آيو، آخر هئو نه انگريزن جو ڪيڊاريل
سو هيءُ سون جٽ کي خوش ڪري رهيو هو، اجرڪ
هونءَ ته گهٽيئي پلي پر ان وقت مون کان موچڙي جو
ڪم وٺي رهي هئي، آءٌ مڃان ٿو ته ان وقت منهنجي
عمر به ننڍي هئي ۽ جهنگ جو رهاڪو هوس، ليڪن
جيڪا جٽ مان معنيٰ ٿي نڪري اهو جٽ نه هوس.
انسپيڪٽر پلي خوش هجي ته هن مونکان ڍيڍڪو ڪم
ورتو پر حقيقت ۾ ائين نه هو، ڏاڙيوال پاڻهي پنهنجو

موت مئا هئا آهن هنن جو قاتل ڪونہ هوس. اصل ۾ مالوندن سان ٺٺاڻي هو پنهنجي عمر ڪٺائي ويٺا هئا. مون اجرڪ لاهي هٿن ۾ ڪئي. انسپيڪٽر ڪي چيم تہ صاحب آءٌ مچان تو اجرڪ گهوڙي چڙهندي گهوٽ ڪي بہ سونهي. تہ مقام ڏي ويندڙ ميت تي بہ! مونکي پڪ آهي اڄ جيڪڏهن ڏاڙيوالن حي هٿان آءٌ مئل هجان ها تہ بہ هيءَ اجرڪ منهنجي مٿان هجي ها، تون موٽائي ڪونہ وڃين ها ۽ ڏاڍي ڏک مان چوين هاتہ هڪ غريب مالوند ظالمن ڏاڙيوالن جي هٿان مارجي ويو. هڪڙو ٻيو ڪيس مٿن داخل ڪري تون وري بہ بند ونيو ڊوڙندو وتين ها، تون جنهن خوشيءَ ۾ اجرڪ سهسائي رهيو آهين اهو آءٌ نہ آهيان پر هي آهن. ائين چئي مون اجرڪ هڪ مئل ڏاڙيوال جي مٿان وچائي ڇڏي، تنهن ڪان پوءِ وري چيومانس تہ جيئرن ڪي اجرڪ قرب وارا خوشيءَ سان ڏيکائيندا آهن، آءٌ جهنگ جو ڌي سهي، پر اها خبر تہ هڪ ڪتي ڪي بہ هوندي آهي تہ مالڪ جي مون سان ڪيتري محبت آهي. منهنجي ايتري چوڻ تي ٿي صاحب ڪي باهہ وٺي ويئي، رڙ ڪري چيائين محمود.... توڪي اڳيئي بڏاڻي چڪو آهيان تہ آءٌ وقت وقت ڏسي ڳالهائيندو آهيان. تو منهنجي پهريائين بيعزتي ڪئي اهو وقت ٻيو هو، بہ ٽي راتيون اڳ ۾ آءٌ توسان پٽ تي ويٺي رهيس اهو وقت ٻيو هو ۽ هينئر وقت ٻيو آهي هينئر تنهنجي آءٌ ذرو بڪواس ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهيان.

چئن ڏاڙيوارن جي جڳهه تي پنج به ڏيکاري سگهان ٿو هوش ڪر ڪنهن سان ٿو ڳالهائين؟ آءٌ پوليس آفيسر آهيان، نوڙيءَ مان نانگ ڏاهڻ سون لاءِ ڪا وڏي ڳالهه نه آهي. واقعي آءٌ هوش ۾ اچي ويس، سوچيم: چوي ٿي ته سچ ٿو، هيءُ پوليس آفيسر آهي، هن سان گڏ پوليس آهي؛ سندس هٿ ۾ پوليس جو لڪڻ آهي، تنهن هوندي به چيومانس: ”منهنجي مرڻ سان گڏ ڪو فرق ڪونه ٿو پوي. مائون اڄان ٻار ڄڻين پيون، پر مور پکيءَ وانگر جيڪي زوڪا ۽ واڪا پيو ڪرين سي نه ڪر، هن پرماريت تي اينترو آپي مان نه نڪر، موتر توکي به آهي، ۽ مونکي به، ۽ وري هڪ جاءِ تي گڏ ٿينداسين اهو وقت، وقت جنهن ڪي چوين ٿو سو وقت نه آهي اها اڪپوت آهي، اها اسان جهانگين جي بد قسمتي آهي جو سدائين....“ مونکي اڌ ۾ روڪي چيائين ته محمود! مونکي تنهنجي جواني ۽ سهڻائي تي رحم ٿو اچي نه ته اڌ ڪلاڪ اڳ ۾ تون مئل هجين ها، اهو منهنجي فطرت جي خلاف آهي جو هن پوزيشن ۾ تنهنجي بڪواس ٻڌان. آءٌ توکي چوان ٿو ته هتان هليو وڃ، چو ٿو ڪمندائتو موت مرين؟“ منجهائن ڏي هڪڙو صوبيدار آيو، جنهن مونکي ٻانهن مان وٺي ڌڪ وڌايو. پوئتي لوڏو هڻي مون ڪونه ڏنو، سڌو اچي بند تي چڙهيس، سو اهو هو انسپيڪٽر عبدالرب، ابن الوقت، مطلب پرست، وقت جو پوڄاري! جڏهن مطلب هوس تڏهن هٿ، هٿ سان

ملائي ٿي ويٺو، ڳراهنڙيون پائي ٿي ڳالهيائين، پاڪر ٿي پاتائين، بابا، پٽ سان پيش ٿي آيو، ليڪن اڄ به هو لفظ به ٻڌڻ لاءِ تيار نه هو، بند ٿي چاچا عبدالله جي گهورپ لاءِ مون وزن سان سيٽي وڄائي. ٻيلي ۾ هڪ ٻئي کي ڳولڻ لاءِ اڪثر سيٽيون وڄائيندا آهن، سگهوئي ٻيلي مان اولهه ۾ ڏکڻ جي ڪناري تي چاچي سيٽي وڄائي جواب ڏنو، آءٌ آواز ڪنائي وٽس پهتس، مالجو پڇيو مانس ته چيائين پورو آهي، چيائين مال ۾ هراس آهي، انڪري مال رات وچ ۾ سوڪ ڪائي ويو آهي. اسان جي مٿي تي نئين سر وٺائڻ جوڙڻ وارو ٽڪائيندڙ ڪم هو، انڪري پنهنجي ٽڪ کي ڇڏي وٺائڻ جوڙڻ جي ڪم کي لڳي وياسون. ڪهاڙي هڪڙي هئي، سو آءٌ وڍ ڪندو ويس ۽ چاچو ڏينگر ڏوئيندو ويو. ڪاڏوڙ جي ڪا ڪمي نه هئي، سڄو ٻيلو پيو هو، پوليس شايد هلي وڃي هئي، آهستي آهستي ڪري پر وارن وٺائڻ جا پاڳيا ڳڙڻ شروع ٿيا، سگهوئي خلقون اچي گڏ ٿيون.

پسگردائيءَ وارو سڄو ٻيلو نمي پيو هو. ڪي گهر سان چاچو ٻارين ٻچين ڏوريندو هو، سي ٻارين ٻچين آيا هئا! حالانڪ اسين جيئرا هئا سين، ليڪن عذرخواهيءَ وارو سمون هو، پاڳين جي حالت به ڪونجن واري هئي جڏهن شڪاري ڪنهن ڪونج کي ماريندو آهي ان وقت ته سڄو ولر اڏامي ويندو آهي، ليڪن ويچاريون وري وري لامارا پائي انهيءَ جاءِ تي ايندڙيون آهن، جتي سندن

ولر مان وچڙيل ڪونج ڪرندي آهي ۽ مسلسل تي ڏينهن ايندي آهن، سو انهيءَ وانگر جڏهن اسين باهه ۽ گولين ۾ قاتل هئا سون تڏهن ته ڪير به ڪونه آيو حالانڪ ڪين پهرين گوليءَ تي خبر پئجي چڪي هوندي ته ويڙهن چا آهي ۽ ڪٿي آهي. پيلي جا مالوند پاڳيا انهيءَ ڳالهه جا پڙ آهن، ڪين ميلن جي چرپر جي گهر ويٺي خبر پوندي آهي، جيئن ماڪوڙين کي مينهن جي ۽ جانورن کي زلزلي جي اڳوات خبر پوندي آهي، ليڪن افسوس جو ڪين وقت تي سات ڏيڻ اچي ٿي ڪونه. اڪثر ويچارا مقام ۽ ميت تي گڏ ٿيندا آهن ۽ هاءِ هاءِ ڪندا آهن، هاڻي ته ماڻهو به گهٽا هئا ۽ کهاڙيون گهٽيون ڏي اچي ٿيون هيون، سو ڪي اسان ڪان واردات پڇندا رهيا ۽ پيا سپ لڳبي ويا وٿان کي. وٿاڻ جي پڙي ستائي وري پيي پاسي ٿوروئي پر ۾ ناهيوسين ٿي. پيلي ۾ کهاڙين جو ڏاڪوڙو پئجي ويو، سگهوئي وٿاڻ جا به واڙا ڪانوڙ سان ۽ چئني طرفن لوڙهو ۽ اسان لاءِ به پهيون نهي وبون، ڏهڻ، ولوڙڻ، رڏ پچاءِ ۽ ڪاڏي پيتي جا نڪر ۽ سامان به پر وارا پاڳيا ڪٽي ويا. ڪي ته پڪلون مانيون به ڪٽي آيا، مطلب ته ٿوري ڏي وقت ۾ ايترو ڪجهه اچي ويو ۽ ٿي ويو جهڙو ڪجهه سڙيو ڏي نه هو. ڏاڙيوالن ۽ اسان جي مقابلي جي خبر ڪچي مان نڪري پڪي تي ڦهلجي چڪي هئي هميشهه پهراڙيءَ جا ماڻهو خبرن پهچائڻ ۾ اخبار ڪان به تيز هوندا آهن

هڪدم خبر ضلعن تائين پکڙجي ويندي آهي سو هن ڳالهه جو انت به پري پري تائين پهتو. ٽپهريءَ ڌاري چاچي عبدالله جي ڪٽنب ٻيلي ۾ اچي ڏکاءُ ڪيو. آءٌ ننڍو سمجهان ته پوڙهي ڪا پهر چڱي هين. زالين مڙسين ڳڻو ڪير ٻياڪ ٻار به مائرون ڪٺي آيون هيون. سڀ جا سڀ چاچيءَ عبدالله کي چنبڙي ويا. پاڪر، مٺيون، پڇاڙون. آخر ويچارو ويهي رهيو ڪيس چئني طرف سندس عيال گهيرو ڏئي ويهي رهيو. تان جو سچ به اچي لهڻ واري ڪئي پر همراه منجهانئس هيٺ ئي نه ڪين. سندن زور هجي ته هٿڙي هاڃي سان بچيو آهين. اج رات هلي گهوٽ رهه. آخر جيئن تيئن ڪري چاچي کين گهوٽ روانو ڪيو. چاچو عبدالله واقعي خوش قسمت هو جو سندس هيڏي ساري آکهه هئي ۽ سڀ سائس پيار ڪندڙ هئا. مطلبي نه هئا. اهو آءٌ ئي بدنصيب هوس جو اجا تائين ڪنهن به اڙي ڪونه نهاريو هو. بلاشڪ جيڪي به ڪچي وارا پاڳيا آيا هئا سي به چاچي جي ڪارڻ ئي آيا هئا جيڪڏهن منهنجي ڪنهن عزت ڏني ڪئي ته چاچي عبدالله جي ذاتي سان نه ته بس. هاڻي سچ لهي چڪو هو. پاڳيا به تڙي پکڙي پنهنجي گهر روانا ٿي ويا. اسان مال واڙڻ پيڙو ڪيو. ساريوسون ته پورو هو. ماني پڪل پئي هئي ڪير ڏهي. ماني کائي، ليٽي پياسون ڏڪ هو جو نس نس ڏکي پئي. سگهوئي ننڊ اچي وئي. صبح جو هميشه جيان سويري اٿياسون ۽ ڏوپ کي لڳي

وياسون، اڄ جنهن ڳالهه جي ڪمي هئي جنهن مونکي پاڻ بيچين ڪيو، سي هيون چاچا عبدالله جون بينون، جيڪي وٺاڻ ۾ سڙي ويون هيون، گهڙي گهڙي، چاچي ڏي نهاري سندس منهن تي انهيءَ ڳالهه جو تاثر ٿي ڏٺو ليڪن سندس منهن مان ڪا به خبر نه ٿي پئي. ڏوپ ڪري بس ڪيوسون، ته واڙن جا در کليا، مال قطار ٺاهي هڪ ٻئي پٺيان ٻيلي ۾ ڀري پئي ويو، اپرندي پاسي کان گهوڙي جي سنبن جو دبڙاٽ ٿيو لوٺو وراڻي ڏٺم ته منهنجو سؤٽ مبين هو. اکيون رتول منهن ٿانڊن جهڙو ڳاڙهو هوس. گهوڙي هٽڪات ڪري اڳيئن سنب سان ٻڪليون اڇليون تنهن تي مال ٿاه کاڌو ۽ ڪجهه ڊور واپس واڙن ۾ موٽي آيا، تنهن تي چاچي عبدالله چيس ته گهوڙي کي تورو پري ڪري جهل ته مال ڀري وڃي پوءِ حال ڪريون ٿا، همراه يڪدم سٽ ڏئي ڪٽي ور مان روالور ڪڍيو، چيائين پوڙها آءٌ ٻيهڻ لاءِ ڪونه آيو آهيان آءٌ اوهان ٻنهي جو موت آهيان. اهو تون ئي آهين جنهن جي سيڪارڻ ۾ شهه تي هيءَ ذليل اسان شريفن جي عزتن سان ڪيڏندو وتي. هن ۾ ايتري جرئت ئي ڪٿي هئي ڪيڙي ۾ ماڪوڙي جيتري طاقت، به ڪانه هيس اڄ هن ٻيو دفعو اسانجي عزت تي حملو ڪيو آ. ايتري ۾ سندس پيءُ يعني سون وارو چاچو شفيع محمد به اچي ويو ۽ گهوڙو گهوڙي سان ملائي ٻهي رهيو، سندس دونالي بندوق سندس هٿن ۾ هئي. سندس

منهن جي حالت بہ پنوائتي هئي، اتي چاچو عبدالله کهاڙي هٿ ۾ کڻي واڙي مان ٻاهر نڪري ساڻن ڳالهائڻ ويو اتي مون دل ۾ چيو تہ يا الاهي هيءُ سڀ ڪجهہ ڇا آهي، ننڍڙي هوندي ٿي مائٽ عزيز مري ويا، گهر ۾ ملڪيتون ڀيا ڦٻائي ويا، ڏکن ۾ تڪليفن ۾ نيپاج ٿيو اڃا هفتو بہ بہ ڪونہ ٿيا آهن، تہ ساهل جو دردناڪ موت ٿيو، ٻهريون دفعو ڏاڙيوال آيا، انهن کي پڇائي ڪيم، بند تي پوليس سان ڏي وٺ ٿي، تنهن کانپوءِ ڏاڙيوالن سان زندگي موت جو مقابلو ٿيو. ساڳيو ڪالهہ انسپيڪٽر سان اٺندي چڪتاڻ ٿي، جو موت بلڪل گهندي ڏئي لنگهي ويو. وري اڄ اڃا سڄ مس اڀريو آهي تہ هيءَ نئين آفت سر مٿان ڪر ڪنيو بيٺي آهي منهنجا مولا تنهنجي قدرت کي صرف آءٌ ئي هڪڙو نڌڻڪو ٻار هٿ اچي ويو آهيان، يا شايد موت جي ديويءَ سان پيچ ڦاسي ويو آهي، ان ڪري موت ۽ حادثن جو اڻ کٽ سلسلو ختم ئي نٿو ٿئي. چاچي عبدالله مبين کي نظر انداز ڪري وچي چاچي شفيع محمد سان هٿ ملايو ۽ چيائينس تہ ٻڌاءِ خبرون.

”ڪهڙيون خبرون؟ ٻانهن ڏي!

”ڪنهن جي ٻانهن؟“

هن ڇوڪري جي، محمود جي؟“

”عبدالله!...... ڇوراڻيون خبرون ڇڏ! مون کي اڳيئي تنهنجو گهڻو سور آ، تنهنجي شهہ تي هن ڪميڻي منهنجي

ڀورين نياڻيءَ کي اهڙي ڀڃي ڀڙهائي، جو هوءَ ديواني ٿي ٻيلي ۾ ڪاهي پئي ۽ دردناڪ موت ماري ويئي. مون تي جڳ ڪليو، تون فاتحه تي به ڪونه آئين. وات ٽان موتي هليو وئين. آءٌ الاجي ڪهڙي ڳالهه ڪري، سڄو ڏينهن ويهي رهيس. رات مون سان ٻيءَ مذاق ٿي آ، اڃا ڳالهه پڪڙي نه آهي اسين سڌا هيڏانهن پيا اچون، ڳالهه تو ۽ مون تائين محدود آهي، باقي اهو خيال دل مان ڪڍي ڇڏ، ته اسين ڪو خالي موٽي ويندا سون، ائين هرگز نه ٿيندو! اسان کي پنهنجي ٻانهن ڪپي. هر حالت ۾ ۽ هن وقت!!“

”شفيع محمد تو جيڪي خبرون ٻڌايون آهن، تنهن جي ته اسان جي ملائڪن کي به خبر ڪانهي، مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي ته توکي ڪيئن يقين ڏياريان، جنهن تي توکي ويساه ٿئي. تون بلڪل انڌ جي گهوڙي تي آهين، جنهن جو مون وٽ ڪو علاج ڪو نه آهي. اسين گذريل ٻن ڏينهن کان پنهنجي حياتي بچائڻ ۾ پورا هئاسون، ڏسين نٿو سڄو وٽاڻ ڪي سڙيو پيو آ. ها محمود جي به توکي پڪ ٿو ڏيان ته سڄي رات ستل هو، نه ڪيڏانهن ويو آهي ۽ نه ڪنهن سان مليو آ، انهيءَ ڪري هوش ڪر ۽ اها پيٽي وڃي بواند جنهن شيءِ وڃائي اٿئي!“

”عبدالله ڇو اڃي بتال ٿيو آهين؟ هڪڙي لوفر ڇوري جي ڪري تو ۾ ته اڪين اڳ جو حياءُ به نه رهيو آ، پراڻا سڀ ڏاڳا ٽوڙي ٻيهي رهيو آهين. ٿي سگهي

ٿو ته انهيءَ ڳالهه جو تنهنجي مغز ۾ واءُ هجي ته ٿو ڪالهه ڌاڙيوال ماريا آهن ۽ پوليس تي وڏو احسان ڪيو آ ۽ توهان وڏي بهادري ڪئي آ، اهو واءُ دماغ مان ڪڍي ڇڏ، منهنجا پير ايترو اڪڙيل ڪونهن، آءٌ حيثيت ٿو رکان. ڪنهن ڳالهه لاءِ ڪهي تو وٽ آيو آهيان، نه ته منهنجا هٿ ٻڌا آهن. تون ۽ تنهنجو اهو سيڪاريل ناهوڪڙو ٻئي گهوڙن جي پٺن ۾ گهلبا مون وٽ ڪوٺ پهچي وڃو ها... وقت ضايع ٿو ڪرين، مڙس ماڻهو ٿي ٻانهن ڏي."

"وڏيرا شفيع محمد! ٻانهن جيڪڏهن هتي اسان وٽ هجي ها ته آءٌ ڪوڙ ڪڏهن نه ڳالهايان ها، ڪلو ڪلاڙيو ٻڌايان ها ته ٻانهن مون وٽ آهي پر ڏيندوسانءِ ڪونه. انهيءَ ڇوڪريءَ جو وارث تون ڪونه آهين پر آءٌ آهيان، انهيءَ جو حقدار ڪو ٻيو ماءُ جو پٽ نه ٿيندو، انهيءَ جو وارث محمود آ، پر مونکي ڏک انهيءَ ڳالهه جو آ، ته ڇوڪري وٺي ڪيڏانهن؟ هل آءٌ توسان گڏجي ٿو هلان، ٻئي هلي ٿا ڇوڪريءَ کي ڳوليون. ڇوڪري خدا ڪندو لڀي پوندي. تنگ پڄندي آ سورن لاءِ، جنهن خواريءَ کان تون ٻچين ٿو، سا ٿي چڪي! تون اسان ۾ هنيو ويٺو آهين، متان ڪو ٻيو ڪات هڻي ويو هجي! اسين اتي ئي آهيون، ڪو اڏي ۽ پڄي ڪونه ٿا وڃون! جنهن زور آزمائيءَ لاءِ هينئر تيار ويٺو آهين، اها پوءِ به ٿي سگهي ٿي!"

"عبدالله ڏس، مونکي پرياڻين ته ٻڌ!"

"نه، اهو عبدالله جو شان ئي نه آهي، هتان ڪان وٺي سنهنجي ڳوٺ تائين جنهن ماڻهوءَ کان پڇندين اهو، اهو ئي چوندءِ ته، پين جو قسم، عبدالله جي ڳالهه! ۽ هاڻي آءٌ سمجهان ٿو ته وقت تون پيو ضايع ڪرين."

چاچي شفيع محمد هٿ ڏنس، چاچو عبدالله سائس پيلهه گهوڙي تي چڙهيو، گهوڙا روانا ٿي ويا. هاڻي منهنجي دل ۽ دماغ ۾ مانداڻي پئجي ويئي!! ياڳل هتي ته ڪانه آئي ته آخر ويئي ڪيڏانهن؟

ياڳل گهر مان به غائب آهي. هتي به نه پهتي، ويئي ڪيڏانهن؟ آخر ڪيس ڪهڙو ڪاٽ لڳو. اهڙا ڪيترا ئي سوال هٿوڙن جيان دماغ ۾ ٿي لڳا ۽ انيڪ وسوسا دماغ ۾ ڊوڙڻ لڳا، ڪابه ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي. آخر اهو ئي خيال دل ۾ آيم ته ٿي سگهي ٿو ته ياڳل پيڙا کان مجبور ٿي جهنگ منهن ڪري ويئي هجي يا ڪنهن اوڙاهه ۾ پاڻ ڦٽو ڪيو هجيس. سندس اميد ٽٽي پئي هجي، باقي اها ڳالهه دل مڃڻ لاءِ قطعي تيار نه هئي ته ڪو مونکي ڇڏي ڪو ٻيو سهارو ڳوليو هجيس. هٿ تي هٿ ڌري ٻيلي ۾ ويهڻ مونکي ڏکيو ٿي لڳو. آخر فيصلو اهو ئي ڪيم ته حالتون ڪهڙيون به پيدا ٿين، نتيجو خواه ڇا به نڪري، پر مونکي ڳوٺ وڃڻ گهرجي. وٿاڻ ۾ نظر ڦيرايم ته اهڙي ڪابه شيءِ نظر نه آئي جنهن کي هٿيار طور هٿ ۾ کڻي ٻاهر نڪران

هائي افسوس انهيءَ ڳالهه، جو هنن ته مون پوليس کي
سڀ هٿيار واپس ڇو ڪيا! جيڪڏهن آءٌ ڌاڙيوالن جي
هڪڙي رائفل ۽ ڪجهه گوليون لڪائي ڇڏيان ها ته
مونکي کهڙو نه بهترين ڪم ڏئي ها. اڄ هٿيار جي
سخت ضرورت هئي، مرڻ ۽ مارڻ جو ڏينهن هو.

هتين خالي هٿن دماغ ۾ ڪئين قسمن جا طوفان
هئا، اچان وٺاڻ جي در تي ئي هئس، ته ڊهبڙه چاچو
عبدالڪريم مليو ويو. حيرت مان پڇيومانس ته چاچا ڏي
خبر، پڌو اٿم ته پاڳل رات کان غائب آهي. چيائين ته
اها چاچهين ۽ عبدالله واري سڄي گفتگو مون وٺاڻ پنهان
پڌي بيٺي. چاچهين هينئر عزت ڪريو ڌ-و مري،
لوڪ جي ڪل کان تو ڊجي خدا جو غضب پيو اٿس
ته هائي گهوڙا ٿو ڪري، خدا جي لٺ بي آواز
آهي، پنهنجن ٻچن ۾ پئي اٿس ته آسمان ڪٿي مٿي تي
ڪنيو اٿس. آخر تون به ته ڪنهن جو ٻچو هئين؟! زال
جي چوڻ تي ۽ ملڪيت جي لالچ ۾ قدرت ۽ قدرت
جا قانون پيلائي ويٺو، اڄ مڇيءَ وانگر ٿو ڦٿڪي. ابا
چوڪري هٿيڪي آهي. ڪالهه آءٌ ڳوٺ نه هوس، ڪنهن
پئي پاسي ڪنهن ڪم سان ويو هوس، گهٽي رات کان
پوءِ جڏهن گهر ۾ گهڙيس ته چوڪري ٻاهرين در جي
اندين پاسي ٻيڪڙ ۾ ويٺي هئي. ڪيس کهلو حيران ۽
پريشان حالت ۾ ڏٺل ڏسي، حيرت مان پڇيومانس ته
اڄ ڳوٺ مان خبر پڌي اٿم ته محمود سان پيلي ۾

ڏاڙيوالن جو مقابلو ٿيو آهي. اهو توکان پڇڻ آئي آهيان ته ڳالهه ڪيتري قدر صحيح آهي، ڪيس حياءُ ۽ شرم کان بگاهه وقت اندر نه آيو ٿيو، سو ويچاري ڪلاڪن کان اتي ئي بيٺي هئي. ڪالهوڪي واقعي جي مون کي ٿوري خبر هئي، پر پڪي ۽ يقيني خبر نه هئي ان ڪري چيومانس ته تون هينئر گهر موٽي وڃ صبح جو پوري ڳالهه جو انت لهي آءٌ توکي گهر ويٺي ٻڌائي ويندس. چيائين ته نه چاچا خدا جي نانءُ تي مونکي ٻيلي ۾ محمود وٽ وٺي هل. ٻيلي ۾ هوند آءٌ اڪيلي به هلي وڃي، موت کان ڪانه ٿي ڊڄان، پر ڊپ اهو اٿم ته خدا نخواسته ساهل وانگر وات تي مارجي ويس ۽ مون محمود کي نه ڏٺو ته پوءِ منهنجو موت .... ائين چئي روئي ڏنائين ۽ پوتي لاهي پيرن تي رکيائين، هاڻي منهنجي لاءِ ڪا وات ئي ڪانه بچي، تنهن هوندي به گهڻو ئي سمجهايومانس، ڏيڍ ڏنامانس ته واپس هل، توکي آءٌ هلي تو تنهنجي گهر ڇڏي اچان، جي چوين ته پٺهين سان به هلي ڳالهايان. ليڪن ڇوڪري ڪنهن ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ڪانه هئي. آخر سوچي سوچي ڪيس خاصخيلين جي ڳوٺ وٺي ويس، چاڪاڻ جو تنهنجي به ڪا خاص ٻڪ ڪانه هئي ته تون ڪهڙيءَ حالت ۾ آهين ۽ اها سڌ هئم ته عبدالله جي ناني خاصخيلين جو ٻچو ٻچو توتي ساهه تو ڏئي. سو عبدالله واري ڀاءُ طالب وٽ ٻانهن سام ڪري ڇڏي آيو آهيان. واپس ڳوٺ ڪونه ويس سڌو ڇاڻ لاءِ

تو وٽ پيو اچان. مون کان اڳ مبين به اچي ويو هو ان ڪري وٽاڻ جي پٺيان جهنگ جي آڙ ڪري ويهي رهيس. سڳهو ڏي چاچهين شفيع محمد به اچي پهتو. مبين جي مغز ۾ وڏو خلل آ، شفيع محمد نه اچي ها ته هو مٺي ماريٺي کان سواءِ نه موٽي ها. مبين اهو ساڳيو نه اٿئي جيڪو تو اڳ ۾ ڏٺو هو. تون پيلي ۾ ٿو رهين ان ڪري توکي خبر نه آهي. سندس وڏو لاڳاپو آ، چور ڌاڙي وٽس گهڻو ٿو نمي. ڪيترائي چاڙتا پالـي رکيا اٿس. پڙهيل لکيل آهي پر تعليم جو مٿس ڪوبه اثر نه آهي. هر وقت وڏيرپ ذهنيت ۾ اٿس. پٽس پٺسن ميڙو ۽ ڪي ڪجهه ڏٺو به آهي، پر هو ڪنهن ٻيءَ فطرت جو آ، مون کي حيرت آهي ته اڄ الائجي ڇو پٽس اڳيان فرمانبردار ٿيو بيٺو هو. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته پٽس جي ٻڌي به ڪانه، تنهن کان سواءِ زمينون به الاهي ورتيون اٿن، ان ڪري توکي سمجهايان ٿو ته ڪنهن ڀل ۾ نه رهجان، هنن وٽ هنر اٿئي متان ڪنهن ويساهه گهاتيءَ ۾ مارجي وڃين! مونکي اڃان تائين ڪنهن به نه ڏٺو آهي. خاصخيلين ۾ به پڪ اٿئـم ته مڙس ماڻهو آهن، ساهه تي سر ڏيندا، مڙس به جهجها آهن ڪو للو پنجو ڪونه ٿو مهتين. وري به ڪا اهڙي ڳالهه ٿي ته توکي هتي پيلي ۾ خبر ڪندس، ائين چئي پاڻ موڪلائي ويو.

پاڳل هتيڪي آ، اهو ٻڌي سرير ۾ نئون ساهه پيو دل کي تسلي ملي. هاڻي دل ۾ اهائي لوچ هئي ته جيء و

جلد نئي اوترو سڳهوئي وچي پاڳل سان ملان، سوين ڳالهيون ۽ هزارين سور آهن جي وچني ساڻس سليان. هاڻي ته هڪڙو منٽ به هتي ويهڻ ڏکيو پئي لڳو. تنهن هوندي به اهو سوچي ترسي پيس ته پلي چاچو عبدالله اچي ته پاڻ ۾ صلاح ڪري-ون. معاملو ايترو هلڪو يا آسان نه آهي. چاچي عبدالله جي انتظار ۾ شام ٿي ويئي، پر سندس نه هو سر نه ڪُر. سج لهڻ ۾ ڪلاڪ ڪن بس هو ته هڪڙا ٻه همراه ٻن گهوڙن تي چڙهي آيا، گهوڙا وٿاڻ جي در وٽ جهلي سلام ورايائون. آءٌ متي پيهيءَ تي ليٽيو پيو هوس. اتان ئي سلام جو جواب ڏنومان. همراه پئي گهوڙن تان لهي پيا، اناهين چيائون جوان! پاڳيا آهيون، جوڙو چڙي ويو آ، ان جا گهورا آهيون، پير پيلي ۾ لٿا آهن. پيريءَ ۽ پيا همراه تنئي ويا آهن آڃ لڳي آهي پاڻي پيار. آءٌ تپ ڏئي پيهيءَ تان لهي پيس، چيومان ته جوان! پاڻي کوڙ، هلي اچو مون دلي مان چونري پاڻيءَ جي پري گلاس ڪنيو، ڏيسين همراه به گهوڙا لوڙهي سان ٻڌي اندر هليا آيا. گهوڙن ڏي نهاريم ته هنن ۾ به ڪهاڙيون لڳيون پيون هيون، هڪڙي گهوڙي جي دنبچيءَ وٽ ويڙهيل واجهه ٻڌو پيو هو.

همراه جڏهن ويجهو آيا، تڏهن هڪڙي کي چونري مان پاڻيءَ جو گلاس پري ڏنم، آءٌ اچا پاڻي آڇڻ تي ئي هوس ته هڪڙو هڪڙيءَ ٻانهن ۾ ۽ ٻيو ٻيءَ ٻانهن

۾ همراه چنبڙي وياه هاٿي خبر پيم ته همراه آچارا نه آهن، پر ڪين پيو ڪجهه ڪپي. چونري ۽ گلاس سٽ تي پري وڃي پياه پانهن ڪي زور سان ويجهو ڪري موت واري سٽ ڏنيم ته ساڄيءَ پانهن وارو همراه رڙي ويو، لت هنئي مانس ته چوٿيءَ پر ابتو ٿي وڃي ڪريو. پئي همراه ڪي ساڄي هٿ جا ٻه ٽي زوردار ابتا چنبا ڪوڙي پيٽ ۾ گوڏو هنيو مانس ته همراه پري وڃي ڏنو هن مان اڃا آجو مس ٿيو هوس ته پهرين همراه مونکي ٽنگن ۾ پاڪر وجهي ڪيرائڻ لاءِ زور سان چڪڻ لڳو. سندس ناسن ۾ ٻه آڱريون وجهي سٽ ڏني مانس، ته همراه جي رڙ نڪري ويئي، هٿ ڍرا ٿـي ويس، آئي ٿڏن سان ورتو مانس. تيسين پيو همراه ويو، سو ٻوڙي ڪهاڙي کڻي آيو. هاٿي شايد ڪڻ پڪ ٿـي هئي، ته اڪ جي ماڪي نه آهـي. ڪهاڙيءَ واري ڪـي ويجهو ايندو ڏسي مون ٻه سٽ ڏئـي منهه مان لڙهـو ڪيو. آءٌ اڃا پنيرو هوس ته همراه ڪهاڙي وهائـي ڪڍي. ڪهاڙي واهاڻو ٿي ويئي. ڪهاڙيءَ جو ڳـن منهنجي ڪلهي تي وڃ ڪان تي آيو ۽ پڇي پيو، همراه ڪهاڙي جي ڳن کي پاهي کان پڳل ڏسي واڻڙو ٿي ويو. ٻه ٽي زوردار پچر چڪياماڻس ته همراه زمين تي چانئجي ويو، تيسين پيو همراه به ڪهاڙي کڻي آيـو. ساسهون ٻنهي هٿن سان لڙهي کي جهلي ڪهاڙيءَ جو ڌڪ روڪيم همراه ڪهاڙي لاپڙي ڪري لڙهي کي هنئي لڙهو ڳجر

وانگر وڏجي ٻه ٽڪر ٿي پيو. پٺيان ٻئي همراه ٻئي هٿ وجهي منهنجي ٽنگ کي ڇڪيو، ٽنگ واڱڪي هئي، انهيءَ ڪري زمين تي بيهي نه سگهيس، ۽ منهن ڀر ڪري پيس. ڪهاڙيءَ واري همراه کي موقعو ملي ويو مون اڃا اٿڻ واري ٿي ڪئي ته همراه هڪڙو ڌڪ مٿي ۾ ڪهاڙيءَ کان هڻي ڪڍيو. پٺڪو تهن جا تهه وڃي وڃي پري پيو، مٿان اڻ ورائتو ٻيو ڌڪ ڪهاڙيءَ جو لڳو، تنهن تي رت ٽوٽوري ڪندو پري وڃي پيو ۽ ڪجهه رت وارن مان سيما ڪري اکين تائين ڳڙي آيو. سگهو ئي ذهن ۾ ڌنڌ وڪوڙي ويو ۽ سڄي دماغ ۾ اونده ڇانئجي ويئي. جڏهن هوش ۾ آيس ان وقت منهنجو ڪنڌ نميل هو، آهستي آهستي ڪنڌ کي مٿي ڪيم، منهن ۽ ڇاتي پاڻيءَ سان ڀنل هئا، شايد پاڻي جا ڇنڊا هڻي هوش ۾ آندو هئائون. منهنجون ٻئي ٻانهون هڪ ٻبر جي وڻ جي جدا جدا ڏارن سان ٻڌل هيون، اکيون پٽي ماحول جو جائزو ورتم ته معلوم ٿيو ته ٻيلي ۾ آهيون. اونده ٿي چڪي هئي تنهن هوندي به معلوم ٿيو ٿي ته اڃا رات ٿئي گهڻو وقت نه ٿيو آهي. مون کي هوش ۾ ايندو ڏسي هڪڙي همراه ٻبر جي آلين ٽلهڙن مان هڪڙي ٽلهڙ ڪٽي ٻه ٽي زور سان پٺن تي وهائي ڇپائين ته ڏي خبر! وڏيري شفيع محمد جي ڇوڪري ڪٿي؟ مون ڪيس ڪو به جواب نه ڏنو. تنهن تي ويتر مچرجي پيو، چي:

”چو تو ڪٿي جي موت مرين؟ سچ سچ ٻڌاءِ ڇوڪري ڪٿي لڪائي اٿو؟ عبدالله کي ھٿي وڏيرن ٻڌي وھاريو آھي ڇوڪري ڏيندو يا رات جي پيٽ ۾ ماريو ويندو ۽ تون ڳيا ڳيا ٿي ويندين. وڏيري مبين کي تون الاجي ڇا ٿو سمجھين؟ ھو آسمان جي ڳجھه آھي، ڇوڪري ڪٿي به ھوندي ضرور پيدا ٿيندي، تون ڇوٿو پنھنجي چمڙي رلائين؟“

ائين چئي ٻئي ھمراه کي اشارو ڪيائين جنھن پٺن تي ڇھبڪن جا وسڪارا لائي ڏنا. ھو ماريندو رھيو ۽ ھيءُ پچندو رھيو. آخر ڪيترن ئي تلھڙن جي ٿڦ کان پوءِ ھمراه ٿڪجي پيو. پوءِ وري ٻئي زور لاتا. ڪچڙ پچڙ منھنجو بند ھو. زياده تڪليف ٿي ٿي ته زمين تي پير چنبڙي ٿي ورتم نه ته بس. قميص ليڙون ليڙون ٿي پٺن کان ڦاٽي ويئي، تلھڙون چيٿيون چيٿيون ٿينديون ڪننديون ويون، ھمراه به ٿڪجي بيزار ٿي پيا، يا شايد کين پڪ ٿي ويئي ھئي ته ھيءُ ائين سچي نه ڪندو، سو ٻيو تي چڙھي واجھه ڪوليائون مون ۾ انھيءَ دم ھٿ ڪس ڪرڻ جي طاقت نه ھئي. سڄا پٺا زخمن سان چچريل ھئا ۽ منٽي ۾ به ڪاري ڏڪ ھئا، تنھن ھوندي به ھو پنھنجي پر ۾ تمام گھٽو چوڪس ھئا. ھنن اڳيان ڪري، منھنجون ٻئي ڪارايون گڏي ٻانھون ٻڌيون. مضبوط ڳنڍيون ڏئي بار بار تسلي ڪياڻون. گھوڙا پرسان ئي ٻڌل ھئا، ٽن کي ڇوڙي ھمراه ٻئي گھوڙن تي سوار ٿيا. مون واري واجھه کي ھمراه بجاءِ ھٿ ۾ جھلڻ جي

ڳھوڙي جي ھني ۾ اڳئين پاسي کان ٻرڻي جي ھيٺان ٻڌي ڇڏيو. گھوڙا ٻيلي جي جھنگ مان آھستي آھستي ٿي جڏھن ٻھي تي چڙھيا تڏھن ھمراھن گھوڙن کي اڙيون ھڻي تيز ھلڻ لاءِ کھرو ڪيو. گھوڙا زاڙ چڏي من ۾ پيا، آخر گھوڙن من ڇڏي مٿيان پنڌ ورتا، ھاڻي سنھنجو ٻوڙي گھوڙن جي پٺيان ھلڻ مون لاءِ ممڪن نہ رھيو. دل ۽ دماغ کي، مايوسي وڪوڙي ويئي، پاڻ کي ايترو بيوس اڳ ۾ ڪونہ ڏٺو ھوم. ھي ذليل ظلم جي حد ٽپي ويٺا ھئا. الاجي ھنن ڪتن کي مالڪن جو حڪم ڏني اھڙو ھو يا ڏٺين کي خوش ڪرڻ لاءِ بيرحميءَ تي سندرو ٻڌي ويٺا ھئا. گھوڙن جي پٺيان ڊوڙندي ڊوڙندي جڏھن منھنجون ٽنگون ڏانواڏول ٿيڻ لڳيون، تڏھن واجھ ۾ ٻئي ھٿ وجھي ڇاتيءَ ڀر زمين تي ڪري پيس. منھنجي پٺن کي وڏيڪ سٽ سھڻ جي طاقت ڪا نہ ھئي. مٿي کي ھر ممڪن ڪوشش ڪري زمين کان مٿي رکيم، جڏھن تصور ڪيم تہ آءٌ ھن حالت ۾ جيئرو ڳوٺ تائين پھچي سگھان ٿو، تڏھن بہ سچو ڪانڊارجي ويو. ڳوٺ تائين چار ساڍا چار ميل پيچري جھڙي گس ۾ جيڪڏھن گھوڙي جي پٺيان ائين ڏي گھليو رھيس تہ وات تي لاھہ ۽ ڪتيون، ڪڏون ۽ ڪوڀا ڇيري ڦاڙي ڇڏيندا. ٿي سگھي ٿو تہ اوستائين پھچندي پھچندي جسم تي گوشت ڏي نہ بچي ۽ ھڏا سلامت نہ رھن. پنھنجو ٻوائتو موت ڏسي زنده رھڻ لاءِ نئون اتساھ پيدا ٿيو،

ليڪن بچاءَ جو ڪو موقعو ڏي نہ ٿي مليو. ڪميٽن
گهوڙن تي پٺي ورائي مون کي ائين ٿي ڏنو ڄڻ آءٌ
انسان ئي نہ آهيان، جهڙو واجهہ پر سڪل ڏينگهر بدل
آهي جنهن کي گهليندا پيا وڃن. گهوڙا جڏهن ساڳي
رفتار سان بند تي چڙهڻ لڳا، تڏهن ڦاٽڪ وٽ، جنهن
گهوڙي سان آءٌ سلهڙيل هئس تنهن کي ٿاپو اچي ويو
بند تي، آمهون سامهون ڦاٽڪ طور ٿـي چار ريل جا
گادر ڪٽيل هئا جيڪي چار فـوٽ ڪن زمين ڪان مٿي
ڪٽيل هئا، جيئن اڪثر ريلوي جـي ڦاٽڪن تي به ڏنو
ويندو آهي. جيتوڻيڪ گهوڙي کي معمولي ٿاپو آيو هو
گهوڙو ٿورڙو ئي باهوڙجي اٿي اڀو ٿيو هو. ليڪن اهو
چند سيڪنڊن جو موقعو منهنجي زندگيءَ جـو ڪارڻ
بڻيو. جيئن ئي واجهہ کي ٿوري ڍر ملي تيئن ئي يڪدم
اٿي پيس. واجهہ جا به تي وڪڙ گاردر کي ڏئي، ٻنهي
هٿن جي مٺين سان واجهہ کي جهلي، هيٺان ٻنهي پيرن
جي ترين جي گاردر کي ٽڏ ڏئي، بيهي رهيس. گهوڙي
اڳيان ٻئي پير واري سان ڪٽي، جيئن ئي زور لاتو تيئن
واجهہ کي ٽڪ آئي. گهوڙو وري ٻيهر باهوڙجـي ويو.
همراه جيڪو پوئتي ڪن بـي خبر هو تنهـن ڪهاڙيءَ
جا به ڳن زور سان گهوڙي کي دنب تي وهائي ڪڍيا
گهوڙي چار ئي پير گڏي وري زور لاتو، اوچتو ٽڪاءُ
ٿيو. همراه جي هٿ مان لغام ڇڏائجي ويـو. گهـوڙي
جو تنگ ٽٽي پيو هو. همراه سنجن سوڌو اچي پٽ تي

نڪاءِ ڪيو. ڪهاڙي سندس هٿ مان ڇڏائجي وڃي پري پيئي. گهوڙو آجو هو، سو ڊوڙندو ٻنڌ ٽپي پرئين پاسي لهي ويو. پيو گهوڙو ۽ سوار به ٻنڌ ٽپي پرئين پاسي هيٺال ۾ هيٺال ۾ هليا ويا هئا.

واڄهه ڪي ورائي هني ڪان ڇئن يا پنجن فوٽن جي مفاصلي ڪان جهليم. هني ۾ ٻنهي پاسن ڪان به پٽل جا ٽلها رڪيب به پڌل هئا. دشمن اٽڻ جي ٽي ڪئي، پر اهڙو ڪو موقعو ڪيس مون ڪونه ڏنو، اڻ وارائتا هنا هنيا مانس، جن مان رڪيبن مٿس ڪاري اثر ڪيو، همراه وڇائجي ويو، واڄهه ڪي ڇڏي لوهه پاڌي ڪهاڙي ڪٽي آيس. اڃا ترڻون ڪوڙي اپو پئي ٿيو ته ڪنڌ ڪان ڪهاڙي منهنجي به پهچي ويس، وري زمين سان ڳنڍجي ويو. ڪهاڙي سندس ڳچيءَ کي گهڻي قدر ڪٽي ويئي هئي، باقي نڙ گهٽ وٽ ڪل جا ڪي تاندورا وڃي بچيا هئس تيسين پيو همراه به گهوڙي کي پريان پريو پئي آيو، پوئين پير هني جان نه بچايان ها ته گهوڙو سنبن سان سلهي ڇڙهي وڃي ها. هئو جوان جو پٽ، جو بازي پلٽيل ڏسي به هليو آيو ۽ هو به هٿين خالي! سندس ڪهاڙي ڳن پڇڙ ڪري وٿاڻ ۾ پئي هئي. گهوڙو پهو ڏئي هيمن ٻيلي ۾ هليو ويو، پڇي وڃي ها ته پڇي سگهيو ٿي ليڪن پڳو ڪونه، گهوڙي کي وراڻو ڏئي وري چوٽ ڪنيو آيو. تورو گس ڪان هني،مون واڄهه ٻنهي هٿن ۾ جهلي، هني کي ڪانياڻيءَ وانگر ڦيرائي،

گهوڙي کي هنو اڳين ٽنگن ۾ ڏٺي واجهه کي زور سان چڪيم ته گهوڙو ٻاڻ نه جهلي سگهيو ۽ همراه گهوڙي تان ڇنڊجي ويو. مون واجهه ڇڏي يڪدم وڃي ڪهاڙي ڪنڌي ڪهاڙي ورايم ته همراه ڪهاڙيءَ کي روڪڻ لاءِ هٿ آڏو ڏنا، جنهن ڪري سندس هڪڙو هٿ موريءَ مچ ڇنبي ڪان ويو هليو. ورائي ٻي ڪهاڙي مٿي ڪان ڏني ماتس، تنهن تي ڪنڌ ڍرڪائي وڌائين. ٽين ڪهاڙي ڪنڌ ڪان ٿي آيس جنهن سندس ڪم پورو ڪري ڇڏيو ڪهاڙي کي زمين تي اڇو رکي، ڳن تي ٻئي پير ڏئي مون ٻانهن واري واجهه وڌي، ڪهاڙي منهنجي توقع کان وڌيڪ تکي هئي.

جڏهن واجهه مان ٻانهون آجيون ٿيون، تڏهن سڄي جسم ۾ عجيب قسم جي خوشي محسوس ٿي. ڪيڏي نه پوائنتي ۽ دکي حالتن مان آجو ٿيو هئس. لاشن کي ٽنگن کان وٺي گهلي جهنگ پيڙو ڪيم. گهوڙي جا سنج واجهه سميت مٿانئن ڦٽا ڪري آيس. سندن رت کي هٿن سان کرڙي گس کان پري هٽايم، ڪهاڙيءَ کي هٿ ۾ کڻي وٽان ڏي موت ڪاڏيم. ٿورڙو ئي اڳتي وڌيس ته جسم ڍڙا کان سڙڻ لڳو، نس نس سور ڪري رهي هئي. پٺن ۽ مغز تي جهڙي باه هئي. ٽنگون منهنجي جسم جو بار کڻڻ لاءِ تيار نه هيون، منجهن ست ئي نه هو. ٿوري دير اڳ ۾ جيڪا جسم ۾ ڦڙتي ۽ طاقت هئي، سا شايد پوائنتي موت جي خوف کان يا زنده رهڻ لاءِ جاکوڙ

سبب پيدا ٿي هئي. پر هينئر وٽان ٽائين پهچڻ به مشڪل نظر پئي آيو. قميص جيڪا پانهن، ڪلهن ۽ ڪالر تائين وڃي بچي هئي، تنهن ڪي لاهي جهنگ ڏانهن اُڇلي ڇڏيم ۽ ٿڙندو ٿاٻڙندو، وٽان جي در وٽ اچي ڪري پيس.

آڌي رات ڌاري چاچو عبدالله به اچي ويو. آءٌ اچڻ وٽان جي در وٽ منهن ڀر پيو هوس. مون کي ڇچريل حالت ۾ ڏسي همراه ڪان رڙ نڪري ويئي. پاڻ پاٽولي ڪوڙي ويهي رهيو منهنجو مٿو ڪٽي پنهنجي گوڏي تي رکي واردات پڇڻ لڳو، جيڪا مون ڪيس مختصر لفظن ۾ ٻڌائي. تنهن ڪان پوءِ چوڻ لڳو ته مون کي هتان وٺي شفيع محمد جن سنڌن اوطاق ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ پاڻهن بابت زور بار ڪرڻ لڳا. جنهن جي انهيءَ وقت، ته مون کي خبر به ڪانه هئي. شايد اهو عبدالڪريم ٿي هو جنهن منهنجن مائٽن کي خبر ڪئي. شام جو منهنجا مائٽ ۽ ٻيا عزيز هٿيارن سميت اچي ويا، جن شفيع محمد ڪان منهنجي گهر ڪئي، سندس ڇوڪرو اڙي ويهي رهيو، ليڪن منهنجي پاسي وارا همراه جهجها ڏسي، مون کي ڇڏي ڏنائون. اتاهين سڌو آءٌ پنهنجي ڳوٺ ويس. وات تي ئي مون کي طالب ٻڌايو ته ڇوڪري اسان وٽ آهي. سو ڇوڪريءَ جي رکواليءَ لاءِ بندوبست ڪري ۽ همراهن کي هوشيار ڪري پيو اچان. مون کي شام جو ئي ٿورو شڪ پيو هو ته مون ڪي هنن

هتي بند ڪيو ٿي توتي حملي ڪرڻ لاءِ آهي. پر شفيع محمد ۽ مبين ٻئي اتي هئا، ان ڪري ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي، مچاڻ جو هنن پاڙيتو چاڙتا موڪليا هئا! ڀلا همراه سڃاڻنم؟ مون چيو ته نه. منهنجي خيال ۾ هنن کي اڳ ۾ مون ڪڏهن به ڪونه ڏٺو هو.

ايتري حال احوال ڪان پوءِ چاچو عبدالله ويو سو ڍاڪو سير کڻ نم جا پن پٽي آيو. ٺڪر جو ڪنو باهه تي چاڙهي، نم کي اوٻاري ان جي پاڻيءَ سان منهنجا ڦٽ ڌوتائين ۽ باقي رهيل نم کي منهنجي جسم ۽ مٿي تي سڄي رات ٽاڪوريندو رهيو. نم ۽ نم جي پاڻيءَ سور کي گهٽو ڏک هنيو هو. جيڪا جسم ۾ پيڙا ۽ باهه ڪام هئي سا گهٽو جهڪي ٿي ويئي هئي، صبح مهل چاچو ڏڳين کي لڳي ويو سندس چئن پنجن آلوڙين ڏڳين کي چوويهن ڪلاڪن جو ڪڙو هو. پلڙي جي ليڙ وارا ڏينهن هئا، ان ڪري ڏڳيون کير جي چرڪان رنيي رهيون هيون. چاچو اچا ڏڳين کي چهنل هو ته مبين گهوڙي تي سوار ساڳيو طوفان بڻجي اچي وٺاڻ تي پهتو روالور هٿ ۾ هئس. چاچو عبدالله ڏڳيءَ مان هٿ ڪڍي، کير جي چوڻري پري چڏي يڪدم منهنجي اڳيان سپر تي اچي بيهي رهيو. مبين کي سر جي مٿان ڏسي آءٌ به اٿي کڙو ٿيس. مبين گهوڙي کي در جي وچ تي لغام ٿيڪي جهلي بيهي رهيو. ڪي ڪجهه وقت ٻئي ڏريون اکين ٿي اکين ۾ هڪ ٻئي کي توريندا رهيا

آخر شروعات چاچي ڪئي. هڪل ڪري چيائينس:

"اڄ وري ڪهڙي خيال سان نڪتو آهين."

چيائين: "خاصخيلي! پانهن ڏي."

چاچي چيس: "توهين ماڻهن جو الهه تلهه ڪايو وينا آهيو، تڪي جي ڇوڪري تتا سهساهي سگهو."

"هون!" همراه کنگهڪار ڪري گلو صاف ڪيو. تنهن ڪانپوءِ چيائين: "معني ڇوڪري آهي، پر ڏين نتو!"

تنهن تي چاچي ورايس ته "ها، ڪالهه تائين ڇوڪري ڪانه هئي، پر اڄ آهي، مگر ملندؤ مور ڪانه!"

آءٌ تيسين سرڪي چاچي جي پر ۾ اچي بيٺس، منهنجي سڄي نظر ميين جي منهن ۽ روالور تي هئي. سندس روالور جو رخ مون ڏي هو، پر جڏهن "ملنديؤ مور ڪانه" وارا لفظ همراه پڌا تڏهن يڪدم روالور کي ڌورو مٿي ڪري نشان چاچي عبدالله کي ڪيائين مون يڪدم چاچي کي پنهي هٿن سان ٺيلهو ڏنو، صفا انهيءَ وقت فائر ٿيو. چاچو عبدالله اوچتو ڪلهي پر وڃي ڪريو، گولي ضايع ٿي ويئي. صبح جو ٿائيم هو ريوالور جي فائر تي سال ۾ ٿاڪوڙو پئجي ويو. ٻيلي جو مال ايترو ذڪاءُ ڪتي ٿو سهي سگهي. جنهن ڊور جو جتي رخ هو اتاهين ڊيهوڙا ڪائي، واڙا ڦاڙي ٻاهر نڪتو. هيڪاندا ڊور هئا، تن ۾ ڙرڙلو ڏسي زميندار جي گهوڙو به سرڪش ٿي بيٺو همراه گهٽو ڏي زور لائي اڳيان لغام جي تڏ ڏئي جهليس، پر گهوڙو نه بيٺو،

پهريائين ته اڳيان سنب ڪٽي ٻوين ٽنگن تي اڀيلو مٿي
ٿي آيو ٿي بيهي رهيو. پوءِ اڳيون ٽنگون ڪوڙي پوڌر
وهايائين، يڪدم لغام ڇني ٻيس سوار ڦهڪو وجهي ڪيو
گهوڙو ڊوڙن سان رليو ويو، ريوالور همراه جي هٿ
مان نڪري چڪو هو. شروع ۾ ته اسان به مال ڪان
پڇي جان ڇڏائي هاي پري وڃي بيٺاسون ليڪن جيئن
ئي مال هٽيو مون پڇي وڃي ريوالور ڪنيو. مٿين به
اٿي بيٺو هو، منهنجي ۽ سندس وچ ۾ مفاصلو مشڪل
سان ڇهه فوٽ هو، سيڪنڊن لاءِ درگذر وارو خيال به
منهنجي دل ۾ آيو، پر يڪدم دماغ انهيءَ ڳالهه کي
رد ڪيو: سندس سيني کي نشان بڻائي، گهوڙي کي
ٽڪ ڏنيم ته گولي ڪيس دل واري پاسي کان ٿي آئي
ٿورڙيون چڙهيون هنيائين پوءِ ٿڌو ٿي ويو، چاچو رڙهي
منهنجي پير ۾ آيو. ريوالور ڪسي هٿ مان ڪسي ونئي
اڇليائين، جيڪو وڃي لاش جي پير ۾ پيو. آءٌ لوڏن تي
هٿ ڏئي زمين تي ويهي رهيس. گذريل چئن ڏينهن جي
اندر اندر هيءُ ستون خون هو، جيڪو اڄ صبح سان
منهنجي هٿان ٿي چڪو هو. آءٌ امن پسند ماڻهو هوس،
مون ڪنهن کي اڳ ۾ ڪونه ڇيڇلايو هو، ظلم سان
مون کي نفرت هئي، پر حالتن اهڙيءَ ڏيڻ ۾ اچي ڦٿو
ڪيو هو. پاڳل ويجهو هوندي به پري هئي، بلڪ آءٌ
ائين چوندس ته مون کان گهڻو پري هئي.

گهڻي صلاح مشوري کان پوءِ چاچي جتي چنبي

ڇادر ۾ وجهي پنهن پويان ڪئي ؟ ٿاڻي تي اطلاع لاءِ
روانو ٿي ويو. ويندي ويندي وري به تاڪيد ڪندو ويو
ته آءُ في الحال ٻيلي مان ترڪي وڃان، متان ڀاڳيا اچي
وڃن ۽ وري ڪو ٻيو حادثو نه ٿي پوي. هن دفعي
ٻيلي جي مالوندن به فائرن جي آواز تي سجاڳي ڏيکاري
هئي. دير سان ئي سهي ليڪن ڪجهه ڀاڳيا وٿاڻ تي
اچي سهڙيا هئا، ان ڪري آءٌ به وٿاڻ تي ويٺو رهيس.
منجهند ٿاڻي پوليس اچي وئي ۽ ان کان سگهوئي پوءِ
چاچو شفيع محمد به چند چاڙتن سان گڏ جاءِ وردات
تي پهچي ويو. ساڻس گڏ به ٽر جا بااثر زميندار به هوا
شايد ڪيس واقعي جي تفصيل سان خبر پهچي چڪي
هئي. صوبيدار مشير نامو ٿاهي فرسٽ رپورٽ ٿي لکي
ته چاچي شفيع محمد ڪيس نويڪلائيءَ ۾ ڳالهائڻ لاءِ
چيو. جنهن تي صوبيدار سختيءَ سان انڪار ڪيو. چيائين
ته جو ڪجهه ٿيو آهي سو آءٌ اڳ ئي لکي رهيو آهيان
باقي توهان چاهيندا ته ڪجهه گهٽ وڌ ٿئي، سو ناممڪن
آهي. هر ڪنهن سمجهدار ماڻهوءَ جا ڪجهه نظريا ۽
اصول هوندا آهن. انهيءَ مطابق منهنجو به اصول هوندو
آهي ته معمولي چوريءَ کان وٺي ڌاڙي تائين ڀاڳئي
جي حق رسائيءَ کان پوءِ منهنجو به پيٽ آهي ....
ليڪن خون جي واردات ۾ مون ڪڏهن به هٿ ڪارا
نه ڪيا آهن ۽ نه ڪندس. چاڪاڻ جو زندگي الله تعاليٰ
جي طرفان آهي ۽ قاتل کي ڪڏهن به نه بخشيو ويندو

جو ڪجهہ واردات جي جاء تي ڏنو اٿم سو قانون مطابق لکان ٿو. وڏيڪ ڪورٽ چاڻي ۽ توهان ڄاڻو. صوبيدار جي ايڏيءَ ٻڌڻيءَ تقرير کان پوءِ چاچي شفيع محمد سميت ٽيئي زميندار صوبيدار کي چڙ تہ زوريءَ کهلي ٿورو پريرو وٺي ويا، جتي اڌ ڪلاڪ کن هنن جو ڪوسو بحث ٿيندو رهيو. موٽندي صوبيدار اهو چيو تہ مون کي ڪهڙي خبر تہ هن خون ڪيو آهي، اڪئين تہ مون نہ ڏٺو آ، آءٌ ڪيس ۾ ڪوڙا شاهد بيهاري پري لکان، ۽ جوابدار ڦاسي چڙهي وڃي ۽ هجي ناحقي تہ پوءِ اهو خون ڪنهن جي ڪنڌ تي پوندو؟ ميان مون کي سون ۾ توريندؤ تہ بہ اڻين نہ ٿيندو.

ايڏو خدا جو خوف رکندڙ پوليس جو صوبيدار جو تصور منهنجي تہ وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هو ۽ هئو وري ڪير؟ سندس نالو ديوان پرسرام هو. اپر سنڌ روهڙيءَ شهر جو ويٺل هو. ۽ هئو هڪ واڻيو، ڀاڳي بندا! صوبيدار هڪ ايتر لکي جمعدار کي ڏنو ۽ ٻن سپاهين کي حڪم ڪيائين تہ فوتيءَ کي ڪڍائي هالا وٺو ۽ وڃي پوسٽ مارٽم ڪرايو. ڀاڳين کي بہ چيائين تہ هليا وڃو. تنهن کان پوءِ پورا ٽي ڪلاڪ واردات لکڻ تي مغز ماري ڪندو رهيو. هرهڪ ڳالهہ وضاحت سان ماپـن سميت هيڊ منشيءَ کان لکائيندو رهيو. باريڪ بين ايترو جو معمولي معمولي شيون بہ قلمبند ڪرايائين، منهنجو بيان ورتائين. مون ڏوهہ قبوليو، چاچو عبدالله سچـي ڪيس

جو اڪيلو شاهد هو. آخر ۾ مون کي هٿڪڙي پارائي ٻيلي مان ٻاهر نڪري آيو.

ٻئي ڏينهن صبح ساڻ سعيدآباد ٿاڻي تي وڏيرن ۽ با اثر زميندارن جي رش لڳي وئي، آءٌ لاڪپ ۾ بند هوس، تنهن هوندي به وڏيرن جي عملن جي مون کي خبر پئي پيئي. هاڻي هنن جو موقف اهو هو ته ”ڪيس ڪمزور آهي جنهن مان جوابدار آسانيءَ سان ڇٽي ويندو ۽ جوابدار عادي خوني آهي، صبحاڻي اسان سڀني جو خير نه آهي انهيءَ ڪري ڪيس کي وري لکيو وڃي شاهدي اسان ٿا ڏيون. تنهن کان سواءِ زر اڇلائڻ لاءِ به تيار آهيون.“ ليڪن صوبيدار جو اهو ئي ڪالهوڪو رکو جواب هو.

سگهو ئي منهنجي ڪيس جا مشير ۽ چاچو عبدالله به اچي ويا، صوبيدار مون کي ٿاڻي جي لاڪپ مان ڪڍي سو چوهٺ ڪرائڻ لاءِ هالا مئجسٽريٽ وٽ وٺي آيو. جيئن بيان پڪا ڪرايا وڃن. ڪورٽ ۾ به مشير چاچو عبدالله ۽ آءٌ گڏ پيش ٿياسين، سڀ کان پهرين جج مون کان بيان ورتو، ڪٽهڙي ۾ گهڙڻ شرط چاچي عبدالله ڏي نهاريو، جنهن مون کي انڪار جو لڪل اشارو ڪيو. جنهن جو اسان ٻنهي جي وچ ۾ فيصلو ٿيل هو، ته سر زمين تي ڏوهه قبوليو ويندو پوءِ ڪورٽ ۾ ڦري ويندا سون، انهيءَ اسڪيم مطابق مون جج صاحب کي ٻڌايو ته فوتيءَ کي مون قتل نه ڪيو آهي بلڪ

هو خود پنهنجي هٿان مُئو آهي. فوتي جڏهن صبح سان
گهوڙي تي چڙهي ريوالور هٿ ۾ کڻي مون کي مارڻ
لاءِ ٻيلي ۾ وٿاڻ تي آيو، تڏهن هن وٿاڻ جي در وٽ
ٻيهي نشانو ٻڌائي مون تي فائر ڪيو. فائر ٻڌڻ شرط
وٿاڻ ۾ پوريل ڏاهڙ مال وٿاڻ جا لوڙها ڦاڙي ٻاهوڙجي
ٻاهر نڪتو ته فوتيءَ جي گهوڙي به سرڪشي ڪئي.
جيئن ته هي سڀ ڪجهه اوچتو ٿيو هو، ان ڪري
فوتي گهوڙي تي پاڻ کي نه جهلي سگهيو. جيئن ته
فوتيءَ جو ريوالور لوڊ ٿيل هو ۽ سندس هٿ ۾ هو،
سندس آڱر به انهيءَ وقت ريوالور جي گهوڙي تي هئي
سو ڪِرڻ وقت ريوالور وارو هٿ فوتيءَ جي هيٺان
اچي ويو ۽ فائر ٿي ويو، جيڪا گولي فوتيءَ کي
ڪنهن هنڌائتي جاءِ تي لڳي ۽ فوتي مري ويو. مئجسٽريٽ
صاحب منهنجو بيان نهايت ٿي غور سان ٻڌو، تنهن
کان پوءِ چيائين ته فرسٽ رپورٽ ۾ تو قبوليو آهي
ته خون تو ڪيو آهي، هتي ڪيئن ٿو ڦرين! تنهن تي
مون چيو مانس ته سائين سڀ پوليس جي خوف کان.
اسين غريب جهنگ جا رهاڪو ڊڄون ٿا. تنهن کان
پوءِ چاچي عبدالله کان بيان ورتو ويو، تنهن به ساڳي
مون واري روءِ داد ٻڌائي، چاچي واري بيان کان پوءِ
جج صاحب صوبيدار ڏي نهاري چيو ته ديوان صاحب!
ڪيس ۾ ته ڪجهه بچيو ڏي ڪونهي. تنهن تي صوبيدار
چيو ته آءٌ سائينجن کي عرض ڪندس ته مون کي

جوابدار جو ريمانڊ ڏنو وڃي. صرف تن ڏينهن لاءِ چاچي عبدالله جو ريمانڊ جو ٻڌو، سو يڪدم مون کي ججج صاحب ڏانهن پنهنجو بيهاري منهنجي قميص کڻي منهنجا چچريل پنا جج کي ڏيکاري پوءِ چيائين ته پٽڪو لاهه. مون مٿي تان پٽڪو لاٿو. منهنجي مٿي تي ڪيئاڙيءَ کان کهاڙين جا ڦٽ ۽ چچريل پنا ڏسي جج صاحب قلم کڻي وات ۾ ڪيو ۽ يڪدم سڏ ڪري چيائين: "اي ديوان! ديوان! هي جوابدار کي ڇا ڪيو اٿئي!" صوبيدار صاحب ڪنهڙي ۾ گهڙي آيو، ۽ غور سان منهنجا ڦٽ ڏسي جج صاحب کي چيائين: ته سائين مون کي گيتا جو سونهن مون اڃا تائين جوابدار کي وات جو دڙڪو به نه ڏنو آ. اهو سڀ ڪجهه منهنجي اصول ۽ فطرت جي خلاف آ، مان پاڻ هاڻي انهيءَ حيرت ۾ آهيان ته اهي سڀ ڦٽ ۽ زخم آيا ڪٿان؟

صوبيدار منهنجا مٿي وارا ڦٽ ۽ پٺن وارا زخم چڪاسي جج صاحب ڏي واڱڙو ٿي نهارڻ لڳو. جنهن تي جج صاحب پڇيس ته واقعي توکي هن هاڃي جي خبر نه آهي؟ تنهن تي هن ورائيو ته نه سائين مون کي ڪا خبر نه آهي، جيئن ته جوابدار جا ڦٽ لڪل هئا ۽ وري پاڻ به مون کي ٻڌايو نه اٿس. جج صاحب يڪدم سندس پٽيوالي کي حڪم ڪيو ته سرڪاري ڊاڪٽر کي وٺي اچ، تنهن کان پوءِ مون کان پڇيائين ته ٻڌاءِ هي ڦٽ ڪٿان آيا؟ تنهن تي مون ٻڌايومانس ته ڏيون

ڏينهن شام جو به شاهينگ ڪهاڙين سان مسلح ٿي وٽاڻ ٿي آيا هئا. جيڪي مون کي ڏکي مرڻينگ حالت ۾ چڙي هليا ويا، آئون سمجهان ٿو ته هنن کي به فوتيءَ مون کي مارڻ لاءِ موڪليو هو، تنهن تي جج صاحب پڇيو ته فوتيءَ جي ڏوسان ڇا تان دشمني هئي؟ مون ڪيس دشمنيءَ جو سبب مختصر لفظن ۾ ٻڌايو، جيڪي ٻڌي صاحب حيرت ۾ پئجي ويو. سرڪاري اسپتال ويجهي هئي ان ڪري ڊاڪٽر به تهتان اچي ويو. جج صاحب کيس منهنجي ڦٽن جي معائني لاءِ چيو، ڊاڪٽر ڪنهڙي ۾ گهڙي آيو ۽ غور سان چڪاس ڪري جج صاحب کي چيائين ته ڏڪ تمام ڪاري آهن ۽ خطرناڪ جاءِ تي آهن. مريض جو ترت ۽ توجهه سان علاج نه ڪيو ويو ته هنن ڏڪن وگهي مري سگهي ٿو. پيو چيائين ته مون کي ڏڪ هڪ يا ٻن ڏينهن جا پراڻا نظر ٿا اچن. آءٌ انهيءَ حيرت ۾ آهيان ته مريض هلي چلي ڪيئن پيو. جج صاحب ڊاڪٽر کي هٿ جي اشاري سان سامهون رکيل ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چئي، صوبيدار کي حڪم ڪيو ته جيئن ته جوابدار زخمي آهي، ڊاڪٽر صاحب جي چوڻ مطابق سندس زخم خطرناڪ آهن، ان ڪري جوابدار جو پڪو چالان پيش ڪر، تنهنجا سپاهي تيستائين اسپتال ۾ جوابدار مٿان ڊيوٽي ڏين جيستائين هالا پوليس ڪائنن چارج وٺي. ائين چئي جج صاحب پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي چيمبر ۾ هليو ويو

چاچي عبدالله مون سان گڏ اسپتال ڏانهن هلڻ جي تي
ڪئي ليڪن ڊاڪٽر ۽ پوليس ڪيس واپس ڪري ڇڏيو.

تعلقي جي سرڪاري اسپتال هڪ وڏي پلاٽ تي
هئي، تنهن هوندي به مريضن جي رهڻ لاءِ ٽي ننڍا
ڪمرا هوا. هرهڪ ۾ ٻه بسترا هئا. هڪ بستري تي
مون کي جاءِ ملي. مهربان ڊاڪٽر تمام گهڻي توجهه
سان منهنجو علاج ڪيو، ڦٽ ڌوئي مٿي کي ٽاڪا
لڳايائون، ملم وغيره لڳائي پٽيون ٻڌائون ڊاڪٽر جي
مدد هڪ خوبصورت نرس ۽ هڪ ڪمپائونڊر تي ڪئي
آخر ۾ دوا پياري مون کي آرام لاءِ ڇڏي ڏنائون مون
به ڪي ڪجهه جسم ۾ آرام محسوس ڪيو ۽ يڪدم
ننڊ به اچي وئي.

ٽن ڏينهن جي اندر نرس جون مهربانيون مون
سان وڌي ويون. سندس نالو شريفان هو، هالا شهر جي
ڀي رهاڪو هئي. ليڪن ڪن سببن ڪري سندس مٽن
مائٽن ۽ عزيزن جو ساڻس حتو پاڻي بند هو. جنهن جي
مون سمجهيو تي ته ڪيس به پرواهه ڪانه هئي، پاڻ
بر سر روزگار ۽ پنهنجي پيرن تي بيٺل هئي، سندس
رهائش اسپتال جي سرڪاري ڪوارٽر ۾ هئي. خوبصورت
جسم ۽ گوري رنگ جي ٽيهن پنجيهن ورهين جي مُڪمل
عورت هئي. ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ اٿڻ ويهڻ ۾ تجربيڪار
۽ خرانٽ ٿي معلوم ٿي، ٽن ڏينهن جي مختصر ۾ ائين
ٿي پيش آئي جهڙو آءٌ سندس ورهين جو واقف ڪار

هجان. شروع شروع ۾ مون سنڌس مرڪ ڏي سنڌس پيشي جي بنسبت زياده اهميت نه ڏني، ليڪن سگهو ئي مون کي اهو خيال تبديل ڪرڻو پيو. منهنجو رويو سائنس تمام گهڻو ادب وارو هو، ليڪن سنڌس دماغ اينترو ته ڦريل هو جو اهو به ڪونه ٿي سوچيائين ته آءٌ قيدي جي صورت ۾ اسپتال ۾ داخل آهيان، ڪمري جي بالڪل در تي پوليس جو گارڊ بيٺو آهي، يا آءٌ صرف چئن ڇهن ڏينهن جو اسپتال ۾ مهمان آهيان. ايندي ته دوا پيارڻ جي بهاني سان هئي، ليڪن اڪين ئي اکين ۾ داستان پڌائي ويندي هئي. هن جو گهڙيءَ گهڙيءَ ناز ۽ نخري سان منهنجي ڪمري ۾ اچڻ پوليس وارن کي ته اکين ۾ ڪنڊي مثل ٿي لڳو، ليڪن هو ويچارا مجبور هوا، تنهن کان سواءِ ڊاڪٽر به بـرو محسوس ڪيو. آخر چوٿين ڏينهن هن کـي سختيءَ سان منع ڪيائين ته تون هاڻي مريض کـي دوا پيارڻ يا چيڪ ڪرڻ لاءِ نه ويندينءَ، اها ڊيوٽي هاڻي ڪمپائونڊر جي آهي. تنهن هوندي به ٻه دفعا ڪمري ۾ زوريءَ ڪاهي آئي ۽ مون سان شڪايت ڪيائين ته ڊاڪٽر سڙي ٿو .... انهيءَ ڏينهن ڊاڪٽر به مون وٽ تپاس لاءِ ٻه دفعا آيو، سنڌس منهن تي مون به واقعي فڪر ۽ مايوسي ڏٺي ۽ ائين به محسوس ڪيم ته آءٌ به سنڌس نظرن ۾ ڪري چڪو آهيان. آخر جڏهن رات جو ڊاڪٽر رائونڊ تي آيو، تڏهن مون چئي ڏنو مانس ته ڊاڪٽر اڄ مون

محسوس ڪيو آهي ته توهان مون کي انهيءَ پيار سان
ڪونه ٿا ڏسو، جيئن اڳ ڏسندا هوا. انهيءَ ڪري اڄ
سڄو ڏينهن آءٌ فڪرمند رهيو آهيان. جيڪڏهن نرس
ڪجهه واهياتپڻو ڪيو به آهي ته به آءٌ اهڙو ڪريل نه
آهيان، توهان ڊاڪٽر آهيو، آءٌ مريض آهيان، مريض
هميشه ڊاڪٽر جي همدردي جو محتاج رهيو آهي، سو
مون تان همدرديءَ جو هٿ نه کڻو، توهان مون مسڪين
جا ڦٽ ڇيٽيا آهن ۽ آءٌ پاڻ هڪ ڏکويل انسان آهيان
آءٌ وعدو ٿو ڪريان ته توهان جهڙي محسن سان ڪڏهن
به ويساه گهاتي نه ڪندس. آءٌ پانيان ٿو ته منهنجي
انهن لفظن ڊاڪٽر جي هانءَ تي ڌڪ ڇنڊو هنيو. ٻيئل
ڊاڪٽر ڪرسي ڇڪي ويهي رهيو. گهڻي دير مون ڏي
گهوري نهارڻ کان پوءِ مون کي چيائين ته منهنجي
دماغ ۾ واقعي اهو تاثر هو ليڪن هاڻي نه آهي. تون
هڪ حسين نوجوان آهين ان ڪري شريفان هوش وڃائي
ويٺي آهي.

ٻئي ڏينهن هالا سب جيل تان پوليس جو هڪڙو
نئون جٿو آيو جيڪو مون کي هالا اسپتال مان سينٽرل
جيل حيدرآباد وٺي آيو. شايد اُتي ڊاڪٽر ئي ڪيو هو
حالانڪ آءٌ پوري طرح ٺيڪ نه ٿيو هوس. ليڪن منهنجي
قسمت ئي اهڙي هئي جو هتي وري ٻي مسئلي منهن
ڪڍيو هو. تنهن ڪري مون کي ڊاڪٽر وڏيڪ اسپتال
۾ ترسائڻ پسند نه ڪيو.

سينٽرل جيل تي ضروري ڪاغذي ڪارروائي ڪان پوءِ جيئن مون کي اندر نيو ويو تيئن سامهون منهنجي نظر علي احمد سوناري تي پئي، جنهن جي هٿ ۾ چوپڙي هئي جنهن تي ڪجهه لکيائين پئي. علي احمد جي ڏسڻ سان منهنجي دل تي جيل جو جيڪو ڌهڪاءُ ويٺل هو سو لهي ويو. علي احمد اڳي منهنجو ڳوٺائي هو. اسان شروعاتي ٽي درجا گڏ پڙهيا هئاسين. سندس مائٽ ٽن ڏينهين اسان جي ڳوٺ ويٺل هئا. سندن سوناري جو دڪان هو، پوءِ به تي لاڳيتيون سندن چوريون ٿيون، ان ڪري ويچارا لڏي وڃي سڪرنڊ ويٺا، پوءِ به ڳوٺ ايندا ويندا هئا. سائن ملاقات ٿيندي رهندي هئي. علي احمد اڄ به اهڙو ئي سڪل سڙيل هو، جهڙا سندس هڏ ننڍي هوندي هئا ۽ هئو به پيدائشي ڏڄڻو. پاڻ خون جي ڪيس ۾ جهليل هو ۽ هاڻي سزا به لڳي چڪي هيس. جيڪا ڪاٽي رهيو هو. علي احمد ماستر ٿيو هو الاجي ڇو پنهنجو اباڻو پيشو نه ڪيائين. پاڻ سڪرنڊ جي پرسان مير خان لغاريءَ جي ڳوٺ ۾ ماستر هو، سندس شادي ڪراچيءَ مان ٿيل هئي، مائي سندس زال هڏ ڪاٺ واري جامڙد زال هئي، ۽ اڪثر ڪيس هيسيندي رهندي هئي. هڪ رات زال مٿس زور پري ته مونکي ڪراچيءَ مائٽن ۾ وٺي هل، همراه زال کي ڏٿو ڏئي ٻئي ڏينهن اسڪول ڀڄي ويو. جوڻس به ٻپهر سڄ ڏاري سندس پويان اسڪول اچي ويئي، جيئن ئي ٻئي زال

مڙس سڪرنڊ ڏي آيا ته وات تي پنهي جو وري جهڳڙو
ٿي پيو. علي احمد زال کي ڪيرائي خوف مان سندس
نڙيءَ ۾ اهڙا هٿ وڌا جو مائي ڦٿڪي ڦٿڪي مري
وئي. انهيءَ خون ۾ ويچارو سزا ڪاٽي رهيو هو. پڙهيل
هو ان ڪري هتي جيل ۾ منشي هو. مون تي نظر
پيس ته وڏي آيو ۽ پاڪر پائي مليو. پڇيائين ته مون
کي خبر ته پنجي چڪي آهي، پر هي ٻه — ٽي ڏينهن
ڪٿي هئين؟ سب جيل ۾ هئين؟ مون چيو اسپتال ۾
هوس. علي احمد ڪوشش ڪري مون کي انهيءَ ڏينهن
ئي اسپتال ۾ داخل ڪرايو جتي ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ
ڦٽ چٽي ويا ۽ آءٌ ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويس.

جيل ۾ مون جهڙا هزارين اياڻا واڙيل هئا. منجهس
سنڌ جي قريب قريب هر علائقي جا ماڻهو هوا، انهيءَ
ڪري هر علائقي جي خبر جيل ۾ پوندي رهندي هئي
پانت پانت جا ماڻهو هوا. جيل جو مون غور سان ابياس
ڪيو ۽ گهڻو ئي تجربو حاصل ڪيو. ڪيترين ئي
نيون نيون ۽ عجيب عجيب ڳالهيون معلوم ٿيون، جن
جي مون کي اڳ ۾ ڪا خبر ڪانه هئي جيل ۾ رڳو
چور، ڌاڙيوال يا خوني نه هوا پر هر فن جا ماڻهو ۽
هر انداز فڪر جا ماڻهو هوا. ڪي ماڻهو ته اڻ پڙهيل
هوندي به پنهنجي زندگيءَ جي وڏي تجربي ۽ دانائي
سبب عالمن کان ڪنهن به طرح گهٽ نه هوا. جيل
جي اندر قيدين جي هڪ ڪورٽ ٺهيل هئي جنهن ۾

هڪ جج ۽ وڪيل، جن مان هڪ سرڪاري ۽ ٻيو صفائي جو وڪيل ۽ ٻيا قيدي شاهدن طور پيش ٿيندا هوا. جن جن قيدين جي ٻيءِ ڏينهن ڪورٽ ۾ شنوائي ٿيندي هئي، اهي هڪ ڏينهن اڳ ۾ شام جو انهيءَ ڪورٽ ۾ پيش ٿيندا هوا.

پهريائين قيدي پنهنجو ڪيس تفصيل سان سيني چٽن کي ٻڌائيندو هو، جنهن ۾ هو ڇهاڻي هوندو هو. ٻوءِ ڪورٽ جي ڪارروائي شروع ٿيندي هئي شاهد پنهنجيون شاهديون پيش ڪندا هوا. وڪيل دلائل ڏيندا هوا. وڏي بحث مباحثي کان پوءِ جج پنهنجي فتويٰ ڏيندو هو. ٻئي ڏينهن جڏهن اهي قيدي ڪورٽ مان شنوائي پري واپس ايندا هوا ته انهن کان سندن ڪيس جي ڪارروائي پڇندا هواسون. اتي ڪورٽ ۾ به ڪاروائي اهڙي هلندي هئي. جيڪڏهن فرق هوندو هو، ته معمولي نه ته نه. ويندي جيڪي قيدين کي سزائون لڳنديون هيون سي به جيل واريءَ ڪورٽ جيتريون هونديون هيون. جيل جي ڪورٽ ۾ جيڪي جج يا وڪيل هوندا هوا، سي ڪي پڙهيل ڳڙهيل ڪونه هوندا هوا. ليڪن وٽن ايڏو ته ڪي تجربو ۽ دانائي هئي جو هو به هو ڪورٽ جو ماحول پيش ڪندا هوا. هوندو ته پڙو ڊرامو هو ليڪن حقيقت جي بلڪل ويجهو.

علي احمد مون کي صلاح ڏني ته جيل ۾ وقت ضايع ڪرڻ کان سٺو ٿيندو ته ڪجهه پڙهي وٺان ۽ پڙهڻ ۾

هند ڏيڻ لاءِ پاڻ به موجود هو ان ڪري ڪتاب به پاڻ گهرايائين ۽ انگريزي پڙهڻ لڳس. پڙهڻ جو مون کي اڳي ئي شوق هو ويتر جو موقعو مليو سو شوق ڪري پڙهڻ لڳس. پهرين ملاقات تي جڏهن چاچو عبدالله آيو تڏهن ٻڌايائين ته مينهون ٻيئي سان چاچهين ڪاهرائي ويو. مال ۾ به ڀائٽيا تا رهن. آءٌ هاڻي ڇوٽ آهيان. ۽ ڀڄائيز ته ڇوڪري (پاڳل) گهڻو غمگين ٿي رهي. اڄ به توسان ملاقات لاءِ هيڏانهن اچڻ جو ڏاڍو زور پريائين ليڪن پاڳين جو زور آهي ان ڪري نه وٺي آيومانس ملاقات تي ڪيترو سامان به کڻي آيو. آخر ۾ هدايت به ڪري ويو ته جيل ۾ اچ لوفر ڪان پاسو ڪري رهان. چاچي عبدالله جي اها جيل ۾ مون سان پهرين ۽ آخري ملاقات تي، ٻن مهينن جي سخت اوسيڙي ڪان پوءِ سندس پاءُ مقبول جيل ۾ ملاقاتي تي آيو ۽ ٻڌايائين ته تي ڏينهڻ اڳ اسان کي خبر پئي ته شفيع محمد پوليس ۾ ڪيس ڪيو آهي ۽ ڇوڪريءَ کي ڳولهڻ ۽ گهرن کي جهاڙو ڏيڻ لاءِ ڪورٽ مان وارنٽ وٺي آيو آهي. اهو ٻڌي عبدالله ڇوڪريءَ کي وٺي الاجي ڪيڏانهن هليو ويو، ڪالهه پوليس اسان جي ڳوٺ تي چڙهائي ڪري آئي، تمام سختيءَ سان تلاشي ورتائون. عبدالله جو پڇيائون اسان ڇيو ٻيلي ۾ هوندو اسان کي خبر نه آهي. عبدالله جي گرفتاري جا وارنٽ پڻ هئن. پوليس تہ خير ناڪام موٽي ويئي ۽ عبدالله کي ڳولي پئي پر

اسان کي ڪا خبر نه آهي ته عبدالله ويــو ڪيڏانهن. چوڪري به ساڻ اٿس هاڻي ڪا توکي خبر آهــي ته ٻڌاءِ. چيومانس ته مون کي ڪابه خبر ڪانهي.

قبول مون کي وڏيءَ ڳڻتيءَ ۾ وجهي ويو. ويچارو چاچــو عبدالله پيرسن مــڙس منهنجي ڪري ڪيترو نه در بدر ٿيو آهي. منهنجي وٺاڻ تي اچڻ کان اڳ سندس زندگي ڪيتري سان سک گذري رهي هئي. ۽ اڄ الاجي ڪٿي ڪٿي پاڳل کي پاڻ سان گهليندو لڪندو وتندو هوندو. دل ۾ ڪئين جوجڪيون ٿي اٿيون ليڪن جيل ۾ هوس. ان ڪري بيوس هوس. سينٽرل جيل جي وڏي ڪوٺ کي ڏسي زهر جا ڍڪ پيري رهيو هوس. قبول کي منٿ به ڪئي هيم ته مهرباني ڪري چاچي عبدالله جي ڪا خبر پوي ته مون کي اطلاع ڪجو، ليڪن ڪيترن مهينن تائين ڪا پهر ڪانه آئي. ذهني سڪون ختم ٿي ويو. طبيعت ۾ تمام گهٽي چڙ اچي وئي زندگي آزار معلوم ٿي ٿي، پلا پاڳل ۽ چاچو عبدالله اهي ٻئي ڄڻا ته منهنجي زنده رهڻ جا ڪارڻ هوا. تن جي حالت جي غير يقيني هئي ته پوءِ آءٌ ڪيئن يقين سان زندگي گذاريان. پڙهڻ ڇڏائي ويو ڪتاب ڪڙا ويڙهي علي احمد کي ڏنم. علي احمد ۽ جيــل ۾ پيا ڪجهه دوست هوا تن گهڻو سمجهايو ۽ همٿايو ليڪن ڪنهن به قسم جو قرار نه هو. تان جو هڪ ڏينهن جيلر صاحب جي ڪمري ۾ مون کي گهرايو ويو. اتي هڪ وڪيل صاحب اڳي

ڏي وينو هو. جنهن مون کي ٻڌايو ته تو اڳي لکي ڏنو آهي ته تنهنجو ڪو وڪيل ڪونهي ان ڪري سرڪار طرفان مون کي وڪيل مقرر ڪيو ويو آهي. پنهنجو ڪيس تون به مون کي ٻڌاءِ ته ڪيئن تنهنجو ڪيس هلائجي. وڪيل کي مون پورو ڪيس ٻڌايو وٽس به ضروري ڪاغذ هئا. پاڻ ڪجهه مشورا ڏيئي ويو.

چاچي شفيع محمد جڏهن ڏٺو ته ڪيس پوليس جي وسيلي ڪجهه حاصل نه ٿيو تڏهن خاصخيلين جي پير کي چنبڙي پيو. سندس مان ۾ وڏي دعوت ڪيائين ۽ نذر نياز پيش ڪري، خاصخيلين کان پانهن ونرائي ڏيڻ لاءِ ستائڻ لڳو، سندس پانهن پيلي پيا زميندار به هئا. پير صاحب خاصخيلين تي تمام گهڻو زور بار آندو ۽ کين پرائي ڦڏي ۾ تنگ اتڪائڻ لاءِ سخت سست به چيو. پير صاحب خاصخيلين جو مرشد به هو ته وڏي اثر رسوخ وارو به هو ۽ انڪري پير صاحب کان ڪيپائي بيهي رهيا. کيس يقين ڏنائون ته عبدالله جي پانهن جي اسان کي خبر نه آهي تنهن هوندي به کين ڳوليون ٿا، توهان ناراض نه ٿيو پانهن واپس ڪنداسون. اهي سڀ خبرون مونکي جيل ۾ پهچنديون رهيون. اوسي پاسي جا ماڻهو ايندا هئا ته ٻڌائيندا هئا. هاڻي مون کي خبر پئي ته خاصخيلين مان ڪا پهر مون وٽ ملاقاتي چو نٿي اچي.

چاچي عبدالله کي سندس مائٽن کان به اڳ چاچي شفيع محمد جي چاڙتن ڳولهي وڃي هٿ ڪيو. کيس

قتل ڪري ٻانهن ڏٿين کي ڏناڏون، دادوءَ کان قيدي سينٽرل جيل ۾ آيا تڏن به مون کي ٻڌايو ته عبدالله مانجهند جي پرسان ٻيلي ۾ قبيءَ نالي ڳوٺ ۾ رهيل هو، جتي ڪيس خون ڪري ٻانهن پاڳيا وٺي ويا. چاچي عبدالله جي قتل جو مون کي تمام گهڻو ڏک ٿيو. مرحوم جا مون تي لکين احسان هئا. هو منهنجو مٽ مائٽ به ڪونه هو، ليڪن مون تي سدائين مهربان رهيو.

ويندي آخر ۾ منهنجي سام تي سر قربان ڪري ڏنو، الاجي ڇو انهيءَ خبر ٻڌڻ کان پوءِ منهنجي دل ۽ دماغ ۾ ماٺ لڳي وئي. چاچي عبدالله جي روپوشي واري وقت ۾ جيڪا جسم ۾ چُڙ ۽ جولاني هئي، سا ختم ٿي وئي. انهيءَ دم دل ۾ وعدو ڪيم ته چاچي عبدالله جو پلاند ضرور وٺندس.

هاڻي منهنجو ڪيس هليو پئي هر مهيني شنوائي ٿيندي هئي. چاچي شفيع محمد جو ڪيس تي گهڻو زور هو. منهنجو صرف اهو معمولي سرڪاري وڪيل هو. جيئن ته ڪيس ۾ ڪا جان ڪانه هئي ان ڪري ڪورٽ ۾ ڪو گهڻو بحث مباحثو ڪونه ٿيو. ڪابه مڪمل ثابتي يا شاهدي مون تي ڪانه هئي. ان ڪري ڪورٽ سگوريءَ انيءَ شنوائيءَ تي مون کي باعزت آزاد ڪري ڇڏيو.

ڪورٽ ته مون کي آزاد ڪري ڇڏيو. ارڙهن مهنا جيل ۾ رهڻ کان پوءِ موڪل ملي هئي، ليڪن مون

ٻوٽ ته سر انڪائڻ لاءِ جڳهه ڪانه هئي. منهنجي لاءِ هاڻي اهو وڏو مسئلو هو ته نئين سري کان زندگي شروع ڪريان ته ڪيئن ڪريان ۽ ڪٿان ڪريان. هونئن ته منهنجو به اباڻو ڳوٺ هو، ليڪن ان ڳوٺ ۾ گهڙڻ به مون لاءِ ناممڪن هو. چاچي عبدالله جهڙي مڙس جو سهارو سو به هن وقت مون لاءِ ميسر نه هو. باقي ٻچان سو ڪيڏانهن وڃان ۽ رهان سو ڪٿي رهان! انهيءَ چڪتاڻ ۾ اها رات حيدرآباد شهر ۾ هڪ هوٽل تي رهي پيس. ٻئي ڏينهن لاريءَ ۾ چڙهي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيس ۽ سڌو خاصخيلين جي ڳوٺ آيس. سندن اوطاقڙيءَ ۾ به ٽي ڄڻا ويٺا هئا. جن ۾ قبول به هو، هن سان چاچي عبدالله جي عذر خواهي ڪيم. ننگ لاءِ به رپيا ڪڍي اڳيان رکيم ته همراه جواب ڏنو ته اسان کي مرشد سائين جي منع ٿيل آهي. ان ڪري اسين مجبور آهيون ۽ اسان جو تو سان ڪوبه تعلق واسطو نه آهي. هاڻي تازو شفيع محمد ۽ اسان جو پير صاحب فيصلو ڪيو آهي جنهن ۾ شفيع محمد اسان کي خون جو ڏنڊ ڀري ڏنو آهي، ان ۾ اهو به شرط هو ته اسان جو تو سان ڪوبه واسطو نه رهندو. ان ڪري مهرباني ڪري اسان کي معاف ڪر. آءٌ ٿڌو شوڪارو ڀري ٿوري دير ويهي رهيس. آخر قبول کان پڇيم ته چاچو عبدالله ڪٿي دفن ڪيو اٿو. جنهن چيو ته ڪيس اتاهين ڪڍائي آيا هئاسون ۽ هتي پنهنجي مقام ۾ پوريو اٿئون. ڪيس

چيم ته مون کي سندس قبر ڏيکار. هن مون کي قبرستان ۾ قبر ڏيکاري، مون مرحوم تي قل پڙهيا. آخري سلام ڪيم ۽ اتاهين روانو ٿي ويس.

چاچي شفيع محمد جي عقل ۽ سندس دولت جي ڪرامت ۽ خاصخيلين جي پير کي دل ۾ دعائون ڪندو اچي ٻيلي ۾ سهڙيس. جتي مون جوانيءَ جا بهترين سال گذاريا هئا ۽ جيڪا منهنجي جان جي بچاءَ لاءِ وسيع پناه گاه پڻ هئي. هيتريءَ خونريزيءَ، جهدوجهد ۽ تڪليفن سهڻ کان پوءِ به آءٌ اتي ئي هوس جتان زندگيءَ جي سفر جي ابتدا ڪئي هيم. بلڪ به ٿي وڪون پاڻ پوئتي هوس. اڳي چاچي عبدالله جهڙو همدرد ساٿي هو ۽ سندس وٿاڻ اجهو هو. ليڪن هينئر ته انهن کان به محروم هوس. دولت، زميندارن ۽ پيرن جي ڏيڏڪن فيصلن، مون کان سڀ سهارا کسي ورتا هئا. ٻيلي جي وٿاڻن تي در بدر هوس. ڪيترائي خيال ٿي آيا ته هٿيار هٿ ڪري ڌاڙيل بڻجي دشمنن کي فنا ڪري هانو جي باه وسايان ليڪن مون ڌاڙيلن جي مرن وانگر بي مقصد زندگي به ڏٺي هئي. انهيءَ ڪري ائين ٿيڻ کان ڪراهت ٿي آئي. ان ڪري ڪڏهن ڪنهن وٿاڻ تي ته ڪڏهن ڪنهن پاڳيءَ وٽ ماني کائيندو رهيس. مستقل ڪو نڪاڻو نه بڻايم. پراين درن تي مفت جي ماني کائڻ منهنجي ضمير جي خلاف هو، ليڪن مجبور هوس ڇا ڪيان ڇا نه ڪيان اها ڳالهه به سمجهه ۾ نه ٿي آئي.

ميلي جي پرسان بند جي بلڪل پر ۾ هڪڙو ميلو لڳندو هو. انهن ڏينهن ۾ به لڳو هو. ميلو منهنجو اڳي به ڏٺل هو. اڄ بي ڌمال هئس دل نه چاهيندي به آئون ميلي تي هليو ويس. منجهند جو ٽائيم هو، درگاهه جي پرسان هڪڙي سگهڙ نڙ تي بيت پئي ٻڌايا، آءُ به پاسي کان ويهي بيت ٻڌڻ لڳس، ٿورو ئي وقت گذريو ته اوچتو پٺيرو ڪهاڙين جا وسڪارا ٿي ويا. خلق ۾ ڊاهوڙو پئجي ويو. محفل منتشر ٿي ويئي اڄ منهنجا ڏينهن پورا هئا، ليڪن خوش قسمتيءَ سان ڪو پوليس وارو رائيفل سان پرسان متي رهيو هو، تنهن هوائي فائر ڪري مون کي بچائي ورتو. مون کي اٺ جو موقعو ئي ڪونه مليو هو. ننڍا وڏا ڪهاڙين جا نو ڌڪ هئا.

ميلي ۾ هڪ جمعدار جي سربراهيءَ ۾ پوليس جو گارڊ هو، جيڪو ٽيئي ڏينهن ميلي ۾ امن امان قائم ڪندو هو. مونکي يڪدم هڪ بيل گاڏيءَ ۾ هيٺان ٻاجهريءَ جا ڪانا وجهي هالا اسپتال ۾ علاج لاءِ موڪلي ڏنائون، شاهينگ سپ ميلي جي گوڙ ۾ پڄي ويا ماڻهو ڪوبه گرفتار ڪونه ٿيو. مون سان گڏ ڏيکي گاڏي ۾ به پوليس وارا به هئا جن ليٽر ڪيڏي ڊاڪٽر کي ڏنو، جنهن تي مون کي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو.

منهنجي خوش قسمتي چئجي يا بد قسمتي جو اسپتال ۾ ساڳيو ڊاڪٽر ساڳي نرس ۽ تقريبن ٻيو اسٽاف به ساڳيو هو. ڊاڪٽر جي منهن تي باوقار سنجيدگي هئي.

ڦٽن کي ٽاڪا هڻي ويو، هليو ليڪن شريفان پوءِ به ويٺي رهي. ڏوراپا ڏيڻ لڳي، چوڻ لڳي ته تون جيل مان ڇٽي هتي مون وٽ ڇو نه آئين، مون تنهنجي باري ۾ معلوم ڪيو آهي تنهنجو ڪو به مائٽ نه آهي، هاڻي آءٌ توکي ڪٿهين ڪونه ڇڏينديس. تون هتي مون وٽ رهه، تنهنجي ٽنڊي ڏاڙهيءَ لاءِ به آءٌ پاڻهي ئي بندوبست ڪريان. مون کي خبر آهي تنهنجي چاچي جي توسان سخت دشمني آهي، واڏيرو نه ٿيءُ هو توکي ائين مارائي ڇڏيندو. هتي شهر آهي، هتي هو ڪجهه نٿو ڪري سگهي. جيئن ته منهنجو ڪو به ٺڪاڻو ڪونه هو، ان ڪري ڪيس پڪ ڏنيم ته آءٌ چاڪ ٿيان وعدي سان هتي ئي رهندس. اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي ۽ سندس مهربانيون هر گهڙيءَ وڌنديون ٿي ويون. ڏينهن جو گهڻو حصو انهيءَ ئي بهاني مون وٽ هوندي هئي، مگر الاجي ڇو سج لهڻ کان پوءِ سندس پاڇولو به ڏسڻ ۾ نه ايندو هو. آخر ان بابت پڇيو مانس چيائين ته ڊاڪٽر جي منع ٿيل آهي، چوي ٿو ته جيستائين تون مريض آهين، تيستائين آءٌ صرف نرس جي صورت ۾ توسان پيش اچان، باقي تنهنجي نيڪ ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي خانگي زندگيءَ ۾ سندس ڪو به دخل نه هوندو. اها ڳالهه منهنجي لاءِ پڻ حيرت ۽ خوشيءَ وٺان هئي. تنهن کان پوءِ ڊاڪٽر جو پڻ سندس چهري مان اندازو لڳائيندو رهيس. واقعي سندس صرف منهنجي علاج سان دلچسپي هئي.

اسپتال ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ٽئين ڏينهن فاضل پيچو اسپتال ۾ منهنجو ملاقاتي ٿي آيو، ڪيس شهر ۾ انهيءَ ڏينهن خبر پئي هئي تہ مون سان جهيڙو ٿيو آهي مون کي ڌڪ لڳا آهن ۽ آءٌ اسپتال ۾ آهيان. فاضل منهنجو جيل جو ساٿي هو. سندس ڳوٺ بہ هالا شهر جي ويجهو ڪچي ۾ هو. چوري سا بہ هر قسم جي سندس ڪيتي هئي. اڪثر اڪيلو ئي هٿ پير هڻندو هو جيل ۾ سندس مون سان بہ گهٽي گهاٽائي هئي. جيل ۾ گڏ رهڻ ڪري مون مان ذري پرزي جو واقف هو. هاڻي همراه انهي ڪوشش ۾ هو تہ آءٌ ساڻس هٿ ونڊايان مون واريءَ فتوي واريءَ شنوائيءَ تي بہ سيشن ڪورٽ ۾ آيو هو. پهرين ڏينهن ئي ڏاڍو زور پريائين تہ آءٌ سندس ڳوٺ هلان. بہ ٽي چوريون بہ سندس نظر ۾ هيون اتاهين تہ آءٌ بہ ڪانئس ڏتا ڏئي هليو ويس، پر هتي وري بہ ستائڻ لڳو تہ چاڪ ٿي وٽس هلي رهان. ماڻهو ڏاڍو دلچسپ هو، تنهن کان سواءِ دوست بہ هو ان ڪري ڪيس رکو جواب نہ ڏئي ٿي سگهيس. هڪ ڏينهن شريفان آئي سندس منهن لٽل هو. ڪرسي چڪي منهنجي سامهون ڳوڙهي فڪر ۾ ويهي رهي. سندس غمگين چهرو ڏسي ان جو سبب پڇيو مانس تہ لهرائڻ لڳي، آخر جڏهن ڪيس هڪڙو وڏو قسم وڌم تڏهن ٻڌايائين تہ چاچهين شفيع محمد جي ڪنهن ماڻهوءَ وسيلي اچ آئي آهي تہ آءٌ توکي ڪا زهريلي سئي هڻي يا ڪا غلط دوا ڏئي

اسپتال ۾ ماري ڇڏيان. ان جي عيوض ۾ تمام گهڻن پئسن جي آڇ ڪئي اٿن. سندس واتان اها خبر پڌي، منهنجو ذهن چڪرائجي ويو. پنهنجي بيوسيءَ تي افسوس ٿيڻ لڳو. تنهن هوندي به ڇيو مانس ته پوءِ تو ڪهڙو جواب ڏنن. چيائين ته آءٌ گنهگار ته آهيان ليڪن ايتري پاپڻ نه آهيان جو ڪنهن ڪي قتل ڪريان تو ۾ ته منهنجون وڏيون اميدون آهن. تنهن تي ڇيومانس ته اهو ساڳيو ڪم ڊاڪٽر ڪان به وُٺي سگهجي ٿو، ڇاڇو وڏو دولتمند آهي. مون کي مارائڻ لاءِ ننهن ڪان چوٽي تائين زور لڳائيندو. چيائين ته ڊاڪٽر اهڙو ماڻهو نه آهي. اسان گهڻو وقت گڏ رهيا آهيون، ڪيس آءٌ چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿي. اڳئين دفعي به آءٌ تڪڙي تي ڊاڪٽر کي غلط سمجهندي هيس. آءٌ تو کي ڏسڻ شرط تنهنجي محبت ۾ انڌي ٿي وئي هيس. انهيءَ ڪري توکي ڇيو هيم ته ڊاڪٽر سڙي ٿو، ليڪن حقيقت ۾ ڊاڪٽر منهنجي ڀلي لاءِ ٿي ڪيو. اصل ۾ آءٌ ديواني آهيان. اهڙا ڊاڪٽر جا اڳ به مون تي ڪيترائي احسان آهن سندس مون تي ايتريون مهربانيون نه هجن ها ته آءُون هونداج ڳولي به نه لڀان ها. اج به انهيءَ ڳالهه ڪان پوءِ ڊاڪٽر سان ملي آئي آهيان، پوري ڳالهه ٻڌائي مانس، چيائين ته اها آڇ به ڏينهن اڳ ۾ مون کي ٿي هئي. منهن جي انڪار ڪان پوءِ هنن توسان رابطو قائم ڪيو آهي. مونکي اڳ ئي پڪ هئي، ته تو سان ضرور ملندا ليڪن اها خاطري

هيم تہ تون ايترو انتھائي قدم نہ کڻندينءَ خاص ڪري
ھن مريض سان ۽ چيو اٿس تہ ڪمپائونڊر ۽ پٽيوالن
کي مريض جي ڪمري ۾ وڃڻ کان منع ڪئي اٿم.
چوڪيدار کي بہ چيو اٿم تہ رات جو سجاڳيءَ سان
ڊيوٽي ڏئي. مريض کي اڃان بہ ٽي ڏينھن لڳندا. پنھنجي
عزت انھيءَ ۾ آھي تہ مريض جلد تندرست ٿئي تہ کيس
جلد ڊسچارج ڪري ڇڏيون.

سيارو ھو تنھن کان سواءِ احتياطي طور رات جو
دريون ۽ دروازو بند ڪيو ستو پيو ھوس. اڌيءَ ڌاري
اسپتال جي ڪمپائونڊ ۾ بندوق جا بہ ٽي فائر ٿيا. تنھن
کان پوءِ ماڻھن جو ڳالھائڻ ۽ چرپر جو آواز بہ پيم،
در ڪولي ٻاھرو ٿي آءٌ ٻاھر ڪونہ نڪتس، آخر ڊاڪٽر
سڏ ڪري در کولايو. ٻڌايائين تہ ڪي بہ ڇڙا پٺيان
پاسي کان ڀت ٽپي اسپتال ۾ گھڙي آيا ھئا. چوڪيدار
کين ڏسي ورتو کين ھڪل ڪيائين تہ فائر ڪري
ساڳئي پاسي کان ڀت ٽپي ڀڄي ويا. تون تہ ٺيڪ ٺاڪ
آھين؟ مون چيو تہ ھا ننڊ ۾ ستو پيو ھئس بندوق جا
فائر مون ٻڌا ھئا. ڊاڪٽر دروازي کي بند رکڻ جي پارت
ڪري ھليو ويو. مون کي پوءِ سڄي رات ننڊ ڪانہ
آئي. ھاڻي انھيءَ فڪر اچي ورايو تہ زندگي ڪيئن
بچايان، دشمن مون کان تمام گھڻو طاقتور ھو. ٿوري
ئي وقت ۾ مون کي مارائڻ جي سندس ھيءَ ٽين
ڪوشش ھئي. دشمن ڪا وٽي ۽ ساھي ڏيڻ لاءِ بہ تيار

ڪونہ هو. آخر اهو فيصلو ڪيم تہ جيڪڏهن زندگي بچائڻي آهي تہ آءٌ پاڻ پيشقدمي ڪري، دشمن تي اوچتو ۽ ترت حملو ڪري ڪيس ختم ڪري ڇڏيان. چاچي جي مرڻ کان پوءِ باقي هڪڙو سوٽ يوسف وڃي رهندو سو شهر ۾ ٿو رهي ۽ ڪيس مرڻ ۽ مارائڻ سان ڪو واسطو ۽ تجربو بہ نہ آهي. چاچا جا پيا زميندار دوست هيئڙ تہ سندس ٻانهن ٻيلي ۽ ساٿي آهن ليڪن سندس مئي کان پوءِ ٽڙي پکڙي ويندا ۽ سندن مون سان ڪا ذاتي دشمني بہ نہ آهي.

ٻئي ڏينهن صبح جو فاضل ٻچو منهنجي خير خبر پڇڻ ۽ ملڻ لاءِ اسپتال ۾ آيو. هن کي ڏسڻ سان مون واري رٿ مڪمل ڏسڻ ۾ آئي. سوچيم تہ جيڪڏهن آءٌ اسپتال مان رات جو اٿي، وڃي دشمن کي ماري ۽ وري رات پيٽ ۾ اچي اسپتال ۾ سمهي پوان تہ ڪيس ۾ پوليس ۽ پاڳيا مون تي ڪيترو بہ شڪ ڪن ليڪن ڪنهن کي بہ اعتبار ڪونہ ايندو. هرڪو مون کي زخمي ۽ ڇڇريل ڏسي ائين چوندو تہ رات جي پيٽ ۾ هيترو پنڌ ڪري خون ڪري اسپتال ۾ اچي سمهڻ ناممڪن آهي، پوليس ۽ پاڳيا تہ ڇا پر هرڪ دوکي ۾ اچي ويندو. تنهن کان سواءِ ڊاڪٽر، نرس ۽ ٻيو اسپتال جو عملو بہ شاهدي ڏيندو تہ آءٌ اسپتال ۾ هوس. جيڪڏهن پوليس تڪڙ ڪري يا ڪنهن دٻاءَ هيٺ اچي مون کي چالان بہ ڪيو تہ ڪورٽ مان آسانيءَ سان

آزاد ٿي ويندس. سو اها سوچ ذهن ۾ ويهاري فاضل کي پوري ڳالهه ڪري ٻڌايم. جيل کان وٺي گذريل رات سوڌي پوري ماجرا ٻڌائي مانس ۽ چيو مانس ته مون کي پيو ڪجهه نه کپي صرف ڪاٽ هٽڻ جو سامان ۽ هڪڙي ڪهاڙي آڻي ڏي. فاضل تيار ٿي ويو چيائين جو سڀاڻيءَ کان پوءِ آءٌ شهدادپور واري ڦاٽڪ وٽ ڪامي ۾ سامان رکيو ويٺو هوندس. تون اچي ڪٽي وڃجان. سندس پڪ ڏيڻ کان پوءِ مون ڪيس وڌيڪ ويهڻ ڪونه ڏنو.

رات جو نوين وڳي ڊاڪٽر آخري چڪر هڻي ويو ته آءٌ بتي بند ڪري در کي ٻيڪڙي ٿوريءَ دير لاءِ بستري تي سمهي پيس. سيارو هو ان ڪري اسپتال ۾ مون کي مٽان وجهڻ لاءِ به ڪمبل ۽ هڪ چادر مليل هئا. ان مان هڪ ڪمبل کنيم، آهستي دروازو کولي ٻاهر نڪري در کي وري ٻيڪڙي اونداهي پاسي کان ٻائونڊري واري پيت ٽپي ٻاهر نڪري ويس. مقرر ٿيل جڳهه تي فاضل ويٺو هو. ڪانئس سامان وٺي منزل ڏانهن روانو ٿي ويس. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته اها ڊسمبر جي ٻاويهين تاريخ هئي، ميءَ به اهڙو هو جو چوي ته پوان ته اچ پوان. ان کان سواءِ آسمان ۾ جهڙ ۽ اُتر جي تيز هوا، ٿورڙي ٿورڙي بوندا باندي به هئي. مون کي چوڏهن ميل اوت ۽ چوڏهن ميل موٽ پنڌ به ڪرڻو هو. ان ڪري رفتار ڪي تيز ٿي رکيم

ليڪن ڦٽن مان جهڙيون چڻنگون ٿي نڪتيون انهيءَ
وقت هڪڙو ته موت ۽ زندگيءَ جو سوال هو ٻيو ته
اهڙي ٽائم ٿي مونتي حيوانيت سوار ٿي ويندي آهي ۽
جنوني ٿي پوندو آهيان. سيءُ ۽ مينهن جي ڪري ڳوٺ
جا ڪتا شايد اجهائن پيئڙا هئا جو ڏڪڻ کان وٺي اتر
ٽيائين سڄي گهٽي لتاڙي ويس پر مون ڪتي جي ڀونڪ
نه ٻڌي. چاچا جي گهر واري ڪوٽ کي ڦيريان
چوطرف چڪر ڪڍي آيس. پوءِ هڪ هنڌان گهر کان
ٿورو پريرو پٽ سان چيڙچاڙ ڪيم، اوزار تازا نپيل هئا.
اوڏڪي پٽ هئي زمين سان ترو تر پٽ کي ڪاٽ هنيم،
جيتوڻيڪ اهڙو ڪم منهنجو اڳ ۾ ڪيل ڪونه هو
پر جيل ۾ اهڙيون ڪيئي ٿيوريون ٻڌيون هئم، جڏهن
پٽ ۾ ماڻهوءَ مٿڻ جهڙو گرڪو ٿي ويو تڏهن ڦيريائين
کهاڙيءَ جي ڳن کي مون وارو ڀڻڪو ٻڌي پٽ جي
ڪاٽ مان آهستي آهستي هن پاسي ڪيم. ٿوريءَ دير
کان پوءِ پڪ ٿي ته هن پاسي ڪير به نه آهي. اهو
ان ڪري ڪيم ته مبادا ڀاڳيا ڪاٽ جي آواز تي جاڳيا
پيا هجن ۽ پريان ڪو هٿيار کنيو تيار بيٺو هجي ته
هو ڀڻڪي کي ڏسي سمجهندو ته همراهه اچي ويو ۽
تڪڙ ۾ يڪدم حملو ڪري ڏيندو. آخر آءٌ اندر گهڙي
ويس. گهر منهنجو ڏٺل وائٺل هو. آءٌ انهيءَ گهر ۾
جوان ٿيو هوس. ڪنڪو صرف اهو هو ته مٿان همراهه
جاڳيل نه هجي. همراهه انهيءَ ڪري ٿو لڪان جو هاڻي

کيس چاچو چوڙ ڏکيو ٿو لڳي. آءٌ سنڌس ٻيڙس قاتل هوس. ٻيوس انهيءَ ڪري جو مون کي زنده ڇڏڻ لاءِ هو قطعي تيار نه هو. مون کي سنڌس ڪٽ وراندي ۾ ٿي ملي ويئي تپاس خاطر هيٺ نهاريم ته پيراندي کان سنڌس جتي پئي هئي جهڙي هميشه پائيندو هو . مٿس ٿلهي سوڙ پيل هئي، سخت سيءَ هوندي به مال متاع جي ڪري وراندي ۾ ستل هو . آءٌ ٽپ ڏئي سنڌس ڇاتيءَ تي چڙهي ويٺس، ٻنهي هٿن سان سوڙ کي سنڌس نڪ تي دٻاءُ ڏنم گهٽيون ٿي چڙهيون هيائين پر مون کي اٿلائي يا سرڪائي نه سگهيو. جڏهين سنڌس هٿن ۽ پيرن جي حجت ختم ٿي ويئي، تڏهين ڪهاڙي کي سوڙ جي هيٺان ڪري سنڌس نڙيءَ تي زور سان ٻه ٽي گهڪا ڏنم ته سنڌس سسي ڌڙ کان جدا ٿي ويئي. سوڙ سنڌس مٿان پئي هئي ان ڪري رت کان منهنجا ڪپڙا آجا رهيا. جنهن گس کان آيو هوس، انهيءَ گس کان تيز واپس وريس. اتر جي تيز هوا کان هينئر پنڌيرو هوس. ان ڪري سيءُ به گهٽ ٿي لڳو ۽ رفتار ۾ به فائدو ٿي پيو. وات تي هالا برانچ ٿي پيو ان جي موريءَ کان مٿيندي مون ڪهاڙي ڪاٺ جي اوزارن سميت برانچ جي پاڻيءَ ۾ اڇلي ڇڏي. رات اڃان وچڙ جا سايا پئي ڪيا ته آءٌ لڪندو ڇپندو اسپتال ۾ پهچي ويس . ڪمري جي در کي آهستي کولي جڏهين اندر گهڙيس ته حيرت مان ذري گهٽ منهنجي

دانهن ٿي نڪري ويئي. ڪمري جي ٻئي ٻري پئي، مون واري بستري تي شريفان ستي پئي هئي. اڇي چادر ۽ ڪمبل مٿان پيو هوس ڪيس ننڊ هئي ۽ پرسان ڊاڪٽر ڪرسيءَ تي ويٺو هو ۽ ڪتاب پئي پڙهيائين. آءٌ جيئن ئي اندر ڪمري ۾ گهڙيس تيئن ڊاڪٽر ڪتاب مان نظر هٽائي. حيرت مان مون ڪي گهوري ڏسڻ لڳو.

شريفان کي منهنجي بستري تي ستل ۽ ڊاڪٽر کي ڪمري ۾ موجود ڏسي منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي. سچو پلان ئي غلط ٿي ويو هو. ڊاڪٽر پل ڪن لاءِ نظر مون تان هٽائي شريفان کي ڏٺو جيڪا دنيا و مافيها کان بيخبر ستي پئي هئي ۽ پوءِ ڊاڪٽر تڪ ٻڌي مون کي گهورڻ لڳو. سندس هينيون چپ ڏڪيو پئي شايد ڳالهائڻ چاهيائين ٿي ليڪن زبان ساٿ نٿي ڏنس يا ڳالهه جي شروعات هٿ نٿي آيس. منهن ور اڃان ڪنيل هئا. منهن تي ڪاٽ جي مٽي ۽ پيرن ڪان گوڏن تائين ر ٽي جي ڏڏڙ ۽ منهن جي جسماني حالت مان ٻار به اندا و لڳائي سگهيو ٿي ته ڪو آئون اسپتال جي آس‌پاس نه هوس. سو ڊاڪٽر به اندازو لڳائي چڪو هو ته آئون ٻري ڪان موٽيو آهيان ۽ ڪو پيڙ ٻاري آيو آهيان. آخر ڊاڪٽر سندس ذهن کي مونجهاري مان ڪيڻ لاءِ ڪرت جي کيسي ۾ هٿ وجهي سگريٽن جو پاڪيٽ ۽ ماچس ڪيڍيو. سگريٽ مان وڏي ڦوڪ پري ڏائي اک ۽ پرون کي تڏ ڏٺي تورو ڪنڌ ڪي

متي ست ڏيئي اشاري سان پڇيائين ته ڪٿي هئين ـ زبان وري به استعمال ۾ نه آندائين. بجاءِ جواب ڏيڻ جي مون ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. پر سوچيم ته ڪيستائين؟ آخر پڪيءَ وانگر واري ۾ منهن لڪائڻ سان جان ڪانه ڇٽندي سو يڪدم پنهنجا حواس بحال ڪري دل، دماغ ۽ زبان کي ڳالهائڻ ۽ ڳالهه کي منهن ڏيڻ لاءِ آماده ڪيم، پر ڳالهه وري به اها هئي ته شروعات ڪٿان ڪيان، نيٺ همت ڪري چار وکون پري ڊاڪٽر جي پيرن تي ڪري پيس .... ڊاڪٽر اٿــون مسڪين، يتيم، گگدام، بي سهارو آهيان منهنجي مدد ڪر مون کي بچاءِ ۽ مون کي صرف تون بچائي سگهين ٿو .... پوءِ ته جهڙو مشين تي پٿو چڙهي ويو. مون کي ڪا خبر نه آهي ته مون ڇا ڳالهايو. منهنجين دانهن ۽ آزين تي شريفان نند مان اٿي پئي ڊاڪٽر کي ۽ مونکي ڪمري ۾ ڏسي يڪدم بستري تان لهي پئي، ڊاڪٽر مون کي ٻانهن مان وٺي بستري تي ليٽايو شريفان کي چيائين ته پاڻي گرم ڪري اچ ۽ پاڻ ويو سو ضروري دوائون ۽ مرهم کڻي آيو.

شريفان پهريائين گينڊي زمين تي رکي منهن جا هٿ، منهن ۽ پير ڌوئاريا، تنهن ڪان پــوءِ ڦٽن جــي صفائي ڪيائين زخم اڪثر ڇڪا هئا، سميا پئي، رت پئي وهين. ڊاڪٽر ڦٽن تي دوائون ۽ مرهم لڳايو پنهنجي هٿن سان ڊريسنگ ڪري پٽيون ٻــڌائين، ڪمري ۾

جيتوڻيڪ اسين ٽي ماڻهو هئاسون ليڪن ماحول سانت وارو هو. ڊاڪٽر ۽ شريفان ڪم ۾ ٿي رڌل هئا ۽ آئون به چپ هئس. وڌيڪ ڊاڪٽر مون کان ڪي ڪين پڇيو ته ڪٿي هئين ڪهڙو ويڌن ڪيو ٿي چيو ڪيڏي چالاءِ ڪيوئي، نه! ڊاڪٽر پنهنجو ڪم ختم ڪري هليو ويو.

سج اُڀري چڪو هو. شريفان رات جي ڪاروائي بابت تفصيل سان پڇڻ لڳي مون به پورو قصو ڪري ٻڌايومانس. پروتجي ۾ چپ ٿي ويئي. آخر مون چيومانس ته ڊاڪٽر ۽ تون هن واردات جا جهڙا اکين ڏٺي جا شاهد آهيو تو ۾ ته پڪ اٿم ته منهنجي فائدي ۾ ڳالهائيندين، ليڪن ڊاڪٽر صاحب لاءِ ڇاڏي چوين؟ خون جو معاملو آ. خون به ٽاپ ڪلاس جي زميندار جو آهي. سندس واهرو وڏو زور لائيندا. گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ چيائين ته ڇئي نٿو سگهجي، ته هو ڪهڙي شاهدي ڏئي ۽ وڌيڪ ڊاڪٽر کي منٿ ڪرڻ به فضول آهي. جيستائين آئون سمجهان ٿي ته ڊاڪٽر تنهنجي فائدي يا نقصان ۾ بهرحال فيصلو ڪري چڪو آهي. جيتوڻيڪ ڪيس اها خبر نه آهي ته تون خون ڪري آيو آهين ليڪن اها پڪ اٿس ته تون ڪا وڏي واردات ڪري آيو آهين. انهيءَ ڳالهه تي هائي شريفان سان وڌيڪ بحث ڪرڻ فضول هو. سو مون پاڻ کي حالتن جي رفتار تي ڇڏي ڏنو. ڳالهه کي ڦيرائڻ لاءِ ڪانئس

پڇيم ته ٻڌاءِ ته تون ۽ ڊاڪٽر رات ڪيئن اپ جا ڳڙا
ٿي هتي اچي سهڙيا. چوڻ لڳي ته رات سنجهي مان
منهنجي هانءُ ۾ گهٻراهٽ هئي، آڏيءَ ٽاڻي ليٽو پاڻي
ڏٺم ته تنهنجي هن ڪمري جي بتي بند هئي. روشندان
اونداها هئا. مون کي وسوسن اچي ورايو. آخر رهي نه
سگهيس سو لڪندي لڪندي ڪمري ۾ آيس، ڏڄندي ڏڄندي
ڏڄندي بتي ٻاريم توڻ ڪونه هئين ڪمرو خالي هئو.
تنهنجو انتظار ڪندي الاجي ڪيڏيءَ مهل نياڳپي ننڊ
اچي ويئي. ڊاڪٽر جي مون کي ڪا خبر نه آهي ته
ڪيئن ۽ ڪيڏيءَ مهل آيو.

اڄ منهنجا حواس مشتعل ۽ منتشر هئا، پاڻ کي
ٿڌي رکڻ ۽ حواسن کي نارمل رکڻ جي انتهائي ڪوشش
ٿي ڪيم. ليڪن ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نٿي آئي. اسپتال
جو ماحول پڻ اڄ گهٽيل هو. مريضن ۽ ماڻهن جي چرپر
۽ چوٻول روزاني کان گهٽو گهٽ هو. مٿان منجهند
ٿي وئي ڊاڪٽر جيئن ويو تيئن وري لڙي ڪونه آيو
هو. البت شريفان ٻه ٽي لامارا ڏئي ويئي هئي. هر پيري
سندس منهن تي مايوسي وڌيل ٿي ڏسڻ ۾ آئي.

ڏينهن جي هڪ بجي جو عمل هو ته اسپتال جي
گيٽ تي موٽر جو هارن وڳو ۽ گاڏيءَ جو آواز وڌندو
ويو. مون کي پڪ ٿي ويئي ته پوليس اچي ويئي سو
پاڻ کي ذهني طور تيار ڪيم. موٽر جي انجڻ جي آواز
بند ٿيڻ کان سگهوئي پوءِ حد جو صوبيدار ڪمري ۾

داخل ٿيو. ڊڪايل سگريٽ هٿ ۾ هوس. صوبيدار شايد نئون هو منهنجو اڳ ۾ ڏٺل ڪونہ هو. پنج هٿيو هڪ قدآور جوان هو. بيٺي پير سرسري طور منهنجو جائزو ورتائين، مون اکيون ٽمڪائي نماٽائيءَ سان ان ڏانهن نهاريو پوءِ سگهوئي اکين جو رخ ڪمري جي ڇت ڏي ڪري ڇڏيم صوبيدار وڌيڪ نہ ترسيو. سگريٽ جي دونهين جا ٻہ ٽي ڪڪر ڇاڏي، ڪمري ۾ پکيڙي بيٺي پير هليو ويو تہ دروازي تي هڪڙو سنتري رائفل سان بت بڻجي ڊيوٽي تي بيهي رهيو.

گذريل ٻن پهرن واري گهٽيل ماحول جي بنسبت هيڊ ڪوارٽر اسپتال ۾ جهڙو طوفان اچي چڪو هو. موٽرن ۽ گاڏين جي اچ وڃ ٽانگن ۽ زميندارن جي گهوڙن جون هڻڪارون هر گهڙيءَ وڌنديون ٿي ويون. ٿوريءَ دير کان پوءِ ڊاڪٽر سان گڏ ٽي پوليس آفيسر ڪمري ۾ گهڙي آيا، جن مان هڪڙو هالا ٿاڻي جو صوبيدار ۽ ساڻن ڊي. ايس. پي هالا جو هو. جيئن تہ ڪمرو سوڙهو هو ان ڪري ٻن سپاهين ڪي سڏ ڪري چيائون تہ منهنجي بيڊ کي ڪيڏي ورانڊي ۾ رکن. ورانڊي ۾ منهنجي بستري جي پرسان ٽئي پوليس آفيسر ڪرسيون وجهي مون کان خون بابت پڇا ڪرڻ لڳا.

ڊاڪٽر ڪانئن موڪلائي لاش پوسٽ مارٽم ڪرڻ لاءِ وڃي چڪو هو. اسپتال جو ورانڊو جاڦريءَ تي ٺهيل هو. ورانڊي جا پنج وڏا ۽ گول دروازا ٻہ جاڦري

تي نهيل هئا. جاڙيءَ جـــي سوراخـن مـان اسپتال جـي سچـــي مـاحول ۽ اچ وڃ جـي خبر پئي پئي. وراندي جي پرئين چيڙي تي ويهاروڪن ننڍا وڏا زميندار ۽ وڏيرا جن کي اسين عام زبان ۾ سامتيا ماڙهو چوندا آهيون سي ويٺا هئا. تن ۾ منهنجو سوٽ يوسف يعني پاڳيو به هو. ٿيو ائين هو جو واردات واريءَ رات يوسف مڃاڻ ڪو گهر ۾ موجود هو. سو صبح جو زور شور سان پوليس آفيسرن ۽ ضلع انتظاميه ڪـي تارون ڪري واسطيدار زميندارن کي ڪٺ ڪري هتي اچي سهڙيو هو زميندارن مان ڪي ٻاهر نڪري تي ويا ته ڪي اسپتال جي اندرئين حصي ۾ ڊاڪٽر سان ملڻ تي ويا. بهرحال ٻـچ پڇان لـڳي پئي هيـن. اسپتال ۾ شايد ايتريـون ڪرسيون ڪونه هيون اڻ ڪري سڀ وقت بيٺا هئا. ٻيءَ طرف حد جو صوبيدار جيڪو سرزمين به ڏسي آيو هو سو پوليس ڊپاءِ وجهي، مون کان ڏوهه مڃرائي رهيو هو. هالا جو صوبيدار ۽ ڊي. ايس. پي به ساڳس سوالن جوابن ۾ ڦيڙا هئا. آڏون مٿين لفظن ۾ ڪين جواب ڏئي رهيو هوس. اها مون کي به پڪ هئي ته پوليس زباني ڊپاءِ وجهڻ کان وڌيڪ مون تي سختي ڪري نٿي سگهي ڇاڪاڻ جو آڏون بيمار ۽ اسپتال ۾ داخل هئس. هوندن به صوبيدار صاحب رڳو خيالي گهوڙا هڻي رهيو هو. سندس سموري پڇا ڳاڇا سرزمين متعلق هئي، جتي نه ڪو مون تي شاهد هو ۽ نه ڪا مون اهڙي ثابتي

چڙي هئي، ويندي اوت موت جا منهنجا پير ۾ مينهن جي ڪٽين ڏاهي چڙيا هئا.

حقيقت ۾ پوليس کي مون ڪان وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڊاڪٽر ۽ اسپتال جي ٻئي عملي ڪان ڪرڻ گهرندي هئي، سو ڪم شايد بعد ۾ ڪرڻ لاءِ تاري رکيو هئائون ته جيئن ڊاڪٽر پوسٽ مارٽم مان واندو ٿي اچي. منهنجي زندگيءَ يا موت، ڏوهيءَ يا بي ڏوهيءَ جو سمورو دارومدار شريفان ۽ ڊاڪٽر تي رکيل هو. اهي ٻئي مصيبت پوڻ شايد هڪ ٻئي جي تاڙ ۾ لڳي آيا هئا. اڃا اهو خدا جو شڪر هو جو ڳالهه هنن تائين محدود هئي. منهنجي تلاش يا ڳولا لاءِ اسپتال جي چوڪيدار يا عملي جي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کان نه پڇيو هئائون نه ته هينئر آئون ڪنهن ڪنهن جو وات بند ڪيان ها.

اوچتو ورانڊي جي در تي ٻيٺل سنتريءَ ڪاشن پڪاريو. رائفل جو بٽ زور سان زمين تي هڻي هڪڙي پير جي لانگ بوٽ جو زمين تي زوردار آواز ڪرائي رڙ ڪري چيائين: اٽينشن، اسٽئنڊ اپ! ڪرسين تي ويٺل پوليس جا ٽئي عملدار يڪدم ڪرسيون ڇڏي اٿي بيٺا. تيستين ٻاهر بيٺل گاڏيءَ سان پوليس جا ٻه آفيسر اندر ورانڊي ۾ گهڙي آيا. ڊي. ايس. پي صاحب سلوٽ پڪاريو، تنهي گڏجي زمين سان بوٽ کڙڪائي صاحب کي سلوٽ ڪيو. ٻاهران آيلن کي مون جڏهن غور سان ڏٺو ته انهن ۾ هڪڙو انسپيڪٽر عبدالرب به

هو. ٻيو ايس- پي صاحب هو. عبدالرب جي بت تي اها وردي نہ هئي جيڪا ڊاڙيوالن واري وقت ٻيلي ۾ پائي آيو هو. سندس چاتيءَ ۽ ڪاهن تي ٻلا بہ مٿيل هئا. عبدالرب ڪي ڏسڻ شرط منهنجو رت گرم ٿي ويو سڄي جان پگهرجي ويئي. انهيءَ لاءِ نہ تہ هو منهنجو چاتل آفيسر هو ۽ هينئر مون ڪي فائدو ڏيندو، بلڪ سندس پراڻو ورتاءُ مون کي ياد اچي ويو. هو مون سان سٺو نہ هليو هو، ان ڪري هن ڪي ڏسڻ سان منهنجو جسم دروڙا ڪائي ويو ۽ پاڻ بہ ڪنڌ لوڏي پنهنجي سڃاڻپ ڪرائڻ لڳو.

ايس- پي صاحب کي ڏسي زميندار بہ ٽولي جو ٽولو رڙهي آيا. جن مان يوسف ايس- پي صاحب کي چوڻ لڳو تہ سائين ظلم ٿيو آهي. مون ڏي آڱر جو اشارو ڪري چوڻ لڳو تہ هن بدمعاش ڪان سواءِ اسانجو ڪو دشمن نہ آهي، اڳي بہ منهنجي پاءُ جو خون ڪيو هئائين جنهن مان ڏينا داستيءَ ڇٽي ويو. اسين زميندار عزت وارا ماڻهو آهيون. هيءُ هاڻي نمبر سان اسانجي بہ لائن لڳائي ڇڏيندو.

ايس- پي صاحب ڪيس ڇيو تہ پوليس جانچ هلي پئي في الحال هٿي ٻيهو توهان سان پورو انصاف ٿيندو. ايتري ۾ بہ ٻيون موٽرون اچي بيٺيون. هڪڙي مان سوٽن سان بہ آفيسر لٿا، سي وڃي پوليس آفيسرن سان ڳالهائڻ لڳا، جن مان هڪڙو حيدرآباد جو ڪليڪٽر ۽

ٻيو ڊيٽي هالا هو ۽ ٻيءَ موٽر مان ٽي ماڻهو لٿا جيڪي ٽوڪيندا منهنجي لوهي ڪٽ جي مٿان اچي ويٺا. انهن مان هڪڙو سڃاتم چاچو عبدالڪريم هو. چاچي عبدالڪريم اچڻ شرط رڙ ڪري چيو ته هن ڪي سڃاڻين ٿو! هيءَ تنهنجو نانو اٿئي، ولايت مان آيو آهي. افسوس جو آيو ته پنهنجي ڌيءَ سان ملڻ هو ليڪن هوءَ جيئري نه رهي. هاڻي توسان ملڻ چاهي ٿو. اتي پوڙهي انگريز هٿ ملائڻ لاءِ مون ڏانهن هٿ ڊگهو ڪيو. مون ساڻس هٿ ملايو. وري ساڻن آيل ٽئين ماڻهوءَ ڏانهن نهاريم، جيڪو منهنجو چاتل سڃاتل نه هو. تنهن تي چاچي عبدالڪريم چيو ته هيءُ مسٽر قريشي آهـــي، نانهـن جو دوست آهي، سکر واري پل ٺهڻ واري ٽائم تـي ساڻس گڏ هو ۽ اتي انجنيئر هو. هينئر حيدرآباد ۾ رهي ٿو، مون بستري تان ٿورو اٿيو ٿي هن سان ب هٿ ملايو. ايس- پي صاحب ٿورو رڙهي آيو. شايـد قريشي صاحب ڪي سڃاڻندو هو، سو هنن سان هٿ ملايائين ۽ ڌاني متعلق واقفيت ڪرڻ لڳو. اسپتال ۾ ايتريون ڪرسيون هيون ڪـــي ڪٽي جـــو هيترا سارا ماڻهو ويهي سگهن، اهي ڏي تي ڪرسيون هڪ ٻئي کي آچي رهيا هئا ته ڊاڪٽر ب هٿ اُگهندو اچي سهڙيو. ڪوٽ جي کيسي مان پوسٽ مارٽم جي رپورٽ ڪڍي صوبيدار کي ڏنائين ۽ مون ڏي اشارو ڪري چيائين ته ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ هيءُ مريض مرڻينگ حالت سان اسپتال

۾ داخل ٿيو هو. توڙي هيٺئر مـرڻ کان ته بچي ويو آهي، پر جيئن ته توهان اسپتال کي ٽاڏو ٻڌائي بيٺا آهيو ۽ سڀ اچي هتي گڏ ٿيا آهيو تنهن مان سمجهان ٿو ته توهان هن مريض کي خوني سمجهو ٿا. مريض کي کهاڙين جا ڌڪ لڳل آهن. ڦٽ اڃان اڌورا به نه ڇٽا آهن. هن ۾ پورو ڇـُرڻ ڦرڻ به ڪونهي، سو ايڏي منزل تي وڃي ڪيئن ٿو خون ڪري سگهي؟ ۽ ها هن گگدام ۽ بيواهي جو ڪو ڏٺي ڏوري به ڪونهي، اڃان ڏائين کو لڙي اسپتال ۾ ڪيس پڇڻ به ڪونه آيو آهي. ان ڪري اهو ٿي نٿو سگهي ته هن ڪنهن کي موڪلي خون ڪرايو هجي. وڌيڪ توهان مرضيءَ جا مالڪ آهيو. جيئن وڻيوَ تيئن ڪيس کي منهن ڏيو.

ڊاڪٽر جو بيان ٻڌندي ٻڌندي جانچ ڪندڙ پوليس آفيسرن جا منهن ٽانڊا ٿي ويا، خاص طور خد جو صوبيدار سچو ڳاڙهو ٿي ويو. آخر ڊاڪٽر کي به چئي ڏنائين ته ڊاڪٽر تون جوابدار جي طرفداري ٿو ڪرين هن کي بچائڻ چاهين ٿو. ڊاڪٽر جواب ڏنس ته نه هيءُ ڪو منهنجو عزيز نه آهي ۽ نه ئيَ ڪو دولت مند آهي جو مون کي ڪي پئسا آڇيا اٿس. هيءُ پاڻ پين جو محتاج آهي، مون صرف حقيقت بيان ڪئي آهي. صوبيدار اڃان به ڪجهه ڪڇڻ چاهيو ٿي، ليڪن ايس. پي صاحب ڪيس هٿ مٿي ڪئي وڌيڪ ڳالهائڻ کان روڪيو. يڪدم ڪانئس پڇيائين ته هن کي جن ڌڪيو آ، اهي جوابدار هٿ آيا؟

چا، ڪين چالان ڪري چڏيو ٿي؟ ايس- پي صاحب جي
انهيءَ اوچتي سوال تي همراه سچو واڻڙو ٿي ويو، هڪي
هڪي جواب ڏنائين ته نه سائين، ڳولا هلي پيئي اجان
ڪوبه جوابدار هٿ نه آيو آهي، اتي ايس- پي صاحب
چيس واه! ايماندار امير کي تڪليف تي پهچي ته ڏرتي
تپائي تا ڏيو؟ غريب جو جوابدار ٿي هٿ نٿو
اچي. تون پاڻ کي مسپينڊ سمجهه ۽ لائن ۾ حاضر ٿي
وڃ. انهن پنهي ڪيسن جي جانچ ڊي- ايس- پي عبدالرب
ڪندو. هاڻ مون کي خبر پئي ته عبدالرب جي وردي
بدليل چو آهي. ان کان پوءِ ايس- پي صاحب ڪليڪٽر
صاحب سان انگريزي ۾ ڪجهه ڳالهائڻ لڳو. سڳهو ٿي
پوءِ ايس- پي صاحب، قريشي صاحب انجنيئر سان مخاطب
ٿيو. ڪيس چوڻ لڳو ته قريشي صاحب توهان پنهنجي
دوست ۽ ان سان گڏ مون تي احسان ڪيو جو هن
جوان کي پاڻ سان گڏ حيدرآباد وٺي وڃو، سندس علاج
به ڪرايو ۽ ڪجهه وقت پاڻ وٽ رهايو. هن جي ڪري
ڪافي خونريزي ٿي چڪي آهي، بلڪ وڏندي
پيئي وڃي. ائين سمجهو ته هن کي هن علائقي کان
آئوٽ ڪيو پيو وڃي. ان قسم جو نوٽيس سپاڻي توهان
توهانجي گهر هن کان تعميل به ڪرايو ويندو. ائين
چئي سندس منهن ۾ نهارڻ لڳو. قريشي صاحب خوشيءَ
سان هائوڪار ڪئي. پوءِ ايس پي صاحب، مون کي وٺي
وڃڻ لاءِ ڪيس ڪندڙ سان اشارو ڪيو. چاچو عبدالڪريم

۽ قريشي صاحب ڪلهن کان وٺي اٿارڻ لاءِ سهارو ڏيڻ لڳا، منهنجو محسن ڊاڪٽر صاحب به مون کي ٽيڪ ڏيڻ لاءِ ساڻن پيڙو ٿي ويو، علائقي مان خارج ٿيڻ واري خبر منهنجا سڀئي سور جاڳائي وڌا، پاڳل جي ياد ستائڻ لڳي، وڇڙيل ته اڳيئي هئاسين ليڪن هي جدائي جون زنجيرون مون کي پاراڻون پئي ڏيون. تن دل ۾ ڏکن جا پيڙ ڀاري وڌا. جيئن ته هن تڪميل قاهيءَ مان جان ڇٽي هئي، سو وڇوڙي جو وهم به موٽر جي پوئين سيٽ تي ويهي رهيس. گاڏيءَ جي شيشن مان نظر گهمائي ڏٺم ته شريفان پنهنجي ڪوارٽر جي در تي ويراڳڻ بڻي بيٺي هئي، گنديءَ جي پلاند جو موڙو نهيل سندس وات ۾ هو. اکين مان آب وهيس پئي، شايد مصلحت سمجهي گاڏيءَ جي ويجهو نه آئي، ڊاڪٽر به گاڏيءَ ۾ ويهاري آهستي سان به دفعا منهنجا پنا ٿاپوري وڃي چڪو هو. ڪڏهن ڪڏهن انسان بلڪ آهي ته اڻين چوندس ته حضرت انسان اهڙو مجبور هوندو آهي جو جانور وانگر پاڻ کي وڪرو ٿيندي ڏسي به ڪجهه نه ڪجهي سگهندو آهي، سو ڊاڪٽر ۽ شريفان جا مون تي هيڏا سارا احسان هئا منهنجا مددگار ۽ ساٿي بڻيا، ليڪن آءٌ سندن ٿورو مڃڻ ۽ موڪلائڻ کان به مجبور هوس. قريشي صاحب گاڏي کي چالو ڪيو گاڏي هلي پئي، نانا منهنجي پير ۾ پوئين سيٽ تي ويٺو هو. هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ لاءِ آتا به هئاسون، ليڪن هڪ ٻئي جي ٻولي کان ناواقف هئڻ

سبب گفتگو ڪرڻ کان مجبور هئاسون، پنهنجاڻپ هوندي به هڪ ٻئي کان ڪيترو پري هئاسين. چرين وانگر صرف هڪ ٻئي کي ڏسي رهيا هئاسون. هالا بس اسٽينڊ تي چاچو عبدالڪريم موٽر بيهاري لهي ويو، ڪيس ڳوٺ وڃڻو هو. هيءُ به عجيب قسم جو ماڻهو هو، مون ڏانهن ذهني لاڙو ته هوس، ليڪن اڪثر تماشائي بنجي صرف تماشو ڏسندو ٿي رهيو، چاچي عبد الله خاصخيلي وانگر سرويچ نه هو. اسان جي گاڏي جڏهن بالڪل حيدرآباد جي ويجهو اچي ويئي ته ايس پي صاحب جي گاڏي اسان کان لانگهائو ٿي، پوئين بتي ٻاري گاڏيءَ کي بيهارڻ جو اشارو ڪرڻ لڳي، گاڏي ۾ پاڻ صاحب اڪيلو هو عبدالرب کي شايد پوئتي ڇڏي آيو هو. قريشي صاحب گاڏي بيهاري. پاڻ اڳيئي گاڏي بيهاري چڪو هو. سو گاڏيءَ مان لهي اسان ڏانهن آيو، نانا سان ته انگريزي ۾ الاجي ڇا ڳالهايائين، ليڪن مون کي چيائين ته هن گاڏي مان لهه ۽ منهنجي گاڏيءَ ۾ هلي ويهه. وري ٿورو پاڻ ۽ قريشي صاحب مون کي ٽيڪ پيراين سو آءٌ ۽ نانا سنڌس گاڏيءَ ۾ اچي ويٺاسون. گاڏيون وري چالو ٿيون، قريشي صاحب پويان پئي آيو سڌو، سول لائن حيدرآباد ۾ ايس- پي صاحب جي بنگلي تي اچي سهڙياسين.

بنگلي مان صاحب جا نوڪر ڀڄي آيا، سون کي هڪڙي ڪمري ۾ پهچايو ويو، اتي سيئي ڪرسيون وجهي ڳالهائڻ لڳا. صاحب جي گهر واري به اچي ويئي.

ايس- پي صاحب قريشي کي چيو ته تنهنجي مهرباني،
جو اتي هالا ۾ هائوڪار ڪري منهنجو مان رکيو ٿي،
هيءُ هاڻي هتي رهندو، منهنجن ٻچن جيان آهي، مون
کي هن جي پوري ڪهاڻي ڊي ايس پي عبدالرب جي
واتان معلوم آهي، هتان کان هالا ويندي وقت ٻڌائيندو
هليو هو ته هن ڪانپور ۾ نانا سان ڪچهري ڪرڻ لڳا،
جيڪا منهنجي سمجهه کان ٻاهر هئي.

رات جي ماني کائي قريشي صاحب پنهنجي گهر هليو
ويو، ناني کي وٺي وڃڻ لاءِ گهڻو ئي اسرار ڪيائين،
ليڪن ايس پي صاحب ڪانئس معافي وٺي، نانا کي پاڻ
وٽ ترسايائين، اهڙيءَ طرح نانا صرف ٻه ڏينهن ٽڪيو
صاحب صبح جو ڊيوٽي تي ويندو هو ته بيگم صاحبه ترجمان
ٿي منهنجون نانا کي ۽ سندس ڳالهيون مون کي ترجمو
ڪري ٻڌائيندي هئي ۽ قريشي صاحب به اڪثر هتي ئي
ترسيل هوندو هو، صرف رات جو گهر ويندو هو. ناني
جو ٻئي ڏينهن انهيءَ ڳالهه تي زور هو ته آئون ساڻس
گڏ هلان، جيئن ته سندس پيو ڪوبه وارث واهي نه آهي
آءٌ سندس ملڪيت کي هلي سنڀاليان، ليڪن مون ساڻس
صاف انڪار ڪيو، ڪيس ڪنهن دلاسي يا آسري ۾ به
نه رکيم.

جيئن ته بنگلي تي روزانو ڊاڪٽر ايندو هو ۽ توجهه
سان علاج ڪيائين، سو مهيني کن ۾ آءٌ چاڪ ٿي ويس
گو، هتي مون کي ڪنهن به قسم جي تڪليف نه هئي

پر آءٌ جھنگ جو ماڻھو جيستائين چار ڇھہ ميل ٽنگون نہ هڻان تيسين ڪٿي ته فرحت اچي، سو هتي بنديخاني جھڙي پوسات محسوس ٿيم، آءٌ اچان صاحب سان ڪجھہ ڳالهائڻ جي تلاش ۾ هئس ته هڪ ڏينهن ايس. پي صاحب خود مون کي چيو ته محمود هاڻي جيئن ته تون ٺيڪ ٺي ويو آهين، ۽ آءٌ چاهيان ٿو ته توکي پوليس ۾ ڀرتي ڪريان. جيئن تون نئين سر زندگي شروع ڪرين. هتي توکي گهٽي ڀاڳي جياپي جو تحفظ به ملندو ۽ گذر سفر به ٿيندو رهندو. مون به سوچيو ته هيئن سچي زندگي ته ڪانہ گذرندي سو هاڻو ڪار ڪيم. ٻئي ڏينهن صاحب سان گڏجي آفيس ويس. جتي منهنجي قد ۽ ڇاتيءَ جي ماپ ورتائون ۽ آءٌ پوليس ۾ سپاهي ڀرتي ٿـي، پوليس لائن ۾ ٽريننگ وٺڻ لڳس. رات جو بنگلي تي رهائش هئي، جيئن ٿي ڀهرين پڳهار ملي، صاحب جي پيرن تي هٿ رکيم ۽ پوليس لائن ۾ رهڻ لڳس. اچان ٽريننگ هلي پئي ته ريشم گهٽي جي رات جو هلندڙ هڪڙي پرائيويٽ اسڪول ۾ داخلا وٺي شوق سان پڙهڻ لڳس. تعليم پرائڻ ڏي ذهني لاڙو ته ننڍي هوندي کان ئـي هو، هاڻي موقعو سمجهي ڪتابن سان واهپو رکيم. ڀهرئين سال ئي فرسٽ ڪمبرج جو امتحان پاس ڪري ورتم. ٽريننگ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ منهنجي ڀهرين پوسٽنگ چاوڙي ٿاڻي تي ٿي. پڳهار انهيءَ وقت صرف ستونجاه روپيه هئي. گو، اڪيلو هوس منهنجي پنيان ڪو اهل عيال

نه هو ۽ نه ڪو منهنجو ڏي فضول خرچ هو. ليڪن پنهنجي موروثي ملڪيت کي حاصل ڪرڻ لاءِ مون مختيارڪار صاحب جي ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو هو. ان تي وڪيلن جي فيس سميت گهڻو خرچ ٿي آيو. جيئن ته منهنجي ڊيوٽي رات جو گشت ڪرڻ هئي. ان ڪري ڪا خاص اپت ۽ اپراسو به نه هو. ان ڪري پئسن ۾ تنگ دست ۽ لاچار هوس.

مون ڳوٺ ٿورو گهڻو وڃڻ شروع ڪيو هو. هاڻي نه مون کي موت جو خوف هو ۽ نه خطرو، چاچي شفيع محمد جي مرڻ ڪانپوءِ يوسف لاڏن ڏي تبديل ڪري چڏي هئي. بيءَ صورت ۾ هيئن ڪٽي چئجي ته مون واري تقويٰ پوري صحيح ثابت ٿي، يوسف ۾ وڙهڻ يا مرڻ مارائڻ نه هو. منهنجي چاچي جيڪا وڏي ظالم ۽ ستمگر هئي، تنهن جو هاڻ مڙس ۽ پٽ جي مارجي وڃڻ ڪانپوءِ دماغ صحيح نه هئو. مڪمل چري ٿي چڪي هئي. ڪيترائي دفعا جهنگ مان وٺي آيا هئس. اڪثر ڪري بڊي پئي هوندي هئي. انهن ڏي ٿيندو آهي. ظالم ۾ ظلم سهڻ جي طاقت نه هوندي آهي. اهو مظلوم ئي ويچارو هوندو آهي، جيڪو ايذي چير ڦاڙ کي منهن تو ڏئي.

جيئن ته زمين جي ڪاتن ۾ منهنجي پيءُ کي بي اولاد فوتي ڏيکاريو ويو هو. سو مختيارڪار جي ڪورٽ ۾ شاهدن وسيلي آءٌ ثابت ڪري چڪو هوس ته آءٌ پنهنجي

والد جو صحيح اولاد ۽ وارث آهيان. ليڪن مصيبت
اها هئي، جو منهنجي هٿ ۾ پئسو نہ هئو. ان ڪري
ڪورٽ سڀوريءَ فيصلو اهو ڏنو تہ، سول ڪورٽ ۾
سول ڪيس ڪيو وڃي ۽ هيءَ ڪورٽ توهانجي فيصلي
ڏيڻ کان معذور آهي. اهڙيءَ طرح سول ڪورٽ ۾ ڪيس
داخل ڪيم. اتي بہ لڳ ڀڳ اهڙو ئي فيصلو ٿيو. وري
ڪيس، ڪليڪٽر صاحب جي ڪورٽ ۾ داخل ڪيم،
خير فيصلو تہ اتي بہ نہ ٿيو ليڪن منهنجي فائدي ۾
هر ڪورٽ مان مختلف نوٽ لڳندا آيا. تنهن کانپوءِ
سيشن ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيم جتي ڪافي وقت
ڪيس هلندو رهيو. لاڳيتن ڪيسن ۽ ڪورٽن جي ڌڪن
ڇڪڻ سبب مون وٽ پئسي جي بالڪل اٺاٺ هئي،
ان ڳالھ، ڪي منهن ڏيڻ لاءِ مون بہ ذريعا ناهي ڇڏيا
هئا، جن جي پڌائڻ کان اڳيم آءٌ انهن منهنجن پڙهندڙن
کان معذرت ٿو گهران، جيڪي مون کي بالڪل هيرو
لافاني يا نہ شڪست کائيندڙ شيءِ سمجهيو ويٺا آهن،
حقيقت ۾ اهڙو ڪير بہ افلاطون يا هيرو نہ هوندو
آهي. سو آءٌ بہ پوليس جو هڪ غريب سپاهي هوس،
سو مون کي جيئڻو هو ۽ حالتن کي منهن ڏيڻو هو.
منهنجي پئسن جو هڪڙو جيڪو وڏو ذريعو هو سو
اهو هو، جو هڪ ڏينهن ڳوٺ ويس تہ ڳوٺ کان ڪافي
پري مون کي حافظ اسحاق مليو جيڪو اکين کان صفا
نابين ۽ پوڙهو هو ۽ ويچارو ٿاڦوڙا کائيندو ريل جي پٽي

ڏي ڏوڪيندو پئي ويو. مون ورائيس ته حافظ آهي محمود آهيان، آخوند محمود. ويچاري روئندي جواب ڏنو ته ابا وچان تو ريل هيٺان پاڻ چـڏڻ، ائين چئي اڳتي وڌڻ لڳو. مون ٻانهن مان جهليس تـه ٻانهن ڇڏائي، اڳتي رڙهڻ لڳو. پلا اهڙي ماڻهو کـي ائين ڪير ڇو ڇڏي ته وڃي پنهنجو آپگهات ڪري! واقعي ريل جو پتو به ويجهو هو ۽ گاڏي به جيڪا صرف به ٽائيم ملينديِ هئي تنهنجي به اچڻ جو ٽائيم هو. آخر گهڻي ڪوشش ڪانپوءِ روڪي پڇيومانس ته ماجرا بڌاءِ، پوءِ پلي وڃي ائين ڪر بلڪ آءٌ پاڻ تنهنجي مدد ڪندس- توکي ڪهڙي خبر تون اندو مڙس ڪنهن غلط جڳهه تي ويهي رهين متان ريل گاڏي تنهن جون رڳو تنگون وڍي هلي وڃي ۽ تون مرڻ کان بچي وڃين. پوءِ تون خود سوچ ته توسان ڪهڙي حالت ٿيندي؟ اتي همراه سوچي ٻيهي رهيو، پوءِ چوڻ لڳو ڏڳو ته آءٌ هيستائين پاءُ جي سهاري ڏڳيس پئي ليڪن اهو ويچارو مري ويو. هينئر پائنيا مارين ٿا. ڪير مانيءَ ڪارائڻ لاءِ تيار ڪونهي. گهر مان تڙي ڪيي ڇڏيو اٿن. جڏهن پنهنجا ائين ٿا ڪن ۽ چون ته پوءِ ڌاريو مون کي ڪير پناهه ڏيندو؟ زندگي خبر ناهي ڪيترو وقت رهي ۽ ڪهڙا ڪهڙا سور ڏسڻا پون. ان ڪان وچان تو گاڏيءَ هيٺان پاڻ ڇڏڻ، هاڻ هل، هلي گاڏي هيٺان مون کي سولو ڪري سمهاري پوءِ پلي هاپو وڃ. ائين ٻڌڻ سان منهنجي

بت ۾ سيءُ پنجي ويو. چيومانس تہ حافظ تون فڪر نہ ڪر. حيدرآباد هل اتي آئون تنهنجي خدمت ڪندس آءٌ اڪيلو ٿو رهان. ماني الله جي آهي. پهرين تو کي ڪارائيندس، پوءِ آءٌ. حافظ اعتبار نہ ڪري. چي: رڳو مونکان گاڏيءَ جو ٽائم ٿو وڃائين. هيئنر مون کي تازو ماريو اٿن. سو ڪاوڙ آهي. پر جي گاڏي هلي ويئي تہ پوءِ ڪاوڙ لهي ويندي، پوءِ ڪڏهن بہ خود ڪشي نہ ٿيندي ۽ سدائين سور سهندو رهندس. آخر مون کيس ٻانهن مان ورتو. ريل مٿي روڊ تي آياسون. بس آئي ان ۾ چڙهي کيس حيدرآباد وٺي آيس، ان وقت منهنجي رهائش پڪي قلعي جي اولهہ طرف اسٽيشن ڏانهن ويندڙ روڊ جي پر ۾ هئي. کيس هٿ منهن ڌئاري، ماني کارايم ويچارو ڏاڍيون دعائون ڪرڻ لڳو. آءٌ تہ ڊيوٽي تي يا شهر ۾ گهمڻ ڦرڻ بہ هليو ويندو هوس. ليڪن هيءُ غريب ڪيڏانهن وڃي؟ ڪوارٽر جهڙي جڳهہ ۾ اڪيلو ئي ويٺو هوندو هو. آخر ٽن ڏينهن کانپوءِ چيائين تہ ابا محمود هتي ٻيا سک سڀ آهن. ليڪن ڪا ڳالهائڻ واري پهر نہ آهي. وقت نٿو گذري، ڏکو ٿي ٿو پوي. منهنجي دل مان ٿهڪ نڪري ويو. حافظ منهنجي مقصد ڏي اچي رهيو هو. ٻئي ڏينهن حافظ کي ماني نيرن جي ڪارائي ٻانهن مان وٺي قلعي جي دروازي وٽ هڪڙي بجليءَ جي ٿنڀي جي ٽيڪ ڏياري ويهاري آيس، ۽ چيومانس تہ هتي ويٺو ماڻهن، لارين، گاڏين جا آواز ٻڌ

۽ دال، وندراءِ منجهند جي ماني توکي هتي ملندي. شام جو آءٌ توکي پاڻ اچي گهر وٺي ويندس. موٽ تي پر واري هوٽل واري کي سندس منجهند جي مانيءَ جا پئسا ڏئي پارت ڪري آيس ته ڪيس ماني ڪارائي. رات واريءَ ڊيوٽيءَ جو اوجاڳو هو سو سمهي پيس شام جو جڏهن حافظ کي وٺڻ ويس ته تمام گهڻو خوش هو. منهن مان ٻڪيو پئي. ڪيس گهر آڻي جڏهن خوش ٿيڻ جي خبر پڇيم ته ٻڌائين ته هڪڙو ته وندر ۾ ڏينهن ائين گذري ويو جهڙو منٽ تي ويا. ٻيو ماڻهن ڪجهه ڏنو به آهي، ڪيسو ڪولياڻين ته نوٽن ۽ ريزگاري سان سڄو ڀريل هوس. ائين حافظ محمد اسحاق مون لاءِ سون جي کاڻ ثابت ٿيو. هري مري به اهڙو ويو جو پاڻهي پيو ويندو هو ۽ پاڻهي پيو ايندو هو. سندس تمنا رڳو اها هئي ته جيئن سندس پاڻ‍ٿين کي خبر نه پوي مبادا ڪيس وٺي وڃن ۽ هٿڙيءَ موج کان سڪي مري. خير ائين مون به ڪونه ٿي چاهيو ته هي سوني جهرڪي اڏامي وڃي. اول ته تن ڏينهن ٻوناڻن جو شهر ۾ اچڻ گهٽ ٿيندو هو. ٻيو اها پڪ هيم ته هنن ابوجهن کي ڌمڪيون ڏئي واپس ڪري ڇڏيندس. اهڙيءَ طرح هيءُ حافظ منهنجي مستقل آمدنيءَ جو ذريعو بڻيو رهيو. منهنجي آمدنيءَ جو ٻيو ذريعو اهي لاوارث لاش هئا، جيڪي ريلوي اسٽيشن يا اسٽيشن جي پسگردائي وارين هوٽلن جا مسافر، چريا ۽ ٻي واها فقير، فٽ پاٿن تي ٻيل آهي

بغير اجهي وارا ماڻهو جيڪي سردي، گرمي يا برسات جي موسمن جي سٽ نہ سهي سگهندا هئا ۽ بي يارو مددگار مري ويندا هئا. اهي مونکي هٿي ڏينـدا هئا. گهڻي وقت کان وٺي منهنجي رات جو گشت جـي ڊيوٽي ريلوي اسٽيشن جي ايريا ۾ هئي. ان ڪري اتي جي هر قسم جي ماڻهن سان چاڻ سڃاڻ ۽ واقفڪاري هئي. انهيءَ ڪري ڪوبہ اهڙو فوتي حادثو ٿيندو هو تہ مون کي ڪيترن ئي ذريعن سان اڳواٽ اطلاع ملي ويندو هو ۽ ٿاڻي وارا بہ فوتيءَ جو لاش منهنجي هٿان پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال موڪليندا هئا. ڇو جو اهڙو ڪم ڪرڻ لاءِ ڪوبہ سپاهي تيار نہ هوندو هو ۽ نہ ان وقت ڪي والينٽئر يا ايمبولنس گاڏيون هونديون هيون. آءٌ چا ڪندو هوس، جو چار مالشي جيڪي رات جو انهيءَ اسٽيشن جي حد ۾ ماڻهن جـي مالش ڪندا هئا، تن کي هٿ ڪندو هوس. جيڪي مون سان جهڙو هڪ قسم جا پائيوار هئا، پوءِ جيڪڏهن فوتيءَ جو لاش اسٽيشن تي هوندو هو تہ اتاهين مالشين کان کڻائي حبيب يا زميندار هوٽل جي پڙ ۾ رکرائبي ان جي مٿان ڪپڙو رکي هر لنگهندڙ کان مالشي اپيـل ڪندا هئا تہ هيءُ لاوارث مسڪين مري ويو آهي. هن جي ڪفن دفن لاءِ ڪجهہ امداد ڪريو. اهڙي نموني سان اتان پئسا گڏ ڪري، وري لاش کي قلعـي جي دروازي وٽ رکي ڪنگلا مالشي، خدا جو خوف ماڻهن

کي ڏياري، مرحوم جي ڪفن ۽ دفن لاءِ چوندا هئا
ته ريزگاريءَ ۽ نوٽن جو مينهن وسي پوندو هو. اهڙي
طرح ٽين پڙي فقير جي پڙ وٽ چوٿين چوڏڪي گهٽيءَ
جي منهن وٽ پنجين سري گهاٽ وٽ ۽ ڇهين مارڪيٽ
جي گهنٽاگهر هيٺان ڪندا هئا، ته مال مٿين تي پوندا
هئا. آءٌ ٿورو پري هٽي بيهندو هوس. ليڪن رقـم تي
ڪرڙي نظر رکندو هوس. گهٽو ڪري بغير ورديءَ
جي هوندو هوس. آخر ۾ لاش اسپتال ۾ وڍ ٽڪ لاءِ
ڊاڪٽرن جي حوالي ڪري پاڻ ۾ پتيون ڪندا هئاسون.
اڌ رقم آءٌ ڪٽندو هوس ۽ باقي اڌ هو چارئي ڄڻا ورهائي
ڪٽندا هئا. شهر گيري هئي ڪنهن کي کهڙي خبر
ته چاهـو ۽ ڇا ٿيـو، آخر گهڻـي وقت ڪانپوءِ انهيءَ
ڳالهه جي پڪ ٿاڻي تي پهچي ويئي سو منهنجي بدلي
ڪري مون کي لائن ۾ رکيو ويو. جتي اڪثر ڪري
ڊيوٽي قيدين کي آڻڻ ۽ نيڻ تي رکيل هئي. پوليس ۾
نوڪري ڪندي مون کي پنج سال ٿي چڪا هئا. پڙهائي
مسلسل جاري رکيو آيس. پاڻ کي اڇو اجرو رکندو هوس
وردي صاف ۽ ڪلفدار پائيندو هوس انڪري جسم تي سهڻي
لڳندي هئي. اڻ واقف ائين نه سمجهندو هو ته ڪو آءٌ سپاهي
آهيان. نقشا ۽ جسماني بيهڪ منهنجي اڳيئي سني هئي. اڪثر
پوليس لائن جا استاد ۽ صوبيدار ورديءَ سان ڏسي خوش
ٿيندا هئا. انسپيڪٽر گل محمد بروهي جيڪو انهيءَ
وقت لائن آفيسر هو. سو جڏهن به مون کي ڏسندو هو

ته بيهاري چونـدو هو ته جوان هلـي ڏيکار. پوءِ آءُ جڏهن ڪيس پري کان مارچ ڪري اچي سلوٽ ڪندو هوس ته سلوٽ جو جواب ڏيئي اٿي بيهي هٿ ملائيندو هو. ڪيس منهنجي پڙهڻ جي خبر هئي. ان ڪري مون مان گهڻو خوش هو. انهن ڏي ايامن ۾ هڪ رات انين بجي واري رول ڪال ۾ منهنجي ڊيوٽي ٽن ٻين سپاهين سان هڪ صوبيدار جي سربراهيءَ ۾، لڳائي ويئي. صوبيدار اسان سڀني کي حڪم ڪيو ته صبح جو ستين وڳي تيار ٿي لائن پهچي وڃجو. ٻئي ڏينهن ٽي جڏهن اسين لائن حاضر ٿياسون تڏهن صوبيدار اسان کي پوليس جي گاڏيءَ ۾ کنيو جيڪا پڪ اپ هئي . اسانجي پڇا تي ٻڌايائين ته ڪراچيءَ مان ڇوڪرين جي هڪڙي پارٽي حيدرآباد پڪنڪ تـي اچـي رهي آهـي . جيڪي ايم-بي-بي-ايس ۽ يونيورسٽي جون شاگرديائيون آهن . جيئن ته اهي سڀ وڏن ماڻهن جو اولاد آهن. سو انهن جي حفاظت لاءِ گارڊ طور اسان کي مقرر ڪيو ويو آهي ۽ اهو به چيائين ته شايد ٻه ڏينهن هتي هونديون. پاڻ کي هر جڳهه تي انهن سان گڏ رهڻو پوندو. اسان درياءَ جي پـل تـي ڪوٽڙي ۾ پي - ڊبليو - ڊي جي ورڪشاپ جي پرسان گاڏيءَ کي ڦيرائي حيدرآباد ڏانهن منهن ڪرائي بيهي رهياسين. ٽيستائين اها بس به اچي ويئي، جنهن ۾ ڇوڪريون ڏي ڇوڪريون هيون . ٻه سنڌي استاد پروفيسر هيون. ٻه پٽيواليون، ساڻن مرد صرف

هڪ ڊرائيور ۽ هڪڙو بورچي هئو. پوليس جي گاڏي ڏسي ڊرائيور بس بيهاري، بس جي پٺيان نئي ضلع جي جيپ هئي. اها به بيٺي ان مان صوبيدار لهي آيو، اسان واري صوبيدار سان مليو ضروري ڪاغذن تي صحيح وٺي گاڏي موڙي واپس وريا ۽ ويا هليا. صوبيدار صاحب ڊرائيور سان ٿورو ڳالهايو. پوءِ پوليس جي گاڏي اڳيان تي، بس پويان تي، سڌو اچي راڻيءَ باغ جي سرڪٽ هائوس ۾ پهتاسون. بس مان سامان لاهي اتي رکيو ويو. بورچيءَ کي مانيءَ لاءِ چئي سڀئي ڇوڪريون بس ۾ ويٺيون. جيئن ته بس جو ڊرائيور حيدرآباد کان اڻ واقف هو. سو پوليس جي گاڏي سندس رهنمائي ۾ اڳيان هئي. جڏهن پڪي قلعي جي دروازي وٽ پهتاسون ته گاڏيون روڪي سڀ لهي پياسون. ڇوڪريون ٽولين جي صورت ۾ ڪئمرائن سان فوٽو گرافي ڪرڻ ۽ پڇا ڳڇا ڪرڻ لڳيون. کين پوري قلعي جو سير ڪرايو ويو. اتان تي ميرن ۽ ڪلهوڙن جا قبا ڏسڻ هليون. تنهن کانپوءِ کيسانڌو موري ۽ ٽنڊو ڄام فارم ڏسڻ لاءِ شهر ڇڏي ٻاهر نڪري آياسون. جڏهن ڇوڪريون ٽنڊي ڄام فارمن جي کليءَ فضا ۾ گهمي رهيون هيون ته مون محسوس ڪيو ته پنجن ڇهن ڇوڪرين جو ٽولو مون ڏانهن تيڏين اکين سان ڏسي رهيو آهي ۽ پاڻ ۾ ڪجهه پڙ پڙ به ڪري رهيون آهن. اتان تي جڏهن کيساني موريءَ تي آياسون ته ڇوڪرين جي بس، سندن منجهند

جي ماني کٽڻ حيدرآباد ويٺي. صوبيدار صاحب هڪڙو سپاهي به ساڻس روانو ڪيو، ڪيساني موريءَ تي چوڪرين جو اهو ٽولو مون سان پهريائين اڻ سڌيءَ طرح پوءِ سڌيءَ طرح ڪهڙ لڳو ۽ مون تي جملا ڏاهي، پوگ ۽ چٽرون ڪرڻ لڳيون . حقيقت ۾ آءٌ وائڙو ٿي ويس. آءٌ اهڙي ڇيڙڇاڙ جو عادي نه هيو پر خلاف هوس. سرڪاري ڊيوٽي هئي . اسان کي سندن حفاظت لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. هڪڙي اها مجبوري هئي، ٻيو وڏن ماڻهن جون ڌيئر هيون. هاڻي ته اها به خبر پئجي چڪي هئي ته منجهن ڪا اسانجي وڏي آفيسر جي لاڏلي ڌيءَ به هئي. انهيءَ ڪري سبب ڪين پوليس گارڊ مليو هو. منهنجي طبيعت اگهي ئي احتياط پسند هئي. زندگي اڳي ئي پيلپل پوک وانگر گذري رهي هئي. سو نٿي چاهيم ته ڪو ٻيو نئون مسئلو پيدا ٿئي ۽ آءٌ ڏکن جي اوڙاهن ۾ ڪري پوان. هونءَ به حياتي پاڳل سان ڳانڍاپيل هئي. انهن سڀني ڳالهين جي ڪري پاڻ ۾ سهپ پيدا ڪري چپ چاپ رهيس. انهيءَ ٽوليءَ منجهند جي ماني پاڻ سان گڏ کائڻ لاءِ مون کي صلاح هنئين. پهلا ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي. گهڻو ئي زور ڀريائون ليڪن مون صاف انڪار ڪيو. اهو پهريون دفعو هو ، جو هنن سڌيءَ طرح مون سان ڳالهائڻ شروع ڪيو هو. ماني کائڻ کانپوءِ، جيترو آءٌ کائڻ هٿي ٿي بيٺس ايترو هي منهنجي ويجهو ٿي آيون.

فوٽو ڪيڻ يا گهمڻ ڦرڻ سندن ذهن مان نڪري چڪو هو. پيا سپاهي ته چڙ ٻهء ۽ پاڻ ڏيوڻ وارا ٿي لڳا. ليڪن صوبيدار سان ٻه ڪا منجهائن ڳالهائڻ لاءِ تيار نه هئي.

سندن اها روش ڏسي صوبيدار ۽ ٻيو عملو ٿهڪڻ لڳو. سڄي شام سندن سن مستيون وڏنديون ويون. هر نموني جا پوڳ ۽ چرچا ڪرڻ لڳيون، نسرين نالي هڪ ڇوڪري سيني ڪان سرس هئي مون هن ڪان اڳ ۾ عورت ذات واتان ڪڏهن ٻه اهڙيون بيهوده ڳالهيون نه ٻڌيون هيون، منهن جي ذهن ۾ عورت لاءِ تصور شرم و حيا سان گڏ نماڻائي وارو هو. پر هتي ته هي سرڪشي ۽ ڦر ڪرڻ لاءِ تيار هيون. هر اهي ڳالهيون جن مان سندن اندازو هو ته آئون ڪاوڙجي پوندس سي انگريزي ۾ اچارڻ لڳيون، جيتوڻيڪ آئون انگريزي هنن جهڙي چائيس ٿي، تنهن هوندي ٻه مون منهن تي ڪوبه تاثر نٿي آندو. آخر شام تي اتاهين موٽي حيدرآباد آياسون، ڇوڪرين کي پنهنجي نڪاڻي تي ڇڏي. اسين لائين حاضر ٿياسون جتي صوبيدار صاحب رول ڪال تي منشي کي چئي ڪري منهنجيءَ جڳهه ني هڪڙي ٻئي سپاهي جي ڊيوٽي لڳرائي. ٻئي ڏينهن منهنجي ڊيوٽي قيدين کي سينٽرل جيل تان وٺي سيشن ڪورٽ آڻڻ لاءِ هئي سو آئون قيدين سميت سيشن ڪورٽ ۾ هئس ته ساڳيو ڪالهوڪو صوبيدار پوليس پڪ اپ ۾ ڪورٽ ۾ پهچي

ڏيو. منهنجيءَ جاءِ تي ورتل سپاهي ساڻس گڏ هو، تنهن کي اتي قيدين جي انچارج جي حوالي ڪيائين ۽ مون کي چيائين ته تون مون سان گڏ ڇوڪرين واريءَ ڊيوٽي تي هل ۽ وڌيڪ چوڻ لڳو ته مون وڌيڪ ڏچي کان بچڻ لاءِ تنهنجي ڊيوٽي بدلائي هئي، ڇاڪاڻ ته ڇوڪرين جو سمورو توجهه تو ڏانهن آهي، پوءِ ۽ ڇتيون به ٿيون ڪن، متان بي مزائي ٿي پوي، تنهن کان ڊنس ٿي، ليڪن ڇوڪريون پڙ ڪڏي بيٺيون آهن، منجهن جيڪا وڌيڪ شرارتڻ آهي، منهنجي خيال ۾ ته نالو به نسرين اٿس، تنهن ٽيليفون ڪري صاحب وڏي سان ڳالهايو آهي. سو صاحب مون کي حڪم ڪيو آهي ته توکي پاڻ سان گڏ ڊيوٽي تي رکان، سو هتان جو هتان هليو هل.

سچ پڇو ته مون نٿي چاهيو، انهيءَ ڊيوٽيءَ کان آئون پاڻ بيزار هئس. ليڪن آرڊر از آرڊر، سور مرندي ساڻس روانو ٿي ويس. آئون جڏهن صوبيدار سان گڏ ريسٽ هائوس تي پهتس ته ڇوڪريون ڊيهوڙا ڪائي اندران نڪري آيون. جهڙو ڪو وڏو قلعو فتح ڪيو هجين، سو سڀ ٺهڪڙا ڏيڻ لڳيون ۽ پوءِ يڪدم بس ۾ سوار ٿيون. ميرن ۽ ڪلهوڙن جي قبن تي گهمڻ لاءِ بس شهر ڏانهن روانو ٿي. پوليس پڪ اپ سندن سربراهيءَ ۾ اڳيان هئي، ها! ڇوڪرين بدمعاشي ڪري مونکي پڪ اپ ۾ بالڪل پوئيان ڪري ويهاريو ۽ بس ۾ فرنٽ

سيٽ تي نسرين کي ويھا رياٿون . پوءِ تہ سيني جي تاڙيءَ ٺوڪ ھئي. ڦبن تي گھمڻ چاجو ھو، رڳو مسخري ھئي، گھڙيءَ گھڙيءَ چوڪريون ھٿئي مان نڪري تي ويون. پروفيسرياڻيون وات ۾ پٽيو پري بيٺيون ھيون. صوبيدار صاحب حد کان وڌيڪ پريشان ھو. ھر وقت مون سان گڏ ھو، بلڪ ائين ڪٿي چئجي تہ منھنجي جان بچائڻ ۾ پورو ھو. الله ڪري گاڏيون اتاھين روانيون ٿيون ريسٽ ھائوس ۾ منجھند جي ماني کائي ڪوٽڙيءَ جي پل تي جامشوري واري پل ڏانھن قافلو روانو تي ويو.

پل انھيءَ وقت ٺھي پئي، ھزارين مزدور مختلف قسمن جي ڪم ۾ ڇھٽيل ھئا. پري پري تائين ماڻھو ۽ مشينون پکڙيل ھئا. جيئن ئي بس پل تي پھتي تہ چوڪريون بس تان لھي ڇيڪ گھمڻ ڦرڻ لڳيون. مزدور جيڪي ويچارا گھٽي پاڳي گوناٺا ھئا، سي ھھڙي جھنگلي جھڙي سمان ۾ ماڊرن چوڪرين ڪي ڏسي انبوه ڪرڻ لڳا، اسان تن کي ھڪلون ڏيئي پري پڄائي ڪڍيو. پل تي بہ مختصر وقفي کان پوءِ نسرين وري منھنجي ويجھو رھڻ لڳي، ليڪن حيرت جھڙي ڳالھہ اھا ھئي، جو ھاڻي اچانڪ سنجيده تي وئي ھئي. سندس ڳالھہ ٻولھہ جو انداز بلڪل مٽجي ويو ھو. ٿوريءَ دير کان پوءِ اوچتو مون کان سوال ڪيائين تہ تون مون سان شادي ڪندين؟ مون يڪدم انڪار ڪيو. وري چوڻ لڳي، تہ منھنجي پيءُ جو مون سان وعدو ٿيل آھي تہ جتي وڻئي اتي

پنهنجي پسند جي شادي ڪجانءِ. ڪالهه توکي ڏسڻ شرط مون ائين محسوس ڪيو ته جنهن ماڻهوءَ جي مون کي تلاش هئي، اهو تون ئي آهين. مون ڊاڪٽريءَ جو امتحان ڏئي ڇڏيو آهي ۽ پڪ اٿم ته پاس ٿي ويندس منهنجو پيءُ توهان واري ڪاتي جو وڏو آفيسر آهي. آئون سندن اڪيلي اولاد آهيان. آئون توکي يقين ٿي ڏياريان ته تون رڳو هائو ڪر، باقي سڀ ڪم مون تي، جيڪڏهن چاهين ته هينئر جو هينئر هتان هليو هل، مون سندس انهيءَ سوال کي به هڪ جذباتي ڇوڪري جي وات مان نڪتل لفظ سمجهي، رد ڪري ڇڏيو. صوبيدار جيڪو انهيءَ وقت به منهنجي ڀر ۾ بيٺو هو، سو حيرت مان نسرين کي ڏسڻ لڳو.

ڇوڪرين جي بس ريسٽ هائوس مان سندن سامان کڻڻ لاءِ وڃي چڪي هئي. ڇوڪرين کي هتان ئي بس ۾ سوار ٿيڻو هو ۽ هتان ئي ڪراچيءَ وڃڻو هون. نسرين مسلسل ڳالهائيندي رهي. جيئن جيئن وقت گذرندو ٿي ويو، تيئن تيئن سندس تقاضائون وڌنديون ٿي ويون، آخر التجائن تي لهي آئي ۽ منٿون ڪرڻ لڳي. منهنجو ڪيس اهو ئي ڪٿو جواب هو. بس کي پري کان ايندو ڏسي سندس منهن کي مايوسي وڪوڙي ويئي، سو منهنجي بالڪل سامهون اچي ڪلهي تي هٿ رکي ۽ اکين ۾ پاڻي ڪري چوڻ لڳي ته ظالم آئون عورت ذات ٿي ڪري، توکي ڪڏهن کان منٿون ڪري رهي آهيان،

تنهنجي مٿان جان قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ۽ تون آهين جو ٺوڪي ار به ڪانهي. سندس مٿيان ڳالهايل لفظ يا لڳ ڀڳ اهڙا لفظ مونکي مرڻ مهل مرحوم ساهل به چيا هئا. سو منهنجي تصور ۾ ساهل اچي ويٺي. سندس جا چٽل ڦٽ يڪدم اڀري پيا. اهي سرڪش جذبا، جن کي مست گهوڙي وانگر زبردستيءَ دٻايو ويٺو هوس، سي هٿئون هٿ ڇڏائي ويا.

منهن جــي اکين مان زارو زار پاڻــي وهڻ لڳو. حيوانيت سوار ٿي ويئي. نسرين کي ساهل سمجهي ڪيس ڀاڪر پائي ٺورو پاڻ ڏانهن ڇڪيم ته دماغ چڪرائجي ويو ۽ دماغ ۾ اونداهي ڇانئجي ويئي اهوئي سبب هو جو پاڻ کي سنڀالي نه سگهيس ۽ زمين تي ڪري پيس. نسرين منهنجي ڇاتيءَ جي هيٺان هئي. انهن البيلين، آزاد ۽ بي فڪر ڇوڪرين ۾ ڪيهاڙ پئجي ويو. هرهڪ جدا جدا جهنگلي هرڻين وانگر ڇوڪڙيون پريندڙيون پنهنجي پنهنجي منهن ڀڄي ويون. صوبيدار ۽ سپاهــي ڪيترن ڏوڏالن ۽ ٻوٽن جي ٿڏن ڪان پوءِ ٽنگن ۽ ٻانهن مان وٺي مون کي گهاڙ لڳا. جيئن جيئن هنن گهليو ۽ ڇڪيو ٿي. تيئن نسرين هانو ڦاڙيندڙ دانهون ٿي ڪيون. منهن جو ڪيس ڀاڪر پاتل هو ۽ آئون بيهوشيءَ جي حالت ۾ هوس. (اهي سڀ ڳالهيون مون کي بعد ۾ ٻڌايون ويون) اهڙيءَ حالت ۾ منهن جا هٿ ڏانئن سان وڏي نسرين کي ڇڏائي ٿي سگهيا پيءَ ڪنهن به حالت

۾ ناممڪن هو. حادثي واريءَ جاءِ تي حشام ماڻهن جا اچي گڏ ٿيا. آخر صوبيدار تنگ ٿي، هڪڙي مزور يا واتھڙوءَ کان اجرڪ کسي اسان جي مٿان وجهي سپاهين سان گڏجي سختيءَ سان ماڻهن کي هٽائڻ لڳو ......
خلق تي ڪنٽرول ڪرڻ کان پوءِ صوبيدار پي - ڊبليو ڊي وارن جي آفيس مان ٽيليفون ڪري حيدرآباد آفيسرن کي صورت حال کان واقف ڪيو. ڪجھ وقت ڪانپوءِ جڏهن منهن جا حواس ٺڪاڻي اچي ٿيا ته دماغ به ٺڪاڻي اچي ويو ۽ يڪدم نسرين مان هٿ ڪڍي اٿي بيٺس، ۽ پاڻ به شرمساريءَ جي حالت ۾ پٽ تي ڏي ويهي رهي جيتوڻيڪ مون ڏسي وائسي نه ڪيو هو، اهو ساهل جي حادثي جو لاشعور ۾ لڪل اثر هو. تنهن هوندي به ڪجھ ٿيو هو. سا انتهائي واهيات غليظ ۽ ڏکوئيندڙ ڳالھ هئي. انهيءَ لاءِ آڏون انتهائي پشيمان هئس مٿان جو عملو ۽ انجنيري ڪاتي جا موچارا آفيسر، ملامت ڪرڻ لڳا. منهنجي حالت اها هئي جو هوند زمين جاءِ ڏي انهيءَ ۾ گهڙي وڃان. ايتري ۾ حيدرآباد کان ايس - پي صاحب، ڊي. ايس. پي. لائن آفيسر ۽ چاوڙي ٿاڻي جو صوبيدار جداجدا گاڏين ۾ جاءِ وار دات تي پهچي ويا. صوبيدار وٽ هٿ ڪڙي به هئي جيڪا شايد منهنجو مقدر بنجي چڪي هئي، سا مون کي پارائي ويئي. پوليس آفيسرن ميڙي چوندي ڇوڪريون گڏ ڪيون، پروفيسر ۽ ڇوڪرين کان ٽيل بداخلاقيءَ

جي اخلاقي طور معافي ورتائين ۽ ترتڪڙ ۾ ڪين سندن بس ۾ ويهاري ڪراچيءَ روانو ڪري ڇڏياڏون، نسرين ڪراچيءَ وڃڻ کان صاف انڪار ڪيو، انهيءَ ڪري ايس. پي. صاحب پنهنجيءَ گاڏيءَ ۾ حيدرآباد وٺي آيو ۽ مون کي چاوڙيءَ ٿاڻي تي لاڪپ ڪيو ويو. آئون جن حالتن مان نڪري چڪو هوس يا جن حالتن جي وهڪري ۾ لڙهي رهيو هوس تنهنجي ته صرف مون کي خبر هئي منهنجي هٿان ائين ڇو ٿيو اها به حالتن جي ڏاڍاگيري هئي، منهنجي دل ۾ جيڪي گهاوَ هئا انهن جي نه مون کي ئي خبر هئي، دنيا ڇا ڄاڻي، هرڪو منهنجي مٿان ملامت ڪرڻ لڳو. پوليس جي عملي کي ملاقات جا پئسا نه پرڻا ڪونه ٿي پيا هرڪو واقعي جو ٻڌي لنگهي ٿي آيو. آئون انهن جاهلن کي ڇا چوان؟ رات جو ڏهين بجي ڊاري لاڪن آفيسر گل محمد بروهي به آيو اهو به ساڳي ڪتا ڪولي ويهي رهيو ۽ چوڻ لڳو ته ڇوڪري وڏي آفيسر جي ڌيءُ آهي، پٽس کي ٽيليفون تي صاحب وڏي سڀ ڪجهه ٻڌايو آهي، هو هوڏانهن اچڻ لاءِ ڪراچي به ڇڏي چڪو هوندو. اسان کي سمجهه ۾ نٿو اچــــي ته آخر تو ائين ڪيو ڇو؟ ڪيترين ئي وراڻين ڪانپوءِ ڇيو ماڻس ته بس صاحب ائين ٿي ويو. آخر ۾ چيائين ته محمود تو کي ڪنهن دشمن جي نظر ڪائي ويئي. جيئن ته آئونورديءَ ۾ هوس سو مون کان بڪل نمبر وارو پٽو ۽ بيج ورتائين

هلندي وقت مون ٽوپي به ڏنيمانس ته ڪٽي وڃ لاڪپ
۾ سونهي ڪانه ٿي. جيتوڻيڪ هيءَ حالت به ڪا وٽندڙ
يا معمولي نه هئي، پر اهڙين غير معمولي حالت مان
مٿي آيو هوس، تنهنڪري ڪو خاص پريشان به ڪونه
هوس، ٻئي ڏينهن تي منهنجو بي. اي. فائنل جو امتحان
هو. مس مس وڃي پنهنجي ڪيريئر کي سڌاريو هوم
ته وقت وري دوکو ڏنو هو. رات جو ٻين وڳي جو
عمل هو آئون لاڪپ ۾ پٽ کي پٺا ڏئي پنهنجن ئي
سوچن ۾ غرق هوس. پنهنجي گذريل وقت جو ڪتاب
وانگر پنو پنو اٿلائي پڙهي رهيو هوس ته دروازي تي
بيٺل سپاهيءَ در کوليو، گارڊ انچارج جمعدار به گڏ
هوس، مون کي وٺي صوبيدار جي آفيس ۾ آيا. جتي
نسرين، سندس پيءُ ۽ ايس. پي. صاحب اڳيئي ڪرسيءَ
تي ويٺا هئا. هڪڙيءَ ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ مون کي
به چيائون. پهرين ته آئون به ٿورو هٻڪيس پر پوءِ
ويهي رهيس. خاموشيءَ کي ٽوڙڻ لاءِ ڳالهه جي
شروعات ايس. پي. صاحب ڪئي. پهريائين پل واري
واقعي جو ذڪر ڪري ڏوهه منهنجي مغز ۾ ويهاري
مون کي ڏوهاري بڻايائين تنهن ڪانپوءِ چيائين ته جيئن
ته چوڪريءَ کي تيو ڪجهه به ڪونهي تنهن هوندي
به مٿس ٽڪو لڳي چڪو آ، اهو سڀ ڪجهه اڪيلائي
۾ ڪونه ٿيو آ، ساڻس گڏ آيل سرتين به ڏنو آهي
جيڪي زندگيءَ جي هر اسٽيج تي ڪيس شرمسار ڪنديون

انهيءَ جو هڪ ڏي ڪارڻ آهي ته تون ڇوڪريءَ سان ڪراچيءَ وچ ۾ شادي ڪر، جيڪڏهين ساڳي نوڪري ڪرڻ چاهيندي ته تنهنجي ڪراچيءَ بدلي به ٿي سگهي ٿي. نه ته به صاحب توکي ڪنهن نه ڪنهن ڏنڊي سان لڳائي ڇڏيندو.

منهنجي اچڻ کان وٺي، اڄان تائين نسرين جو ڪنڌ هيٺ هو. آڏون به ساڻس اکيون ملائڻ لاءِ تيار نه هوس تنهن هوندي به هڪ ئي ڪمري ۾ آمهون سامهون هئڻ ڪري سڀ ڪجهه خبر پئي پئي. پڻس گهڙيءَ گهڙيءَ مون ڏي پئي نهاريو. آفيسر بڻي سول ڪپڙن ۾ هئا. (ها! اهو توهان کي ٻڌائيندو هلان ته ايس- پي صاحب اهو نه هو جنهن جي گهر ۾ رهيو هوس ۽ هو منهنجي پوري پس منظر کان واقف هو. اهو فرشتي جهڙو انسان بدلي ٿي چڪو هو.) ايس- پي صاحب جي گفتگوءَ ڪانپوءِ ڪمري جي ماحول ۾ سانت اچي وئي. منهنجو ڪنڌ هيٺ هو........ هنن کي ڏيڻو ته رڪو جواب هو. پر مون وٽ لفظ نه هئا. جتان ڳالهه کي شروع ڪيان. هنن کان ڊنس ڪونه ٿي، ليڪن جيڪا حالت واقع ٿي چڪي هئي تنهن تي پشيمان ۽ شرمسار هوس ان سبب ڪنڌ هيٺ هو. ايس- پي صاحب وري خاموشيءَ کي ختم ڪرڻ خاطر مون کان منهنجو نالو پڇيو. پوءِ نالو وٺي چيائين ته پرڏيل آهين. آڏون حيرت ۾ پئجي ويس. اهو سوال ته هنن کي پهريائين پڇڻ کپندو هو.

اهو ٻهريون دفعو هو جو نسرين جواب معلوم ڪرڻ لاءِ ڪنڌ مٿي ڪٽي مون ڏانهن نهاريو ۽ ڀٽس به توجهه سان ڏسڻ لڳو. مون انڪاري صورت ۾ ڪنڌ لوڏيو. ايس- پي صاحب سنئو مقرر هو، گهڻو ئي ڳالهائيندو رهيو جنهن ۾ لالچ ۽ اميدون به هيون ته انتقام ۽ مايوسي به هئي. ساڍس ٻانهن ٻيلي ٽيڻ لاءِ نسرين جي پيءُ به ٻهريائين ته ٿورو ٿورو ڳالهايو تنهن ڪان پوءِ سڀ ڪجهه پاڻ ڳالهائيندو رهيو. ايس- پي صاحب چپ ڪري ورتي. سندس سوال ۽ ڌمڪيون گهٽي وقت تائين جاري رهيون چوڻ لڳو ته هيءَ عزت جو سوال آ. اهو تڪو تڏهن ڌوپي سگهي ٿو، جڏهن تون نسرين سان شادي ڪرين. منهنجي عادت رهي آ، ته جيڪو ڪو دٻاءُ پوندو آهي، تيئن آئون برجستو ئي ويندو آهيان. سو سندس ڌمڪين تي جيئن اڳ ۾ اخلاقي ذميواري سمجهي نماڻو ٿيو ويٺو هوس، سو هاڻي ڪيس هر سوال جو جواب انڪار ۾ ڏيڻ لڳس. آخر ڀراڻو ۽ تجربيڪار ماڻهو هو، سو مون کي چيائين ته شادي نه ڪرڻ جو معقول سبب ٻڌاءِ جيڪو منهنجي سمجهه ۾ اچي. ٻڌائڻ جو ته ارادو ڪونه هو، پر هونئن جند ئي نه پئي ڇٽي. سو ساهل ۽ پاڳل جي پوري ڳالهه اڳيان پيش ڪئي مان. ٿئي ڇٽا سوچ ۾ پئجي ويا، آخر نسرين جو والد ڪرسي ڇڏي اٿي بيٺو، شايد ساهل جي قرباني ۽ پاڳل جي مون ڏانهن تانگهه سمجهي ورتي هئائين. ۽ ڀڪ ئي ويئي هيس ته

آئون نسرين سان شادي نہ ڪندس. ڪيس اٿندو ڏسي اسين بہ اٿي بيٺا سين. نسرين ڏي نهاري ڪيس چيائين تہ هن سان وڌيڪ بحث ڪرڻ فضول آهي، ڪيتريون بہ منٿون يا سختي ڪنداسون، ليڪن هيءُ شادي پوڻتي ويٺل سندس سوٽ سان ڪندو. ائين چئي ڪمري جي در ڏانهن سرڻ لڳو. هلندي هلندي پٺ ورائي ايس-پي صاحب کي چيائين تہ هن کي ڇڏي ڏيو. هن جو ڏوهہ نہ آهي ۽ ڊيوٽيءَ تي ڪٺوس. ايس-پي صاحب اٿي ڏي مون کي حڪم ڏنو تہ ٻئي ڏينهن مون سان آفيس ۾ ملجان. جواب ۾ عرض ڪيم تہ صبحاڻي کان منهنجا امتحان آهن، ان لاءِ صبحاڻي کان وٺي پندرهن ڏينهن جي موڪل وٺي چڪو آهيان. چيائين تہ پوءِ ٺيڪ آهي. جڏهن بہ ڊيوٽي جوائن ڪرين تہ مون وٽ اچجان. ڪيس داخل نہ ڪيو ويو هو، سو سڌو ٺاڻي مان ٻاهر نڪري آيس. هو الاجي ڪيڏانهن ويا. پر آئون گولي ٿي ويس. سلطان هوٽل تي چانهہ پي جاءِ تي آيس، وهنجي ڪپڙا بدلائي ڪتابن کي چهٽي ويس.

امتحان ۽ موڪل پوري ڪري، لائن ۾ حاضر ٿيم جتان مون کي بڪل ۽ بيج مليا. انهيءَ ڏينهن ڏي ايس پي صاحب وٽ پيش ٿيس. شيٽ گهرائي ڏٺائين، جيڪا بي داغ هئي. آفيس سپرنٽينڊنٽ کي گهرائي حڪم ڏنائين تہ مون کي ريڊر برانچ ۾ منشي ڪري رکيو وڃي.

پهريائين ريڊر برانچ ۾ ۽ پوءِ پراسيڪيوشن برانچ ۾

مون اڍائي سال ڪن منشيگيري ڪئي. جنهن مون کي ڪيسن داخل ڪرڻ ۽ ڪيسن جي جانچ وغيره جي مطالعي جو موقعو مليو ۽ انهيءَ ڏس ۾ آءٌ پڙ ٿي ويس. انهن ڏينهن ۾ مون ايل ايل بي جو امتحان به سٺن نمبرن تي پاس ڪري ورتو. انهيءَ وچ ۾ آءٌ گهوٽ به عام جام ويندو هوس. ڪيترن ئي ذريعن سان مون ياڳل ڏي نياپا به موڪليا، ليڪن وٽانئس ڪوبه مايوسي ۽ خوشيءَ جو جواب نه مليو. آءٌ اهو سمجهڻ کان قاصر هوس، ته سندس مغز ۾ هن وقت ڇا آهي. اهو به خوف هو ته مبادا پڻس ۽ ڀاڻس جي قتل سبب سندس خيال منجهي ويا هجن ۽ چاهت ختم ٿي چڪي هجي. اهو مون لاءِ وڏو مونجهارو هو. ماڻس چريءِ ٿيڻ کان پوءِ ڪو هڪ ڏينهن سندن ئي جاءِ جي ڇت تي چڙهي ويئي هئي، جيئن يوسف ڪيس لاهڻ لاءِ مٿي ويو ته پاڻ ڇت تان ٽپ ڪٽي ڏنائين، ائين گهاٽو ٻنهي پيس ۽ مري چڪي هئي. تنهن کان پوءِ ڀاڻس شادي به ڪري چڪو هو. موروثي ملڪيت تي سڄو عرصو سيشن ۾ ڪيس هلندو رهيو. پڻسن جي ڪوٺ کي منهن ڏيڻ لاءِ مون هڪ ٻيو عجيب و غريب طريقو ايجاد ڪيو هو. حيدرآباد اسٽيشن جي پير ۾ اولهندي پاسي کان هڪ ڪاٺ جي مانڊڻي رکي ۽ چار پنج ڪاٺ جون ٻنچون رکي هڪ غريب ۽ سستو هوٽل قائم ڪيو هوم سڀ ڪم نوڪر ڪندا هئا، آءٌ صرف صبح جو ٻه ڪلاڪ ڪن هوٽل

تي ويھندو ھوس.

جيئن ته آءٌ اڳي ئي ٻڌائي چڪو آھيان ته مون اسٽيشن ايريا ۾ گھڻو وقت رات جي گشت جي ڊيوٽي ڪئي ھئي ان ڪري اسٽيشن جي پسگردائي وارا فقير ۽ پينو فقيراڻيون منھنجون واقف ھيون. منھنجي اھا عادت رھي آ، جو آئون ھيٺئين طبقي سان يڪدم رلي ملي ويندو آھيان، شايد اھو ان ڪري جو مون کي وڏن ماڻھن يعني دولتمندن سدائين ڏک ۽ ڏنڀ ڏنا ۽ غريب خلوص ۽ آسيس ڏني. اڄ به منھنجي صاحبن کان وڌيڪ سندن پٺيوالن سان نيازمندي ھوندي آھي. انھيءَ ئي منھنجي سياءَ ڪري فقير منھنجي ھوٽل تي ماني کائڻ ۽ ويھڻ لڳا. نوڪرن کي منھنجي سختيءَ سان ھدايت ھئي ته فقراءَ سان سھڻي نموني پيش اچن. نوڪر وري ڪھڙا ھئا، اھي به انھيءَ قبيلي جا چار ڇوڪرا ھئا، جن کي ماني ۽ صرف اجھو کپندو ھو. فقير منھنجيءَ ترغيب تي پنھنجا پئسا پنجڙ مون وٽ امانت رکڻ لڳا. ڪڏھن ڪنھن کي کپ پوندو ھو ته ڪٽي به ويندو ھو. نه ته فقير جو پئسن سان ڇا. ائين آھستي آھستي فقيرن جو مون ۾ اعتماد ٿيندو ويو. ٿوري ئي عرصي ۾ ڪراچي کان پشاور تائين گاڏين ۾ سفر ڪندڙ فقيرن جو آءٌ بينڪر ٿي ويس. سندن پئسن جي مڪمل حساب ڪتاب لاءِ رجسٽر رکيا ويا.

سوين فقيرن جا ھزارين رپيا جمع ٿيندا ھئا، پئسا

ڇڏي رات اڌ رهي، وري هليا ويندا هئا. منهنجو ڇوڪرن کي چيل هو ته ڪانئن ماڻهوءَ جا پئسا ٻه گهٽ مان گهٽ وٺن. اهڙيءَ طرح پئسي جي معاملي ۾ آئون ڪڏهن به تنگ دست نه رهيس.

هڪ ڏينهن آفيس ۾ سينگاپور مان ٽيليگرام آيو، جيڪو ڪنهن وڪيل صاحب طرفان هو. جنهن ۾ ڄاڻايل هو ته تنهن جو نانو گذاري ويو آهي، ٽئين ڏينهن سينگاپور کان آيل هڪ ليٽر مليو، جنهن ۾ ساڳئي وڪيل ڄاڻايو ته مسٽر برائون وصيت ۾ توکي پنهنجو وارث تحرير ڪيو آهي، سو مهرباني ڪري هتي اچي ملڪيت کي سنڀاليندا يا وڏيڪ حڪم ڏيندا. جواب ۾ مون لکيو ماڻس ته توتي اعتبار آهي، پراپرٽي کپائي پئسا موڪلي ڏي. هتان بئنڪ جو اڪائونٽ نمبر موڪلي ڏنو ماڻس. ٽن مهينن ۾ پئسا اچي ويا، جيڪي منهن جي خواب خيال ۾ به ڪونه هئا. وڏي رقم هئي. منهنجي توقع کان تمام گهڻي. سگهوئي پوءِ مون هوٽل بند ڪري ڇڏيو. فقيرن کي رقم واپس ڪري ڇڏيم. انهيءَ وچ ۾ جيڪي مري ويا هئا، تن جا پئسا به فقيرن ۾ ورهائي حساب بي باڪ ڪري ڇڏيم.

هڪ ڏينهن شام جو وڪيل صاحب جي آفيس ۾ ڪيس جي خبر چار لهڻ لاءِ سندس آفيس ۾ ويس، ٻڌايائين ته تنهنجي ڪيس جو فيصلو ٿيڻ وارو آهي، فيصلو تنهنجي حق ۾ پيو ٿئي، انهيءَ ڪري هن ڏر

جو وڪيل ڪيس ۾ان گهٽي نقصان کان بچڻ خاطر شنوايون وٺي رهيو آهي. ڪالهه منهنجي آفيس ۾ هتي هلي آيو هو. چيو اٿس ته سنڌس پارٽي توسان ناهه ڪرڻ چاهي ٿي، سو جيڪڏهن تون چاهين ته راضي ناموں ٿي سگهي ٿو. ۽ تون پنهن جا شرط پيش ڪر. مون چيو مانس ته شرط وري ڪهڙا مون ڪي پنهنجي والد صاحب واري زمين ۽ ڏاڏائي ملڪيت ۾ان اڌ ڏين باقي انهيءَ جي اپت جيڪا سالن جا سال کاڌي اٿن ان تان مون هٿ ڪنيو. انهيءَ ڳالهه تي يوسف به راضي ٿي ويو. ملڪيت ورهائي وٺي، کاتن جا ڪاغذ مڪمل ڪيا ويا. تنهن کان پوءِ پنهي ڌرين جي وڪيلن گڏجي ڪورٽ ۾ راضي نامي لاءِ درخواست ڏني، جيڪا ڪورٽ سڳوريءَ منظور ڪئي اهڙيءَ طرح سالن جو هلندڙ ڪيس پڄاڻيءَ تي پهتو. مون پنهنجي سر زمين تي سڌ سماءَ لاءِ ماڻهو مقرر ڪيا ۽ آئون نوڪريءَ ۾ ئي لڳو رهيس.

جيئن ته آءٌ بي- اي- ايل- بي- هوس، انهيءَ ڪري مون کي جلد به جلد مختلف ٽريننگن تي موڪليو ويو، جتان ڪورس پاس ڪندو آيس ته پروموشن ٿيندي ويئي. اهڙيءَ طرح ترقي ڪندو سگهو ئي صوبيدار بنجي ويس ۽ مختلف ضلعن ۾ مختلف ٿاڻن تي بدلي ٿيندي رهي. جيئن ته مون وٽ ملڪيت گهڻي هئي، ۽ ناٺ واري زندگي گذري رهي هئي، رشوت قطعي نه وٺندو هوس ۽ جيئن ته مون خود غربت واري زندگي گذاري

هئي ۽ پيڙائون پوگيون هيون. تنهن ڪري غريبن جو همدرد هوس، امير يا امير ترين ماڻهوءَ سان بنهه ڪانه پوندي هيم. آفيس ۾ فائيلن جا ڪم ڪري ڪيسن مان به چاڙهو هوس. مشهور ۽ هوشيار صوبيدارن جا ڏاهيل ڪيس غور سان اسٽيڊي ڪيا هئم، وڪالت جو امتحان به پاس هو. انهيءَ ڪري قانون جي به مڪمل ڄاڻ هئي. جنهن سبب پوليس کاتي ۾ منهنجو نالو ٿي ويو. ۽ هر طرف منهنجو نالو پکڙجڻ لڳو.

اهو اڳي ڏي بڏائي چڪو آهيان ته خوبصورت ۽ سٺي هڏ ڪاٺ وارو هوس، تنهن ڪري وردي جسم تي سهڻي لڳندي هئي، چور ته ٺهيو پر سٺا سٺا زميندار به حشمت ته جهلي سگهندا هئا ۽ روبرو ڳالهائڻ کان ڪترائيندا هئا. آفيسرن جو ته مون تي راز هوندو هو. مون وٽ نوڪر چاڪر، مال ملڪيت، عزت واري نوڪري ۽ دوستن جو وڏو سرڪل هو. تنهن هوندي به آءٌ اڌورو هوس. بلڪ ڪڏهن ائين سمجهندو هوس، ته آئون سڄون آهيان، چاڪاڻ ته مون وٽ گهر نه هو زال نه هئي. ٻچا ٻار نه هئا. ظاهري طرح ته نيڪ ناڪ هوس، پر دل ڪاڏل هئي. يوسف کان پاڳل جو سڳ وٺڻ لاءِ ڪيترائي حيلا هلايا هئم، ليڪن هو ظالم تيار نه هو. سندس جواب اهوئي هو ته تون منهنجي پيءُ ۽ ڀاءُ جو قاتل آهين، منهنجيءَ ماءُ جو موت به انهن ڏي صدمن سبب ٿيو. اهو ناممڪن آهي جو توکي پيڻ ڄڻ

سڳ ڏيان ۽ جيڪڏهن مري به ويس ته اهو بندوبست
ڪري ويندس ته جيئن پاڳل سان لائون نه لهي سگهين.
سندس هر جواب ۾ اميد جو ڪوبه پاڳو نه هوندو هو.
هن وقت هن کي آءٌ ڪيئن سمجهايان ته تنهنجا مائٽ
مون نه ماريا، پر پنهنجي مرڻي مئا. هي اهڙيءَ ڇپران
ڏاچيءَ تي سوار هئا، جنهن جي منزل اها ئي هئي. هن
کي ڪيئن چورائي موڪليان ته انهن ڏينهن ئي مرحوم
ڏاڏي سليمان پٺاڻ کي چيو هو ته تون رڃ جي پويان
ڊوڙين پيو .... رڃ مان ڪڏهين به اُڃ نه لٿي آ.
پاڳل سان منهنجي اٿاهه محبت هئي. هوءَ منهنجي
جياپي لاءِ اتساهه هئي. هوءَ منهنجي منزل هئي، هن جي
محبت ۽ هن کي حاصل ڪرڻ جو جذبو جيڪڏهن
منهنجي دل ۽ دماغ ۾ نه هجي ها، ته شايد زندگيءَ ۽
موت جي هيءَ جنگ هارائي ويهان ها، يا گيدي تي
پڇي وڃان ها. آئون مڃان ٿو ته مون زماني جا پيا
ڪم ڪار به ڪيا پئي، تعليم، نوڪري يا دعوي جي
ڪيسن ۾ مشغول رهيس، تنهن هوندي به هيءَ مون کي
هردم ياد هئي. منهنجو مقصد اهو هو ته آئون سڀڪجهه
اڳوات ڪري وٺان ته جيئن هوءَ اچي ته راڄ راڻي ٿي
رهي ۽ ان ڪان پوءِ مون کي ڪجهه ڪرڻو نه پوي....
هن جي محبت ۾ مون اڃان تائين شادي نه ڪئي هئي،
ڪيترئي ئي آڇون تڏي ڇڪو هوس، هڪڙو مثال
اوهان جي اڳيان پيش به ڪري ڇڪو آهيان، هن جي

ئي ڪري آئون سينگاپور ٻه ٽه ويس جنهن لاءِ نانا بار
بار لکندو رهيو. جڏهن ٻه سندس سڪ ڪٽندي هئي ته
ڳونان چڪر هڻي ايندو هوس، جيتوڻيڪ پاڻ ڪوٺ
۾ بند هئي. تڏهن ٻه سندس سرهاڻ ايندي هئي، صرف
اهو آڌت هو ته مون وانگر پاڻ ٻه اڃان وڻي هئي. ياڻس
وانگر جيڪڏهن پاڻ ٻه مون کي سندس مائٽن جو قاتل
سمجهـي هـا ته سندس معمولي اشاري تي ياڻس ڪيس
پرڻائي ڇڏي ها. گويا اڃان ڏاڏين سنـدس ڪوبه نياپو
مون ڏائين نه آيو هو، تنهن هوندي ٻه مون کي يقين
هو ته هوءَ مون لاءِ ڏانگهائي پئي. ڪيس زوريءَ پرڻائڻ
شايد ياڻس جي وس کان ٻاهر هو. تنهن ڪري پيڻ ۽
ياءُ ٻئي چپ ڪيو ويٺا هئا. آخر انتظار ڪري ڪري
آئون ٿڪجي پيس ۽ آخري نتيجي تـي پهچڻ واسطي
ٽن مهينن جي موڪل تي ڳوٺ هليو ويس. وچڻ شرط
گهر ۾ اوطاق نهرائڻ جو بندوبست ڪيم. ڪجهه ڏينهن
سوچيندو رهيس ته يوسف سان دو بـدو ڳالهه ڪيئن ۽
ڪٿان شروع ڪريان ڪابه ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. هڪ
ڏينهن پاڻ سندس اوطاق ۾ ويٺو هو ته آءٌ وٽس لنگهي
ويس. مون کي ڏسڻ شرط پيڙ تي ويـو. ڪٽ تي ويٺو
ه و، اٿي ٻيهي رهيو، چي: تنهنجي شڪل ڏسڻ لاءِ ٻه
نيار نه آهيان، هاڻي جوُ هاڻي هليو وڃ نه ته بي عزتي
ٿيندي. سندس اگرن گفتن تي مون کي ٻه باهه وٺي
وئي، ليڪن آئون نه ڪيس پيرين پوڻ يا منت ڪرڻ

لاءِ تيار هوس ۽ نه وڏيڪ ڪجهه پڇڻ لاءِ جيڪو ڪجهه
پڇي ٿي نه پيو ان سان چا ڳالهايان، اڃان مون ڪجهه
سوچيو ٿي پي ته، پاڻ گهر هليو ويو.

انهيءَ ڏي شام جو مون ڳـوٺ جا ڪجهه ساٿيا
ماڻهو گڏ ڪيا. انهن کي وڌيڪ سڄي ماجرا سمجهايم.
هن وقت آڏون اهو يتيم نه هوس. جنهن کي معمولي
ماڻهو به نظر انداز ڪري ڇڏي، اڄ منهنجو جڳ ساڻاري
۽ راڄ سلامي هئا. سڀني ماڻهن منهنجي ڳالهه غور سان
ٻڌي. چاچو عبدالڪريم به انهن ۾ شامل هو. مون کين
چيو ته آءٌ اوهان راڄ جي ميار لاهڻ آيو آهيان، مٽان
ائين نه چئو ته اسان سان به ڳالهائين ها. ۽ آڏون ساڻس
به ڳالهائي آيو آهيان. مٽان ائين چوي ته مون کي روبرو
چونه چيائين مون کي شادي ڪرڻي آ، اتاهين ڪرڻي
آ، هر حال ۾ ڪرڻي آ........

اوهان کي منهنجو عرض آهي ته سڀ گڏجي وڃي
ڳالهايوس يا جدا جدا چئوس، پر ايترو ضرور چئوس ته
جهيڙو خراب آ، اڳي چا مليو اٿئي جو هاڻي ملندئي.
آءٌ مڃان ٿو ته مـون ساڻن به نڀي ڳالهه ڪئي هئي،
راڄوندي‌ءَ ۾ ائين ڪونه ڳالهائبو آهي، هڪ پوليس جو
صوبيدار ته ائين ڳالهائي سگهي ٿو، پر راڄ جو ماڻهو
پائي برادري‌ءَ ۾ ائين نه ڳالهائيندو آهي، ليڪن انهيءَ
راڄ ڏي منهنجون به باهيون هيون، چا مـون تي ظلم
ڪونه ٿيا هئا؟ جيڪڏهن ٿيا هئا ته هن راڄ مون يتيم

۽ معصوم لاءِ چاڪيو هو. سچ پڇو ته منهنجون سڄي ڳوٺ تي باهيون هيون، سڀ ڳيدي هئا. آئون هينئر صرف راڄوندي‌ءَ جون ڪارگذاريون پوريون ڪري رهيو هوس. آئون هر اهو انتهائي قدم کڻڻ لاءِ تيار هوس، جنهن مان مون کي پاڳل حاصل ٿئي. اها ئي منهنجي زندگيءَ جو مقصد هئي .... اهي ڳوڻاٽا انهيءَ ئي وقت سڀ گڏجي يوسف وٽ ويا. جنهن انڪار ۾ جواب ڏئي کين موٽائي ڇڏيو. ته به چاچو عبدالڪريم روزانو کيس سمجهائيندو رهيو. ڇهن ستن ڏينهن ڪانپوءِ چاچي عبدالڪريم چيو ته يوسف راضي ٿي ويو آ، سڱ ڏي ٿو، پر ڪنهن پائي بندي رکڻ لاءِ تيار نه آهي. مون کيس چيو ته، ته به ٺيڪ آ، مون کي شاديءَ جي تاريخ وٺي ڏي. ٻئي ڏينهن وري آيو، چيائين ته ٻن ڏينهن کان پوءِ مڱڻو ۽ ٽنهن هڪڙي هنڌ، انهن ڏينهن شادي ۽ شاديءَ جي رات نڪاح. منهنجيءَ دل ۾ شهنايون وڄي ويون. مون چيو ٺيڪ آهي پئسي ڏوڪڙ جي ڪا ڪمي نه هئي، ٻئي ڏينهن پئسا چاچي عبدالڪريم جي حوالي ڪيم، جنهن شاديءَ جو سمورو بندوبست ڪيو گهر جي جاءِ نهي پئي، تڙ تڪڙ ۾ ڪم ختم ڪرايم. اوطاق کي بعد ۾ ٺهرائڻ لاءِ روڪي ڇڏيم.

شادي تمام سادگيءَ سان ٿي، ٻاهريون ڪوبه ڪوٺيو نه هو. نڪاح ڳوٺ جي ٻيءَ اوطاق ۾ پڙهايو ويو. چاڪاڻ جو يوسف نه مون وٽ اچڻ لاءِ تيار نه هو ۽ نه

پنهنجي تڏي تي مون کي گهرائڻ لاءِ راضي ٿيو. ٻئي ڏينهن صبح جو سرگس منهنجي گهر کان شروع ٿيو، گهر جيئن ته خالي هو، ان ڪري مون سهوليت سمڌي جڏهين گهوڙي تـي سوار ٿيس ۽ مڱڻهارن شهنائين ۽ دهل تي خوشيءَ جو دس شروع ڪيو تڏهن ڪوشش جي باوجود به اکين مان ڳوڙها نه روڪي سگهيس، اڳ چاچي عبدالله جي چمات تي ٻيلـي ۾ رنيون هيون ۽ ساهل جي صدمي سهڻ جي سهپ پيدا ٿي هئي. اج وري پيچ پچائي هئاڏون. اهـو اکين ۾ آب پاڳل ماڻڻ جي خوشيءَ جو نه هـو، پر اج گهوٽ بنجي گهوڙي تي چڙهندي ۽ خوشيءَ جي شهنائين وچڻ سان مـون کي جيجل ماءُ، پيءُ، ڀڳي ۽ مرحوم چاچو عبدالله ياد اچي رهيا هئا. ڪاش! منهنجا اهي عزيز ۽ پيار ڪندڙ ماڻهو اج جيئرا هجن ها. ۽ هن خوشيءَ جي موقعي تي خوش ٿين ها. زندگيءَ جا اهي ڏکن ۾ گهاريل ڏينهڙا بار بار ياد اچي رهيا هئا، اهو شڪر ٿيو جو منهنجي منهن تي موڙ ٻڌل هئا، نه ته هيڏي ساري ڏڳ جهڙي مڙس کي ماڻهو روئندو ڏسي، اچرج ۾ پئجي وڃـن ها. سرگس ڪندي جڏهن منهنجو گهوڙو انهـيءَ ساڳئي وڏي در وٽ پهتو، جنهن سان منهنجون ڪئين يادگيريون ڳانڍاپيل هيون، تڏهن مڱڻهار ۽ سڀ ماڻهو اتي ئي بيهي رهيا. منهنجي گهوڙي جي واڳ چاچي عبدالڪريم جي هٿ ۾ هئي. جڏهن آئون ساهرن جي تلهي تي پهتس ته يوسف

زال سميت اترئين پاسي در مان منثي ٻاهر هليو ويو. اهو دروازو شايد انهيءَ مقصد لاءِ هڪ يا ٻه ڏينهن اڳ ۾ ٺهرايو هئائين. هنيلي ماءُ جو ساڙوتو پٽ! اج ٻه مون سان ملڻ يا منهن ڏسڻ لاءِ تيار نه هو. ”نوڙي سڙي ويئي پر ور نه ويو.“ چاچو عبدالڪريم مونکي گهوڙي تان لاهي گهوڙي کي واپس ڪاهي ويو. پوءِ اچي ويس زناني لشڪر جي هٿن ۾ لائون ۽ ٻين سوڻن ۽ سائن ڪان پوءِ ڳوٺ جون گهٽي پاڳي مايون هليون ويون. رات جو وري ڳوٺ جون زالون ساڳئي هند گڏ ٿيون ۽ مون کي زال سميت نيڪيتي ڪري، پنهنجي گهر ڇڏي ويون. گهٽ ئي سالن جو وڇوڙو هو ۽ مايوسي ۽ نا اميديءَ ۾ گهٽو ئي وقت گذريو هو. تڪليفون ۽ ڏک سٺا هئاسون، سو گهٽو ئي وقت هڪ ٻئي کي ڳراٽڙي پائي روئندا رهياسين. بهرحال اهڙيءَ روءِ داد سان اسان جي شادي ٿي ويئي.

آئون موڪل پوري ڪري ۽ جنهن مقصد لاءِ ويو هوس سو پورو ڪري جوهيءَ ۾ ڊيوٽيءَ تي چڙهيس چاڪاڻ ته اتاهين موڪل تي ويو هوس. پر پوءِ جلدئي پنهنجيءَ ڪوشش سان بدلي ڪرائي حيدرآباد شهر ۾ آيس هن شهر سان منهنجو پيار هو زندگي جي ڏکن ۽ سکن جون ڪيئن يادگيريون هن شهر سان ٻه ڳانڍاپيل هيون. منهنجو ارادو هو ته ڪجهه ڏينهن لاءِ پاڳل کي ٻه هتي وٺي اچان ۽ شهريءَ زندگيءَ سان واقفيت ڪرايان.

منهنجي ڊيوٽي قليليءَ ٿاڻي تي هئي ۽ ٿاڻي جو انچارج هئس. هڪڙي دوست وڪيل جي جاءِ قلعي ۾ خالي پئي هئي هن مون کي چاٻيون ڏنيون ته جيئن آئون اتي وڃي رهان. پنهنجي جڳهه وٺڻ منهنجي لاءِ ڪو مسئلو نه هو پر في الحال ائين نٿي چاهيم. جاءِ جي چنڊ ڦوڪ لاءِ نوڪر کي وٺي هڪ ڏينهن اتي ويس ته ماڙ تي مٿي رهائش هئي بلڪ به رهائشون هيون، ڏاڪڻ ٻنهي ڌرين جي ساڳي هئي. مٿي چڙهي جڏهين پنهنجو دروازو پئي کوليم ته سامهون واريءَ رهائش جي در تي هڪ تختي لڳل هئي جنهن تي ڊاڪٽر مريم، ايم. بي.بي ايس لکيل هو. ضروري ۽ گهربل سامان نوڪر هٿان گهرائي آئون عارضي طور هتي ئي رهڻ لڳس هڪ ڏينهن جاءِ جو مالڪ منهنجو دوست مليو تنهن کان ڊاڪٽرياڻي جي باري ۾ پڇيم ته ڪير آهي چيائين ته ڪراچيءَ جي آهي مسواڙ تي جاءِ مون کان ورتي اٿس. شايد ليڊي ڊفرن اسپتال ۾ سروس تي ڪري. جيئن ته مون وٽ پنهنجي ذاتي جيپ هئي سو اڪثر ڪري ٻيءَ چوٿينءَ رات ڳوٺ هليو ويندو هوس، جيڪڏهين نه ته انهيءَ جاءِ تي اچي رهندو هوس. ڏاڪڻ تان لهندي چڙهندي ڊاڪٽرياڻيءَ کي به ڏٺو هوم ليڪن هوءَ پنهنجي سنهن آئون پنهنجي منهن شايد نوڪر چاڪر به هوس ۽ نه وري مون ڪنهن کي وٽس ايندي ويندي ڏٺو.

هڪ ڏينهن شام جو ٿاڻي تان آيس وردي مٿائي

ڪٽ تي اينٽي ڪتاب پٽي پڙهيم ته نوڪر اچي ٻڌايو ته سامهون واري ڊاڪٽرياڻي ۽ ان سان گڏ هڪ ٻي به عورت آهي توهان سان ملڻ ٿيون چاهين، مونسان ...... چو؟

حيرت مان پڇيو مانس. خبر نه آهي سائين توهان سان ڏي ملڻ چاهين ٿيون توهان جي نالي جي به خبر اٿن، توهان جو نالو وٺــي چيو اٿن ته محمود صاحب سان ملڻو آهي. ڪمال آ! ...... مون سان ملڻ ٿيون چاهين مون ساڳيائي لفظ وري دهرايا. پوليس جي نوڪري هئــي هر ڳالهه کان چرڪڻو پيو ٿي سو نوڪر اڃان جواب لاءِ وات پٽيو ڏي مس هو ته آئون اٿي دروازي تي پهچي ويس ڊاڪٽرياڻي ۽ ان سان گڏ ڪير آ. ڪين چتائي نهارڻ لڳس حافظي تي گهڻو ڏي زور ڏنم ليڪن ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. جيئن ته مون رکي زندگي گذاري هئي ڪنهن به غير عورت سان ڪنهن به قسم جي واقفيت ئي نه هئي ان ڪري ساڳيءَ حيرت ۾ قاتل هوس محمــود صاحب مون ڪــي توهان سان گهڻو ڪجهه ڳالهائڻو آهي ڇا گهر ۾ اندر ڳالهائڻ مناسب نه ٿيندو؟ ڊاڪٽرياڻي سان گڏ آيل عورت ڳالهايو. هاڻي ڪيس سڃاڻي چڪو هوس. دروازي تان هٽي بيٺس اندر اچڻ جو ڪين اشارو ڪري اچي ڪرسي تي ويهاريو مان، آئون سامهون کٽ تي ويٺس، وري غور سان ڏانهن نهاري مون دماغ ۾ پڪ ڪئي ۽ سنجيده ٿــي ڪائنن

خبرون وٺڻ خاطر چيم ته حڪم ڪيو ڪيئن اچڻ ٿيو
آ. ڇا محمود صاحب مون کي واقعي ڪونه سڃاتو
اٿئي يا ڄاڻي ٻجهي لنوائي رهيو آهين اهو سوال شايد
منهنجو تاثر ڏسي هن پڇيو هو ها نسرين مون توکي
سڃاتو آ، ليڪن منهنجي منهن تي حيرت انهيءَ ڪري
آ ته ٻون هيترن سالن پڇاڻان هتي ڪيئن.

ها محمود صاحب واقعي سالن پڇاڻان آئي آهيان،
هن ڏکو ساهه کڻي وراڻيو. نوڪر جيڪو در تي بيٺو
هو تنهن کي ڇانهه کڻي اچڻ جو اشارو ڪري وري
نسرين ڏي نهاري سندس جائزو وٺڻ لڳس. جيڪا بالڪل
خزان ۾ هئي. اهو سندس حسن، شوخي، شرارتون. شايد
ڪانئس موڪلائي ويون هيون. ٻت ۾ اڌ به نه بچي
هئي. سو انهيءَ ڳالهه کي موضوع بنائي مون ڪانئس
پڇيو ته نسرين ڇا ڳالهه آ جو ايترو جلد پاڻ کي زبون
ڪري ڇڏيو اٿئي. ها محمود آئون واقعي زبون ٿي
چڪي آهيان بلڪ صحيح هيئن ٿيندو ته ختم ٿي چڪي
آهيان ۽ کلي چوڻ لڳي ته مصيبت اها آهي جو جنهن
ختم ڪيو آ، تنهن کي خبر به ڪانهي. مون ڪجهه
ڪجهه سمجهندي به ڪانئس پڇيو ته ڪيئن ڀلا ڪنهن
ختم ڪيو آ توکي مون کي به ته ڪا خبر پوي. منهنجيءَ
انهيءَ ڳالهه تي بالڪل سنجيده ٿي ويئي ۽ چوڻ لڳي ته
محمود صاحب اهي ڏينهن ۽ هي ڏينهن مون هڪ گهڙي
به سک جي نه ڏٺي آهي. مون توکي ناممڪن سمجهي

گھٽي ڏي وسارڻ جي ڪوشش ڪئي ليڪن ناڪام ويس. گھٽائي سهارا ڳوليم ليڪن ڪوبه جٽادار ثابت نه ٿيو. هيءَ دل نادان توکان سواءِ ڪنهن به ٻيءَ شيءَ کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. آخر شادي به ڪيم پر دل کي قرار نه آيو. سو مڙس کي ڪڍھوڪو ڇڏي ڏنم. منهنجي اها حالت ڏسي والد صاحب جي دل گذريل سال ٽٽي پئي ۽ مري ويو. منهنجيءَ ماءَ جي حالت اها آهي جو نڪو مئن سان گڏ ۽ نه جيئرن ۾ شمار هاڻي آئون فيصلو ڪري ڪراچيءَ مان نڪتي آهيان يا ته هتي توسان گذرهنديس يا ته پنهنجو انت آڻي ڇڏينديس نوڪر چانهه ڏاهي آيو، هڪ هڪ ڪوپ سيني جي اڳيان رکي جڏهين وڃي چڪو ته مون ڳالهائڻ شروع ڪيو. نسرين مون کي حيرت آهي تون پڙهيل ڪڙهيل ٿي ڪري به اهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين. جيڪي ڪنهن جاهل ماڻهوءَ کي ڪرڻ گهرجن دل، دل نادان، دل جي ڪري مجبور آهيان. اهي ته دماغ جي خلل جون ڳالهيون آهن. منهنجي اڳيان دنيا جا ڪيترائي مثال آهن، ته مرد خواهه عورتون ڪيترو ڏي هڪ ٻئي سان پيار ڪندا هئا، پر جڏهن سندن ميلاپ پاڻ ۾ ڪونه ٿيو ۽ ڪٽي ٻئي هنڌ پرڻجي ويا ته هو اتي ڏي پرچي ويا پوءِ تون ڇو دل کي مٽي جو سور بڻايو، اڃان تائين پاڻ سان گڏ ڪنيو وتين. مون کي

اگر ته خبر ڪانه هئي، پر اڄ جيڪي تنهنجي واتان ٻڌو اٿم ۽ تنهنجي حالت ڏٺي اٿم ته گهڻو افسوس ٿيو اٿم. تون نه وڏيءَ مصيبت ۾ آهين ۽ گهڻي ئي ڪا پيڙا ڀوڳي اٿئي. دنيا ۾ ڪو اهو ضروري ته نه آهي ته انسان جو ڪجهه طلبي اهو ڪيس ملندو رهي ۽ نه ملڻ جي صورت ۾ پاڻ کي تباه ڪري ڇڏي. انهيءَ ڪري آئون توکي صلاح ڏيندس ته پاڻ کـي تباه ۽ برباد نه ڪر اها ڳالهه دماغ مان ڪڍي ڪري نئين سر پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش ڪر.

نسرين چانهن پيئڻ کان پوءِ ڊاڪٽر مريم ۽ مون کان اجازت وٺي سگريٽ دکايو ۽ چوڻ لڳي ته سائين مون کي پريي وڃڻ جون نصيحتون ٿا ڪريو توهان خود ڇو نه پرڻيائو ڪيترا سال انتظار ڪري نيٺ انهيءَ سان شادي ڪيو جنهن سان توهان جي دل لڳل هئي. ڪجهه پاڻ به عمل ڪري ڏيکاريو ها نه. مرد تي ميار به نه هونـدي آ، هو سئو ڪري سئو ڇڏي ليڪن عورت هڪ دفعو ئي پيار ڪندي آ، جيڪي مجبور پرڻجي ٿيون وڃن. سي سڄيءَ عمر جا سور ڪٽي ٿيون وڃن. سندن کلڻ ۽ مسڪرائڻ بناوتي هوندو آهي. خبر آهي آئون مڃان تڏهين ها جڏهين پاڳل ڪنهن ٻئي سان شادي ڪري ها. دنيا اٿلي ويئي، الاجي ڇا مان ڇاتي ويو ليڪن پرڻي توهان سان منهن جي ڏکن

۽ سورن کي اهائي سمجهي سگهي ٿي ته وهان ته ڇڙوٽا ڪريو. ايتري ڳالهين ٻڌڻ کانپوءِ نسرين کي وڏيڪ سمجهائڻ مون فضول سمجهو سو ڇپيو مانس ته توکي منهنجي هرحال جي خبر آهي. ايستائين به خبر اٿمي ته مون شادي ڪئي آهي ۽ آئون هتي رهان ٿو. اهو سڀ ڪجهه توکي ڪير ٻڌائيندو رهيو آ. چوڻ لڳي ته بابا جي ناتي گهڻن ئي پوليس آفيسرن سان منهنجي واقفڪاري آهي. انهن ذريعي سڀ ڪجهه خبر پوندي رهي، پر اوهان جي هتي رهڻ جو مون کي مريم ٻڌايو. اها به اٿي انهيءَ پل واري واقعي وقت موجود هئي. ۽ هتي پهرئين ڏينهن ئي اوهان کي سڃاڻي ورتي هئي. مون ڊاڪٽر ڏي نهاريو جنهن ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. مون وقت کي نبيرڻ لاءِ لاءِ ڪئين موضوع ٿي مٽايا. ڪتان جي ڳالهه ڪيڏانهن ڪٽي وڃڻ جي ڪوشش ٿي ڪيم پر ”ٽانڙي کي ٽات سدائين مينهن وسڻ جي“. هر دفعي ڳالهه ڪي ڦيرائي نسرين ساڳئي موضوع تي ڪڍي ٿي آئي، جنهن بحث لاءِ هن وٽ ته گهڻو ئي مواد هو پر آئون هر دفعي ڪٽي ٿي پيس. جيئن ته هوءَ پنهنجي طور تي پڄي پري چڪي هئي، سو وڏ مان وڏ التجائون ڪرڻ لڳي. جيتوڻيڪ سندس ڳالهيون منهنجي سمجهه کان ٻاهر هيون، ليڪن پاڻ اٽل هئي. ڪافي وقت کان پوءِ ڊاڪٽر مريم پنهنجي گهر هلي ويئي، پر هيءَ رات جو ڏهين بجي تائين مون وٽ ويٺي رهي. رات واري ماني مون زوريءَ گڏ کارائي مانس.

پوءِ ڏڪي سڪي ڊاڪٽرياڻيءَ جي گهر در وٽ ڇڏي آيومانس. اتفاق سان ڪنهن جانچ سبب آئون ٻيون ٻه راتيون به اتي ترسي پيس ۽ ٻئي ڏينهن هيءَ منهنجي مٽي جو سور ٻني رهي. ڊاڪٽرياڻي هيءَ ڦيڪاري منهن جي پٺيان لڳائي آرام سان پنهنجي گهر هئي. ليڪن آئون بيزار ٿي چڪو هوس.

نسرين ٿڪجي چڪي هئي، سو سڄيءَ دنيا مان بيزار هئي. هن کي گهڻو ڏسي سمجهائڻ جي ڪوشش ٿي ڪيم پر ڪيس ڪاٻه ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه ٿي آئي سندس هر دفعي، هر بار اها ئي التجا هئي ته مون کي نوڪرياڻي سمجهي، کهڙي به حيثيت ۾ گهر ۾ رک آئون توسان يا زماني سان ڪاٻه شڪايت نه ڪنديس رڳو توکي ڏسي زندگيءَ جا چار ڏينهن پورا ڪري وينديس، تو لاءِ ڪو مسئلو نه بڻجنديس. مون کي صرف پنهنجن پيرن ۾ جاءِ ڏي ته آئون تو سان رهي پوان.

پنهنجي پر ۾ مٿيان لکيل لفظ ۽ جملا ڪيترا نه وڻندڙ، سٺا ۽ پيارا ٿا لڳن، ليڪن عملي طور ائين ٿيڻ ممڪن نه آهي، آءٌ ڪو وات ڳاڙهو ڇوڪرو نه هوس جو انهن خوابن جهڙن لفظن کي حقيقت سمجهي ڳچيءَ ۾ ڳٽ ڪري وجهان. سو هر دفعي مون کيس گٿو جواب ٿي ڏنو. آخر جڏهين گهوٽ ويس، ته موٽ تي پاڳل ڪي به ونيو آيس. هيءَ وري ان کي به منٿون ڪرڻ لڳي. پاڳل نسرين جي ڳالهه کان متاثر ٿي هن

کي گهر ۾ رکڻ لاءِ تيار ٿي ويئي. ليڪن منهنجي اڳيان دنيا جي اهڙين ڪيترين ئي عورتن جا مثال هئا جيڪي پنهنجن هٿن سان پنهنجون پيٽ ڄايون نياڻيون بدلي ۾ ڏئي پنهنجن مڙسن کي پرڻائينديون آهن. ۽ هٿن سان لائون ڏينديون آهن. دنيا ۾ واهه واهه پئجي ويندي آهي. ليڪن نتيجو انهن جو به پڌرو نڪرندو آهي جو هر شيءِ تباهه ٿي ويندي آهي. سو انهن سڀني ڳالهين کي آءٌ عملي طور سمجهان ٿي. منهنجي لاءِ مصيبت اها هئي جو سڀني مامرن کان جند ڇڏائي اڄان سڪون واري زندگي گذارڻ شروع ٿي ڪيم ته هن نئين مسئلي منهن ڪڍيو هو.

آخر بيزار ٿي هڪ ڏينهن شام جو نسرين کي مون پنهنجي گهر اچڻ کان منع ڪري ڇڏيم. سندس جهڪ جهڪ ٻڌڻ کان بيزار ٿي پيو هوس. اها گهڙي اڄ به ياد اٿم ته هوءَ سڏڪندي سڏڪندي گهر مان نڪتي هئي.

انهيءَ ئي رات فجر مهل ڪير واري حسب معمول در ڪڙڪايو ڪيس سويري ڪير آڻڻ لاءِ منهن جو چيل هو. فجر مهل بستري تي اسٽرانگ چانهه پيئڻ جي مون کي عادت هئي. ڪيسن جي ڪاغذن جي جانچ پڙتال يا ڪنهن اهم ۽ ڳوڙهن معاملن تي سوچ ويچار به انهي مهل ڪندو هوس. پاڳل جي اچڻ کان پوءِ نوڪر کي ڪڍي ڇڏيو هوم. پاڇيءَ پٽيءَ آڻڻ لاءِ نيامت نالي شيرڻ نوڪرياڻي هئي، جيڪا سج اڀري کان پوءِ دير

سان ايندي هئي ۽ رات جو ڪچي قلعي ۾ پنهنجي گهر هلي ويندي هئي.

سو ڪير وٺڻ لاءِ در تي آءٌ پاڻ ويس. جيئن ئي در کوليم ته ڪير وارو سڄو ڪنبي رهيو هو. الاجي ڪيئن دل جهلي لاش کي اورانگهي آيو هو. پر هاڻ منجهس ڪا وڏيڪ طاقت نه هئي. ڳالهائڻ چاهيائين ٿي، پر وات مان آواز نه پي نڪريس. ٽنگون به ٿڙڪي رهيون هيس. هيٺ مان ڏاڪڻ ڏانهن مون کي اشارو ڪيائين مون هيٺ لهندڙ ڏاڪڻ ڏانهن جڏهن نهاريو ته ڇرڪ مان ڪير وارو خالي ٿانو هٿ مان ڇڏائجي ويو. ڊوڙي لاش جي مٿان پهتس. ڏاڪڻ تي بجليءَ جو بلب ٻريو پئي، ان ڪري سڄاڻي ته اڳ ۾ ڇڪو هوس، نسرين هئي. سندس اکيون منهنجي در ۾ کُتل هيون، سندس سڄو نڙگهٽ ڇريءَ سان ڪٽيل هو. ڇري ان وقت سندس پاسي ۾ رت سان ڀريل پئي هئي. شايد ڦٿڪڻ سبب هٿ مان ڇڏائي وئي هيس. ڏاڪڻ جي ٽن ڏاڪن تي سندس جسم ورهايل هو. آئون جڏهن بالڪل سندس مٿان اچي بيٺس ته هڪڙي هٿ جي آڱر مٿي آسمان ڏانهن کنيائين. آءٌ اڄ ڏينهن تائين نه سمجهي سگهيو آهيان ته ان مان سندس مقصد ڇا هو؟ جيئن ئي هٿ نستو ٿي هيٺ ڪريس ته به ٽي هچڪيون ڏنائين جنهن جي زور تي سندس نڙگهٽ مان رت بوڙيا ڏئي اڇڻ لڳو ۽ پوءِ يڪدم ٿڌي ٿي ويئي، سندس رت جي

ڌڪڙڻ جي رفتار به گهٽ ٿي ويئي. شايد ختم ٿي
چڪي هئي. پاڻهن مان جهلي نبض ڏٺم، جنهن ۾ زندگي
جي ڪا نشاني ڪانه هئي. شايد ڏوهان ڪي اعتبار نه
ٿئي، ليڪن انهيءَ وقت جيڪو پهرين پهرين منهنجي
دماغ ۾ خيال آيو سو اهو هو ته اها ساگي ڪاتي کڻي
پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيان. پاگل ٿي ته سندس الله
ٿاڻي. هنن خونن، قتلن ۽ حادثن جي اڻ کٽ سلسلن
مان بيزار ٿي چڪو هوس. آخر ڪا خدا جي به
خدائي هئي يا آئون اڪيلو هوس.

انهي مايوس سوچ منهنجي جسم جو سڄو رت چڪي
ورتو. پٽ تي هٿ ڏئي رتايل ڏاڪي تي ويهڻ جي
ڪوشش ٿي ڪيم ته ڪير واري تي منهنجي نظر پئي
جيڪو ساڳيءَ جاءِ تي بت بڻيو بيٺو هو. سو جهڙو
خواب مان اٿي پيس. غير ارادي طور نسرين تي نظر
پئي ۽ پوءِ رت ڏي خيال ويو، جيڪو ريلا ڪري
ڏاڪي در ڏاڪي هيٺ وهي رهيو هو. ڏاڪڻ تان هيٺ
لهي، زمين تان به ٿي پڪ مٽيءَ جا کڻي آيس ۽ بند
ٻڌي رت کي هيٺ زمين تائين وهڻ کان روڪيم، اهو
لاءِ ته جيسين جوڳو بندوبست ڪريان يا سوچ ويچار
ڪريان تيستائين هيٺ رستي تان لنگهندڙ ماڻهن کي
اوڙي پاڙي کي خبر نه پئي. پوءِ ڪير واري کان ڪير
ورتم، اندر ويس ته پاگل انتظار ۾ ويٺي هئي. در تي
اچڻ يا نهارڻ سندس عادت ڪانه هئي. ڪيس چيم ته

تون چانهه ڏاهي پيءُ آئون تڪڙو آهيان، تاڻي تان ماٺهو آيو آهي، اتي ڪا واردات ٿي پئي آهي. آئون ان جانچ ۾ ٿو وڃان. ٻاهران تالو لڳائي ٿو وڃان. نيامت کي چابي ڏيندس، اها اچي در ٻه کوليندي ۽ گهر ۾ ٻه هوندي. ٻاهرين در کي تالو لڳائي، ڊاڪٽرياڻيءَ جو در کڙڪايم، در تي جيئن ئي ڌونڪي جهو ڌورو ڏباءَ پيو ته در کاي پيو، آءٌ سڌو اندر لنگهي ويس. ڊاڪٽرياڻي رات وارن مختصر ڪپڙن ۾ ننڊ ۾ ستي پئي هئي. جيڪا پڻ ان وقت حسن ۽ شباب جو اعليٰ نمونو پئي لڳي. مون ايترو تاثير نه هو. جو ٻيهي اهڙن واهيات احساسن تي اک وچڙايان.

ٻانهن مان وٺي ڊاڪٽرياڻيءَ کي اٿاريم. ڇرڪ ڀري اٿي پئي، سندس ٻانهن منهنجي هٿ ۾ ڏسي، ۽ پاڻ کي اهڙيءَ حالت ۾ ڏسي، ٻي باڪيءَ سان گاريون ڏيڻ لڳي جن کي مون ڪا اهميت ڪانه ڏني. ڪيس ٻانهن مان ڇڪي، در تي آڻي، جڏهن واردات ڏانهن اشارو ڪيم ته سندس وايون خطا ٿي ويون. جيڪو هٿ آجو هوس تنهن کي آبتو ڪري وات تي رکي اهڙي ڪيهه ڪيائين جيڪا بالڪل هانو ڏاريندڙ هئي. مون يڪدم سندس وات تي هٿ رکي، رڙ کي روڪيو ته يڪدم ڍرڪي پئي. تنهن هوندي به بيهوش ڪانه ٿي. منهنجو تالو شايد ڪيس وسري چڪو هو، سو چوڻ لڳي ته صوبيدار صاحب خدا جو تالو اٿئي مون کي هن ڪيس مان بچاءِ. منهن

جو ڪيريئر ته خراب ٿي ويندو پر سڄي حياتي تباهه ٿي ويندي. مونکي خبر ته هنکي چانڊڪري پنهنجي لاءِ مصيبت ٿي پرايان، مون سان گڏ ستل هئي، الاجي ڪيڏيءَ مهل اٿي وڃي آپ گهات ڪيو اٿس.

هن سان وڌيڪ بحث ڪرڻ جو جواز نه هو ۽ نه وري ٽائيم هو. سو هن مان هٿ ڪڍي يڪدم ڊاڪٽر ڏانهن هيٺ لهي. حد چاوڙيءَ جي هئي، سو سڌو ٽاڻي تي آيس. چاوڙيءَ جو صوبيدار جيتو ٽيڪ منهنجو پڻي پيائي هو، ليڪن ڪيترائي دفعا هڪ ٻئي سان الجهي چڪا هئاسين. انهيءَ وقت ٽاڻي تي ڪونه هو. گهر هو، گهر اتيئي پوليس جي ڪوارٽرن ۾ هوس. ڪيس گهرايم، ۽ چيومانس ته فرسٽ رپورٽ لک. پڇڻ لڳو ته واردات ڪهڙي آهي. ٻڌايومانس ته صبح جو جيئن کير وٺڻ لاءِ هيٺ لٿس ته ماڙيءَ جي ڊاڪٽر تي هڪ عورت جنهن جي هٿ ۾ ڇري هئي، پاڻ کي آپگهات لاءِ نڙ گهٽ، وڍيو ويٺي هئي، منهنجي پڇڻ تي مونکي چيائين: ”پوليس کي وٺي اچ آئون انهن کي سڀڪجهه ٻڌائڻ چاهيان ٿي“. قانون به ائين ٿو چوي، سو آئون سڌو هتي آيو آهيان. اهي به اکر فرياد طور داخل ڪيو، پوءِ پيلي جانچ ڪيو، پاڻيهي کير ۽ پاڻي جدا ٿي ويندو.

صوبيدار چيو ته اتي ٽا هلون ۽ سر زمين تي هلي ٽا فرياد لکون. تنهن مون چيو ته نه جيڪو مون چيو آ، اهو هتي لک، باقي سر زمين تي. هـيءُ همراه جيڪو

شايد موقعي جي تاڙ ۾ هو، سو ضد ڪري ويهي رهيو آخر مون آفيسرن کي ٽيليفون ڪري، حقيقت بيان ڪئي. انهن ڇهن ٻوءِ رپورٽ لکيائين، جاءِ واردات تي هلڻ مهل مون چيومانس ته توهان هلو آئون اچان ٿو. اتاهين جيپ کي موڙي مائي نيامت جي گهر ڏيس، جيڪا تيار ٿي نڪري رهي هئي، انهيءَ کي چيم اڄ آئون گهر آهيان سامان سيڌو پاڻ وٺي اينلس توکي موڪل آهي صبحائي اچجان. ٻوءِ سڌو ڪورٽ ۾ ويس سيشن مان وچي ضامن ڪٺايم . جاءِ واردات تي پوليس جو عملو ڪرسيون وجهو ويٺو هو. صوبيدار مچرجي پيو هو ڇي هيءَ ملهه وڙهي ويو آهين ڪيس ڪيئن ناهيان. ڊيسٽاءِ انسپيڪٽر ۽ ڊي. ايس. پي. به اچي ويا تن وچان پڻ ڪيس تيار ڪرايو. ۽ لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ موڪليو ويو. ڊاڪٽر مريم در کي ڪاف ڏئي الاجي ڪيڏانهن وڃي چڪي هئي، سڀ شاهد ۽ مشير هٿرادو ناهيا ويا.

سوا مهينو نوڪريءَ تان لٿل رهيس . مٿي ذڪر ڪيل ڪيس پهرينءَ شنوائي تي ختم ٿي ويو. ڪيس ۾ شق طور جوابدار مون کي ڄاڻايو ويو هو . ڪيس اهڙي نموني سان ابتو نهيل هو جو جج کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته ڪيس کي شروع ڪٿان ڪري ۽ ڪيئن هلائي. جج به پراڻو تجربيڪار هو ليڪن هيءَ عجيب قسم جو ڪيس هو. شروعات ۾ ئي مون کي ڪٽهڙي ۾ ڪڙو ڪري جج بيان صاحب بيان ورتو .

جيڪو مون ڪيس فرياد ۾ جيئن لکيل هو تيئن ٻڌايو. تنهن کان پوءِ پڇيائين ته تون ڪيئن ٿو سمجهين ته فوٽڻ کي ڪنهن ماريو؟ ائين ٿي نٿو سگهي ته ڪو ماڻهو ساڳي عورت پنهنجي هٿن سان پاڻ کي ڪهي آپگهات ڪري. ريل گاڏيءَ هيٺيان پاڻ کي ڦٽو ڪري پاڻي ۾ ٽپو ڏيئي يا ڦاهو ٽنگي پاڻ کي ماري سگهي ٿي ليڪن پاڻهي پاڻ کي نٿي ڪهي سگهي اڳ ۾ مون اهڙو ڪو مثال نه ٻڌو آ. مون چيو ته سائين مون کي وڌيڪ خبر نه آهي. ان بابت ته وڌيڪ ڦوٽڻ ٿي ٻڌائي سگهي ٿي جيڪا مري چڪي آهي. انهيءَ جي قبر جي به مون کي خبر نه آهي يا جانچ ڪندڙ صوبيدار ٿي ٻڌائي سگهي ٿو. گهڻيءَ ئي سوچ ويچار کانپوءِ جج صاحب ڪيس کي فائل ڪرڻ جو حڪم ڪيو ۽ مون کي آزاد ڪري ڇڏيائين.

ڪيس ختم ٿيڻ کانپوءِ آئون بجاءِ ڊيوٽي تي چڙهڻ جي موڪل تي هليو ويس ۽ پاڳل کي ساڻ ڪٺي ڏور اترائين علائقن ۾ گهمڻ هليو ويس. ڪراچيءَ کان راولپنڊيءَ تائين هوائي جهاز رستي ويا سين پوءِ مختلف علائقن ۾ سير ۽ تفريح ڪندا رهيا سين جتي پاڳل جي طبيعت به ٺيڪ ٿي ويئي ۽ منهنجي ذهن مان مونجهارو گهٽجي ويو. جيئن ئي مون ڊيوٽي جوائن ڪئي ته منهنجي بدلي ڪراچيءَ ڪئي ويئي. جتي مختلف ٿاڻن تي ڊيوٽي ڪندي انسپيڪٽر جي عهدي تي پهتس. آئون ڪراچيءَ ايئرپورٽ ٿاڻي جو انچارج هوس ته

انهيءَ وقت ڪراچيءَ ۾ هنگاما ۽ ايجيٽيشن چالو ٿي پيا ۽ لاهور مان به اهڙيون خبرون اچڻ لڳيون. منهنجي خيال ۾ ته اهي ورهاڱي کانپوءِ هتي پهريان هنگاما هئا. جيئن ته منظم نموني سان گڙٻڙ ڪئي پئي ويئي ۽ ان کــي منهن ڏيڻ پوليس کي ڏاڍو ڏکيو پئي لڳو، پوليس کي اڳ ۾ اهڙيءَ ڳالهه کــي منهن ڏيڻ جو خاص تجربو ڪونه هو تنهنڪري ٻنهي شهرن ۾ گهڻو نقصان ٿيو. جيئن ته هي سياسي هنگاما هئا سو حڪومت جي ملڪيت خاص طور بسين کي گهڻو نقصان پهچايو ويو. انهن ڳالهين کي منهن ڏيڻ لاءِ انهيءَ وقت جي حڪومت فيصلو ڪيو ته پوليس آفيسرن کي ولايت موڪليو وڃي جتي هنگامن کــي ڪيئن منهن ڏجي انهيءَ قسم جي سکيا وٺي اچن. انهيءَ مقصد لاءِ ڪراچيءَ مان مون کي ۽ لاهور مان چوڌريءَ اشرف کــي چونڊيو ويو . اسان کي آرڊر مليا ته حڪومت جي خرچ تي برطانيه جي مشهور اسڪاٽلينڊ يارڊ پوليس اڪيڊمي ۾ ٽريننگ حاصل ڪريون آئون اوڏانهن وڃڻ جــي تياريءَ ۾ مشغول هوس، ۽ پاڳل کي به پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ جو ارادو هئم ته اوچتو يوسف فوت ٿــي ويو . انهيءَ ڪري زال سوڙو ڳوٺ ويس. هونئن ته مرحوم هيستاءِ اسان سان ڪوبه واسطو نه رکيو هو . جيتوڻيڪ اسان ٻنهي ڄڻن ڪيس ويجهي ٿيڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي هئي، پر شايد پاڻ سندس مري ويل مائٽن جو مون کي

ڏوهاري تي سمجهائين. ان ڪري سد ائين اسان کان
نڪيل رهيو. جيئن ته پاڻ بي اولادي هو، سو آئون
ڳوٺ سندس زال سان مليس ۽ سندس راءِ معلوم ڪيم
جنهن چيو ته آئون مڙس جو گهر ڪانه ڇڏيندس ۽
هتي ئي رهي تي پوان زمينون ۽ ملڪيت مون کي
ڪونه کپن اهي توهان سنڀاليو. انهيءَ ڪري ياڳل کي
به اتي ئي ڇڏي سندن سڌ سنڀال جو معقول انتظام
ڪري آئون موٽي ڪراچيءَ آيس جتي چوڌري اشرف
منهنجي انتظار ۾ ويٺو هو، ٻئي ڏينهن ٻئي ڄڻا هوائي
جهاز ذريعي لنڊن روانا ٿي وياسين. هوندئن ته لنڊن جو
۽ خاص طرح اتي ٽريننگ واري عرصوي جو احوال
به گهڻو آهي ليڪن هتي مون کي رڳو پنهنجيءَ ڏرتيءَ
جو احوال ڏيڻو آهي. انهيءَ ڪري صرف ايترو چوندس
ته جڏهين هڪ سال جي ٽرينگ ڪانپوءِ ساليانو امتحان
ٿيو ته آئون فرسٽ ان آل آيس. انهيءَ ڪري برطانيه
جي حڪومت مون کي اسڪالرشپ تي هڪ سال وڌيڪ
ٽرينگ وٺڻ جي آڇ ڪئي مون پنهنجي ملڪ جي سفار تخاني
ذريعي هتي جي حڪومت کي اطلاع ڪيو جن منظوري
ڏني پوءِ مون ٻيو سال به اتي ٽرينگ ڪئي، چوڌري
اشرف پهرين ئي سال کان پوءِ ملڪ موٽي آيو هو.

لنڊن مان منهنجي موٽي اچڻ کان اڳ هتي حڪومت
ئي تبديل ٿي چڪي هئي ۽ موجوده حڪومت کي
اها ڳالهه ئي وسري ويئي هئي ته مون کي کهڙي مقصد

سان ٽريننگ تي موڪليو ويو هو. هونئن به ملڪ ۾ مارشل لاءِ جي ذريعي مستحڪم حڪومت هئي، هنگامن ۽ ڦڏن جو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو. تنهن هوندي به سنڌ جي اترين علائقن ۾ خاص طور تي جيڪب آباد ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾ قبيلن جي بنياد تي ماڻهن جون پاڻ ۾ ڇڪريون هليون پئي. انتقام ۽ ”پلئو پلاند“ سبب ڪيترائي ماڻهو مري چڪا هئا. ۽ عام ماڻهن ۾ ڏرتلو هو. انهيءَ ڪري اتي جائزي وٺڻ لاءِ ۽ حڪومت کي رپوٽ پيش ڪرڻ لاءِ پوليس آفيسرن جي هڪڙي ڪميٽي مقرر ڪئي ويئي جنهن جو مک مون کي مقرر ڪيو ويو انسپيڪٽر يوسف مغل ۽ عبدالرزاق سومرو مدد طور ڏنا ويا ۽ پندرهن ڏينهن جي مختصر عرصي ۾ رپوٽ پيش ڪرڻ جو تاڪيد ٿيل هو. اسان سڄي علائقي جو جائزو ورتو مختلف طبقن جي ماڻهن سان جدا جدا مليا سون رپوٽ مڪمل ٿيڻ واري هئي ڏينهن اڃان ٻارهن مس گذريا هئا ته هيڊ آفيس مان ٽيليگرام آيو ته رپورٽ مڪمل ڪري يڪدم حيدرآباد پهچ جتي ٻن ڏينهن کان پوءِ پوليس جي عملدارن جي ميٽينگ ٿي رهي آهي انهيءَ وقت آئون شهداد ڪوٽ ۾ هوس مقرر ٽائيم تي حيدرآباد ۾ ميٽينگ تي حاضر ٿيس ته مقرر ڪيل جڳهه تي حيدرآباد، ٿرپارڪر ۽ سانگهڙ ضلعن جا سپرٽينڊنٽ ۽ حيدرآباد ڊويزن جو ڊي. آءِ. جي. موجود هئا. ڊي. آءِ. جي. صاحب ٿرپارڪر جي

ايس. پي. مقرر ٿيڻ تي مون کي مبارڪبار ڏني ۽ مٿان آيل آرڊر به ڏنائين. سروس جـي لحاظ کان ته آئون جونيئر ماڻهو هوس ليڪن اسڪاٽليند يارڊ واريءَ ڊگريءَ مون کي سيني کان ممتاز بنائي ڇڏيو هو. اهڙي سند هني ٻئي ڪنهن به ماڻهوءَ وٽ نه هئي. مون کي مسٽر وڪٽر ڊسوزا کان ميرپور خاص ۾ چارج وٺڻـي هئي جيڪو ان وقت، ميٽينگ ۾ موجود هو. سندس ڊگهي موڪل منظور ٿي چڪي هئي. اتاهين پوءِ ڪيس پينشن تي لهڻو هو.

مختصر ڳالهه ٻولهه ۽ خبرن چارن کانپوءِ ميٽنگ جي ڪاروائي شروع ڪئي ويئي. ڪل اٺ فائـل هئا جيڪي اسان سيني کي واري واري سان مطالعي لاءِ ڏنا ويا. فائلن ۾ ڇا هو؟ ڌاڙن جا ڪيس، جياچون ۽ رپورٽون هيون، انهن مان به ڌاڙا حيدرآباد ضلعي جي ٽنڊي ٻاگي تعلقه ۾ هاڻي تازا لڳل هئا، ٻه جهڏي جي پرسان ٿرپارڪر ضلعي ۾ لڳل هئا. سي به تازا هئا. باقي چئن ڌاڙن جا چار فائل سي پراڻا هئا. اهي سيئي ڌاڙا تقريباً ڏيڍ سال اڳ ۾ سانگهڙ ضلعي ۾ لڳي چڪا هئا. سيني ڌاڙن جي وردات جو طريقـي ڪار تقريبا هڪ جهڙو هو. فرق صرف ايترو هو جو هر ڪنهن ڌاڙي ۾ ڌاڙيوالن جو تعداد مختلف هو جيڪا حيرت انگيز ڳالهه هئي. انهن فائلن جـي مطالعي مان جيڪا ڳالهه مون خاص طور تي نوٽ ڪئي اها ڌاڙن ڌاڙن جي جاگرافيءَ

مطعلق هئي ڀڙريون ڏاڙو ٽنڊي ٻاگي کان اولهہ طرف ٽنگڙن جي ڳوٺ ۾ لڳو هو. ٻي واردات ٽنڊي ٻاگي اوپر طرف نظاماڻن جي ٿي هئي. اهڙيءَ طوح ٿرپار ضلع جا ٻئي ڏاڙا نمبر وار ايرنـدي طرف چاڙايل هئا. حدن جي صوبيدارن ۽ پوليس جي عملي ڳولا ۾ ڪا ڪمي نہ ڇڏي هئي ليڪن مقصد حاصل نہ ڪري سگهيا هئا. فائلن جي مطالعي ڪانپوءِ اسان پنجنئي ڇڙـن مڪمل بحث ڪيو پر ڪنهن بہ يقيني نتيجي تـي نہ پهچي سگهيا سين. ڏاريوال ڪير ٿي تا سگهن؟ اها خبر نہ پئي سگهي. اهڙو ڪوڏاڙيوالـن جو ٽولو انهيءَ جوءِ ۾ بہ ڪونہ هو. جنهن تي شڪ ڪري سگهجي ٻلڪ انهيءَ پاسي ڏاڙيلوالن جي لڪڻ لاءِ ڪو گهاٽو جهنگ يا ٻيلوبہ ڪونہ هو. آخر فيصلو اهو ڪيو ويو تہ آئون سرزمين تي وڃي جيانچ ڪريان ۽ ڪنهن نتيجي تي پهچان.

ٻئي ڏينهن آئون ٽنڊي جاگي پهچي ويس، حد جي صوبيدار کي ساڻ ڪري ٽنگڙين جـي ڳوٺ ويس ۽ ماڻهن کان روبرو واردات جـو تفصيل معلوم ڪيم، ڳوٺاڻن ڏاڙيوالن جو تعداد ٻارهن ماڻهن ٻڌايو، ڪيس جو فائل مون سان گڏ هو، انهيءَ ۾ بہ ڏاڙيوالن جو اٺروئي عدد چاڙايل هو، سڀ ڏاڙيوال هٿيار بند هئا البت سندن بندوقون جدا جدا قسمن جون هيون ڪن وٽ رائفلون ڪن وٽ ڪارتوسن واريون هڪ ناليون ۽ ڊبل بيرل بندوقون هيون تہ ڪن وٽ ريوالور ۽ پستول

هئا. اهي سڀ ڳالهيون دفتر داخل هيون، وڏيڪ ڪا به اهڙي ڳالهه معلوم نه ٿي سگهي جنهن جي آڌار تي ڪو ڪڙ تيل نڪري. اهو ڌاڙو شام جو لڳو هو ته نظاماڻي واري ڌاڙي جو ٽائيم صبح ساڻ چاڙهايل هو.

اتاهين ٽنڊي باگي ٿاڻي تي پهتاسون، ته حيدرآباد جي ايس- پيءَ جو ٽيليفون ڪال آيو. جنهن مون سان ڳالهائڻ ٿي چاهيو، آڏون ٽيليفون تي ويس ته مونکي ٻڌايائين ته نئين ڪوٽ جي ويجهو ڪڇين جي ڳوٺ ۾ ڌاڙو لڳو آهي، جيئن ته اڄ صبح جو ئي ڌاڙو لڳو آهي، ان ڪري پلو ٽيندو ته ڏون يڪدم اتي پهچ ۽ ٿي سگهي ٿو ته ڪا اهڙي معلومات اتي توکي هٿ اچي وڃي، جيڪا ڌاڙيوالن کي گرفتار ڪرڻ ۾ مدد ڏي.

نئين ڪوٽ پهچڻ ۾ مون پنهنجي طور تي ڪا دير ڪانه لڳائي. ٿاڻي تي خبر پئي ته صوبيدار ۽ پوليس جو ڪجهه عملو جاءِ واردات تي ويا آهن ۽ اڃان نه موٽيا آهن، پوليس جو هڪڙو سپاهي سونهون ساڻ ڪري آڏون به ڪڇن جي ڳوٺ پهچي ويس، اتي خبر پئي ته ڌاڙيوالن هڪڙو ماڻهو به ماري وڌو آهي، جيڪو مون کان اڳ پوسٽ مارٽم لاءِ ميرپور خاص موڪليو ويو هو. معلوم ڪرڻ تي خبر پئي ته هن همراه بندوق جي زور تي مقابلو ڪرڻ ٿي چاهيو، جنهن جي نتيجي ۾ گهڙجي ويو. صوبيدار ٻڌايو ته ڌاڙي ۽ ڦر لٽ ڪانپوءِ سڀ ڌاڙيوال هوائي فائر ڪندا ڳوٺ کان ڏولي جي

صورت ۾ نڪتا ليڪن تقريباً ٻه ميل پنڌ جا گڏ هلي
ڇڙ وڇڙ ٿي ويا. ٻه ٻيري ٻه ٻيرن جي پرگهور ۾ آهن.
پوليس جو ايترو عملو ڪونهي جو سندن ناڪا بندي
ڪئي وڃي.

جن نئين ڪوٽ جو شهر ڏنو هوندو، تن کي خبر
هوندي تہ نئون ڪوٽ ٿرپارڪر جي ٿر واريءَ ايراضي
۽ برانچ واريءَ ايراضيءَ جي ڊنگ تي آهي. ڪچن وارو
ڳوٺ نئين ڪوٽ کان برانچ واري پاسي ٽن ميلن جي
پنڌ تي هو، ڏاڙيوال ٻه برانچ واري پاسي نڪتا هئا،
نہ ڪہ ٿر واري پاسي، ٿرپارڪر وارو ضلعو هوئڻ ٻه
وڏو ضلعو آهي. آدم شماري گهڻيل نہ آهيس، انهيءَ ڪري
ٿاڻا ٻه پري پري هئا، انهيءَ وقت ٻين ٿاڻن ٽان پوليس
گهرائي ناڪا بندي ڪرڻ وس کان ٻاهر هئي، جيستائين
پوليس اچي تيستائين هي الاجي ڪٿي وڃي پهچندا.

ٿوري دير کان پوءِ ٻيري ٻه ناڪام واپس موٽي
آيا. پنهنجي حد جي سيني ڳوٺن کي هوشيار رهڻ جو
صوبيدار حڪم ڏئي آئون واپس ٿاڻي تي موٽي آيس.
اتان ٽيليفون ذريعي سيني ٿاڻن تي چوڪس رهڻ ۽ ڏينهن
رات پيٽرولنگ ڪرڻ جو حڪم ڏئي آئون واپس حيدرآباد
وريس. جيتوڻيڪ مون اڃان چارج نہ ورتي هئي. ليڪن
منهنجي پوسٽنگ جي سيني ٿاڻن تي خبر هئي، انهيءَ
ڪري پڪ هيم تہ حڪم جي بجا آوري ضرور ٿيندي.

حيدرآباد ۾ مون کي هڪڙو ڏينهن لڳي ويو. ٻي

آءِ- جي صاحب کي روبرو رپورٽ ڏيڻ کان پوءِ مون چار پيري هٿ ڪيا. هڪڙو ٿاڻي احمد خان جو گل مير پالاري هو، جيڪو جابلو علائقي ۾ پير کڻڻ جو ماهر ليکيو ويندو هو. ڍاسوڙي زمين تي پير کڻڻ سولو آهي ڏاڪرائي زمين تي پير کڻڻ ۾ عقل ٿو کپي. ٻيو پيري ڪوٽڙيءَ جو گل محمد دل هو، جنهن جي مهارت اها هئي، ته ماڻهوءَ جا ڪتل به پير ڏسي پوءِ شهر ۾ هلندي يا لشڪر ماڻهن سان اهو چونڊ گڏ هجي، انهيءَ کي هلڻ جي وک سان ڳولهي ڪيندو هو. ٽيون پيري پٽ شاه جو حاجي خان جت هو. پڪي جو پيري هو هن ۾ اها هوشياري هئي جو چور ڪيترو به پير کي لڪائي، ڪهڙي به هنر سان پيرن کي چندي ته به هيءَ پير کي آهوڙي ڳولهي ويندو هو. چوٿون پيري هڪ ڪولهي هو، ويهو نالو هوس. بنيادي طور تي هيءَ شڪاري هو، انهيءَ ڪري جانورن جي پيرن جو خاص طور تي سوئرن جي پير جو وڏو ڄاڻو هو. هن ۾ وڏي خوبي اها هئي، جو مَ چڏ هو، هن خفتيءَ ڪسي پير ڏيکاري پوءِ پڳڙن جو پاءُ ڪن ڏئي ڇڏيوس. پوءِ اوهان ڇتا، جيستائين مرون کي ٿم نه وجي ڪرائيندو تيستين ڪائيندو به نه پڳڙا به ٿي ڪائي مٿان پاڻيءَ جو ٻڪ پي ڇڏيندو هو. سيگات جي پيرسان بند جي اندرين پاسي پيلي جو رهاڪو هو. ٻني ٻارو ڪڏهن ڪونه ڪيائين سدائين ڪتا، ڏقو ۽ پاڻ. خاص طور تي شڪار جا

ڪوٺين وڏيرا پائيندا هئس، ۽ ڪجهه نه ڪجهه ڏيندا به هئس.

اهي چار ڏي پيري منهنجا اڳ جا واقف هئا منهنجي نظر ۾ هنن کان وڌيڪ پيري پيو ڪونه هو. ماڻهو موڪليا مان ته چار ڏي اچي ويا، اها رات اتي پاڻ وٽ رهايو مان. ٻئي ڏينهن ساڻ ڪري سويري ئي ميرپور خاص پهچي ويس، ڊسوزا صاحب تن ڏينهن کان چارج ڏيڻ لاءِ منهنجي انتظار ۾ ويٺو هو. هنن همراهن کي هڪڙي هوٽل ۾ ٽڪيو ڪري ڇڏي، مون اچي چارج ورتي.

گرميءَ جي موسم هئي، شام جو ڇئين بجي جو ٽائيم هو، باقي ٿورڙائي ڪي آڏتم رهيا ٿي، جن تي منهنجو مسٽر ڊسوزا سان بحث هلي رهيو هو، تنهن کان پوءِ مون کي انهن تي صحيحون ڪرڻيون هيون ته ٽيليفون جي گهنٽي وڳي، ٽيليفون جو رسيور کنيم ته ميرپورخاص جو آپريٽر لائن تي هو. انهيءَ ٻڌايو ته سائين ڪنريءَ جو لائن مين لائن تي آهي، جيڪو چوي ٿو ته ڪنريءَ ۾ ڌاڙيوال ڌاڙو پيا هڻن، تقريباً چاليهه پنجاهه ماڻهو آهن. ٻنهي پاسي جون ٽرنڪ لائنون ڪٽي ڇڏيون اٿن، ٽيليفون ايڪسچينج ڊيڊ پئي آهي........!

چاليهه پنجاهه ڌاڙيوال ڪنريءَ ۾ ڌاڙو پيا هڻن، ڌاڙيوالن جو ايترو تعداد ۽ ڪنريءَ جو شهر........!

منهنجي وات مان مٿيان لفظ ٻڌي، مسٽر ڊسوزا به چيو ته ناممڪن! ناممڪن! اٿ از جوڪ، اٿ از ويري

قول. پنهنجي طور تي هيءُ به صحيح چئي رهيو هو ته منهنجو به دماغ چڪرائجي ويو هو. ليڪن انهن ڳالهين سان مسئلو ته حل نٿو ٿئي.

ڪنريءَ جو شهر منهنجو به ڏٺل هو، انهيءَ ۾ اي ڪلاس جو ڊاڪ به هو، رسيور منهنجي ڪن تي هو اڪيون منهنجون مسٽر ڊسوزا تي ڪتل هيون، جيڪو منهنجي خيالن ۾ وڏو خوش قسمت هو، جو ههڙو مونجهارو منهنجي منهن ۾ هٽي پاڻ عزت سان وڃي رهيو هو ته منهنجو دماغ چرخيءَ وانگر ڦري رهيو هو. ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه پئي آئي. آپريٽر هلو - هلو ڪري سندس لائن تي موجود هئڻ جي ياد ڏياري ڪانئس مون پڇيو ته انهيءَ لائن مين کي تون ذاتي طور تي سڃاڻين ٿو سندس آواز مان سڃاڻي سگهين ٿو ته اهو واقعي لائن مين آهي ڇيائين ته نه، جيڪڏهن ڪنريءَ جو آپريٽر هجي ها ته آئون آواز مان تصديق ڪري ٿي سگهيس- ليڪن هيءُ لائن مين آهي. هنن سان اسان جو گهٽ واسطو ٿو پوي. ان ڪري آئون ڪجهه چئي نٿو سگهان، يڪدم چيومانس ته لائن مين کي لائن تي بيهاري ته وهان جي سپروائيزر کي مون سان ڳالهراءِ.

مون کي خبر هئي ته انهيءَ وقت ٽيليفون ۽ ٽيليگراف جو وڏي ۾ وڏو آفيسر ميرپور خاص ۾ سپروائيزر هو، آپريٽر يڪدم مون سان سپروائيزر کي ڪنيڪٽ ڪرايو انهيءَ کي چيم ته ڪنريءَ جي لائين مين سان رابطو

قائم ڪري مون کي پڌاءِ جو ڪجهه چوي ٿو، سو سچ آهي، ۽ هي واقعي لائن مين آهي. سپروائيزر يڪدم ٻيهر رابطي ۾ اچي ويو ۽ چيائين ته واقعي لائن مين آهي، محمد صفر نالو اٿس، ڊاڙيوالن جون، جهڏي ۽ ٽنوري ٻنهي طرفن جون ٽرنڪ لائينون ڪاٽي ڇڏيون آهن. هن وڏي دليريءَ وارو ڪم ڪيو آهي. پاڻ مئگنيٽو ٽيليفون (گهنٽيءَ وارو) لڳائي شهر کان اڌ ميل کن ٻاهر نڪري آيو آهي. اتي ڪنهن ٿنڀي تي چڙهي ٽيليفون لڳائي ڳالهائي رهيو آهي ۽ چوي ٿو ته بندوقن جا فائر اچان ٿا ٿين پڌڻ ۾ اچن ٿا. هاڻي ڪنريءَ جي لائن مين سان سنئون سڌو ڳالهائڻ مون فضول سمجهيو. سو رسيور رکي ڇڏيم. پوليس لائن مان به ٽرڪون سپاهين جون پرائي چار ڏي پيري پاڻ سان ساڻ وٺي جاءِ واردات تي روانو ٿي ويس.

ڊي. ايس. پي قلب علي کي ايمرجنسي طور ڊيوٽي تي آفيس ۾ ويهاري ويس، ته جيئن مختلف جڳهن تي رابطي ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي. بدقسمتيءَ سان ڪنري ۾ پهچندي پهچندي سڄ باقي وڃي بچيو هو. بغير ڪنهن ٽائيم وڃائڻ جي مون سڀ کان پهريائين اهو ڪم ڪيو جو پيرين کي پيرن پٺيان لڳائي ڇڏيم، ڪين خرچ پکي لاءِ پئسا به ڏنم ۽ هدايت ڪئي مان ته توهان کي هرو ڀرو هتي اچي مون کي اطلاع ڏيڻ جي ڪا ضرورت نه آهي ڪٿي به ڪنهن به ٿاڻي تان ٽيليفون جي ذريعي رابطو

قائم ڪري سگهو ٿا.

حسب معمول ڏاڙي ڪانپوءِ هتان به سڀ ڌاڙيوال گڏ نڪريا هئا ليڪن ٻن ٽن ميلن ڪانپوءِ جدا جدا ٿي ويا هئا. مون هرهڪ پيريءَ سان هڪ هڪ سپاهي به گڏي روانو ڪرڻ ٿي چاهيو ليڪن هنن چيو ته اسان کي اڪيلو اڪيلو ڇڏي ڏيو، سڀ جدا جدا پير کڻندا سون پيرين کي گس لڳائڻ ڪانپوءِ مون شهر تي توجهه ڏنو سڀ کان پهرين ٿاڻي ڏان معلومات ورتيم. اتي پڌايائون. ته ٽين بجي جي قائم تي ڇهه هٿياربند ڌاڙيوال اوچتو ٿاڻيءَ کي گهيرو ڪري هوائي فائر ڪرڻ لڳا. معلوم ائين ٿي ٿيو ته کين ٿاڻي جي جاگرافيءَ بيهڪ جي اڳواٽ خبر هئي، انڪري سڀ اهڙيءَ پوزيشن تي لڪل هئا جو کين ٿاڻي جي هر چپ چپ جي خبر پئي پئي انهيءَ ڪري پوليس جو عملو ٿاڻي جي اندر، جو جتي هو اهو اتي ئي مفلوج ٿي ويو. متن هڪڙي به گولي نه هلائي ويئي هئي. ڌاڙي ڪانپوءِ پوليس سندن پويان به ڪانه ويئي هئي. صرف شهر ۾ جانچ پرتال ڪري رهي هئي. صوبيدار يا پوليس جي ٻئي عملي کي مون ان وقت ڪجهه به چوڻ مناسب نه سمجهيو سو آئون به شهر ۾ جانچ ڪرڻ لاءِ ڪاهي پيس شهر ۾ تمام گهڻو هراس هو، ماڻهون ٽولن جا ٽولا ناهي هڪ ٻئي سان خبرن جي ڏي وٺ ڪري رهيا هئا. آئون هرانهيءَ ماڻهوءَ سان روبرو مليس جيڪو ڦرجي چڪو

هو ڏاڙيوال تقريباً ٽي ڪلاڪ شهر ۾ ڦرلٽ ڪندا رهيا هئا، وڏي واردات هئي ڪيبن جا مڪمل انگ اکر گڏ ڪيا ويا، جن تي ڪيترائي ڪاغذ ڪارا ڪيا ويا. مڪمل جانچ ڪرڻ ڪانپوءِ خبر پئي ته ڏاڙيوال تعداد ۾ ٻاويهه هئا. ڏاڙي ۾ ڦر ڪيل رقم ماڻهن جي رپوٽن مطابق ته تمام گهٽي هئي، ليڪن منهنجي اندازي مطابق ٽن ۽ ساڍن ٽن لکن جي اندر هئي. سهماڙيءَ ٽائين شهر ۾ مغز ماري ڪرڻ ڪانپوءِ واپس ٺاڻي تي آيا سين جتي مختلف رجسٽرن ۾ داخلائون ڪري ڪاغذن جو پيٽ ڀريو ويو. مختصر ماني کائڻ ڪانپوءِ آئون سڄي رات جاڳندو رهيس ۽ سوچيندو رهيس . ڪنهن به ڳالهه جو ڪو سرو هٿ نٿي آيو، جنهنجي وسيلي سرڪي سرڪي ڳالهه ڇيهه ٽائين پهچجي. ڦري اميد پيرين ۾ ٽي بيٺي ته من ڪو پيرڪر ڳولي لهن ليڪن ٻئي ڏينهن پهر سڄ ڏاري اها اميد به واريءَ جو ڍير ثابت ٿي چاڪاڻ جو چارئي پيري پير وڃائي واپس پهتا هئا. ڇئني پيرين ڇئن ماڻهن جا جدا جدا پير کنيا هئا. جيئن ته ڏاڙيوال به داڏو داڏو ٽي ويا هئا. رات جو جتي اونداهي ٽين اتي جهنگ ۾ سمهي پيا صبح جو وري پير کنيا هئائون سنڌن چوڻ مطابق ڏاڙيوال پيرن لڪائڻ جا ماهر هئا. هنن کي مشڪل سان آهوڙي آهوڙي پير ڪيڏو ٿي پيو. گل مير پالاريءَ ۽ راهي ڪولهيءَ وارا پيرا صالح پنهيري اسٽيشن تي وڃا جي ويهي ويا هئا. گل محمد دل جو

پير محمد الرحيم ڪالروءَ جي اسٽيشن تي وچاچي ويو هو
حاجي خان جت جو پير نبي سر اسٽيشن تاءِ پهتو هو.
سيني رپوٽن ۾ جيڪا ڳالهه هڪ جهڙي هئي سا اها
هئي ته سيئي پيرا زيلوي اسٽيشن تي وچاچي ويا هئا.
تنهن مان صاف ظاهر ٿي ٿيو ته ڌاڙيوال ريل گاڏيءَ
۾ چڙهي ڪنهن پاسي روانا ٿيا آهن، ليڪن ڪهڙي
پاسي ويا آهن، انهيءَ جي ڪا خبر نٿي پئي. هاڻي
اسان جي لاءِ وري اهو مسئلو هو ته ٻئي ڌاڙي جو
انتظار ڪريون ۽ وري پير ڪٺون. تنهن ۾ وري ٻه
ائين ٿي سگهيو ٿي ته وري پير وچاچي وڃن ۽ ڪوبه
مطلب حاصل نه ٿئي ۽ ائين نمبر وارا ڌاڙا لڳندا رهن
۽ اسين ويچارا ٻٽيا ويٺا هجون. ڪنريءَ جو ڌاڙو ڪو
معمولي ڌاڙو نه هو، پنهنجي قسم جو وڏي ۾ وڏو ڌاڙو
هو جنهن ۾ ٻاويهه ڌاڙيوال هئا، ائين ٿي نٿي سگهيو
ته اخبارن ۾ هنن ڌاڙن جو رپوٽون پڙهي بالا آفيسر
چپ ڪري ويهي رهن. اها مون کي به خبر هئي ته
پوليس جي مجبوريءَ جو ڪين ڪوبه احساس نه هوندو
جيئن ته هن عهدي تي هيءَ منهنجي پهرين پوسٽينگ
هئي. انهيءَ ڪري ذميداريءَ جو وڏيڪ احساس ۽
خوف ٿي ٿيو. انهيءَ ڏينهن ڊي. ايس. پيءَ قلب عليءَ
جي معرفت ڪيٽرائي ٽيليفون ڪال ۽ ٽيليگرام وصول
ڪري چڪو هوس هاڻي مون کي پنهنجيءَ غلطيءَ جو
احساس ٿيو هو ته هيءَ ڪيس مخواهه پنهنجي

پنهنجي هٿن ۾ ڪٽي وڏيءَ جوابداريءَ جهڙو ڪم ڪيو هئم. ٻيءَ حالت ۾ اهو مٿي جو سور ڪنهن ڊي. ايس. پي يا پنهنجي ايڊيشنل جي حوالي ڪري آئون پنهنجي آفيس ۾ سڪون سان ويٺو هجان ها. اصل ۾ مون کي اسڪاٽلينڊ يارڊ جي ٽريننگ جو مٿي ۾ خمار هو، اتي جو ڪجهه سيکاريو ۽ سمجهائيو ويو هو سو سڀ جديد شهرن ۽ اتي جي ماحول مطابق هو هتي الٽو معاملو هو.

هٿ تي هٿ رکي ويهي رهڻ يا نئين ڌاڙي جو انتظار ڪرڻ ڪا سٺي ڳالهه ڪانه هئي. انهيءَ ڪري پيرين کي مون چيو ته هتان ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي توهان چارئي ڄڻا پاڻ ۾ صلاح ڪري مختلف ويجهن شهرن ۾ ٽڙي پکڙي وڃو جن جن ماڻهن جا توهان پير کنيا آهن اهي توهان جي ذهن ۾ هوندا تي سگهي ٿو ته اتي کو پير توهان کي ملي وڃي ۽ مطلب جي بجا آوري ٿي پوي. اهو ضروري نه آهي ته هڪڙي ئي شهر ۾ توهان سڀ ڏينهن پير ڳوليندا وتو انهيءَ ڪري هڪڙي شهر مان ٻيو شهر ۽ ائين جدا جدا شهرن کي وڃي چيڪ ڪيو پيرين کي اها رٿ وڻي سو يڪدم روانا ٿي ويا ويندي مهل کين تاڪيد ڪيم ته هتي اچڻ جي توهان کي ڪا ضرورت نه آهي هر شام جو ڪنهن نه ڪنهن ٿاڻي تان رپوٽ ڏيندا رهو ته جيئن مون کي توهان جي ڪارگذاريءَ جي خبر پوي ۽ ڪا وڌيڪ خبر يا ضرورت پوي ته توهان سان رابطو قائم

ڪري سگهجي.
انهيءَ ڏينهن رات جو حاجي خان جت ساماري مان گل محمد دل پٽوري مان ۽ گل مير پالاريءَ جهڏي مان ٽيليفون تي رپوٽ ڏني ته ڪين اڃان ڪابہ ڪاميابي نہ ٿي آهي رات جو اتي رهي ٿا پڻون صبح جو وري تڙي پڪڙي ويندا سين. انهيءَ رات ويهو ڪو لهي غائب رهيو سندس ڪٿان بہ خبر نہ پئي ، مون وڏيڪ رهڻ ڪنريءَ ۾ فضول ٿي سمجهيو سو ٻئي ڏينهن صبح سان واپس هيڊ ڪوارٽر وڃڻ جي تياري پئي ڪيم تہ ڊيوري ناري مان ويهي ڪولهيءَ جو ڪال آيو ۽ چوڻ لڳو تہ سائين مون پير هٿ ڪيو آهي بلڪ سڀ پيرا ڳولي لڌا اٿم، ڌاڙيوال سڀ هٿيڪا آهن، توهان پلي سڪون سا اچو سندن لڪڻ يا ڀڄي وڃڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. ڪانئس وري تسليءَ خاطر پڇيم تہ ويهڻا پليو تہ ڪونہ آهين ڊيوري ناري جي پرسان کهڙو ٻيلو آهي جنهن ۾ هيترو ڪٿڪ ڌاڙيوالن جو لڪو ويٺو آهي.
چوڻ لڳو تہ سائين انهيءَ ڳالهہ کي توهان چڏي ڏيو وڏيڪ تفصيل سان توهان کي ٽيليفون تي نٿو ٻڌائي سگهان. مون پاڻ ائين ٿي چاهيو تہ جيئن ٿاڻي جي عملي کي وڏيڪ خبر نہ پوي جيسين آئون اتي نہ پهچان .
ميرپور خاص مان گڏ آندل پوليس جي نفري ۽ ڪجهہ سپاهي ڪنريءَ ٿاڻي جا ساڻ ڪري آئون منجهند ڌاري

ڏوري ناري پهچي ويس ويهو ٿاڻي تي ڏي ملـي ويو . صوبيدار جي آفيس ۾ ويهي ، ويهي کان تفصيل پڇيم چيائين ته ڪالهه هسيسر اسٽيشن تي مون کي مون واري همراهه جو پيرو ملي ويو . هن هاڻي پير لڳائڻ جي ضرورت ڪانه هئي. همراهه ان ڪري سڌو پي آيو. پير ڪٽي هتان کان (ڏوري ناري کان) ٻه ميل کن اتر طرف ناري ڪئنال جي پر ۾ گرگلن جي لڏي ۾ هنيو، چارون طرف ڦري ڏٺم پر لڏي مان ٻاهر ڪونه نڪتو رات جو اتيئي جهنگ ۾ رهي پيس صبح جو وري پير جي جانچ ڪيم ته مون کي لڏي جي اوسي پاسي ۾ ٻن چڙهن جا پيا به پير مليا جيڪي ڪنريءَ ۾ مون ڏٺا هئا. پوءِ پڪ ٿي ويم ته همراهه سڀ هتي آهن اهو سڀ ڪم اهڙي طريقي سان ڪيو اٿم جو ڪين ڪڙڪ به ڪانه پئي هوندي.

ڏوري ناري جي پوليس جي عملي سميت مون وٽ سانيڪو کن پوليس جا ماڻهو هئا. اتي جي پوليس جي اسٽاف وٽ گهوڙا به هئا تن مان ٽي گهوڙا تيار ڪرايم اسلحو ۽ بارود اسان وٽ معقول هو، پوليس کي چئن ٽولن ۾ ورهائي اڌ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ هڪ ٻئي جي پٺيان اچڻ جو آرڊر ڏئي پهرين ٽولي سان گڏ آئون روانو ٿي ويس. هڪڙو گهوڙو منهنجي سواريءَ هيٺ هو ٻئي تي ويهو ڪولهي هو ۽ ٽئين تي ڏوري ناري جو صوبيدار سوار هو. جتي گرگلن جو لڏو هو انهيءَ کان اڌ ميل کن اورتي پوليس جي عملي کي بيهاري آئون تفصيل سان جائزي وٺڻ لاءِ اڳتي وڌي ويس

منهنجي رهنمائيءَ لاءِ ويهو ڪولهي ساڻ ڏنو. هڪڙو ڏکيو چڪر ڪاٽي اسين پوليس جي عملي وٽ پهتاسون. گرگلن جي گهرن مان ۽ ماڻهن جي چرپر مان مون سندن ڳاڻيٽي جو اندازو لڳايو ته هي وڌ ۾ وڌ چاليهه ماڻهو هوندا. سندن پراڻين رلين ۽ ڪپڙي جا ننڍا ننڍا جهوپڙا تيهن پنجيهن ڪان وڌيڪ ڪونه هئا. سڀني جهوپڙن جي وچ ۾ هڪڙو وٽ وڏو وڻبو ٽڪيل هئو. جيڪو قائل ۽ ميرن ڪپڙن جو ننڍيل ڏسڻ ۾ ٿي آيو سڀني کان غير معمولي طور وڏو هو ۽ ٻيا جهوپڙا ان کان ڪي قدر پري به هئا انهيءَ ڪري سمجهڻ ۾ اهوئي آيو ته انهيءَ ۾ هنن جو لٽ سردار رهندو هوندو.

پوليس کي هڪ جاءِ تي مون گهوڙهه ڪرڻ نه ڏنو هنن کي مون ٽيڙي پکيڙي اهڙي نموني سان ٻيهاريو جو سڄو گرگلن جو لڏو ٻن گهيرن ۾ اچي ويو هڪڙو سندن گهرن کان ٻه فرلانگ پري ۽ ٻيو تقريباً اڌ ميل کن انهيءَ کان به پري. اهڙي نموني سان ٽپهريءَ جو ٽين ساڍين ٽين بجي ڌاري سپاهي پنهنجون پوزيشنون وٺي ويهي رهيا. منهنجو سپاهين کي اهو به چيل هو ته جيستائين هنن طرفان فائر نه ڪيو وڃي يا ڪا ٻي مجبوري پيش نه اچي تيستائين فائر نه ڪجو گرگلن جي گهرن جي ويجهي ويٺل سپاهين کي چيل هو ته جيڪڏهين لڏي مان ڪوبه ماڻهو ٻاهر وڃي ته انهي کي نه روڪيو وڃي ڪيس وڃڻ ڏيو، ٻاهرئين

گهيري وارن جو ڪم هو ته ان کي گرفتار ڪري ڇڏي في الحال ٻاڻ وٽ ويهاري ڇڏين ۽ جيڪڏهن اهو ٿي ماڻهو موٽ ڪائي لڏي ڏانهن ڀڄي وڃڻ جي ڪوشش ڪري ته پهرين گهيري وارا به هن کي پڪڙين ڪنهن به صورت ۾ اهو ماڻهو واپس لڏي ۾ نه پهچي. ۽ سندن ٿي ڪو ماڻهو ٻاهران لڏي ڏانهن ايندو هجي ته انهيءَ کي به گرفتار ڪري، ٻاهران ٻاهر ويهاريو وڃي. اسين ٽيئي گهوڙا ڪاهي ناري ڪئنال جي بند تي ڀري ويهي رهياسين.

ٿوري ٿي دير ۾ ايڪشن شروع ٿي ويو. جيڪي ڏڪرندا ويا، سي به ڇڏبا ويا، ۽ جيڪي آيا پئي سي به ڇڏجي پيا. سڄ لهڻ تائين ڪل ٻارهن ماڻهو ڇڏي ورتاسين. جيڪي سڀ بيخياليءَ ۾ هئا، شايد ائين ٽيڻ جو ڪين شڪ به ڪونه هو. انهيءَ وقت لڏي مان هڪ ماڻهو ڪن ڇنڊيندو نڪتو. منهنجي خيال ۾ ته لڏي وارن کي ٿورڙو شڪ پئجي ويو هو، چاڪاڻ ته هيءُ همراه لوٽا هٿندو پئي آيو. جڏهن ٻئي گهيري وٽ پهتو ته سپاهين کيس هٿ متي ڪٽي بيهڻ لاءِ هڪل ڪئي ته هن يڪدم ڦڙتيءَ سان ڀڄڻين پير ڀاڄ ڪاڏي. پهرئين گهيري وارن سپاهين به هن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. ليڪن انهن کان به ڀڄي ويو ۽ لڏي ۾ پهچي ويو. هن جي پهچڻ کان سگهو ٿي پوءِ فائرنگ شروع ڪري ڏنائون. هتان به جوابي فائر کوليا ويا ۽ چوطرف

ڏو! ڏو! ٿي ويئي. هاڻي مون پوئين ڪهيري ڪي هٿائي ڍڪو هڪ ڪهيرو ڪري ڇڏيو ۽ چوطرف هڪ چڪر به لڳائي آيس. ڪم چارون طرف پڪو ڏسڻ ۾ پئي آيو.

جيئن ته هاڻي رات پڄجي چڪي هئي. رات جيتوڻيڪ چانڊوڪي هئي، تڏهن به گهوڙا پاڻ سان رکڻ فضول نظر پئي آيا. ان ڪري مون پاڻ وارو گهوڙو صوبيدار جي حوالي ڪيو ۽ ڪيس چيم ته ويهي سان گڏ گهوڙا ڪاهرائي وڃ. چار سپاهي ۽ هي پڏل ڏاڙيوال به ونئي وڃ ڏاڙيوالن کي لاڪپ ڪري ڇڏ. چئني سپاهين جي سڄي رات لاڪپ تي پهري جي ڊيوٽي لڳاءِ. ڊي-ايس- پي قلب علي کي ٽيليفون تي پوري رپورٽ ڏاءِ ۽ ويهي جي آرام لاءِ جوڳو بندوبست ڪر.

سڄي رات وقفي وقفي ڪان پوءِ فائرنگ هلندي رهي پوءِ جيئن ئي سج اڀريو ته ٻنهي پاسي فائرنگ ۾ تيزي اچي ويئي، تنهن هوندي به هن طرفان فائر رکي چرتٽيءَ چورڻ لاءِ ڪيا ٿي ويا ۽ هتي سپاهين خواه مخواه ايمونيشن ضايع ٿي ڪيو. جنهن لاءِ مون سپاهين کي هدايت ڪئي ته فائر جي رفتار ڍيري رکو.

پهر سج ڏاري صوبيدار امرجنسي نموني جي ماني موڪلي ڏني. سپاهي ڪالهوڪا بکيا هئا. هر شيءِ چٽ ڪري ويا. جنهن کي اڄ ٿي لڳي، اهو هڪڙو وڏو چڪر ڪاٽي ڪئنال تان پاڻي پي ٿي آيو. اجان تائين ڪنهن به سپاهي کي ڪا رهڙ به ڪانه آئي هئي ۽ اها

بہ پڪ هيم تہ هنن جو نقصان بہ ڪونہ ٿيو هوندو. چاڪاڻ جو فائرنگ ٻنهي پاسي ڏڪي جي هئي، رڳو چاپيءَ تي بندوقون پئي ڇٽيون.

اسان کي گهيري کي قائم ڪئي چوويهہ ڪلاڪ ٿيڻ تي هئا تہ گرگلن جي لڏي مان بہ ماڻهو هڪ ڪاٺيءَ تي اڇو ڪپڙو جهنڊي طور چاڙهي لڏي مان ٻاهر نڪتا. جنهن مهاڙيءَ ڪان آيا هئا، انهيءَ طرف ڪان آءٌ اڳيئي ٻيٺو هوس. سو سپاهين کي فائرنگ ڪان منع ڪري، هڪ سپاهي کي ساڻن ڳالهائڻ لاءِ موڪليم. جنهن موٽي ٻڌايو تہ سائين چون ٿا تہ اسان جو سردار توهان سان ملڻ ٿو چاهي. ۽ درخواست ڪئي اٿس تہ اتي اچي ساڻس ملو. مون کين چوائي موڪليو تہ آءُ بالڪل ملڻ لاءِ تيار آهيان، اتي وٽس هلڻ لاءِ بہ مون کي ڪو اعتراض نہ آهي، ليڪن مونکي يقين ڏياريو وڃي تہ ڪنهن بہ قسم جي چال بازي، ٺڳي يا بدمعاشي تہ نہ ٿيندي. قاصد هڪ دفعو واپس گهرن ڏانهن مڙي ويا، تيسين مون سپاهہ کي هوشيار رهڻ جو حڪم ڏنو. اهڙي ريت جو هڪڙي سپاهيءَ پئي کي ٻڌايو ۽ چوڏاري خبرداريءَ جو پيغام پهچي ويو.

قاصد وري موٽي آيا ۽ چوڻ لڳا تہ سائين ڪابہ شرارت نہ ٿيندي، هوندئن بہ مون سوچيو تہ هيءُ هاڻي ڇا ٿا ڪري سگهن. هيتريءَ پوليس سان مقابلو نہ ڪري سگهندا، منجهن مقابلي جي ايتري قوت هجي ها تہ رات

جو پوليس تي فائرنگ جو دپاءُ رکي گهيري کي ٽوڙي نڪري وڃڻ جي ڪوشش ڪن ها. ليڪن هنن رڳو پنهنجي بچاءَ لاءِ پوليس کي پري رکڻ خاطر فائر پئي ڪيا. تنهن هوندي به جيڪڏهين ڪا گڙ ٻڙ ٿي ته به ڏنو ويندو اچو جهنبو هيٺر به هنن جي هٿ ۾ آئون هنن سان گڏجي لڏي ڏانهن روانو ٿي ويس . هي مون کي وٺي انهيءَ وڏي تنبوءَ جي در وٽ آيا، مون کي اندر وڃڻ جو اشارو ڪري پاڻ در تي ئي بيهي رهيا، تنبوءَ ۾ اندر گهڙڻ شرط آئون حيران ٿي ويس چاڪاڻ جو تنبو اندران بهترين نموني سان سيگاريل هو. تنبوءَ جو ٻاهريون ڏيک ڏسي آيو هوس، تڏهين به اعتبار نه پيو ٿئي ته هيءُ ڪو ساڳيو تنبو آهي، تنبوءَ ۾ اندر ڪرسيءَ تي ويٺل همراهه مون کي ڏسي اٿي بيٺو ۽ وڏي اچي هٿ ملايائين ۽ پوءِ مون کي ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪري پاڻ به سامهون ويهي رهيو. تنبوءَ ۾ اندر ٽي ڪرسيون ۽ هڪڙي هلڪي ميز پيل هئي جيڪي فولڊينگ نموني جون هيون، ۽ ٻلڻ تي هيون هنن کي کولي ويڙهي ۽ وري ناهي سگهجيو ٿي. هيٺ زمين تي گلم وڇايل هو ۽ ان جي مٿان عمدي قسم جو غاليچو پکيڙيل هو . تنبوءَ جي ڇت ۽ پاسا به بهترين ريشمي ڪپڙي جا هئا مٿن ڇٽ ۽ گل نڪتل هئا. ميز تي به پاڪيٽ سگريٽن جا ۽ به ماچيس رکيل هئا. هاڻي خبر پئي ته هي گرگلا نه پر بنيادي طرح

ڏاڙهيوال آهن. هن رڳو پاڻ کي لڪائڻ لاءِ گرگٽن جو روپ ڌاريو آهي منهنجي لاءِ تنهن جو اندريون ڏيک حيران ڪندڙ هو تنهن کان به وڌيڪ اندر ويٺل همراهه جو حليو حيرتناڪ هو. سندس جسم تي مڪمل سوٽ هو ۽ ڳلي ۾ ٽاءِ لڙڪندڙ هيس، ڪلين شيو هو، پاڻيو ائين ٿي ته تازو شيو ڪري هاڻي ئي وهنتو آهي قد جو وچولو پر جسم ۾ ڳتيل ۽ ڦرت ڏسڻ ۾ ٿي آيو. ڪرسيءَ تي ويهڻ کان پوءِ مون چاڻي واڻي هن کي ڪا اهميت ڪانه ٿي ڏني سڪون سان ويٺل هوس ۽ غور سان هر شيءِ چتائي ڏسي رهيو هوس.

ٿوريءَ دير ڪانپوءِ هن پاڻ ڳالهائڻ شروع ڪيو مسٽر انسپيڪٽر آئون توهان جو نالو پڇي سگهان ٿو. سندس سوال انگريزيءَ ۾ هو ها! منهنجو نالو محمود آهي ۽ آئون پوليس جو سپرنٽنڊنٽ آهيان مون ڪيس وراڻيو. توهان ڪٿي جا آهيو منهنجو مطلب آهي ته توهان ڪهڙي علائقي سان تعلق ٿا رکو. مون ڇيو مانس ته مطلب جي ۽ ڪم جي ڳالهه ڪر هونئن ته آئون لوڪل آهيان ۽ هن ئي ڌرتيءَ جو آهيان، جنهن کي تون فخر سان لٽي رهيو آهين. منهنجي جواب ۾ طنز ۽ تپش محسوس ڪري همراهه چپ ٿي ويو. هيو دفعو ڳالهائڻ جي شروعات مون ڪئي. ڪانئس پڇيم ته ٻڌاءِ مون کي ڇو گهرايو اٿئي. انهيءَ سوال کان بچڻ لاءِ ته همراهه غير معقول سوال ڪيا پئي.

تنهن هوندي به جواب ڏنائين ته ڪالهه ڳالهه وٺي تنهنجا سپاهي گرميءَ ۾ اُس ۾ سڙي رهيا آهن، انهيءَ ڪري آئون چاهيان ٿو ته پاڻ ڪنهن نتيجي تي پهچون ته هنن غريبن جي جان بچي، ائين چئي وڏا ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳو. مون ڪيس چيو ته مسٽر آئون تنهنجي بڪواس ٻڌڻ ڪونه آيو آهيان، ايترو رحمدل هجين ها ته هيءَ ڦرلٽ وارو ڏنڊو ئي نه ڪرين ها.

چوڻ لڳو ته مسٽر سپريٽنڊنٽ، اها ته ڏوڪي به خبر هوندي ته محبت ۽ جنگ ۾ سڀ ڪجهه جائز آهي مون ڏوکي انهيءَ لاءِ گهرايو آهي ته ڏوکي ڏيال بنائي تنهنجن سپاهين کي مجبور ڪريان ته هو هٿي وڃن ۽ جاءِ ڏين ته اسين جيڪي هتي آهيون سي نڪري وڃون.

جيتوڻيڪ سنڌس ڳالهه ڪل جهڙي هئي تنهن هوندي به مون هن کي چيو ته اها تنهنجي ڀل آهي، منهنجو ايڊيشنل جيڪو هن وقت سپاهه جي ڪمان پيو ڪري اهو وڏو ظالم آهي اهو آئون ئي آهيان جيڪو ڪالهه کان وٺي هن کي روڪيو ويٺو آهيان نه ته هو ترسڻ لاءِ به تيار نه هو، ڪالهوڪو حملو ڪري توهان مان هڪڙو به نه ڇڏي ها اڄ بجاءِ توهان سان ڳالهائڻ جي تنهنجي لاش جي مٿان بيٺل هجان ها، تنهن هوندي به قسمت آزمائي ڏس آئون جيڪڏهين مري ويس ته مون کي عزت ۽ اعزاز سان دفنايو ويندو، انهيءَ ڪري يونيفارم پهري آيو آهيان ته جيئن خبر پوي ته آئون

ڊيوٽيءَ تي هوس. ليڪن تون ياد رک توهان مان ڪو به
ماڻهو بچي نه سگهندو. تون مون کي ايترو بيوقوف نه سمجهه.
اهي ڳالهيون مون ڪيس سڪون ۽ نرميءَ سان سمجهايون
تنهن کان پوءِ چوڻ لڳو ته پهريان ڏيتيءَ جي ڳالهه ڪر
مون چيو ماڻس ته ڏيتي ليتي چاهي . همراهه يڪدم
ڪرسي تان اٿي غاليچي ۽ ڳام جي هڪڙي ڪنڊ اٿلائي
ته هيٺ زمين جي مٿاڇري تي ڪاٺ جو تختو پيو هو
انهيءَ کي ڪنيائين ته هيٺ ڪڏو ڏسڻ ۾ آيو اتاهين
ڇڪي هڪڙي ٿيلهي ڪڍيائين جيڪا چڱي موچاري
وزن دار هئي. ٿيلهيءَ کي کڻي آڻي ميز تي اٿلو
ڪيائين چار پنج سير سون جو ذخيرو هو. جنهن ۾ ٻه
سونيون مورتيون به هيون. ٿيلهيءَ کي ميز تي خالي
ڪرڻ کانپوءِ پاڻ واپس ڪرسيءَ تي اچي ويٺو ۽ منهنجي
منهن ۾ نهارڻ لڳو. سونين مورتين مون کي وڌيڪ
سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو. جيڪي يقيناً ڪنهن مندر
مان چورايل هيون. ليڪن اهي مندر هتي جا ٿي نٿا
سگهن. هونئن به آئون ڪانئس سندس هستري پڇڻ جي
جستجوءِ ۾ هوس سو موقعو ڏسي کيس چيم ته معاف
ڪجو مون هيستائين توهان جو نالو به نه پڇيو آهي .
ٿي سگهيو ته ان سان گڏ پنهنجي باري ۾ مڪمل
ڪوائف ٻڌايو، آئون مڃان ٿو ته توهان کي سچ سچ
ٻڌائڻ ۾ تڪليف ٿيندي ليڪن بهتر ائين ٿيندو ته توهان

صحيح صحيح ٻڌايو ته جيئن مون کي ڪنهن فيصلي تي پهچڻ ۾ سهوليت ٿئي. ۽ پاڻ ڪنهن فيصلي واري نتيجي تي پهچي سگهون ۽ ها جيتري قدر تنهنجو بيان سچو هوندو اوترو ئي پاڻ کي هڪ ٻئي تي اعتبار ڪرڻ ۾ سهوليت ٿيندي، منهنجي انهيءَ چوڻ کان پوءِ همراهه وڏيءَ سوچ ۾ پئجي ويو ۽ بار بار هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏڻ لڳو. آواز ڏنائين ته هڪڙو ماڻهو اندر لنگهي آيو تنهن کي چيائين ته چندراوتيءَ کي چئو ته اسان کي ڪافي پياري ۽ پوءِ پاڻ ڳالهائڻ شروع ڪيائين، چوڻ لڳو ته منهنجو نالو شير سنگهه آهي، هندستان جي مهاراجستر صوبي ۾ روپ ڳڙهه نالي سان اسان جي پنهنجي اسٽيٽ هئي، انهيءَ ناتي سان آئون راجڪمار مرهتو آهيان، اڄ کان ڏهه سال کن اڳ بد قسمتيءَ سان اسان جو پر واري راجا سان ڪنهن بدگمانيءَ جي بنياد تي جهڳڙو ٿي پيو اهو راجا راجپوت چوهاڻ هو. جهيڙي جي شروعات ته ڪنهن معموليءَ ڳالهه تان ٿي هئي ليڪن وڌندي وڌندي موتمار صورت اختيار ڪري ويئي، جنهن جي نتيجي ۾ منهنجو پيءُ مارجي ويو . آئون انهيءَ وقت ديرادون ۾ هوس ۽ مليٽري ڪاليج ۾ ٽريننگ پي ورتم. اطلاع ملڻ تي يڪدم روپ ڳڙهه پهتس چپ ڪري ويهڻ ۽ انتقام نه وٺڻ منهنجي وس کان ٻاهر هو. تنهن هوندي به ڪجهه وقت چپ رهيس. جان نثار ساٿين جي مون وٽ ڪمي نه هئي.

تنهن هوندي به انتظار ۾ مون کي سال لڳي ويو. تنهن کان پوءِ مون موقعو وٺي دشمن راڄا کي ماري وڌو، انهيءَ حملي ۾ منهنجا به پنج ماڻهو مري ويا ۽ هن جا به کيترائي ماڻهو مري ويا هئا. فڪر جي ڳالهه اها هئي جو اسان جو ڪو به راڄا يا مهاراڄا يا ڪا وڏي آسامي طرفدار نه هئي ۽ هوڏانهن سڀ راڄپوت هڪ موڙهي هئا. رياستون ته انهيءَ وقت به هندستان حڪومت جي حوالي هيون تنهن هوندي به اسان جي سٺي پوزيشن هئي. پر هاڻي منهنجو رياست ۾ رهڻ مشڪل هو منهنجي گرفتاريءَ لاءِ صوبائي پوليس ڇاپا هڻڻ لڳي ۽ آئون روپوش زندگي گذارڻ لڳس جيئن ته آئون اڪيلو ڪونه هئس مون سان گڏ چاليهه پنجاهه ماڻهو به هئا. انهن جو گذران به منهنجي ذمي هو. ڪيترين ئي جڳهن تي اتي جي پوليس سان اسان جو دوبدو مقابلو به ٿيو. اهڙيءَ طرح آئون اتي جو مشهور ڌاڙيوال بڻجي ويس ۽ علائقا تبديل ڪندو رهيس. ڪڏهين مدراس جي گهاٽن ٻيلن ۾ پناهه ٿي ورتم ته ڪڏهين ميداني علائقن ۾ نڪري ٿي آيس ۽ ڦرلٽ ڪندو رهيس. منهنجي پٺيان گرفتاريءَ لاءِ انعام جي به ماڻهن کي آڇ ٿيل هئي ته صوبائي پوليس سان گڏ سينٽرل گورنمينٽ جي پوليس به شامل هئي، مهاراشٽر، گجرات، ۽ مدراس جي صوبن ۾ منهنجي مٿان هزارون ڪيس داخل آهن، اتي سڀني صوبن ۾ پوليس مون کي ڳولڻ ۾ مشغول

آهي. اتي پوليس جو تمام گهڻو زور ڏسي ڪيچ واري پاسي کان هيڏانهن نڪري آيس منهنجو ارادو هتي مستقل رهڻ يا ڦرلٽ ڪرڻ جو نه آهي بلڪ هتان پاسو ڏئي جيسلمير جي پهاڙن ۾ ڪجهه وقت آرام ڪرڻ جو ارادو آهي. ائين اڳي به ڪري چڪو هوس اڳي مون صرف جيسلمير جي سامهون هن علائقي ۾ چار ڌاڙا هنيا هئا ۽ پوءِ سرحد ٽپي پريئن پاسي هليو ويو هوس. جيئن ته اڳي اسان سان ڪوبه مقابلو يا مزاحمت نه ٿي هئي سو هن دفعي به ائين ٿي سمجهيو سين ته هتان هٿ ڦيريندا نڪري ويندا سون ايتري ۾ هڪڙي ارڙهن سالن جي خوبصورت ڇوڪري ڪافيءَ جو ٽري کڻي آئي ڇوڪري ڇا هئي. قدرتي حسن جو اعليٰ نمونو هئي. ڏسڻ ۾ ائين ٿي آيو ته ڪاريگرهيءَ شاهڪار ٺاهي يقيناً وڏيڪ حسن ٺاهڻ ڇڏي ڏنو هوندو، منهنجي خيال ۾ انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو حسن ٿي نٿو سگهي. مون کي تعريف ڪرڻ قطعي ڪونه اچي ۽ نه تعريف ڪرڻ پسند ڪندو آهيان. سڀ مون کي انتهائي واهيات ۽ فضول لڳندو آهي ته چپ ههڙا هوس، وار چيلهه تائين ڊگها ۽ اکيون ڪنوارا هيس، نڪ ههڙو ۽ چيلهه هيئن هيس اها منهنجي خيال ۾ تعريف نه آهي بلڪ حسن سان مذاق آهي، سندس مختصر ۽ معقول جسم ۽ وزن هو انهيءَ ڪري هن کي ڏسڻ سان جيڪو پهريون خيال منهنجي ذهن ۾ آيو سو اهو هو ته هي سندس ٺاهيندڙ

طرفان حسن جون ۽ نهيون خبرون آهن ڪا اپائي ۽ ڪانہ هئي سندس جسم تي بهترين قسم جي ساڙهي اعليٰ نموني سان ويڙهيل هئي. مون هن کان اڳ ۾ ديس يا پرديس ۾ سهڻيون سهڻيون ڇوڪريون ڏٺيون هيون، ليڪن هيءَ شيءِ ئي نرالي هئي. ڪراچيءَ ايئرپورٽ تي ڊيوٽي ڪئي هئم جتي هوائي جهاز رستي سفر ڪندڙ ڪيترائي مسافر ايندا ۽ ويندا هئا جن ۾ به حسن هوندو هو. لنڊن ۾ به پانت پانت قسم ۽ ملڪن جا ماڻهو رهندا ۽ ايندا ويندا هئا اتي به ڪيتريون ئي حسين ڇوڪريون ڏٺيون هئم ليڪن ڪابہ هن جو مٽ نہ هئي. ڇوڪري جنهنجو نالو شير سنگهہ چندراوتي ورتو هو سا تيءَ خالي پيل ڪرسيءَ تي ويهي ڪافي بنائي رهي هئي منهنجو سڄو خيال ڏانهس هو. ۽ مگ ڪافيءَ جا بنائي اسان ٻنهي جي اڳيان رکي پاڻ هلي ويئي، هن جي وڃڻ ڪانپوءِ مون شير سنگهہ ڏانهن نهاريو جيڪو سوچن ۾ غرق هو. پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏيارڻ لاءِ مون کنگهڪار ڪئي تہ يڪدم ڇرڪي پيو ۽ ڪافي پيئڻ جي آڇ ڪيائين. ڪافي پيئندي مون ڪانئس ڇوڪريءَ بابت پڇا ڪئي جنهنجو پاڻ پنهنجيءَ ڪٿا ۾ ڪو ذڪر ئي ڪونہ ڪيو هئائين چيائين تہ اها پيمر ڳڙهہ جي راجا جي نياڻي آهي جيڪو اسان جي مخالف ڌرجو اتحادي آهي، هيءَ شملي ۾ پڙهندي هئي، گذريل سياري جي موڪل تي ڳوٺ آئي تہ مون اغوا ڪري ورتي هئي تڏهن کان وٽي مون وٽ آهي منهنجو ارادو هن

جي پيءُ کي سيڪنڊ ڏيڻ جو آهي، منهنجي ڇوڪريءَ ۾ تنهن کان وڌيڪ ڪا لالچ ڪانهي، مون وٽ سندن امانت آهي وقت اچڻ تي کين واپس ڪري ڇڏيندس.

هن کان سواءِ به ڪا ٻي ڇوڪري يا عورت توهان جي ٽولي ۾ شامل آهي مون ڪانئس پڇيو.

نه! اهائي هڪڙي آهي. هن سڪون سان جواب ڏنو. توهان جي ٽولي ۾ ڪل گهڻا ماڻهو آهن. جواب ڏنائين ته ڇوڪريءَ سميت ٽيتاليهه. مون چيو ته -

هندستان ۾ به توهان جي واردات ڪرڻ جو طريقو اهو ساڳيو هوندو هو. چيائين ته نه اتي اسان سڌو سنئون حملو ڪندا هئا سين. هتي اسان پنهنجيءَ سجاڳيءَ ڪي لڪائڻ لاءِ اهو لڏڻ وارو روپ اختيار ڪيو آهي. منهنجا ماڻهو پنهنجو فقيرن جي صورت ۾ ٽڙي پکڙي ويندا آهن ۽ ڪو ڳوٺ ڌاڙي لاءِ ڳولي ايندا آهن. پوءِ ان تي مڪمل بحث ٿيندو آهي منهنجيءَ اجازت تي پوءِ وڃي ڌاڙو هڻندا آهن. تون به انهن سان شامل هوندو آهين.

نه! منهنجي وڃڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي، انهيءَ ڪم ۾ سڀ ماهر آهن تنهن هوندي به سندن عهدا ورهايل آهن.

آخري ڳالهه جيڪا منهنجي ذهن ۾ اڃان تائين ڪنڊو ٻٽيل هئي ان بابت پڇيو مانس، ڇيو مانس ته منهنجي ڄاڻ مطابق ڌاڙي کان پوءِ تنهنجا ماڻهو ريل گاڏيءَ ۾ سوار ٿيندا هئا. مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي

ته ريل گاڏيءَ ۾ توهان جا ماڻهو بندوقن ۽ ڊاڙي جي سامان سوڌو ڪيئن سفر ڪندا آهن ۽ ڪو پڪڙيو به نه آهي. ان بابت ٻڌايائين ته، اهو صرف هڪڙو دفعو ٿيو آهي جيڪو هاڻوڪي تازي ڊاڙي ۾ ڪيو ويو آهي جيئن ته اسان جي ڪيمپ هتي هئي ۽ ڊاڙي واريءَ جاءِ کان گهٽ پري هئا سين. سو ماڻهن جي سهوليت لاءِ اسلحي کي اتي رستي انهيءَ شهر تائين پهچايو سين، پوءِ پروگرام مطابق ڌار ڌار اسٽيشنن تي ويهاريا ويا. جتي واپسيءَ ۾ ڊاڙي وارن همراهن هٿيار ۽ ڦر ۾ هٿ آيل سامان ڏنو ۽ پاڻ گاڏيءَ ۾ چڙهي هت پهتا ۽ سامان ان ذريعي هتي پهچي ويو.

ته پوءِ اڻ توهان پاڙي تي ورتا هئا مون ڪانئس سوال پڇيو چيائين نه! اڻ پنهنجا آهن ڪڇ مان ايندي وقت ڦريا هئاسين آئون حيران ٿي ويس سو پڇيو مانس ته اڻ ڪٿي آهن هتي ته ڪونهي اتي ڪلي چيائين ته اڻ ۽ انهن جي چارڻ وارا ٻاهر آهن. اڄان اڻ ڪونه آندا هئاسون ته هتي فائرنگ چالو ٿي ويئي هئي. ان ڪري پڪ اٿم ته پري هتي ويهي رهيا هوندا. باقي ويندا ڪيڏانهن ڪونه اتي ئي ڪٿي پرپاسي ۾ هوندا.

ايتريءَ گفتگوءِ ڪانپوءِ اسان ظاهري طرح جهڙو رلي ملي ويا سين ليڪن جنهن ڳالهه لاءِ گڏ ٿيا هوا سين سا ڳالهه اتي جو اتي هئي. سون ميز تي پيو هو. ان مان هڪ مورتي کڻي آئون غور سان جانچڻ لڳس،

انهيءَ وقت هڪ خيال دل ۾ آيم سو پڇيو مانس مسٽر شير سنگهه توهان ته هندو آهيو هيءَ مورتي ته ڪنهن مندر مان ڪنيل يا چورايل ٿي ڏسجي. تنهن تي چيائين ته محمود صاحب ”جيڪڏهين نچٽو آهي ته پوءِ حياءَ چاجو“ ڏاڙيوال بنجڻ ڪان پوءِ اهـي ڳالهيون فضول لڳنديون آهن. جتي ڪيترائي انسان ساري وجهجن ٿا اتي مندر ۽ مورتي جي حيثيت چا آهي. آئون سندس ڳالهه تي غور ڪرڻ لڳس واقعي معقول هو.

اسين ٻئي چٽا انهيءَ خيال ۾ هئا سين ته ڳالهائي ڪير يعني فيصلي واري ڳالهه ڪيئن نبـري سو مون واچ ڏسڻ شروع ڪئي مون کي وڏيڪ ويهڻ ڏکيو پي لڳو. مون کي واچ ڏانهن نهاريندو ڏسي شير سنگهه چيو ته مال مون وٽ گهڻو آهي، جيترو طلبيو اوترو ملندو مون کي نڪري وڃڻ جي ڪا سهوليت پيدا ڪري ڏي. چا توهان اڪيلو وڃـڻ ٿا چاهيو. چيائين ته نه! همراهن سوڏو، مون چيو ته اڱين تي نٺو سگهي. تون گرفتاريءَ لاءِ پاڻ کي ماڻهن سوڏو پيش ڪر ٿورو ڏي وقت سزا ملندئـي آزاد ٿيـڻ ڪانپوءِ پِلـي پنهنجي ملڪ هليو وڃجان باقـي اهو منهنجي لاءِ به ناممڪن آهي ته هيترن ماڻهن سوڏو توکي ڇڏي ڏيان. آخر مون ڪان به پڇا ٿيندي. تنهن هوندي به تون سوچ ويچار ڪر جلديءَ جي ڪا ضرورت ڪانهي. جنهن وقت به گرفتار ٿيڻ چاهين اطلاع ڪجان آئون انتظار ۾ هوندس.

آئين چئي آئون اتي ڪڙو تيس هـيءَ به اتي بيٺو ۽ مونسان هٿ ملائي چيائين ته منهنجيءَ آڇ تي تون به غور ڪجان. آئون ڪيس ڏکي توري چڪو هوس فيصلو هميشه طاقت ڪندي آهي، انهيءَ وقت طاقت منهنجي هٿ ۾ هئي، هيءَ ڪمزور هو. آهي خيال سوچيندو آئون تنبوءَ مان نڪري آيس پاڻ ٻاهر ڪونه نڪتو سندس ساٿيا همراهه تنبوءَ جي در تي بيٺا هئا جيڪي مونسان گڏجي انهيءَ حد تائين آيا جتي اڳ ۾ بيٺل هئا.

فائرنگ ٻنهي طرفن کان بند هئي مون هڪڙو چڪر لڳائي سپاهين کي هوشيار ڪيو. تي سکهي ته شير سنگهه به مون کي ڏکڻ تورڻ لاءِ گهرايو هجي ۽ تي سکهي ٿو ته ڪنهن به وقت پيڙ ٻاري وجهي هينئر قاتل هو تنهن هوندي به اهڙن مرحلن مان اڳي به نڪتل هو هوندن به ڳالهائڻ ٻولهڻ ۾ تجربيڪار ٿي معلوم ٿيو. اها پڪ هيم ته ڏکي رات اچوڪي آهي صبح جو ڪونه ڪو فيصلو ٿي ويندو.

جيئن ته ٻنهي طرف مانار هئي سو موقعي مان فائدو وٺي مون صوبيدار ڏانهن شهر ۾ نياپو موڪليو ته همراهن لاءِ سنيءَ مانيءَ جو بندوبست ڪري موڪل.

آئون سڄي رات چڪر لڳائيندو رهيس ۽ سپاهين کي هوشيار ڪندو رهيس ٿيو به ائين جيئن مون سوچيو و اترئين پاسي کان هنن اوچتو فائرنگ ڪري گهيرو ڻ لاءِ سمورو زور لاتو هو. سپاهين به فائرنگ ڪئي،

ڏسندي ڏسندي يڪدم دوبدو لڙائي شروع ٿي ويئي. ٿيڻ ته ائين کپندو هو ته سڀ سپاهي اترئين پاسي ڏانهن رڙهي وڃن ليڪن مون ائين نه ڪرڻ ڏنو سپاهين کي چيم ته سيڪو پنهنجي پوزيشن وٺي ويٺو هجي. انهيءَ چوڻ لاءِ مون کي وڏي جاکوڙ ڪرڻي پئي. ٿوريءَ دير ۾ مون اندازو لڳائي ورتو ته اتر طرف فائرنگ جو زور ته آهي ليڪن ڌاڙيوال گهيري کي توڙڻ لاءِ اڳتي ڪونه ٿا وڌن، انهيءَ وقت ڏکڻ ۾ ايرندي جي ڪنڌ ڪان ٻه پاڇولا ڏسڻ ۾ آيا جيڪي ڪونگڙا ٿيندا پڇندا ٿي ويا سپاهين ڏسي ورتا هڪل ڪيائون ته نه بيٺا فائر ڪيائون ته هڪڙو ڪري پيو ۽ ٻئي دانهون ڪرڻ شروع ڪيون دانهن جو آواز زنانو هو. آئون انهيءَ وقت اوله طرف ناري جي ڪپ تي هوس. يڪدم آوازن جي اوناءُ تي اوڏانهن ڀڳس انهيءَ ڏي وقت اترئين پاسي وارن ڌاڙيوالن جا فائر بند ٿي ويا. آئون جڏهين ڪريل ماڻهوءَ جي مٿان آيس ته منهنجي پهچڻ کان اڳ مري چڪو هو. شير سنگهه هو! ساڻس گڏ چندراوتي هئي. مون شير سنگهه ۽ چندراوتيءَ کي انهيءَ ڏي حالت ۾ ڇڏيو ۽ سڌو اترينءَ ٻانهينءَ طرف ويس مون کي فڪر هو ته فائرنگ ڇو بند ٿي ويئي، اتي معلوم ٿيو ته ڌاڙيوال پوئتي ڪئمپ ۾ هٽي ويا آهن. سپاهين جي خيريت معلوم ڪيم ڪير به زخمي نه ٿيو هو. آءُ موٽي چندراوتي وٽ آيس جيڪا لاش جي ڀر ۾

هئي مون کيس دلداري ڏئي همٿ ٻڌرائي ۽ چيو مانس ته تون فڪر نه ڪر آئون توکي ترت ئي تنهنجن مائٽن وٽ موڪلي ڇڏيندس پر ٻڌاءِ ته هيءُ سڀ ڇا ٿيو. چوڻ لڳي ته شير سنگهه، پنهنجن ماڻهن کي چيو هو ته توهان هڪڙي پاسي پوليس تي دٻاءُ رکي فائرنگ ڪيو ته اسان ٻئي پاسي کان نڪري وڃون. تنهن ڪانپوءِ توهان فائر بندي ڪري پيش پئجو، انهيءَ ڪانسواءِ ٻيو چارو ئي نه آهي توهان تي ڪيس هلندو پوءِ ٿوري يا گهڻي وقت ڪانپوءِ آزاد ٿي ويندا. ليڪن بدقسمتيءَ سان مارجي ويو. مون شير سنگهه جي تلاشي ورتي ته مون کي وٽانئس هڪ روالور ۽ هڪ دستاويز قسم جو ڪاغذ هٿ آيو. جنهن تي ليڪا پاتل هئا. سج اڀرڻ شرط ڏاڙيوالن پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪيو سندن اسلحو وغيره گڏ ڪري قبضي هيٺ آڻي آئون سڌو وڏي تنبوءَ ۾ ويس جتي شير سنگهه جي رهائش هئي، غاليچو ۽ گلم هٽائي، زمين تان تختو ڪنيم ڪڏ خالي پئي هئي منجهس ڪا شيءِ ڪانه هئي. هيتري دولت وڏي ڪيڏانهن مون کي باهه وٺي ويئي. پوليس جي ذريعي هرهڪ ماڻهوءَ سان مون تشدد ڪيو، ڪين ماري ماري اڌوڙي ڇڏيو سين ليڪن ڪابه خبر نه پئي چندراوتيءَ کان به پڇا ڪيم، اها به انڪاري هئي، ن پنهنجن اکين سان دولت ڏٺي هئي آخر ويئي ڏانهن، انهيءَ مارڪيٽ ۽ پڇا ڳاڇا ۾ به پهر ٿي ويا.

ٽيڪن ڪابه خبر نه پئي مون نياپو موڪلي ٿاڻي ٿان ۾ گهوڙا گهرائي ورتا جن تي سپاهي چاڙهي انهن ٻارن ڌاڙيوالن لاءِ ڳولا ۾ گهوڙا ڊوڙايا، گهوڙا چارئون طرف ڦري ڦري ڪان ٿي موٽي آيا. انهن وارن جو وجود ڪونه هو. ٿي سگهي ٿو ته شير سنگهه مونسان ڪوڙ ڳالهايو هجي سو انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪرڻ لاءِ ٻين ڌاڙيوالن ڪان پڇا ڪيم، انهن به چيو ته ڪل ڇهه اٺ اٺن ۾ به همراهه آهن، ٿي سگهي ٿو ته اسان کي گرفتار ٿيندي ڏسي ڪان ڏسي نااميد ٿي هليا ويا هجن.

ڊوري ناري مان اچي مون به لوڊينگ ٽرڪون ڀاڙي تي ڪيون سڀ قيدي ٻڌي انهن ۾ هنياسون پوليس جي هڪ ٽرڪ اڳيان ۽ ٻي ٽرڪ سندن پٺيان هئي ڪجهه سپاهي پريل بندوقن سان قيدين سان گڏ ٽرڪن ۾ به هئا. گل مير پالاري، گل محمد دل ۽ حاجي خان جت به ڊوري ناري ۾ ٿاڻي تي ويٺا هئا انهن کي ۽ ويهي ڪولهيءَ کي مون پاڻ سان ڪنيو. ميرپور خاص ۾ قيدين کي جيل ۾ رکيو ويو. ٻن ٽن ڏينهن ۾ ڪيس ٺاهي ڪين چالان ڪرائي ڇڏيم. ڪيس ۾ چندراوتيءَ جو ذڪر به ڪونه هو. ڪيس ڪجهه ڏينهن لاءِ ڳوٺ ڇڏي آيس ٽنهن ڪان پوءِ ضروري ڪاغذ ٺهرائي ڪيس، ايران رستي هندستان موڪلي ڇڏيم. انهي وقت سڌو سنئون هتان ماڻهو هندستان وڃي نٿي سگهيا ٻنهي ملڪن جا پاڻ ۾ ناتا خراب هئا. جيئن ته چندرا

جي هتان رواني ٿيڻ کان اڳ ۾ سندس مائٽن کي خط
لکي چڪو هوس. اهي ڪيس وٺڻ لاءِ ايران آيا هئا،
اتي پهچڻ شرط چندراوتيءَ مون ڏي ڏکهو خط لکيو
جنهن ۾ منهنجيءَ گهرواريءَ ۽ ٻارڙن لاءِ به سلام هئا،
سندس ماءُ ۽ پيءُ طرفان به خط آيا جن ۾ سندن ڌيءَ
کي حاصل ڪري ڪين موٽائي موڪلڻ لاءِ سندن طرفان
شڪريو ادا ڪيو هو. پوءِ ته خطن جو سلسلو چالو
ٿي ويو، سندن هر بار اها تقاضا هئي ته قائم ڪري
هندستان ۾ سائن ملي وڃان آئون ڪين ڏتا ڏيندو رهيس.
جيئن ئي حالتون ٺيڪ ٿيون ۽ اچ وڃ جو سلسلو شروع
ٿيو ته چندراوتي پنهنجي پيءُ سميت ڪراچيءَ پهچي
ويئي ان وقت منهنجي پوسٽينگ ڪراچيءَ ۾ هئي. مسٽر
رنبير سنگهه چندراوتيءَ جو پيءُ به دلچسپ ماڻهو هو
جيتوڻيڪ پاڻ راجا نه هو وٽس ڪا رياست نه هئي
تنهن هوندي به سندس ذات راجائڻا هئا تي سگهي ٿو ته
سندس تربيت ۽ نيپاج به اهڙو ٿيل هجي پر مون
محسوس ڪيو ته سندس دل به راجائن واري هئي. مون
کين منٿون ڪري پاڻ وٽ بنگلي تي رهايو. جنهن لاءِ
مسٽر رنبير سنگهه تيار ڪونه هو سندس ارادو هوٽل تي
رهڻ جو هو جتي ڪمرا به بوڪ ڪرائي چڪو هو.
ليڪن منهنجي خلوص ۽ منٿن تي مشڪل سان راضي
ٿيو. پاڻ سان گڏ اسان لاءِ ڪيترين ئي سوکڙيون به
آنديون هئائون. چندراوتي ياڳل سان ۽ منهنجن ٻارڙن

مان ملي ڏاڍو خوش ٿي ڏسڻ ۾ ائين ٿي آيو ته جهڙي
اسان جي گهر جي پاڻياڙي هجي يا ڪا ويجهي عزيزياڻي
ٻن ڏينهن ڪانپوءِ شام جو اسين بنگلي جي لان ۾ چانهه
پي رهيا هئا سين ته چندراوتيءَ مون کان پڇيو ته ياءَ
محمود شير سنگهه واري ڏاڙي واري ملڪيت توهان
کي هٿ آئي؟ يا ڪا خبر پئي، مون چيو ته نه ڪا
خبر ڪانه پئي مون کي اڄ به حيرت آهي ته اهو مال
ويو ڪيڏانهن وري پڇيائين ته شير سنگهه جي تلاشيءَ
۾ توهان کي جيڪو ڪاغذ مليو هو، اهو ڪيڏانهن
ويو. مون جواب ڏنو مانس ته تنهنجي به مون کي ڪا
خبر نه آهي انهيءَ تي رڳو ليڪا پاتل هئا. انهيءَ
ڪري مون ان کي ڪا اهميت نه ڏني. انهيءَ دم
پنهنجي پرس مان اهو ڪاغذ ڪڍي مون کي ڏنائين
۽ چوڻ لڳي ته هيءُ ڪاغذ آهي نه! مون ڪاغذ
سڃاڻي هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. مون کي حيرت اها
هئي ته هيءُ ڪاغذ هن وٽ ڪيئن پهتو چوڻ لڳي
ته هيءَ معمولي ڪاغذ نه آهي هن ۾ شير سنگهه جي
دفن ڪيل خزاني جو نقشو آهي، سندس دفينو ٻن
جڳهين تي دفن ٿيل هئو هڪڙو اتي هندستان ۾ ٻيو
هتي، هندستان وارو خزانو مون ڳولي هٿ ڪيو آهي
اها توهان جي امانت آهي سگهوئي توهان کي ملي
ويندي. ٻيو جيڪو هتي آهي انهيءَ لاءِ توهان کي
ٻڌايان ٿي باقي ڪوٺڙ ۽ حاصل ڪرڻ توهان جو ڪم

آهي. پوءِ ويهي مون کي نقشو سمجهائڻ لڳي نقشي تي ٻه نشان هئا جن بابت ڇپائين ته هي ڪئمال ته‍ي بيئل ٻه وڻ آهن انهيءَ مان وڏي وڻ ڪان اندازاً پنجاهه قدم پري وڻ جي باالڪل سڌ ۾ تي بيهو پوءِ ٻئي وڻ کي پنجيتاليهه ڊگريءَ تي رکي اتي کوٽيو ته توهان کي مال سڀ ملي ويندو زمين کي وڏيڪ کوٽڻ جي ضرورت ڪانهي صرف ٽي فٽ کن کوٽجو.

انهيءَ ڏينهن توهان جي موٽي وڃڻ ڪانپوءِ شير سنگهه گهٽيءَ سوچ ويچار ڪانپوءِ سيٺي ماٺهن ڪان لڪي اهو مال اتي دفن ڪيو هو پوءِ نقشي تي نوٽ ڪري ائين ئي مارجي ويو. مون کي ان وقت ٻه نقشي بابت خبر هئي ليڪن منهنجو توهان ۾ اعتبار نه هو، مون کي اهو يقين نه هو ته توهان مون کي با امانت واپس ڪندا. توهان جڏهين ڳوٺ مون کي وٺي آيا ته مون وجهه وٺي توهان جي ڪپڙن مان اهو ڪاغذ حاصل ڪري ورتو. توهان کي جس هجي، توهان منهنجي عزت ڪئي ۽ مان رکيو. مون انڊيا ۾ وڃي بابا سان نقشي جي ڳالهه ڪئي بابا پاڻ ويو سو وڃي اتي وارو لڪل خزانو ڪڍائي آيو. اها امانت هتي جي ئي ڪنهن ماڻهوءَ جي حوالي ڪئي ويئي آهي. هي منهنجا مهمان هئا ۽ هوئڻ ٻه هنن سان منهنجي گهاٽائي ٿي ويئي هئي ڪجهه وقت ڪانپوءِ انڊيا هليا ويا.

مون کي هندستان واري امانت ٻه ملي ويئي ۽

هتان واري ملڪيت به گهوري لڏيم مال گهڻو هو ايترو جو ڳاڻيٽي ڪان به ٻاهر منهنجون پيڙهيون به کپائين ته به خرچ نه ٿيون ڪري سگهن ايتري ۽ اڻ مئي ۽ دولت هوندي مون کي وڏيڪ نوڪري ڪرڻ پسند نه آئي سو وقت ڪان به اڳ پينشن تي لهي ويس ننڍي هوندي جا ڏک ۽ ڏولانجا اڄ به مون کي ياد آهن بلڪ اڪر به اڪر ياد آهن انهن پڇاڙان، مون ڪسي مليو به گهڻو ڪجهه، جنهن جو ڪو به ماڻهو تصور به نه ٿو ڪري سگهي.

—ه— پورو ٿيو —ه—

سنڌ ڪتاب گهر ڪراچي جو پيو ڪتاب

”لوڏڪي“

مصنف:

الهڏنو ڪاڪا

هي ناول ڇپائي هيٺ آهي ايجنٽن ۽ خريدارن کي گهرجي ته پنهنجا آرڊر جلد بڪ ڪرائين.

سنڌ ڪتاب گهر

ائڊريس:

پوسٽ باڪس نمبر ٦٩٣٤ ڪراچي: ٢

سنڌي علم ۽ ادب جي تاريخ ۾ ڀهريون ڀيرو
شايع ٿي رهيون آهن.

يوناني

ڏند ڪٿائون

تحقيق ۽ تاليف

يوسف شاهين

[ڇپائيءَ هيٺ]